

# پاڪستان جو ماضي، حال ۽ مستقبل

جي. ايم. سيد

# پاڪستان
# جو
# ماضي
# حال ۽ مستقبل

جي- ايم- سيد



جي- ايم- سيد اڪيڊمي، سن ضلع دادو سنڌ
2003ع

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: پاڪستان جو ماضي حال ۽ مستقبل
ليکڪ: جي. ايم. سيد
ڇپائيندڙ: جي. ايم. سيد اڪيڊمي سن. ضلع دادو
ڪيلگرافي: احسان علي لغاري
ڇاپو: ٽيو
ڇپائيءَ جو سال: 2003ع
قيمت: 200/=

جي. ايم. سيد اڪيڊمي- ڪتاب نمبر 33

PAKISTAN JO MAZI HAL AEN
MUSTAQIBLE

By: G.M. Sayed

Published By: G. M. Sayed Academy Sann,
Distt: Dadu, Sindh

Book No: 33

Per Copy: Rs: 200

# انتساب

هي ڪتاب سنڌ جي شهيد اول راجا ڏاهر ۽ شهيد عصر حاضر الهہ بخش سومري جي اسمائي گراميءَ معرفت سنڌ جي باغيرت ۽ وطن دوست نوجوان کي منسوب ٿو ڪريان:

گر قبول افتد زهي عزو شرف

"بنا گردند خوشارسمي بنون و خاڪ غلطيدان.
خدا رحمت ڪند آن. عاشقان پاڪ طينت را="

غلام مرتضيٰ

# فهرست مضامين


| | |
|---|---|
| ● مهاڳ: ڪرت ٻاٻاڻي | 5 |
| ● تعارف: گنگارام سمرات | 8 |
| ● پيش لفظ | 11 |
| ● فصل پهريون: پاڪستان جي قيام لاءِ تاريخي پس منظر | 54 |
| ● فصل ٻيون: پاڪستان جي پيدائش لاءِ ڪارڻ | 107 |
| ● فصل ٽيون: قيام پاڪستان بعد ان جي استحڪام ۾ رڪاوٽون | 142 |
| ● فصل چوٿون: پاڪستان جي مستقبل تي نظر | 195 |
| ● فصل پنجون: سنڌ ۽ پاڪستان | 235 |

# مهاڳ

مسٽر جي.ايم.سيد سنڌ جو هڪ بزرگ سياسي اڳواڻ آهي، جنهن پنهنجي شخصيت کي سنڌي عوام سان ڳنڍي هڪ ڪري ڇڏيو آهي. هن جي حيثيت هند توڙي سنڌ جي سياست ۾ اهڙي هئي / آهي جهڙي شيخ مجيب الرحمان جي اوڀر بنگال ۾، جنهن کي اڄ بنگلاديش چيو ٿو وڃي.

دراصل مسٽر جي.ايم.سيد پڻ انهن برک مسلم ليگ جي اڳواڻن مان هو، جن پاڪستان جي حمايت ڪري مسٽر جناح کي ساٿ ڏنو. پر جي.ايم.سيد سگهو ئي مسلم ليگ جي صحيح صورت کان واقف ٿي ويو ۽ مسلم ليگ جي پاليسي خواه اصولن کان بدظن ٿي پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ئي ليگ کي الوداع ڪري آيو، جنهن لاءِ لڳاتار پنجويهه سال، تڪليفون ۽ مصيبتون سَنيون اٿائين پر پنهنجي اصول تي اڏول رهيو آهي.

شيخ مجيب الرحمان ۽ سنڌس عوامي ليگ گهٽو پوءِ مسلم ليگ خلاف آواز اٿاريو ۽ بنگالين جي آزادي، خوشحالي ۽ قومي شان لاءِ جدوجهد شروع ڪئي. سنڌ ۾ ته پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ ئي جي.ايم.سيد جي اڳواڻيءَ ۽ رهبريءَ هيٺ "سنڌ سنڌين لاءِ" جو نعرو بلند ٿيو هو ۽ ڪيترائي نوجوان ان وقت سنڌ جي تباهيءَ جا اهڃاڻ ڏسي رهيا هئا.

پاڪستان جي قيام بعد سنڌ جي باشندن پنهنجي وطن اندر جيڪي عقوبتون سَنيون آهن ۽ پنهنجو ڪجهه وڃايو آهي، سو هڪ وڏو داستان آهي ۽ هن ڪتاب ۾ ان جو وچور وار احوال آهي. پوري سنڌ سان ۽ انگن اکرن سان، سنڌين لاءِ "پاڪستان گلن جو هار نه پر سورن سندو سڳڙو ثابت ٿيو آهي."

سنڌين ۾ پڻ پنهنجي آزادي، سئومان ۽ حقن لاءِ سجاڳي پيدا ٿي آهي ۽ هنن پڻ لڳاتار ويهن سالن کان جدوجهد ڪئي آهي. ڪيترن جوانن ۽ جوانڙين جيل ڀوڳيا آهن ۽ لنيون ڪاڏيون آهن. سنڌين جي دلارن اڳواڻن،

جي.ايم.سيد، حيدر بخش جتوئي، قاضي فيض محمد، شيخ اياز. غلام محمد لغاري ۽ ٻين کي ٢٥ سالن تائين سک سمهڻ نہ ڏنو ويو. جيل ۽ نظربنديون ئي سندن نصيب ۾ هئا.

اڄ سنڌ ۾ ”جيئي سنڌ“ جي هلچل، پاڪستان جي قومن جي آزاديءَ جي ھَلچل جو هڪ حصو آهي، جنهن ۾ ننڍيون پوليوار قومون پنجابي اڪثريت جي ظلم کان نجات پائڻ ۽ پنهنجن واجبي حقن کي بچائڻ لاءِ لڙي رهيون آهن. جي.ايم.سيد انهيءَ هلچل ۾ اڳرو آهي ۽ ستايل سنڌي عوام جو گويا مجسم آهي. اينري قدر جو تازن ”سنڌي - مهاجر“ فسادن وقت پڻي جي حڪومت کيس گرفتار ڪري ڪافي عرصي لاءِ بند رکيو پر سنڌ اندر اٿندڙ زوردار آواز اڳيان جهڪي کيس ۽ ٻين سنڌي اڳواڻن کي آزاد ڪيو.

محترم جي.ايم.سيد هڪ اعليٰ سياسي مدبر آهي، جنهن جو هڪ اپکنڊ جي سياست تي نہ صرف گهرو اثر آهي پر تمام ڳوڙهو اڀياس پڻ. هن ڪتاب اندر هن صاحب نهايت باريڪ بينيءَ سان هندستان جي گذريل قريب اڌ صديءَ جي سياسي پس منظر ۾ پنهنجا آزمودا ۽ تاثرات ڏنا آهن، جن ۾ خاص طور پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ جا ڪارڻ سمجهايا اٿائين ۽ آخر ۾ پاڪستان ڪهڙي اصليت تي پهتو آهي، انهيءَ جي دڪدائڪ تصوير پيش ڪئي اٿائين. ڪتاب جي سري ”پاڪستان جو ماضي، حال ۽ مستقبل“ مان ظاهر آهي تہ هن صاحب هن موضوع تي اڀياس ڪري، ڪن ڪڙن ۽ نوس نتيجن تي پهچڻ بعد پنهنجا خيال پيش ڪيا آهن ۽ بلڪل صاف لفظن ۾ چيو آهي. ”آهستي ئي مسلمانن جي جداگانہ (الڳ) قوم جي نظرئي جي غلطي ۽ پاڪستان جي صورت ۽ ملڪ جي ورهاست جي نقصانن جو نقشو اکين اڳيان ڦرڻ لڳو.“ اگر مجيب ۽ سيد جهڙا قومي اڳواڻ ان نتيجي تي پهچن تہ ”مسلم قوم جو نظريو غلط ۽....مذهبي نظام حڪومت وڏو دوکو آهي.“ تہ پاڪستان لاءِ ان کان وڌيڪ دکدائڪ حقيقت ٻي ڪهڙي ٿي ٿي سگهي!

جي.ايم.سيد جو بنيادي نظريو اهو آهي تہ پاڪستان جا مطلبي اڳواڻ، پنهنجي مفاد لاءِ پاڪستان جي مسلم عوام کي بيوقوف بڻائيندا رهيا آهن، پر هاڻي گهڻو وقت اهو طلسم هلي نہ سگهندو. پاڪستان اندر اگر باقي قومن جي الڳ هستيءَ کي قبول ڪري، آزادي، برادري ۽ باهم عزت جي بنياد تي حڪومت ڪڙي نہ ڪئي ويئي تہ پاڪستان جو مستقبل اونداهو آهي.

جن صاحب کي هن اپکنڊ جي سياست ۾ دلچسپي آهي ۽ جيڪي گذريل اڌ صديءَ جي سياست ۾ ان جي پيچيدگيءَ کي حوالن ۽ حقيقتن جي بنياد تي سمجهڻ ٿا گهرن. انهن لاءِ هي ڪتاب ڪافي مفيد ثابت ٿيندو. هن صاحب هن کان اڳ ۾ پڻ سنڌ توڙي هند جي سياسي مسئلن تي اختياريءَ سان ڪتاب لکيا آهن، پر هي ڪتاب سندس فڪر ۽ آزمودي جو نچوڙ آهي.

اسان کي نهايت گهڻي خوشي آهي جو سنڌوديش جي هڪ عظيم سياستدان جا ويچار اسين پڙهندڙن ۽ چاهڻ اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هن پستڪ جو دستخط اسان وٽ ڪنهن نموني هٿ اچي پهتو ۽ ان کي ڇپائڻ اسان پنهنجو وڏو فرض سمجهيو. اسان کي پورو يقين آهي ته هيءُ پستڪ گهڻن ئي صاحبن کي وقتائتو ۽ ڪارگر لڳندو.

**ڪيرت باباڻي**

بمبئي ٢٠ اپريل ١٩٧٣

# تعارف

سياست اگر آدرش سان گڏ آهي تہ پوءِ ان جو ديش جي هر حالت تي سٺو اثر ڇڏڻ لازمي آهي. مگر جي ان ۾ "سڀ هلندو" هلندو تہ پوءِ اها سياست نہ مگر فقط شرارت آهي. ان سان نہ ديش جي سلامتيءَ کي استقامت ملندي نہ گهرو امن کي ٽڪاءُ - رستا بہ آهن:

. اگر سياست ۾ شرافت ۽ آدرش آهي تہ اهو سياستدان پريشان حال رهندو. شريرن جو شر ڪيس شدت جي شڪايتن جو شڪار بڻائيندو مگر ان جو عمل ۽ آواز. اثر ۽ انقلاب ضرور آڻيندو. ٻي صورت ۾ شرير ۽ بي اصول. موقعي پرست سياستدان ٽڪرو ٽڪرو ڏاڪا ٻڌي هڪ بلند سياسي عمارت تي چڙهي عامل بہ ٿي ويندو مگر عمل خلاف اصول هئڻ جي ان جو اتي ٽڪڻ هڪدم محال ٿي پوندو ۽ ان وقت مشڪل اهو هوندو آهي تہ هو ان بي پير عمارت تان هيٺ لهي ڪٿي سر لڪائي. سندس شرير سياست جو شر سندس سر ڦيرائي ڇڏيندو آهي، هو لهڻ چاهيندي بہ نہ لهي سگهندو. ٽڪرو چڙهڻ جيان هڪدم اتاهين تان ٽپو ڏيڻ ئي سندس لاءِ هڪ رستو آهي. پوءِ اهو ٽپو سندس سياسي آڳهات بہ ٿي سگهي ٿو يا ڪيس فقط لنگڙو بڻائي معذور ڪري رکندو. اٿين ضرور آهي تہ حالتنَ موجب ان ۾ وقت جي پابندي ڪانهي.

هي سڀ ڪجهہ اسان اکين ڏٺو آهي ۽ ڏسي رهيا آهيون. جناب سيد غلام مرتضيٰ شاهہ صاحب بمعروف جي.ايم.سيد. هن وقت ان حالت ۽ حقيقت جو زنده مثال آهي. جوانيءَ کان شاهہ صاحب سياسي سياح ٿي رهيو آهي. ڏاڍا سير سفر ڪيا اٿس، ڪنهن بہ سياسي هوا جي جهونڪي سندس سواريءَ کي ڪڏهن زخمي نہ ڪيو. ڇاڪاڻ تہ هلندو ئي هيٺاڻين ۽ سڌي صاف راهہ تان هو. جتان ڪرڻ خواه زخمي ٿيڻ جو سبب ئي ڪونہ ٿو ٿئي. شايد ئي توهان زندگيءَ ۾ خواه اتهاس ۾ اهڙو مثال ٻڌو هوندو جو ڪو

شخص وڏو ماڻهو ٿي ئي وڃي. وزير جي درجي کي پهچي. ۽ اهڙي خوش قسمت باتقدير ماڻهوءَ کي گهر جا ئي پاتي چون ته اها وزيري گهوري جا گهر جا گهڙا خالي ڪري (يعني پيو ئي گهر جو خرچ وڌي) ڇو جو اڄ جو وزير پلجي ئي سياسي يا سرڪاري ڏن تي ٿو. ڇو ته هو جنتا جا خدمتگار هئڻ ڪري جنتا جي ڏن جي خرچ ڪرڻ جا به اڌڪاري آهن. مگر هي صاحب انهن پنهي ڪان پري، مالي حالت پوري سوري، زمين جو اَن سياسي ڪوٽا ئي ڪايو وڃن ته ڳاڌو هلي ڪيئن ۽ جيڪو ملڪيت ميڙڻ ۾ ملان نه آهي سو ملڪ جو معبود به سولو ڪٿي ٿو ٿي سگهي. هتي ته پئسو ئي پير ۽ پوڄا جو پاتر آهي ته دال روٽيءَ واري جو دم ئي کهڙو آهي جو دنبن جون ڌبون سهي سگهي. سو به خاص ڪري سنڌين ۾ ۽ سنڌس ئي لفظن ۾:

”هيءَ ڳالهه خاص طرح ذهن ۾ وهارڻ جي لائق آهي ته مسلمانن ۾ عام طرح ۽ سنڌي مسلمانن ۾ خاص طرح پوئلڳي ۽ شهرت انهن سياستدانن کي نصيب ٿيندي آهي جن وٽ وڏي ملڪيت يا زمينداري، بنگلا، موٽرون ۽ ڪثير پيسو موجود هوندو آهي. عوام اڪثر سنڌن اخلاق، اصول ۽ ڪردار طرح توجهه گهٽ ڏنو آهي.“ (صفحه ۴۳۹)

مگر شاهه صاحب سان اهو سڀ به هرويرو لاڳو ڪونهي. اهو سڀ نون لاءِ ٿيندو آهي. شاهه صاحب شروع کان بااثر رهيو آهي ديرپا به آهي. فقط سنڌس اثر ڪجهه وقت لاءِ ڏمڪجي ويو. ان ڪري جو هن سياسي سير سياحت وقت سواري گاڏي بدلي وڌي. جنهن قومي سواريءَ ۾ هو شروع کان سوار هو، جنهن ڪري هو قومي ۽ ڪانگريس هلچل ۾ جيل به ڀوڳي چڪو آهي، کدر پوش هو ۽ (هن وقت پاڪستاني کدر پوش) آهي. مگر قضا سان ڪوتاهه نظري ڪري کي ڪانگريسي سنڌس ان سواريءَ جو در اندران بند ڪري ويهي رهيا. هاڻ هي وڃي ڪيڏانهن؟ گمراهه نه مگر مجبور ٿي ان ئي پليٽفارم جي مقابل هڪ ٻي گاڏي ۾ سوار ٿي ويو (صفحه ۱). سواري سجايل هئي مگر هئي مسواڙي، جنهن ۾ سڀ ڪجهه مسواڙي هو، ويندي قوميت به مسواڙي هئي. هي چڙهي ته وينو. تيز رفتار گاڏي ايڪسپريس کان به اڳري هلندي رهي ۽ الائي ڪٿي وڃي پهتي، پر سڄي ان راهه ۾ ڪانئس ڪنهن به ٽي ٽي ٽڪيٽ ڪانه پڇي! تڏهين هي خبردار ٿيو ته مار! بس! مارِ چئي هي منجهي پيو. گذريل گاڏي گهٽو گذري چڪي هئي ۽ ان جي ٽڪيٽ به رد ٿي چڪي هئي. غلط اندو ڪندڙ شعاع عوام جي اکين تي غالب پئجي

ويو. هو هن ماهر مسافر کي جيڪو هاڻ پوري طرح گارڊ بڻجي چڪو هو. ڏسي سمجهي نه سگهيا. بس! هي پنهنجي گاڏي تيار ڪري سنباهي وينو.مگر اها گاڏي به نه سنڌ جي نهيل آهي نه هلي پيئي. مگر "دير پيا درست ٿيا" جيان هن گاڏيءَ سان به ائين ئي ٿيندو. گاڏي سنڌ جي نهيل هئڻ ڪري بيشمار هندن تي ان کي اٽڪڻو ۽ بيهڻو پوي ٿو. ماڻهو ٿورا؛ سياسي چيٽون به ڏاڍيون ٿيون وڃن مگر انهن جو آواز به ته سنڌي ڪنن تي پهچڻو آهي نه. جيسين پهچي، هر سنڌيءَ کي ان ۾ ضرور سوار ٿيڻو آهي، اهو هر سنڌيءَ کي ذهن ۾ وهارڻ گهرجي. اگر اسان ڪوتاه انديشيءَ ڪان هن پار ڪان اصلي گاڏي گسائي آهي ته ان گناهه جي حصي پتيءَ ۾ هر سنڌي ڀڏل آهي ۽ "پاڪيزه" جيان ان گاڏي جي ڪوڪ ڪنن ۾ ٽنبڻي آهي. محل ۾ رهندي به چڙڪ پري تڙڦڻو آهي ۽ هڪ ڏينهن ان گاڏيءَ ۾ سوار ٿي ٿيڻو پوندو، جنهن کي شاهه صاحب حفاظت سان هلائي رهيو آهي ۽ اِن گاڏيءَ، گذري ويل گاڏي ۽ گمراهه ٿيل گاڏيءَ، مڙني جو تفصيلي احوال اوهان کي هن ڪتاب ۾ ملندو.

سندس ٻيا به گهڻائي سياسي سيات پيدا ڪندڙ ڪتاب نڪتل آهن. هر ڪتاب جو رخ هن گاڏيءَ ڏانهن آهي.

ٽپال جاري هئي ته پنهنجي هر تصنيف مون ڏانهن موڪليندو هو ۽ مان به ڪيس گهربل انگريزي يا ٻيا ڪتاب وٺي موڪليندو هوس جي ڪيس اتي نه ملي سگهن. يڪا يڪ ملڪي حالتون بگڙيون ته ورهيه لکپڙهه بند رهي ۽ جڻ ته سڀ اوجهل ٿي ويو.

هن ڪتاب جو دستخط به شاهه صاحب مون ڏانهن ڪنهن طرح تازو موڪلي ڏنو. مقصد اهو هو ته يا ته هي ڪتاب شايع ٿئي يا ان جا ٽڪرا جدا جدا اخبارن ۾ شايع ٿين. مطلب اهو هو ته گاڏيءَ جي ڪوڪ هر سنڌيءَ جي ڪنن ۾ ڪوڪات ڪري. سو انجڻ گاڏن سوڏو مون وٽ پهتي. سيٺي وڃايم، يار بمبئيءَ ۾ ٻڌي، ان ٻاڦ جا ساڌن موڪليا، گاڏي تيار ڪري پٽن تي آندي اٿئون. ڏسي وائسي سمجهي سوچي سوار ٿيڻ توهان جو ڪم آهي. پر ڏسجو! گهڻي دير نه ٿي وڃي.

**گنگارام سمرات**

# پيش لفظ

سکت را خونِ دل دادم کہ بامن آشنا گردد
زبختِ خود نداستم کہ او ديوانہ خواهد شد

بنيادي طور جذباتي هئڻ ڪري منهنجو تصوف سان واسطو پي رهيو آهي، ان ڪري مذهبي تعصب ۽ گروهہ بنديءَ کان بالاتر رهڻ سبب، ملڪي سياست ۾ ڪانگريس سان واسطو رهيو هوم. سنڌ جي سياست ۾ جڏهن ڪانگريسي سياستدانن جي ڪوتاه انديشيءَ مونکي ڌڪي نيئي مسلم ليگ ۾ داخل ڪرايو تہ باوجود ان ردعمل جي مون مسلم ليگ ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ اصولي جواز ڳولي ان موجب هلڻ شروع ڪيو.

ان ۾ رهڻ بعد جڏهن اڳتي هلي مسلمانن جي جداگانہ قوميت جو نظريو مسلم ليگ جي اڳيان آيو تہ مون بہ ان کي قبول ڪيو. ان لاءِ بہ ڪارڻ هئا.

هڪ تہ خلافت تحريڪ ۾ شموليت وقت مولانا ابوالڪلام آزاد عليہ جي مضمونن ذريعي مسلمانن جي شاندار ماضيءَ بابت اثر ويٺل هوم.

ٻيو تہ علامہ اقبال جي مسلمانن جي روشن مستقبل بنسبت اظهار ڪيل خيالات مون تي علم ۽ تجربي جي گهٽتائيءَ سبب گهڻو اثر ويهاريو هو.

ان نظرئي جي قبولڻ بعد مون ان جي جواز ۾ مضمون لکيا ۽ ان وقت کان تحريڪ پاڪستان جو سرگرم ڪارڪن ٿي ڪم ڪندو رهيس.

ان بابت مفصل احوال تہ منهنجي ڪتابن (١) نئين سنڌ لاءِ جدوجهد (٢) پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زبانيءَ، مان ملي سگهندو.

هتي مختصر احوال پيش ڪريان ٿو:

(١) سال ١٩٤٠ع جي آخر ۾ وزارت سنڌ تان استعيفا ڏيڻ بعد مسٽر محمد علي جناح سنڌ ۾ مسلم ليگ کي منظم ڪرڻ لاءِ منهنجي

چيرمنيءَ هيٺ هڪ آرگنائيزيشن ڪاميٽي مقرر ڪئي جنهن تي هيٺيان ميمبر هئا.

(١) جي.ايم.سيد - چيئرمين
(٢) صاحبزاده عبدالستار جان سرهندي - ميمبر
(٣) غلام نبي خان پناڻ - =
(۴) سيد حسن بخش شاهه، محرابپور - =
(۵) قاضي فضل الله صاحب، لاڙڪاڻو - =
(٦) ميان فقير محمد مگريو - =
(٧) سيد علي اڪبر شاهه، ميهڙ - =

• ڪاميٽيءَ جي ميمبرن جي پهرين ميٽنگ ٢٢ - فيبروري ١٩۴١ع تي سن ۾ سڏايم. ان ۾ ڪيل تقرير جا ٽڪرا پڙهندڙن جي ملاحظي لاءِ هيٺ پيش ڪريان ٿو:

"انسان ذات جي تاريخ ۾ نيٺ اها منزل به آئي، جتي ملڪي، نسلي ۽ زباني امتيازن جي حدن کي ٽوڙي عالم انساني اڳيان هڪ نئون نصب العين (آدرش) رکيو ويو. جنهن موجب ملڪ، زبان، رنگ ۽ نسل جي بنيادن تي قائم ٿيل قومي ديوارون ٽوڙي نظرئي جي آڌار تي انسان ذات جي بهتري ۽ ڀلائيءَ لاءِ نئين قوم جو بنياد رکيو ويو. مسلم قوم دنيا ۾ ان مقصد لاءِ وجود ۾ آئي ۽ اهو ئي پيغام کڻي مسلمان دنيا ۾ پکڙجي ويا. سندن فتحن جو مقصد ملڪن کي محڪوم بنائڻ جو نه هو پر ماڻهن جي دلين کي درست ڪري سچي مساوات ۽ عدل قائم ڪرڻ هو.

سياسي دنيا هنن جو وطن بنجڻو هو ۽ انسان ذات جو اتحاد، امن ۽ ترقي سندن مطمع نگاهه رهڻو هو. ڪين دنيا کي دارالسلام بنائڻو هو."

ان ميٽنگ ۾ مٿي ذڪر ڪيل مقصد جي حصول لاءِ پاڪستان قائم ڪرڻ واسطي جدوجهد ڪرڻ لاءِ هڪ پروگرام تيار ڪيو ويو، جنهن مطابق ماڻهن ۾ پاڪستان جي حصول (حاصل ڪرڻ) لاءِ ڪي پوسٽر ڇپرائي ورهايا ويا.

ڪهڙي ارادي سان پاڪستان جي تحريڪ شروع ڪيل هئي، ان لاءِ هڪ ڇپايل پوسٽر جو مضمون ملاحظه لاءِ پيش ڪريان ٿو.

# پوسٽر

مسلم ليگ جي گهر آهي پاڪستان
پاڪستان جي معنيٰ آهي اسلامي حڪومت

(١) جنهن ۾ قرآن شريف جي اصولن مطابق حڪومت قائم ڪئي ويندي!

(٢) جتي سڀني ماڻهن کي سياسي، معاشرتي (ميل ميلاپ)، اقتصادي (مالي) هڪجهڙائي حاصل هوندي!

(٣) جنهن ۾ حڪومت هلائڻ جون واڳون سچن ۽ پرهيزگار مسلمانن جي هٿن ۾ هونديون!

(۴) جنهن ۾ غير مسلمانن جي حقوق جي خاص طرح حفاظت ڪئي ويندي!

(۵) جتي حڪومت جو پهريون فرض ملڪ مان غربت، ظلم، بي علمي، طبقاتي مفاد خاطر عوام کي ناجائز طرح ڪتب آڻڻ کي بند ڪرڻ ٿيندو!

(٦) جتي جوا، زنا، شرابخوري ۽ وياج خوريءَ جي قانوناً منع هوندي!

(٧) جنهن ۾ عدل ۽ انصاف پيسن تي نہ وڪامندو پر هر هڪ کي مفت نصيب ٿيندو!

(٨) جنهن ۾ عزت جو معيار طاقت ۽ پيسي تي نہ پر چڱن اخلاقن تي مقرر ڪيو ويندو!

غلام مرتضيٰ
چيرمين : مسلم آرگنائيزيشن ڪاميٽي

مٿي ذڪر ڪيل احوال مان معلوم ٿي سگهي ٿو تہ منهنجي نظر ۾ مسلمانن جي جدا قوم هئڻ ۽ پاڪستان جي حاصل ڪرڻ جو بنياد ڪهڙن خيالن ۽ جذبن تي مبني هو ۽ مسلم ليگ ۾ ڪهڙن مقصدن جي حصول جو ذريعو سمجهي شامل ٿيو هوس.

ان کان پوءِ اڳتي هلي آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽي ۽ مجلس عمل جو ميمبر منتخب ٿيس. مجلس عمل ۾ منهنجي تجويز تي هڪ عالمن جي ڪميٽي مقرر ٿي:

”مسلمانن ۾ ڪهڙي طرح اسلامي جذبو پيدا ڪري منجهانئن غير اسلامي رسمون ۽ عقائد ڪڍي از سر نو صحيح اسلامي جماعت جو نظام قائم ڪجي.“

انهيءَ ڪاميٽيءَ جي ڪنوينر (ڪوئائيندڙ) جي حيثيت ۾ مون ۹ فيبروري ۱۹۴۴ع تي هڪ سوالنامون علامہ آءِ.آءِ.قاضيءَ جي مشوري سان تيار ڪري هندستان جي عالمن، فيلسوفن ۽ بزرگن ڏي موڪليو.

ان سوالنامي سان گڏ موڪليل خط جا ڪي ٽڪرا پڙهندڙن جي ملاحظي لاءِ هيٺ ڏيان ٿو:

”توهان کي معلوم هوندو تہ مسلمانن جو موجوده نسل انساني زندگيءَ جي غير معمولي تبديلين ۽ انقلاب جي منهن مقابل آهي.

موجوده ۽ آئينده نسلن جي نقطہ نگاهہ کان اسان کي دنيا جي ضرورتن ۽ حالتن کي مدنظر رکي اهڙو عمل تيار ڪرڻو آهي. جنهن ڪري مسلمان خوشحال ۽ سڌريل زندگي گذارڻ جي لائق ٿي سگهن.

اسان پاڻ کي چوڌاري ڪهڙين حالتن ۾ گهيريل ڏسون ٿا؟

اڄ ڪلهہ مذهب ماڻهن کي متحد ڪرڻ ۽ امن آڻڻ جي طاقت وڃائيندو ٿو وڃي. نتيجو اهو نڪتو آهي تہ وطني ۽ نسلي تعصب زور وٺندا وڃن. ويتر اقتصادي جهيڙن، انساني زندگيءَ جي يڪجهتيءَ کي ٽوڙي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو آهي. اهو ساڳيو منظر جنهن مغرب کي پاڻ ۾ ويڙهائي تباهيءَ جي دروازي تي آندو آهي، سو اڄ هندستان ۽ اسان جي سامهون اچي رهيو آهي. جيئن وڏيڪ وقت گذرندو تيئن حالتون شايد زياده نازڪ ٿين ۽ مسلمانن کي عيسائي قومن جي افسوسناڪ تجربن مان لنگهڻو پوي. انهيءَ ڳالهہ لاءِ علاج ڪهڙو آهي؟

ڇا اسان پنهنجي زندگيءَ جي سموري نقطہ نگاهہ کي بدلائي پنهنجا قديم عقيدا، نظريا ۽ اصول وري زندهہ ڪري سگهون ٿا، جيئن هن نازڪ دور مان سلامتيءَ سان لنگهي پار پئون؟

آيا پنهنجي سياسي، معاشرتي ۽ اقتصادي مشڪلاتن کي دفع ڪرڻ لاءِ وري قرآن ڏي موٽڻو پوندو؟

جي ها تہ اسان انهيءَ طريقي سان زندگيءَ جو سرشتو بدلائڻ بعد، موجوده دور جي خاص حالتن ۽ ضرورتن مطابق خوش حال ۽ ترقي پذير حياتي گذارڻ لاءِ لائق ٿي سگهنداسون؟

۾ مان اهو امڪان آهي تہ مذهب ذريعي. زندگيءَ جي مسئلن کي فيصل ڪرڻ سبب شايد وري مذهبي فرقن جي موجوده تعداد ۾ اضافو ٿي وڃي ۽ اتحاد ۽ طاقت هٿ ڪرڻ جي عيوض مسلمانن جو قومي شيرازو ويتر ڪمزور ٿئي. پر انهيءَ خوف ڪري هن اهم سوال کي نظرانداز ڪري مغربي قومن جي پوئلڳي ۽ ساڳين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ ڪيتري قدر مناسب ٿيندو؟

انهن سيني نقطن تي تفصيلوار غور ۽ فڪر ڪري ڪا مڪمل تجويز تيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. وقت نزديڪ اچي رهيو آهي، جڏهن اسان کي انهن سوالن جو جواب ڏيڻو پوي، تنهن ڪري ضروري آهي تہ اڳواٽ ئي انهن سوالن تي غور ڪرڻ شروع ڪجي."

اسان کي ان بابت گهٽائي جواب ۽ قيمتي مشورا پهتا پر ليگ ليڊر جنهن طرز زندگيءَ جا پرورده هئا ۽ جهڙي ماحول ۾ رهيا ٿي سو اهڙن سوالن جي تفتيش لاءِ نہ ڪين وقت هو ۽ نہ انهن مسئلن ۾ ڪين اعتماد هو.

مسلم قوم ۽ اسلامي حڪومت جو نعرو ساده لوح مسلم عوام کي پنهنجي طبقاتي مفاد جي حفاظت واسطي ڌوڪي ڏيڻ لاءِ هنيو ٿي ويو.

مسلم ليگ ۾ ڪم ڪندي جڏهن مون اخلاق ۽ انصاف جي بنياد تي قومي تعمير لاءِ ڪوشش ڪئي تہ مون کي ان ماحول جي گهٽين خامين جو پتو پوڻ لڳو.

باوجود ان جي پاڪستان کي مسلمانن جي جملي مشڪلاتن جو حل سمجهي ان جي حصول لاءِ ڪم ڪندو آيس. ان ڪان پوءِ سنڌ اسيمبليءَ جي اجلاس ۳۰ مارچ ۱۹۴۳ع تي مون هيٺيون ٺهراءُ پيش ڪيو:

" هيءَ اسيمبلي سنڌ سرڪار کي سفارش ٿي ڪري تہ وائسراءِ هند جي معرفت، بادشاهہ سلامت جي حڪومت کي صوبہ سنڌ جي مسلمانن جي جذبات ۽ خواهشن کان واقف ڪريو تہ:-

جنهن صورت ۾ هندستان جا مسلمان مذهب، فلسفہ حيات، معاشرتي رسمن، ادب، روايات، سياسي ۽ اقتصادي عقيدن جي جدا هئڻ سبب هڪ جدا قوم آهن، تنهن ڪري جدا قوم جي حيثيت ۾ هندستان جي جنهن خطہ زمين ۾ هو اڪثريت رکن ٿا، اتي هو آزاد ۽ خود مختيار قومي حڪومتن قائم ڪرڻ جا حقدار آهن. ان ڪري سنڌ جا مسلمان پرزور طريقي پنهنجي راءِ جو اظهار ٿا ڪن تہ ڪين ڪوبہ اهڙو آئين قبول نہ ٿيندو جو ڪين هڪ

مرڪزي حڪومت ۾ ٻي اڪثريت واري قوم جي ماتحت رهڻ لاءِ مجبور ڪري.

ايندڙ حالتن هيٺ زندگيءَ کي آزاد ۽ پنهنجي نقطہ خيال مطابق بسر ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ کين پنهنجون قومي حڪومتون قائم ڪري ڏنيون وڃن.

تنهن ڪري ڪابہ اهڙي ڪوشش جا هندستان جي مسلمانن کي سندن مرضيءَ جي خلاف هڪ مرڪز جي ماتحت رکندي سا کين قبول نہ آهي.

بلڪہ اهڙي ڪوشش لازمي طور ملڪ ۾ خانہ جنگي، نامناسب ۽ خوفناڪ نتيجن جي صورت اختيار ڪندي."

انهيءَ ٺهراءُ پيش ڪرڻ بعد مون جا تقرير ڪئي، اها سموري تہ منهنجي سياسي مضمونن ۽ تقريرن جي ڪتاب ۾ ڇاٿايل آهي، هتي ناظرين جي ملاحظہ لاءِ انهيءَ مان ڪي اهم ٽڪرا پيش ڪريان ٿو:

**"جناب صدر:**

آئون هن ٺهراءُ ذريعي سنڌي مسلمانن جي عيوضيءَ جي حيثيت ۾ هندستان جي ڏهہ ڪروڙ مسلمانن جي مطالبہ پاڪستان کي هن ايوان ۾ پيش ڪري رهيو آهيان. اهو مطالبو قومن جي حق خود اراديءَ جي اصول مطابق مسلمانن جي حقن جي حفاظت لاءِ ضمانت جي صورت رکي ٿو.

دنيا اڄڪلهہ سياست جي انهيءَ ارتقائي (ترقيءَ واري) دور مان گذري رهي آهي، جو دور هر قوم کي هڪجهڙن موقعن ۽ حقن سان آزاديءَ جي نعمت ماڻڻ لاءِ اميدون ڏياري رهيو آهي. اها آزاديءَ جي تمنا هئي، جنهن هندن ۽ مسلمانن کي خلوص دل سان جدوجهد ڪرڻ، تڪليفن سهڻ ۽ قربانين ڏيڻ لاءِ آماده ڪيو آهي.

آئون اوهان کي يقين ٿو ڏياريان تہ مسلمان قوم، جنهن انگريزي حڪومت کان اڳ ست سئو ورهيہ هندستان ۾ حڪومت ڪئي هئي، تنهن کي سندن نفسياتي ساخت، قومي ڪردار ۽ روايات ڪري، هندستان جي آزاديءَ لاءِ ايتري ئي خواهش ۽ جذبو پئي رهيو آهي، جهڙو هندستان جي ٻين رهاڪن کي آهي.

پاڪستان جي گهر مسلمانن جي جدا قوم هئڻ جي بنياد تي ڪئي وڃي ٿي.

برصغير هند جاگرافيائي طرح هڪ ملڪ شمار ڪري نٿو سگهجي......بلڪ ان کي هڪ ملڪ سڏڻ حقيقتن جي برعڪس ٿيندو....

جيڪڏهن يورپ کي انهيءَ نقطہ نگاهہ کان هڪ ملڪ سڏيو تہ مثال ٺهڪي ايندو، پر يورپ اڄان تائين مختلف قومن جو مجموعو آهي. اهو فيڊريشن جي درجي تائين بہ پهچي نہ سگهيو آهي- هتي جيڪڏهن گجرات ۽ سنڌ صوبن جا مثال وٺبا تہ حقيقتن تي پوري روشني پئجي سگهندي- باوجود ٻنهي جي سرحدن مليل هئڻ جي هڪ صوبي مان ٻي صوبي ۾ پهچڻ لاءِ ٢٨ ڪلاڪ لڳي وڃن ٿا- جاڪاڻ جو ٻنهي جي وچ ۾ وڏو رڻ پٽ حائل آهي-

ٻئي طرف فرانس ۽ جرمنيءَ جو مثال وٺبو تہ معلوم ٿيندو تہ فرانس مان جرمنيءَ پهچڻ ۾ صرف پنج منٽ لڳن ٿا... هندستان برصغير ٿي سگهي ٿو، يورپ، افريقا، اتر ۽ ڏکڻ امريڪا جا مثال، سائنس مشابهت رکي سگهن ٿا-

جيڪڏهن هندستان کي هڪ ملڪ شمار ڪبو تہ امريڪا، ڪئناڊا، ميڪسيڪو ۽ الاسڪا کي بہ هڪ ملڪ ڪري شمار ڪرڻو پوندو، ليڪن اهي ملڪ علحده تسليم ٿيل آهن... ڪئناڊا ۽ يونائيٽيڊ اسٽيٽس جا رهاڪو ساڳي نسل، لباس ۽ ٻوليءَ وارا آهن.....ليڪن باوجود ان جي، اهي ملڪ جدا قومي وجود قائم رکيو ويٺا آهن-

ساڳي حالت ڏکڻ امريڪا جي آهي جو هڪ خطہ ايراضيءَ ۾ مختلف حڪومتن جو مجموعو آهي- جن ۾ گهڻن جي زبان اسپيني آهي، لباس، طرز معاشرت (ملي جلي رهڻ)، مذهب بہ ساڳيو اٿن، ليڪن باوجود ان جي هو پنهنجي نموني جدا رهڻ پسند ڪن ٿا.....

انهي مثالن کي نظر ۾ رکندي صرف جاگرافيائي وحدت متحده قومي وجود لاءِ دليل ٺهرائي نٿي سگهجي..... يورپ جي تاريخ تي سرسري نظر ڊوڙائبي تہ پتو پئجي ويندو تہ جمهوريت ۽ نيشنلزم ان کي اتحاد ۽ ميلاپ طرف ڇڪڻ جي عيوض جدائيءَ طرف پئي گهليو آهي-

نيشنل ۽ جمهوري حڪومتن جو زوريءَ ڳانڍاپو ڪا معني ئي نٿو رکي....صرف باهمي سمجهوتو ۽ مسلسل لاڳاپن ذريعي ديرپا (ٽڪائو) اتحاد قائم ٿي سگهي ٿو- فطري قانون پٽاندر انساني اتحاد جي ترقي مقرر حد کان مٿي تيز نہ ٿي سگهندي... ان کي مصنوعي طريقن سان گهٽائبو تہ قاعدي جي بجاءِ نقصانڪار ردعمل پيدا ڪندو- ميوي کي درخت ۾ پچڻ کان

اڳ ڪتو تيئو پوي ٿو.جيڪڏهن ڪو ماڻهو ان کي قبل از وقت ٻنيندو ۽ مني ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو ته سندس فطري مناس گهٽجي ويندي. اختلاف جيتوڻيڪ اڻ وٽندڙ آهي. ليڪن ترقيءَ جي راهه ۾ مقابلي جو هئڻ ضروري سمجهيو وڃي ٿو. ڪليل مقابلي کان سواءِ مصنوعي ۽ زوري اتحاد پيدا ڪرڻ، قومي زندگيءَ ۾ جمود ۽ خوف پيدا ڪرڻ جي برابر ٿيندو.

اسان جيڪڏهن هندوستانين جي مذهبي نقطه نگاه کان پيٽ ڪنداسون ته معلوم ٿيندو ته انهن مان هڪ فرقو ٻئي سان سوشل تعلقات به نتو رکي....

پنگتي جدائي هنن ۾ عام قبوليل اصول ٿي ويل آهي.....

جيڪڏهن ڪو پڇي ته سندن اختلافن جو بنيادي سبب ڪهڙو آهي ته ان جو جواب ملڻ ڏکيو نه ٿيندو. هن زماني ۾ اسان جن ڳالهين کي، نظرين جي نالي سان سڏيون ٿا تن کي اڳين وقت ۾ مذهب جو نالو ڏنل هو.

جماعتون به اڳي مذهبي نقطه نگاهه تي ٺهنديون هيون. يورپ جا ترقي يافته عناصر ۽ جديد خيالن جا حامل گهڻين تڪليفن ۽ قربانين کان پوءِ مس انهيءَ مذهبي تنگ خياليءَ جي پيد پاءُ کان پاڻ ڇڏائي سگهيا آهن، ليڪن پٺتي پيل ملڪن جا قدامت پسند فرقا اڃا تائين فرقه بندي ۾ پنگتي پيد ڀاون ۾ ڦاٿا پيا آهن ۽ دنيا جي ارتقائي رفتار ۾ پوئتي رهجي ويا آهن.

هتي جي قدامت پسنديءَ جو ثبوت ان مان ملندو ته ٻڌ ڌرم جو هندن جي مذهب ۾ هڪ ارتقائي قدم هو جو سوسائٽيءَ جي گهڻين خامين کي مٽائي اڳتي وڌائي سگهيو ٿي، تنهن کي هتان جي قدامت پسند گروهه، قبولڻ جي عيوض مخالفت ڪري تڏي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ ان وڃي سيلون، برما، چين ۽ تبيٽ ۾ پناهه ورتي.

جاهل برهمڻ اڃا تائين چون ٿا ته گوتم ٻڌ، هندو ڌرم کي ختم ڪرڻ آيو هو. بنيادي طرح برهمنزم نان مشنري ۽ قدامت پسند مذهب رهيو آهي.

سندن چوڻ مطابق برهمڻ صرف ڄمي پيدا ٿيندو آهي، ٻين مذهبن مان شڌ ٿي برهمڻ بنجي نٿو سگهي. ڪوبه ماڻهو ڪيتريون شروتيون يا سمرتيون ڪٺي ڄاڻندو هجي ۽ نسل به آريا مان هجي پر نه برهمڻ ٿي سگهي ٿو نه ڪتري. البت وئش يا شودر بنجڻ لاءِ رستا کليل اٿس.

جڏهن ڪنهن نسل يا فرقي جو جوڙجڪ اهڙو محدود ۽ سخت

نهيل هجي جو ان ۾ ڪنهن به قيرقار جي گنجائش نه هجي ته جيستائين انهن حالتن ۾ تبديلي نه آئي آهي، تيستائين اتي جمهوري ۽ نيشنل حڪومت ۽ آسانيءَ سان ان تي عمل درآمد ٿيل مشڪل پيو نظر اچي." پوءِ پنهي مذهبن جي اختلافن تي روشني وجهندي مون چيو ته:

"جيستائين ٻنهي مذهبن جي عوام مان ڪٽرپڻو گهٽ نه ٿيو آهي، ان وقت تائين انهن جو گڏجي هڪ قومي قالب ۾ سمائجڻ مشڪل پيو نظر اچي.

پروفيسر رينان جو نيشنلزم جي موضوع تي ماهر سمجهيو وڃي ٿو، تنهن جو چوڻ آهي ته "قوميت هڪ روحاني ۽ نفسياتي جذبات تي ٻڌل حقيقت ٿئي ٿي. هم جنسيت جو خيال ئي مختلف فردن کي هڪ ٻئي جي نزديڪ آڻي ٿو. اها هم جنسيت به ڌاري تلوار مثل آهي جا جيڪڏهن ڪن کي حقيقتن جي بنياد تي گڏي ٿي ته ڪن کي هڪ ٻئي کان ڌار ۽ جدا ڪري ٿي." عام طرح ائين پيو چوڻ ۾ اچي ته عوام لاءِ اقتصادي مسئلو بنسبت مذهبي ۽ ڀنگتي نظرين جي زياده اهميت رکي ٿو ۽ انهيءَ مسئلي کي پوريءَ طرح سلجهائڻ بعد فرقيوار سوال از خود ختم ٿي ويندا. ليڪن سماج جي موجوده ذهني ۽ ڀنگتي پست حالي ۾ انهي مسئلي جو ترت حل نظر ئي ڪونه ٿو اچي. جيڪڏهن اسان جو آخري مقصد هڪ آزاد ۽ ترقي يافته متحده قوم بنائڻ جو آهي ته ان جو بهتر ذريعو هيءُ آهي ته هندن ۽ مسلمانن کي سندن اڪثريت وارين ايراضين ۾ انهن جي ڪلچر، فلاسافي ۽ روايات جي مدنظر ترقي ڪرڻ لاءِ مناسب موقعا ۽ سهوليتون مهيا ڪيون وڃن ته پوءِ اڳتي هلي هو خوشنما مرڪب جو مجموعو بنجي پوندا....

جمهوريت جي معنيٰ عوام جي حڪومت آهي پر ان عوام جو هم جنس هئڻ سڀ کان ضروري آهي. انهي آزادانه طور بنا خوف ۽ خطري جي ڪم ڪرڻ لاءِ درميانه عرصي جي ضرورت آهي...."

آئون ۱۹۳۸ع کان مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿيس. ۱۹۴۰ع جي اول ۾ مسلم ليگ وزارت جو رڪن بيٺس. سال جي آخر ۾ سنڌ جي مسلمان اسيمبلي ميمبرن ۾ اتحاد آڻڻ خاطر مون وزارت تان استعيفا ڏني. ساڳي سال ۾ جناح صاحب مون کي سنڌ مسلم ليگ کي منظم ڪرڻ لاءِ آرگنائيزيشن ڪميٽيءَ جو چيئرمين مقرر ڪيو. جنهن بعد مون مسلم ليگ جي مقصد، پاڪستان جي بنياد تي سنڌ جي گوشه گوشه ۾ وڃي پرچار ڪيو. انهيءَ

خدمات جي صلي ۾ ١٩٤١ع جي جون مهيني ۾ مون کي آل انڊيا مسلم ليگجي ورڪنگ ڪاميٽيءَ تي ميمبر نامزد ڪيو ويو. ١٩٤٢ع جي آخر ۾ جناح صاحب زور ڪري پنهنجي موجودگيءَ ۾ مون کي صوبہ سنڌ مسلم ليگ جو صدر چونڊايو. جنهن عهدي تي ١٩٤٥ع جي آخر تائين رهندو آيس. ١٩٤٣ع جي آل انڊيا مسلم ليگ اجلاس ڪراچيءَ وقت آئون مسلم ليگ استقباليہ ڪميٽيءَ جو صدر هوس. اجلاس جي ڪاميابيءَ لاءِ حتي الامڪان (وس پڄندي) ڪوشش ڪيم. انهيءَ وقت ڏاري مون کي آل انڊيا مسلم ليگ جي مجلس عاملہ ۾ مسلم ليگ اندر رهي ڪم ڪرڻ، سياسي ۽ مذهبي معلومات ۾ اضافي ٿيڻ ۽ تجربي بعد آهستہ ئي منهن جي خوش فهمي ۽ نيڪ اعتقاديءَ جا خواب پريشان ٿيڻ لڳا ۽ معلوم ٿيو تہ مسلم ليگ کي غلط بنيادن تي هلايو ٿو ويو. ان جي ليڊرشپ ابن الوقتي ۽ حرص هوس جي چار ۾ ڦاٿل هئي. هنن کي عوام جي ضروريات ۽ تڪليفن سان ڪابہ دلچسپي ڪانہ هئي، پاڪستان ۽ مسلم قوم جي نعرن کي ووٽن وٺڻ، اقتدار جي حصول ۽ مسلم عوام کي سندن حقيقي مسئلن کان توجهہ هٽائڻ لاءِ هنيو ٿي ويو. اصول پرستيءَ کي ابلهي سمجهي ان تي ڪليو ٿي ويو. دولت ۽ سياسي اقتدار جي موجودگي مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ جي نظر ۾ اهم ڳالهيون هيون، سرڪاري نظام حڪومت جي تطهير ۽ ملڪي تعمير جا مسئلا قبل از وقت سمجهي، پاڪستان جي حصول تائين پوئتي اڇلايا ٿي ويا. اخلاقي ۽ جمهوري اصولن کي بي معنيٰ چيز سمجهيو ٿي ويو. سندن نظر ۾ عوامي راءِ بزاري بڪواس برابر هئي. مطلب تہ جيئن وقت گذرندو ويو تيئن مونکي صحيح حقيقتن کان زياده واقفيت ٿيڻ لڳي. انهيءَ حالات تي احتجاج ڪرڻ سبب مون کي مسلم ليگ مان نڪرڻو پيو. پاڪستان قائم ٿيڻ ۽ ان ۾ صاحب اقتدار طبقہ جي ٢٤ سالہ تواريخ مون کي ان راءِ تي مستحڪم ڪيو آهي تہ مسلم قوم جو نظريو غلط ۽ فرسوده آهي. انهيءَ بنياد تي پاڪستان جو استحڪام ۽ يڪ جهتي ناممڪن آهي. مذهبي نظام حڪومت وڏو ڏوڪو آهي. هن وقت آئون ان راءِ تي پهتو آهيان تہ پاڪستان جي سلامتي، خوشحالي ان وقت تائين حاصل ٿي نہ سگهندي جيسين تائين مٿي ذڪر ڪيل تنهي لفظن تي صحيح راءِ قائم نہ ٿي آهي. ان ڪري هڪ ايماندار شهري، ملڪ جي دوست ۽ عوام جي خير خواهہ جي حيثيت ۾ آئون هي ڳالهہ نهايت ضروري ٿو سمجهان تہ بنا خوف ۽ مصلحت جي آزادانہ طور پنهنجي خيالات

ڪان عوام کي واقف ڪريان. جيترو جلد اها ڏهڪي جي ديوار منهدم (ڍهندي) ٿيندي اوترو، ملڪ ۽ عوام کي فائدو ٿيندو.

اهڙن خيالن جي اظهار ڪري مونتي اڳي به گهٽي بهتان تراشي ڪئي ويئي آهي. ڪڏهن مونکي دهريو ۽ ڪميونسٽ جي لقبن سان ياد ڪيو ويو آهي ته ڪڏهن هندوستان جي ايجنٽ، انشار پسند ۽ صوبائي تعصب رکندڙ جي خطابن سان بدنام ڪيو ويو آهي. پاڪستان تي ابتدا کان وٺي هڪ مستقل مفاد (Vested Interests) جو تسلط قائم رهيو آهي. جن اسلام، پاڪستان ۽ مسلم قوم جي نالي ۾ پنهنجي اقتدار برقرار رکڻ لاءِ اختلاف راءِ کي برداشت نه پي ڪيو آهي ۽ فسطائي طريقن سان پنهنجي راءِ ٻين مٿان مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ليڪن ان ڪري مون جهڙن ماڻهن کي بدلائي نه سگهندا.

تعذير جرم هٺ بيڪار محتسب
بڑهتا هئه اور ذوق گنهه ياد سزا کي بعد

تنها آئون ان راءِ جو نه آهيان ليڪن اهڙن خيالن جا ٻيا سوين نوجوان ۽ آزاد خيال ملڪ ۾ پکڙيا پيا آهن.

نه من تنها دوين ميخانه مستم
ازين مي هم چون من بسيار شدمست

انهي نقطه نگاه جي وضاحت لاءِ هيٺيان مثال پيش ڪريان ٿو:

(١) چند اهل راءِ جا حوالا
(٢) پاڪستان جي قيام کان اڳ پنهنجا ظاهر ڪيل خدشا
(٣) قيام پاڪستان بعد ان جي تاريخ جا چند ورق

## (ا) اهل راءِ جا حوالا

**١- مولانا عبيدالله سنڌي :** سرزمين سنڌ ۽ هند ۾ مولانا سنڌيءَ کي جو اعليٰ مقام حاصل آهي، ان کان، سواءِ چند ڪورچشم ماڻهن جي ٻيو ڪوبه انڪار ڪري نٿو سگهي. مولانا پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان ٿورو اڳ هندستان ڇڏي افغانستان ويو. جتان ترڪستان، روس، ترڪي ۽ حجاز ۾ رهي ٢٢ سالن جي تجربي بعد موٽي وطن آيو. انهن ملڪن ۾ رهڻ، مختلف ماڻهن سان ملڻ ۽ دنيا ۾ نين تبديلين بعد هن مذهبي ۽ سياسي مسئلن بنسبت کي نتيجا اخذ ڪيا، جن کي اچڻ بعد هن مختلف موقعن تي ظاهر ڪيو. ان مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا. سندن چوڻ هو ته:

"هندستاني مسلمانن جي ذهن تي سندن "شخصيت" بنسبت هڪ وهمي تصور ويٺل آهي جنهن جو عملي دنيا ۾ ڪو وجود ئي ڪونه آهي.

اسان ڪنهن زماني ڪان هڪ اهڙي اسلامي جماعت ۽ قوم جو نالو وٺي رهيا آهيون جنهن بابت نه اسان جي ذهن ۾ ڪو صحيح نقشو موجود آهي نه اهي دنيا ۾ ڪٿي وجود ۾ آهن. اسان پاڻ کي هڪ اهڙي خيالي دنيا ۾ محدود ڪري ڇڏيو آهي. جو نه رڳو اسان ٻين مسلم ملڪن جي آزاديءَ ۽ ترقيءَ لاءِ جدوجهد جي تاريخ ڪان غير واقف رهجي ويا آهيون پر خود پنهنجي ملڪ ۾ اسان جي سامهون ڪو مقرر ٿيل عملي نظريو موجود نه آهي."

هن جي اخذ ڪيل نتيجن جو اختصار هيٺ ڏجي ٿو:

(١) صحيح اسلامي سوسائٽيءَ جو وجود يا ان نسبت ڪو مستقل نظريو اڄ ڪلهه دنيا جي مسلمانن وٽ نه آهي ۽ نه ڪا مسلمان حڪومت ان مطابق هلي رهي آهي.

(٢) موجوده بين الاقوامي حالتن ۽ مسلمان ملڪن جي پست حاليءَ ڪري پئن اسلامزم جي تجويز لائق عمل نه رهي آهي. تنهن ڪري مسلمان ملڪن جو نظام آميزه جديد قوم پرستي (نيشنلزم) جي بنياد تي ٺاهڻ گهرجي.

(٣) هندستان مختلف خطن ۾ ورهايل ماڻهن جو برصغير آهي. انهن ۾ رهندڙ ماڻهو زبانن، ڪلچرن، قديم روايات، جاگرافيائي حدود ۽ سياسي اقتصادي مفاد جي بنياد تي جدا قومون آهن.

## ٣. علامه امداد علي قاضي

هن جي علمي لياقت، بلند خيالي ۽ راستگوئيءَ ڪان سنڌ جو هرڪو ماڻهو واقف آهي. هو مذهب جي بنياد تي نفرت پيدا ڪري پاڪستان قائم ڪرڻ جي خلاف هو، هن جي خيال ۾ اهو طريقه ڪار اسلام ۽ مسلمانن لاءِ نقصانڪار هو. سندن ان وقت ڇپايل مضمون مون سنڌس خطن واري ڪتاب ۾ ڇپائڻ لاءِ ڏنو هو پر پريس وارن ڇپڻ ڪان انڪار ڪيو. ان جا ٽڪرا هيٺ ڏيان ٿو:

هي مضمون ننڍي انگريزي ڪتابڙيءَ ۾ ڇپيل هو. ان جو ترجمو ڪري قرباني اخبار ٢٢ فيبروري ١٩٤٧ع تي ڇپيو هو:

"قرآني معيار ۽ مقاصد تباهه ٿي رهيا آهن مسلمان ڪيڏانهن پيا

وڃن؟"

هن وقت اسان کي هڪ پليٽ فارم (مسم ليگ) تي ڪنو ڪيو ويو آهي. اميد اها هئي ته ان طريقي سان اسان چڱائيءَ جي ڪمن سرانجام ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏئي هلڻ جي لائق ٿينداسون. پر افسوس ته ان اميد جي پوري ٿيڻ جي علامت نظر ڪانه ٿي اچي... ان تنظيم جو مثل اهڙو آهي جيئن ڪو ماڻهو سموري مخلوق کي هڪ ڇت هيٺان ڪنو ڪري مٿن بم اڇلرائي سمورن کي هڪ ئي وقت ختم ڪرائي...

هندستاني مسلمانن کي ڪنو ڪري تباهي جي اوڙاهه ۾ اڇلائڻ درد انگيز ڳالهه آهي. پر ان کان ڪئين حصا وڌيڪ درد انگيز هي قصو آهي ته مسلمانن کي تباهه ڪرائڻ سان گڏوگڏ قرآن پاڪ جي معيارن ۽ مقصدن کي به ختم ڪرايو پيو وڃي!

اهو نقصان تنها (اڪيلو) مسلمانن جو نه مگر انسان ذات جو ٿيندو....

## پاڪستان

اڃو ته ان جو مختصر طور ڪجهه ذڪر پيش ڪريون ۽ ثابت ڪريون ته اسلام جي ڪمزوريءَ جو باعث ٻاهريون دشمنيون نه پر خود پنهن جون اندروني حالتون بنجي رهيون آهن. آئون وڏي واڪي چوان ٿو ته اسلام کي غير مان خوف نه آهي بلڪه وڏي ۾ وڏو نقصان پنهنجن هٿان پهچي رهيو آهي....

مثلاً چوڻ ۾ پيو اچي ته "پاڪستان وسيلي اسلامي مقاصد جي بچاءَ لاءِ ڪوشش ڪرڻ ۾ ايندي. پاڪستان ئي اسان جي تنظيم جو بنيادي پٿر آهي."

مگر پاڪستان جي انهيءَ تصور متعلق خود قرآن ڇا پيو چوي؟

## سارو قرآن ان تصور خلاف دانهون پيو ڪري...

ان جي چند هدايتن تي غور ڪريو:

(١) زمين ۾ پکڙجي وڃو.

(٢) دنيا جو سير ڪريو.

(٣) زمين ڪشاده آهي هر هنڌ وڃي خدمت ڪريو.

(۴) مسلمان انسان ذات لاءِ مثال قائم ڪندا.

شايد آخرين ڪلمي پڙهڻ ڪان سواءِ سندس خاتمو ٿي وڃي. "پاڪستان جي غلط نظرئي اثارڻ ۽ تنظيمي تحريڪ" جي بنياد ڪي محض هندوءَ جي خوف تي قائم رکڻ سان قرآن پاڪ جي ڏسيل ساري پروگرام جي انحرافي ٿي رهي آهي."

هي آهي علامہ قاضي صاحب جي اظهار ڪيل راين جو لب لباب.

## (٣) شيخ عبدالمجيد سنڌي :

شيخ صاحب هن برصغير جي انهن جهونن سياستدانن مان آهي، جن جو درجو مولانا عبيدالله سنڌي ۽ مولانا محمد علي جوهر جي پايي جو آهي.

پنتي پيل قومن جو اهو دستور رهيو آهي تہ اهڙن بزرگن جو سندن زندگيءَ ۾ قدر نہ ٿيندو آهي. جيڪڏهن سنڌين ۾ شناخت جو مادو هجي ها تہ اڄ شيخ صاحب ڪي پير ڪري مڃيو وڃي ها. هتي آئون انهيءَ بزرگ جي بيانن مان ڪجهہ ٽڪر حوالي طور پيش ڪريان ٿو. ٣ آڪٽوبر ١٩٤٣ع تي پير علي محمد شاهہ راشدي، شيخ صاحب جي خيالن ڪان هيٺينءَ طرح واقف ڪري ٿو: "شيخ عبدالمجيد مون وٽ ٻہ دفعا آيو هو. مون هن سان گهڻو وقت گفتگو ڪئي تہ ڪيس مسم ليگ ڪان استعيفا ڏيڻ ڪان روڪيان پر روڪجي نہ سگهيو. هن جو چوڻ آهي تہ مسلم ليگ وزيرن جي دلال ٿي پيئي آهي، جي شرافت جا ليڪا لنگهي ويا آهن، وزيرن ڪي مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ جي آڌار تي صوبہ سنڌ مسلم ليگ ۽ مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ جي پرواہ نہ رهي آهي. هو ملڪ جي سمورين خرابين جو بنياد آهي. مسلم ليگ ڪي صرف دوڪي ۽ نمائش لاءِ ڪتب آڻين ٿا....

هن اڪين مان پاڻي آڻي مونکي ٻڌايو تہ سڄي عمر فاقا ڪديا اٿم پر پنهنجو ضمير نہ وڪيو اٿم. ٻارن ڪي سڻيا ڏني اٿم پر حق جي راهہ نہ ڇڏي اٿم. چند راشي ۽ انگريزن جي دلال سياستدانن ڪي طاقت ۾ رکڻ لاءِ هاڻ گذشتہ روايت جي خلاف ڪيئن مسلم ليگ جو ساٿ ڏئي سگهان ٿو؟

آئون خدا وٽ ڪهڙي منهن سان انهن ڪارنامن جو جواب ڏيندس."

وري شيخ صاحب ٢٦ آڪٽوبر ١٩٤٣ع تي مسلم ليگ مان نڪرڻ وقت هڪ ڏکهو بيان ڏنو. جنهن جا ٽڪرا هيٺ ڏجن ٿا:

"منهن جو مسلم ليگ سان تعلق ١٩١٥ع جي آل انڊيا مسلم ليگ اجلاس بمبئي ڪان رهيو آهي. ١٩١٦ع ڪان ١٩١٩ع تائين جيل ۾ هوس

جنان آزاد ٿيڻ تي مسلم ليگ امر تسر واري اجلاس ڊسمبر ۱۹۱۹ع زير صدارت حڪيم اجمل خان ۾ وڃي شريڪ ٿيو هوس جتي سنڌ کي بمبئي کان جدا ڪرڻ جو ٺهراءُ پيش ڪري پاس ڪرايو هوم...."

پوءِ پنهنجي مسلم ليگ سان مسلسل لاڳاپي جو ذڪر ڪندي ان کان استعيفا جا سبب بيان ڪري چوي ٿو تہ:

"سنڌ ۾ لئنڊ روينيو مسلم ليگ پارٽيءَ جي منظوريءَ کان سواءِ سنڌ اسيمبليءَ جي ٺهراءُ خلاف مسلم ليگ وزيرن وڌائي.

ڪراچي ۽ ٻين مکيہ شهرن ۾ مسلم ليگ اسيمبلي پارٽي ۽ اسيمبليءَ جي منظوريءَ کانسواءِ، ڪاڌي جي شين تي واشننگ ڪئي ويئي.

روزمره جي شين تي وزيرن جي سهوليتن خاطر ڪنٽرول وڌو ۽ لاٿو وڃي ٿو. زراعت پيشہ ماڻهن جي ضرورتن کي وساري ڪاڌي جي شين جون قيمتون گهٽايون وڌايون وڃن ٿيون....

اهي سڀ ڪم هو مسلم ليگ هائي ڪمانڊ جي آڌار تي ڪري رهيا آهن. منهنجي خيال موجب سنڌي سياست کي خراب ڪرڻ جو ڪارڻ، مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جا هائي ڪمانڊ آهن. سنڌ تي اها ٻاهرين جي دست اندازي جلد ختم ٿيڻ گهرجي...

آئون صاف واضح ڪرڻ گهران ٿو تہ منهنجو هندستان جي مختلف علاقائي قوميتن جي حق خود ارادي ۾ ويساهہ آهي، جنهن مطابق هر صوبي کي سندس مستقل بابت فيصلي ڪرڻ جو حق هئڻ گهرجي."

ان کان پوءِ هن سنڌ جي ڪاليجي شاگردن وٽ هڪ خطبو پڙهيو جو ڇپائي پڌرو ڪيل هو. ان جو ديباچو علامہ علامہ آءِ آءِ قاضي لکيو.

ان ۾ ڪئبنيٽ مشن طرفان هندستان جي آئيني مسئلي کي سلجهائڻ لاءِ ڏنل تجويزن جهڙا مشورا ڏنل هئا ۽ جدا پاڪستان جي مخالفت ڪيل هئي.

آخر ۾ پير علي محمد شاهہ راشديءَ جي تحريرن جا حوالا پيش ڪريان ٿو:

## ۴. پير علي محمد راشدي :

پير علي محمد راشديءَ کي هرڪو سڃاڻي. ڪيترن ماڻهن کي ون يونٽ جي معاملي ۾ سندس کنيل قدم ڪري اختلاف آهن. ليڪن هن ڳالهہ کان سندس مخالف بہ انڪار ڪري نٿو سگهي تہ موجوده دور ۾ پاڪستان

اندر هو وڏي سياسي فهم ۽ صلاحيت جو مالڪ آهي. هن جون سنڌ جي بمبئيءَ کان علحده ڪرائڻ ۽ مسلم ليگ کي منظم ڪرڻ جون خدمتون وساريَ نٿيون سگهجن.

هن مون کي ١٥ نومبر ١٩٤٣ع تي دهليءَ مان هڪ خط لکيو ان جا ڪي ٽڪرا هتي ڏيان ٿو:

"مون کي معاف ڪجانءِ جيڪڏهن آئون توکي ياد ڏياريان ته ڇهن سالن جي مسلم ليگ ۾ جفاڪشيءَ بعد ڪٿي وڃي پهتو آهين...."

ان خط ۾ مسلم ليگ ليڊرن جا ڪارناما ظاهر ڪندي وري لکي ٿو ته:

"اهو سڀ مسلمانن جي اتحاد جي نالي ۽ پاڪستان جي حصول جي پردي پويان ٿي رهيو آهي. ڇن ته اسلام جو حڪم آهي ته ان جي نالي جماعتون ناهي ڪين بڇڙائيءَ جو اڏو ڪري ڪتب آڻجي. ان تجويز موجب خود اسلام کي چورن جي جاءِ پناهه بنائي ڪتب آندو وڃي. جيڪڏهن پاڪستان سٺي شيءِ آهي ته اهو برائيءَ جي ذريعن سان حاصل ٿي نه سگهندو يا بنيادي اصول ختم ڪرڻ سان وجود ۾ ايندو.

چڱائي برائيءَ جي وسيلي حاصل ٿي نه سگهندي. ڪم از ڪم تون پاڻ کي اعليٰ اصولن جي زبون ڪرڻ جو ذريعو نه بناءِ....

هاڻ توکي هنن ڪفن چورن پنهنجي جماعت جو نالي خاطر سردار ڪٽي مقرر ڪيو آهي، هنن ڇا وڃايو. تنهنجي ضمير خريدڻ لاءِ اها ٿوري قيمت ڏيڻ ڪا مشڪل ڳالهه نه هئي." وري ١٢ جون ١٩٤٦ع تي هڪ مضمون قرباني اخبار ۾ ڇپيو ان جي ڪاپي مون ڏي موڪلي هئي، جو مضمون منهن جي سندس ڇپايل خطن ۽ مضمونن جي ڪتاب ۾ صفح ١١٥ کان ١٢٢ تي ڏنل آهي. ان مضمون ۾ هن پاڪستان جي رٿيل تجويز تي پنهنجا رايا هينئن طرح ڏنا آهن. انهيءَ تجويز کي سنڌ جي ڏاڳهه چاڙهڻ لاءِ ڪاٺين جو ڍير سڏيو اٿس. اڳتي هلي سنڌ جي ماضيءَ بابت لکي ٿو ته:

"سنڌ پنهن جي جاگرافيائي حدن، آبهوا، تاريخي پس منظر، روايات، ڪلچر، زبان، رسم الخط، سوشل ۽ ايڪانامڪ طريقن موجب گذشته زماني کان وٺي آزاد ۽ جدا زندگي پئي گذاري آهي، سواءِ ڪن ٿورن وقتي حادثن ڪري عارضي طرح آزادي وڃائڻ جي دورن جي. سنڌ ۽ هند سدائين ٻه جدا ملڪ پئي رهيا آهن. جا ڳالهه قديم جاگرافي ۽ تاريخ مان

ظاهر ٿي ٿئي. سنڌ تي حملا ٿيا آهن. ڪو وقت ڌارين جي ماتحت گذاريو اٿس. پر ڪڏهن به ان تي مات ڪري نه ويٺي آهي. ٻهرين موقعو ملڻ تي وري وڃايل ازادي ٻيئي حاصل ڪئي اٿس. هي ان جي تاريخ جو خاص ۽ نمايان ورق ٿيئي رهيو آهي ته غلاميءَ تي ڪڏهن به رضامند ٿي نه ويٺي آهي. ڇا اسان هاڻي پنهنجو قديم قيمتي ورثو قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿينداسون؟

**سنڌ جو مستقبل :** سنڌ جي مستقبل جي نقطه نگاهه ڪان ڪئبنيٽ مشن واري تجويز تباهه ڪُن ٿيندي....." پوءِ هو سنڌ جي آزاد ۽ جداگانه حيثيت لاءِ تعريف ڪري لکي ٿو ته جيڪڏهن ان کي سنا موقعا ملن ۽ حڪومت جون واڳون مخلص، خادم قوم، محب وطن ۽ سالم فڪر وارن ڪارڪنن جي هٿن ۾ ڏنيون وڃن ته سنڌ جي حالت بهتر ٿي سگهي ٿي. بعد ۾ سنڌ جي ترقيءَ لاءِ چند تجويزن جو ذڪر ڪري چوي ٿو ته:

"اهو تصوير جو هڪ رخ پيش ڪيم پيو اهو ٿيندو جو ڪئبنيٽ مشن جي تجويز کي عمل ۾ آڻڻ جي نتيجي مان نڪرندو. ان حالت ۾ اسانکي پنهنجي ماضيءَ کي وسارڻو پوندو.

مستقبل جي ترقيءَ جا سڀ خيال ترڪ ڪرڻا پوندا. پنهنجي قومي وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ تيار رهڻو پوندو. ڌاريان ماڻهو توهان تي سندن مرضيءَ مطابق آئين مڙهيندا. سنڌ جي جملي پيداوار جا ذريعا، پنهنجي مفاد لاءِ ڪتب آڻيندا. سنڌ پنجاب جي ڪالوني ٿي ويندي."

**سنڌ جي آزادي :** منهنجا رايا ان بابت صاف ۽ مستقل صورت وٺي چڪا آهن. سنڌ کي ڪڏهن به پنهي فيڊريشن ۾ داخل ٿيڻ قبولڻ نه گهرجي. ڪنهن به مرڪز سان شامل ٿي پيداوار جو ٽڪو به انهن کي ڏيڻ تي رضامند نه ٿيڻ گهرجي.

پنهنجو آئين پاڻ بنائي آزاد ٿي رهڻ گهرجي، ڪيس ڪنهن به صورت ۾ پنجاب جي ڪالونيءَ جي گروهه ۾ داخل نه ٿيڻ گهرجي، ان کي سندس آزاديءَ جي راهه ۾ جا به رڪاوٽ پوي، ان کي ٽڪرائي ڇڏڻ گهرجي. سنڌ کي پنهنجي مرضيءَ موجب عهدنامو ڪري، يونين جي بچاءُ امور خارجيه لاءِ داخل ٿيڻ گهرجي، ان لاءِ پنهنجي خرچ جو حصو ڏئي باقي سڀ پيدائش پاڻ وٽ رکڻ گهرجي."

**نوٽ :** بنگال وارن ڇهن نڪتن ۾ به ساڳي قسم جي گهر هئي.

راشدي صاحب قربانيءَ ۾ مضمون لکي سنڌ کي آئينده پنجاب جي

طرف کان خطري جو ذڪر ڪيو. جن مضمونن کي گڏي "فرياد سنڌ" جي نالي سان ڇپائي سنڌ ۾ ورهايو ويو هو. انهن سڀني حوالن مان اهو پتو پئجي سگهي ٿو تہ اهل راءِ کي اڳيئي خدشا هئا تہ پاڪستان کي آئينده هلي پنجاب جي مفاد لاءِ ڪتب آندو ويندو.

**(٣) پاڪستان قائم ٿيڻ کان اڳ منهنجا ظاهر ڪيل خدشا :**

پهرين مسلمانن جي جدا گانہ قوم ۽ انهن جي جدا وطن پاڪستان ناهڻ لاءِ جنهن خلوص دل ۽ تندهيءَ سان ڪم ڪيم ان جو ڪجهہ ذڪر اول ۾ ڪري آيو آهيان. ليڪن جڏهن مسلم ليگ ليڊرن سان ڪجهہ وقت لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ بعد انهن جي قول ۽ فعل جي اختلاف مان واقف ٿيس، ملڪي سياست ۾ تجربي ۽ علمي معلومات منهنجي جوش کي ٿڌو ڪري هوش کان ڪم وٺڻ سيکاريو تہ ١٩٤٥ع جي آخر ڌاري مونکي مسلم اقليت وارن صوبن جي ليگي ڪارڪنن ۽ اهل پنجاب جي مستقل مفاد جي نيتن جو پتو پوڻ لڳو.

آهستہ ٿي مسلمانن جي جداگانہ قوم جي نظرئي جي غلطي ۽ پاڪستان جي صورت ۾ ملڪ جي ورهاست جي نقصانن جو نقشو اکين اڳيان ڦرڻ لڳو. ان ڪري پنهنجي آزادانہ راين جو اظهار ڪرڻ لڳس، ڪانگريس کان تہ اڳي ئي ٻاهر نڪري آيو هوس ويتر مسلم ليگي هائي ڪمانڊ بہ اهڙن راين ڪري خلاف ٿي ويو. ان وقت ماڻهن تي ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جماعتن جو اهڙو اثر ويٺل هو جو اسان جو آواز طوطي جي نقارخاني ۾ آواز مثل ڪنهن بہ نہ ٻڌو.

آخر ۾ ملڪ ورهائجي ويو، اُن مان نفرت ڦهلجي خون خرابيءَ جو ڪارڻ بني.

اجا تائين حالتون درست ٿيڻ جي عيوض ويتر خراب ٿي رهيون آهن. ان وقت جي ڪيل ڪوشش جو وڌيڪ احوال منهنجي سياسي مضمونن ۽ "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" جي ڪتابن مان ملي سگهندو. هتي ان جو اختصار پڙهندڙن جي معلومات لاءِ پيش ڪريان ٿو.

**مسلمانن جي جداگانہ قوم جي نظرئي خلاف ان وقت ظاهر ڪيل رايا :**

(١) مسلمانن جي جدا گانہ قومي نظرئي جو بنياد مذهب جي

وحدت خيال ۽ عمل تي رکيو ٿي ويو. اڳتي هلي معلوم ٿيو ته اهو نظريو خوش فهميءَ تي ٻڌل هو. جن ماڻهن کي مسلم قوم جي نالي سان منسوب ڪيو ٿي ويو سي نه اعتقادي طور يڪسان هئا نه سندن عمل ساڳيو هو. هو پنتي پيل ماڻهن جو جم عضير هئا.

اعتقادي طور منجهن ٣٥٠ فرقن کان وڌيڪ گروهه پيدا ٿي ويا هئا جي هڪ ٻين سان برسر بيڪار هئا. انهن مان هر هڪ ٻين کي دوزخي ۽ پاڻ کي بهشتي ٿي سمجهيو. اها حالت سندن عقيدن جي هئي. عمل جي دنيا ۾ ته ويتر وڏا تفاوت هئا. هڪڙا شاهوڪار ۽ ٻيا غريب. جن جا مفاد متضاد هئا. هڪڙا صاحب اخلاق ته ٻيا بداخلاق هئا. جن وٽ رشوتخوري، زنا، شرابخوري، جوا، چوري، روزمره جا ڪم هئا. جڏهن قران جي هن آيت تي نظر ٿي پيئي:

”بهشتي ۽ دوزخي هڪ جهڙا نه هئا. بهشتي دوزخين کان بهتر هئا“ ته پتو ٿي پيو ته مسلمانن جي جداگانه قوم جو حقيقي دنيا ۾ وجود ئي ڪونه هو.

٢. هندي مسلمانن جي جداگانه قومي نظرئي جا موجد سر سيد احمد خان ۽ علامه اقبال يوپيءَ ۽ پنجاب جا هئا. تاريخي ثبوت موجود هئا ته اهي ٻئي صاحب مسلمانن جي مٿاهين طبقي جي مستقل مفاد جا حامي هئا. اهو نظريو هندو سرمائيدار ۽ ڪاموري جي تسلط کان مسلمانن جي مذڪوره طبقي جي حفاظت لاءِ موزون سمجهي اختيار ڪيل هو. دلائل ۽ حقائق جي بنياد تي ان لاءِ ڪوبه جواز موجود نه هو.

بحث خاطر جيڪڏهن مسلمانن کي جدا قوم ڪٿي تسليم ڪجي ته به ساري دنيا جا مسلمان هڪ قوم شمار ٿي سگهن ٿا ۽ نه رڳو هندستاني مسلمان. دنيا جا ٻيا مسلمان ته پاڻ کي افغان، ترڪ، ايراني، عراقي، مصري، يمني ۽ سوڊاني وغيره قومن جي نالي سان سڏائين ٿا. هتي جا مسلمان، جي پاڪستان قديم وقت کان جدا ملڪ هجي ها ته پاڪستاني قوم سڏائي سگهن ها. ليڪن هي هندستاني مسلمانن جي ڪهڙي قوم آهي جا جدا جدا پنجن مملڪتن ۾ ورهايل هجي ۽ سندس زبانون، ڪلچر ۽ روايت به علحده هجن. قوم هم جنسيت کان سواءِ نهي نٿي سگهي.

٣. مسلمانن جي جداگانه قومي نظرئي جي تعمير ٻن مکيه ٿنڀن تي ٽيل هئي.

(١) جدا چونڊون (٢) ويٽيج يعني نمائندگيءَ ۾ واڌارو.

اهي ٻئي ڳالهيون مسلم اقليت وارن صوبن جي فائدي ۽ مسلم اڪثريت وارن صوبن جي خلاف هيون. ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي وچ ۾ لکنوءَ ۾ پيڪيٽ انهي اصولن جي آڌار تي ٿيو هو. ان جو نتيجو اهو نڪتو هو ته ان وقت ٻن مسلم اڪثريت وارن صوبن بينگال ۽ پنجاب کي نمائندگيءَ ۾ گهٽ ڪري ڇڏيو ويو. ١٩٣٣ع جي فرقيوار فيصلي ۾ به پنجاب، بينگال، سنڌ ۽ سرحد صوبن کي ٻين مسلم اقليت وارن صوبن جي عيوض گهٽ نمائندگي ڏني ويئي هئي.

ٻنهي دفعي انهيءَ ڪري مسلم اڪثريت وارن صوبن کي نقصان سهڻو پيو. هاڻ وري مسلم اقليت وارن صوبن طرفان مسلمانن جي جداگانه قوم جي بنياد تي پاڪستان جي گهر ڪئي تي ويئي ته اسانکي شبها پيدا ٿي ٿيا ته ان مان شايد هنن جو مقصد اهو هو ته پاڪستان جي قيام بعد هو اسان جي سر تي چڙهي حڪومت ڪن.

٤. سنڌ، بنگال، بلوچستان، پنجاب ۽ پختون ايراضين ۾ رهندڙ ماڻهن کي هزارها سالن کان پنهنجا وطن، زبانون، ڪلچر، روايات، قومي ڪردار ۽ مخصوص سياسي ۽ اقتصادي مفاد هئا. هو دنيا جي جديد تسليم ڪيل نظريه قوميت موجب جدا قومي حيثيت رکندڙ هئا. ڇا مسلمانن جي جداگانه قومي نظرئي ڪري انهن قديم قومن جي وجود کي ختم ته نٿي ڪيو ويو؟

٥. مسلمانن جي جداگانه قوميت جو آڌار مذهب تي رکيل هو. ڇا ان نظرئي کي مڃڻ ڪري اسان مُلن جي ماتحت ٿي وري صدها سال پوئتي دقيانوسي طرز حڪومت طرف ته نه ڌڪليا وياسون ٿي. جي ها ته مسلمانن ۾ ٢٥٠ فرقا هئڻ سبب ڪهڙي فرقي جي عقائد مطابق حڪومت هلائي ويندي. باقي فرقن ۽ ٻين مذهبن جي پوئلڳن جو ڪهڙو حشر ٿيندو. مذهب جي نالي ۾ هندن، ڪرستانن ۽ مسمانن هڪ ٻين تي ڪهڙا ويل وهايا هئا. تاريخ ان جي شاهد آهي. ان ڪري وري به ساڳين آزمائشن مان گذرڻو پوندو ڇا؟

٦. اهو نظريو قرآن پاڪ جي هيٺين صاف هدايتن جي خلاف هو:

"اوهان مان ايمان آڻيندڙن (مسلمانن) يهودين، نصارن ۽ ٻين مذهب وارن مان جن جو به الله، يوم الاخر (مستقبل) ۾ ايمان آهي ۽ اهي

عمل صالح ڪن ٿا انهن کي خدا وٽان ان جو اجورو ملندو ۽ کين نجات ملندي."

حضرت محمد صلعم ۽ مومنن جو ان ۾ ويساهه آهي جو مٿس لٿو خدا طرفان. سڀئي الله تعاليٰ، ان جي ملائڪن، ڪتابن ۽ رسولن جي صداقت ۾ ويساهه رکن ٿا ۽ انهن جي تعليم ۾ ڪوبه فرق نٿا رکن."

انهن هدايتن جي مدنظر تي ماڻهن کي مذهبن جي بنياد تي ورهائڻ غلط هو. اسلام دين فطرت هو جنهن جملہ دينن پويان بنيادي وحدت جو سراغ رسايو ٿي. اهو ڪهڙي طرح ماڻهن کي متحد ڪرڻ جي عيوض ورهائڻ گهرندو؟

## هندستان کي مذهب جي بنياد تي ورهائڻ بابت پيدا ٿيل خدشا:

١. پاڪستان جو نظريو علامہ قاضي صاحب جي چوڻ مطابق قراني معيارن ۽ مقصدن جي خلاف ۽ اسلامي اصولن جي ابتڙ هو. هڪ شاعر چيو آهي تہ:

**" هر ملڪ ملڪ ماست ڪہ ملڪ خدائي ماست"**

قرآن شريف ۾ آهي تہ جيڏانهن بہ نظر ڪندا تہ ان طرف خدا جو ظهور ڏسڻ ۾ ايندو. اسلام محبت ۽ اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم جو پيغام آندو.

## پاڪستان جي نظرئي ڇا ٿي آندو؟

(١) زمين جي ڪن ٽڪرن کي پاڪ ۽ ٻين کي پليت جو تصور ئي آندو.

(٢) مسلمانن کي زمين ۾ پکڙجڻ جي صريح قرآني حڪم خلاف لڏائي ڪن ٽڪرن ۾ ويهارڻ جو خيال آندو.

(٣) انسان ذات جي وچ ۾ نفرت ۽ نفاق پيدا ڪري قتل، غارت ۽ فساد آندا.

(۴) مسلمانن ۾ همت ۽ جرئت پيدا ڪرڻ جي عيوض بزدلي ۽ تعصب پيدا ڪيو.

(۵) پاڪستاني نظرئي مطابق ملڪ جي ورهاست تاريخ جي مسلم روايتن ۽ قانون فطرت جي حقيقتن خلاف هئي. تاريخ جي ڄاڻن کي معلوم آهي تہ مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ ڪري ڪهڙا نہ ويل وهيا هئا.

هندن، ڪرستانن ۽ مسلمانن جي تاريخ اهڙن مثالن سان ڀري پيئي آهي، نتيجو اهو نڪتو ته ساري دنيا ۾ سياست کي سيڪيولر طريقن تي هلائڻ لاءِ جديد نيشنلزم جي بنياد تي حڪومتون برپا ڪيون ويون، سواءِ ٽن ملڪن آئرلينڊ، اسرائيل ۽ پاڪستان جي. اهي ٽيئي ملڪ خون خرابي جا مرڪز بڻيا بيٺا آهن.

قانون فطرت موجب هزارن سالن جي باهمي لاڳاپي ۽ ميلاپ بعد ڪن مخصوص وطنن ۾ قومون وجود ۾ اچن ٿيون، جي هم جنسيت پيدا ڪري ساڳي زبان، ساڳي ڪلچر، ساڳي روايات، قومي ڪردار، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جون مالڪ بڻجن ٿيون.

ليڪن هن مذهبي نظريه قوميت مطابق سنڌين، بينگالين، پختونن، پنجابين کي جدا ڪري لڏايو ٿي ويو. ان ڪري هزارها سالن جي باهمي رابطي بعد پيدا ٿيل ورثن، زبان، ڪلچر، قومي ڪردار جي مجموعي طاقت کي ٽوڙيو ٿي ويو.

(٣) ان نظرئي مان ان نئين ملڪ ۾ سنڌ، بلوچستان، پختونستان ۽ بينگال جي پٺتي پيل رهاڪن جي زمين، جائداد، واپار، ڪارخانن ۽ نوڪرين تي ٻاهران لڏي آيل مهاجر ۽ پنجاب جي مستقل مفيد جي تسلط قائم ڪرڻ جي سازش جي بوءِ ٿي آئي.

(۴) ان نظرئي جي پس پرده عوام جو توجهه حقيقي مسئلن کان هٽائي، مذهب جي دلبي هيٺ استحصال (Exploitation) لاءِ ميدان تيار ٿي ڪيو ويو.

جنهن کي مهاجر پنجابي مستقل مفاد چراگاه ڪري ڪتب آڻڻ وارا هئا.

(۵) پاڪستان جڏهن مسلمانن جي جداگانه قوم ۽ هندن جي نفرت جي بنياد تي واحد ليڊر، واحد نمائنده جماعت جي نعرن جي آڌار تي قائم ڪيو ٿي ويو ته ان جي هٽلر جي فسطائي نظريه سان مشابهت ٿي لڳي، جنهن ڪري ان نظريه ذريعه آمريت لاءِ ميدان هموار ٿي رهيو هو. ان وقت ئي اهو خدشو پيدا ٿيو ٿي ته پاڪستان ۾ جمهوريت کي ختم ڪيو ويندو.

(٦) هندستان جي مذهبي بنياد تي ورهاست سندس ٽن هزار سالا تاريخي ارتقا جي خلاف هئي، جنهن جي اتحاد لاءِ اشوڪا، وڪرماجيت، اڪبر، اورنگزيب ۽ انگريزي سامراجن جي ڪوششن ۽ درويشن جهڙوڪ :

خواجه معين الدين اجميري، خواجه بختيار ڪاڪي، خواجه نظام الدين، سرمد، شاهه عنايت، شاهه لطيف، سچل سرمست، بابا نانڪ، ڪبير ڀڳت وغيره جي تعليمات خلاف هئي.

(٧) ان تحريڪ ذريعي اسلام جي نالي ۾ جا نفرت ۽ استحصال (Exploitation) ٿيڻ وارا هئا تن جي ردعمل ۾ نوجوان طبقي ۾ مذهب کان منحرف ٿي دهريت طرف وڃڻ جو امڪان هو.

انهن سڀني ڳالهين مون کي پاڪستان جي نظرئي مطابق، ملڪ جي ورهاست جي افاديت ۾ شڪ پيدا ڪيا هئا پر ڪثرت ماڻهن جي رجحان ڪري اسان ان وقت سواءِ آواز اٿارڻ جي ٻيو ڪجهه نٿي ڪري سگهياسون.

## ٣. قيام پاڪستان بعد سرزد ٿيل واقعات تي سرسري نظر:

پاڪستان جي قيام کان اڳ پيدا ٿيل خدشا چوويهن سالن جي تجربي ۽ حقيقتن بعد صحيح ثابت ٿيندا وڃن ٿا. هن وقت روز روشن وانگر ثابت ٿيو آهي ته:

(الف) مسلمانن جي جدا قوم جو نظريو غلط، فرسوده، اسلامي تعليم جي خلاف ۽ شرانگيز هو.

(ب) پاڪستان جي موجوده صورت ۾ وجود برصغير هند، مسلم عوام، ننڍن ۽ پوئتي پيل صوبن مسلم دنيا لاءِ نه صرف نقصانڪار آهي پر ڪارو داغ آهي.

(ت) اسلامي نظام حڪومت جو تخيل بي معنيٰ ۽ غير حقيقي هو. اهو دوکو ماڻهن جو توجهه سندن سماجي ۽ معاشي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ ڏنو ٿي ويو.

پاڪستان گلن جو هار نه پر سورن سندن سگڙو ثابت ٿيو آهي توقع جي خلاف سندس حڪومت جون واڳون سچن، پرهيزگار، محب وطن ماڻهن جي عيوض دوکيباز، بداخلاق، ملڪ ۽ اسلام دشمن عناصر جي هٿن ۾ آيون آهن. ان ۾ عدل ۽ انصاف مفت ڪونه ٿيا پر منظم طريقي سان ان کي وڪيو ويو آهي. ان ۾ عوام کان انساني بنيادي حق به کسيا ويا آهن.

جنهن ڪري ملڪ ۾ اخلاق جي عيوض بداخلاقي وڌي آهي.

پاڪستان جي قيام بعد عوام ۽ ننڍن صوبن جي رهاڪن سان جي

هاجا ڪيا ويا آهن. تن تي شاهہ لطيف جو هي بيت ٺهڪي اچي ٿو:

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان ذري
لڳي مـــاٽ مـــون ڪي، ڏونگر پون ڏري
وڃن وڻ ٻري، اوپـــر اُپـــري ڪينڪي.

ان جي مفصل احوال لاءِ جدا ڪتاب کپي. تنهن ڪري ان جو اختصار هيٺ ڏيان ٿو:

(۱) آل انڊيا مسلم ليگ جي ساليانہ اجلاس ۱۹۴۰ع منعقده لاهور ۾ ملڪ جي ورهاڱي لاءِ ٺهراءُ پاس ٿيو، جنهن ۾ مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ آزاد ۽ خود مختيار حڪومتن بنائڻ جو اصول تسليم ڪيو ويو هو. اهو هڪ قسم جو عهدنامو هو جنهن جي بنياد تي سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان جي رهاڪن ان ٺهراءُ جي حمايت ڪئي هئي. ان وقت پاڪستان جو قيام شڪي ڏسڻ ۾ پي آيو. ليڪن ۱۹۴۶ع ۾ جڏهن ملڪ جي ورهاست لاءِ اميد پيدا ٿي تہ مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ. جنهن ۾ اڪثريت مسلم اقليت وارن صوبن جي هئي، دهليءَ ۾ مسلم ليگ، اسيمبلي ميمبرن جو ڪنوينشن سڏائي، ان ۾ لاهور واري ٺهراءُ کي بدلي هڪ حڪومت جي تجويز پاس ڪئي ويئي. اهو مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ طرفان ننڍن صوبن سان وعده خلافيءَ جو پهريون مثال هو.

(۲) جناح صاحب جو وقت بہ وقت قوم پرست ڪارڪنن کي دلاسو ڏيندو آيو ٿي تہ مسلمانن جي جداگانہ قوم جو نظريو جديد حالات مطابق غير موزون هو. هن هندو مستقل مفاد جي تسلط کان آزاد ٿيڻ لاءِ ان نظريي جي گفتگو ڪئي ٿي. پاڪستان جي قيام بعد هو وري ملڪي پرستيءَ جي گفتگو ڪندو. قيام پاڪستان بعد وعدي مطابق آئين ساز اسيمبليءَ جي پهرين نشست ۱۱ آگست ۱۹۴۷ع تي هن جيڪا تقرير ڪئي، ان ۾ مذهبي بنيادن تي ٻن قومن وارو نظريو رد ڪري، پاڪستانين کي گڏيل قوم بنجڻ جي تلقين ڪئي پر جنهن صورت ۾، ان کان پوءِ سندس حياتي ٿوري ٿي، پنجاب ۽ مهاجر مستقل مفاد جي مخالفت سبب سندس ان تجويز تي عمل ٿي نہ سگهيو. ان کان پوءِ سندس جاءِ نشين لياقت علي خان، مذهبي نظريہ قوميت جي هنين سببن ڪري حمايت ڪندو آيو:

(الف) هن کي سنڌ جي مکيہ شهرن ۽ ڪن ٻاهر جي حصن کي يو پي ۽ سي پي کان لڏائي آندل مهاجرن جي ڪالوني بنائڻ جو ارادو هو.

(ب) ان اسڪيم جي تڪميل لاءِ هن ٦ جنوري ١٩٤٨ع تي ڪراچيءَ ۾ سندس ماتهن ذريعي فساد ڪرايو. جنهن ڪري هندن جو وڏو تعداد پاڪستان ڇڏي پارت لڏي ويو. انهن جي جاين تي مهاجر اچڻ لڳا. ان ڦرلٽ ۾ جن پاڪستان سيڪريٽريٽ جي مسلمان ملازمن حصو ورتو هو، تن کي جڏهن ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ خانبهادر کهڙي وزيراعليٰ سنڌ ڇڏڻ کان انڪار ڪيو تہ ان تي هي هن جي خلاف ٿي پيو.

(ت) جڏهن ٻين صوبن هندستان مان وڏيڪ ايندڙ مهاجر وٺڻ کان انڪار ڪيو تہ بہ هن جي اشاري تي سمنڊ ۽ کوکرا پار رستي کان مهاجر اچڻ جو سلسلو جاري رهيو. ان تي جنهن وقت کهڙي صاحب بندش وجهڻ جو ارادو ڏيکاريو تہ هن جي ناراضگيءَ لاءِ ٻيو ڪارڻ بنيو.

(ث) لڏي ويل هندن جي ملڪيت تي سنڌي مسلمان پنهنجو حق سمجهي قبضو ڪيو هو ان تي لياقت علي خان زرعي زمين، گهرو جاين، دڪانن، ڪارخانن ۽ نوڪرين تي مهاجرن کي زوريءَ قبضي ڏيارڻ لاءِ حڪم ڪيا. کهڙي تي ان جي مخالفت جو مٿس ناراضگيءَ لاءِ لياقت علي خان کي ٽيو ڪارڻ هو.

(ج) ڪراچي شهر صوبہ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو، ان ۾ مرڪزي حڪومت کي عارضي طرح رهڻ لاءِ سنڌ سرڪار خرچ ڪري انتظام ڪيو هو. لياقت علي خان جي رٿا موجب ان کي مهاجر ڪالوني بنائڻ لاءِ کهڙي صاحب سهوليتون نہ ڏنيون، جنهن تي لياقت علي خان، جناح صاحب کي کهڙي خلاف ناراض ڪري وزارت مان ڪڍايو. ان کان پوءِ لياقت علي خان جي مرڪزي حڪومت هينيان غلط ڪم ڪيا.

(١) جناح صاحب جي انتقال بعد اسيمبلي ميمبرن جي مشوري کان سواءِ بينگال مان خواجہ ناظم الدين کي گهرائي گورنر جنرل ڪري رکيو ۽ سمورا حڪومت جا اختيار پنهنجي هٿ ۾ رکيا. جناح صاحب جي ڏينهن ۾ اختيار هن ئي هلايا.

(٢) مرڪزي حڪومت ۾ پنجاب جي اهم وزير غلام محمد خان کي ڪم طاقت.بنائي ان جي ڪڍڻ لاءِ رٿ رٿي.

(٣) کهڙي کي وزارت اعليٰ مان ڪڍي ان جي جاءِ تي پير الاهي بخش کي وزيراعليٰ بنايو. ان جي ڊسڪواليفاءِ ٿيڻ بعد يوسف هارون کي بنا ميمبر اسيمبلي هئڻ جي وزيراعليٰ نامزد ڪيو.

(۴) پنجاب ۾ نواب ممدوٽ کي وزارت اعليٰ تان هٽائي ميان ممتاز محمد دولتاني کي وزيراعليٰ ڪري رکيو. اهي سندس ڪنيل قدم جمهوري دستورن جي خلاف هئا. ان ڪري سندس اهڙي روش کان ناراض ٿي، ڪن پنجابي سياستدانن ۽ آفيسرن گڏجي ڪيس راولپنڊيءَ ۾ قتل ڪرايو.

ان جي قتل کان پوءِ خواجه ناظم الدين ساڳي قسم جي غلطي ڪري بنا مسلم ليگ جي مشوري جي پاڻ کي وزيراعظم مقرر ڪيو ۽ غلام محمد خان کي گورنر جنرل مقرر ڪرايو. لياقت علي خان جي دور حڪومت ۾ مرڪزي حڪومت جي پاليسي پرو مهاجر هئي. ان جي قتل بعد اهل پنجاب ۽ بينگال جي وچ ۾ مرڪزي حڪومت تي تسلط لاءِ چتاپيتي شروع ٿي.

لياقت علي خان جي نقش قدم تي هلندي خواجه صاحب مرڪز ۽ صوبن ۾ پنهنجو تسلط قائم ڪرڻ لاءِ هيٺيان قدم کنيا جي پنجاب جي ناراضگيءَ جو باعث بنيا:

مرڪزي مسلم ليگ جو صدر هئڻ ڪري صوبي ۾ پنهنجي اثر هيٺ گروهه ٺاهڻ شروع ڪيائين. سنڌ ۾ مير غلام علي گروه کي کهڙي تي ترجيح ڏنائين. پنجاب ۾ ممدوٽ گروه کي دولتاني تي وڌيڪ اهميت ڏني ويئي. اهڙي طرح بنگال ۽ سرحد ۾ پنهنجا گروهه ٺاهيائين. اهل پنجاب جو لياقت علي جي قتل کان پوءِ حوصلو مٿي ٿي ويو هو، تن ان روش کي پسند نه ڪيو ۽ دولتاني جي معرفت جو وزيراعليٰ هو، قاديانين جي خلاف فساد شروع ڪرايا. حالتون ان درجي تي پهتيون جو مارشل لا لڳائي دولتاني کي ڪڍي ان جي جاءِ تي سر فيروز خان نون کي وزير اعظم ڪري رکيو ويو. ان تي ڪيترن پنجاب جي آفيسرن ۽ سياستدانن يڪمشت ٿي غلام محمد خان کي پشت ڏئي خواجه ناظم الدين کي باوجود اسيمبليءَ ۾ اڪثريت هئڻ جي وزارت عظميٰ تان هٽائي ان جي جاءِ تي هڪ بينگالي محمد علي بوگرا کي جو امريڪا جو سفير هو گهرائي وزيراعظم ڪري رکيو. ان لاءِ نه مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ ۽ نه مسلم ليگ جماعت جو لحاظ ڪيو ويو جن مان هڪ جو ليڊر ۽ ٻي جو صدر هو. ٿوري وقت کان پوءِ وري ننڍن صوبن ۽ بينگالي ميمبرن گڏجي، گورنر جنرل جا اختيار گهٽ ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪيو ۽ آئين ٺاهي تيار ڪيو. جنهن تان هن ناراض ٿي فوج ۽ سول سروس عملدارن جي آڌار تي موربگو آئين ساز اسيمبليءَ کي ختم ڪري اختيار پنهنجي هٿ ۾ رکيا. آئين ساز اسيمبليءَ جي اسپيڪر مولوي تميزالدين سنڌ هاءِ

ڪورٽ ۾ گورنر جنرل جي انهي ئي قانوني قدم خلاف رٽ داخل ڪئي. جنهن متفق راءِ ججن گورنر جنرل جي انهي قدم کي غير قانوني نهرايو. ان تي گورنر جنرل سپريم ڪورٽ کي اپيل ڪئي، جنهن جو چيف جج پنجابي هو، ان گورنر جنرل جي حڪم کي بحال ڪيو. ان وقت ڏاري غلام محمد خان بيمار ٿي پيو، تنهن ڪري ان جي جاءِ تي سڪندر مرزا کي گورنر جنرل ۽ چوڌري محمد عليءَ کي وزيراعظم ڪيو ويو.

ان ساري عرصي ۾ پاڪستان جي سياست سازشن جو شڪار ٿيندي رهي. مرڪزي حڪومت ۾ هيٺيان وزيراعظم مقرر ٿيا ۽ نڪتا:

خواجه ناظم الدين کان پوءِ محمد علي بوگرا، محمد اسماعيل چندريگر، محمد علي چوڌري، حسين شهيد سهروردي ۽ سر فيروز خان نون، جنهن کان پوءِ مارشل لا لڳائي صدر جو راڄ قائم ڪيو ويو.

ان سموري ڪارگذاري ۾ نه اسيمبلي پارٽين کي دخل هو نه مسلم ليگ جماعت جي منظوري هئي. اهي سڀ تبديليون سول سورس ۽ ملٽريءَ جي سازباز ڪري عمل ۾ آيون.

٨ آڪٽوبر ١٩٥٨ع تي نين چونڊن کان بچڻ لاءِ انهي جنتا سڪندر مرزا کي صدر نامزد ڪيو ۽ ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪيو.

وري ٢٧ آڪٽوبر ١٩٥٨ع تي ئي سازش هيٺ فوج جي ڪمانڊر ان چيف جنرل محمد ايوب خان کي سڪندر مرزا جي جاءِ تي صدر نامزد ڪري سڪندر مرزا کي ملڪ بدر ڪري انگلينڊ موڪليو ويو. جنهن کي ڏهن سالن تائين اقتدار ۾ رکي، ان کان پوءِ ان جي افاديت کي گهٽجندو ڏسي عوامي مخالفت جو وجهه وٺي ان کان استعيفا ڏياري سندس جاءِ تي جنرل يحيٰ خان کي صدر ڪري رکيو. جنهن کي اڍائي سال ٿيا آهن ته مارشل لا هيٺ حڪومت هلائي رهيو آهي.

ان سول سروس ۽ ملٽري جنتا جن جو يحيٰ خان نمائندو آهي، عوام کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ دلاسو ڏنو ته چونڊون ڪرائي اقتدار جي واڳ عوام جي نمائندن جي هٿ ۾ ڏني ويندي. هنن کي توقع هئي ته ڪابه پارٽي مڪمل اڪثريت حاصل نه ڪندي، جنهن ڪري پارٽين کي ويڙهائي وري به حڪومت ڪندا رهندا.

ليڪن سندن توقع جي خلاف عوامي ليگ کي مڪمل اڪثريت حاصل ٿي، جيئن ته ان جنتا کي طاقت هٿن مان ڇڏڻ جو ارادو ڪونه هو،

تنهن ڪري هنن مسٽر ڀٽي ڪان، جو سندن دور حڪومت جو پرورده ۽ تربيت يافته هو چواريو ته ڪيس حڪومت ۾ شريڪ نه ڪيو ويندو ته هو بغاوت ڪندو ان جو وجهه وٺي صدر آئين ساز اسيمبليءَ جي ڪوٺائڻ واري تاريخ مهمل ڪري ڇڏي. اڀرندي پاڪستان ۾ ڪن ماڻهن ڪي هشي ڏئي آزاد بينگال جو نعرو هڻائي اڀرندي بينگال ڏي لشڪر موڪلڻ شروع ڪيو. ان وچ ۾ ۱۳ فيبروري ۱۹۷۱ع ڌاري هنن فيصلو ڪيو ته اقتدار جون واڳون هٿن مان نه ڇڏيندا. پوءِ نالي خاطر دنيا کي دوکي ڏيڻ لاءِ صدر صاحب ڀٽي کي ساڻ ڪري مارچ جي ٽئين هفتي ۾ اڀرندي بينگال ڏي ويو. اتي مختلف عذرن جي آڌار تي فيصلي کي اينگهائيندو ويو. جڏهن ملٽري عملدارن طرفان کيس يقين ڏياريو ويو ته هاڻ هو حملي ڪرڻ جي طاقت ۾ هئا ته يڪدم عوامي ليگ کي غير قانوني جماعت ٺهرائي، بينگالين کي نابود ڪرڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو. ان جي نتيجي ۾ هن وقت تائين ڏهه لک بينگالي قتل ڪيا ويا آهن ۽ هڪ ڪروڙ بينگالين کي مجبور ڪيو ويو آهي ته ملڪ ڇڏي وڃي پارت ۾ پناهه وٺن. ڳوٺن کي ساڙيو ويو آهي، ملڪيتون لٽيون ويون، عورتن جي بي عزتي ڪئي ويئي آهي. ملڪ کي اڻڪل ڏهن اربن جو نقصان پهچايو ويو آهي، جنهن تي بينگالين تنگ ٿي آزاد بنگلاديش جي گهر ڪئي آهي ۽ هو پنهنجي آزاديءَ لاءِ سر هٿ تي رکي لڙي رهيا آهن.

هيڏانهن هي ملٽري جنتا ايڏي ظلم ۽ غارت جي باوجود اسلام، نظريه پاڪستان جي نالي ۾ انهن کي زوريءَ غلام رکڻ لاءِ هر طرح جي ڪوشش ۾ مشغول آهي. هنن جو چوڻ آهي ته بينگالين بغاوت ڪئي آهي تنهن ڪري انهن کي ختم ڪرڻ سندن فرض هو. پر الهندي پاڪستان ۾ ته صلح صلاحيت هئي، جتي وڏي پارٽي مسٽر ڀٽي جي هئي جو سندن حامي ۽ صلاحڪار هو. ليڪن جنهن صورت ۾ اصل ۾ ڪين طاقت هٿ مان ڇڏڻ جو ڪوبه خيال نه هو تنهن ڪري ان کي به ٺلها دلاسا ڏئي اقتدار جون واڳون عوامي نمائندن کي ڏيڻ کان ٽرڪايو وينا آهن.

ٻي طرف چند پنجابي اقتدار جا حامي گروه جهڙوڪ مسلم ليگ جا ٽيئي گروه، جماعت اسلامي، مولوي صاحبان، نام نهاد جمهوري پارٽي وغيره کي متحد ڪرڻ ۾ ڪوشان آهن. جن کان پاڪستان جي يڪ جهتي ۽ استحڪام جي نالي ۾ بيان ڏياري رهيا آهن ته حالتن درست ٿيڻ تائين اقتدار منتقل نه ڪيو وڃي ۽ مارشل لا قائم رهي.

جڏهن دنيا جي عام راءِ طرفان انهي قتل ۽ غارت خلاف آواز اٿاريو ويجي ٿــو تہ انهن کي جواب ڏنو ويجي ٿــو تہ هي سندن ملڪ جو اندروني معاملو آهي، تنهن ڪري ٻاهرين کي ان ۾ دست اندازي ڪرڻ جو ڪوبہ حق نہ آهي.

انهن ڪان ڪو هيٺيان سوال پڇي تہ جواب ڪهڙو ٿا ڏين.

**سوال ١:** جيڪڏهن ڪو ماڻهو چريو ٿي گهر جي ڀاتين کي قتل ڪرڻ چاهي يا گهر کي باهہ ڏئي ساڙڻ چاهي تہ ۽ گهر جا ڀاتي دانهون ڪن ٿا تہ ان وقت حڪومت يا پاڙي وارا جيڪڏهن هنن جي بچاءُ لاءِ مدد ڪن تہ اها گهر جي اندروني معاملن ۾ دست اندازي سڏبي ڇا؟

**سوال ٢ :** جيڪڏهن ڪو آمر گروه عام ماڻهن جا حق سلب ڪري، زوريءَ مٿن تسلط ڄمائي ملڪ جا سمورا ذريعا پنهنجي ڪتب آڻڻ چاهي تہ ۽ عوام پنهنجي حقن جي حفاظت لاءِ مقابلو ڪن تہ اهو جائز سمجهبو يا نہ؟

**سوال ٣ :** قوميت جو تخيل اقوام متحده ڪهڙو مقرر ڪيو آهي؟ پاڪستان ۾ رهندڙ پنج قومون ان تخيل مطابق جدا پنج قومون آهن يا نہ؟

جي ها تہ هڪ زبردست قوم جا مستقل مفاد ٻين قومن کي زبردستيءَ غلام رکن تہ ان کي سامراج سڏبو يا نہ؟

اقوام متحده جي فرائض ۾ سامراج کي ختم ڪرائڻ داخل آهي يا نہ؟

اڄ اها مصيبت بينگال تي آندي اٿن، سڀان سنڌ، بلوچستان ۽ پختونن تي آڻيندا.

اسلام، مسلم قوم ۽ پاڪستان جي نالي ۾ ڪيترو وقت مٿي ذڪر ڪيل قومون انهي مستقل مفاد جي دوکي، ظلم ۽ تشدد جو شڪار ٿيڻ قبوليندي رهنديون؟

اهو تہ جملي پاڪستان جي سرسري حالتن جو ذڪر ڪيو اٿم، هاڻ اڄو تہ بينگال ۽ الهندي پاڪستان ۾ ننڍن صوبن سان انهيءَ مهاجر پنجابي مستقل مفاد ڪهڙو ظلم ڪيو آهي، ان تي نظر ڪريون.

## صوبہ سنڌ سان ٿيل ظلمن جو مختصر احوال:

(الف) سنڌ ۾ ڪثير تعداد مهاجر آڻي سنڌين جا حق ماري هندن جون سموريون ڇڏيل ملڪيتون جهڙوڪ : زمينون، گهر، دڪان، ڪارخانا

کين ڏنا ويا ۽ نوڪرين ۾ سنڌين جي مقابلي ۾ ترجيح ڏئي هنن کي رکيو ويو ٿي.

(ب) سنڌي بي زمين هارين ۽ زميندارن جا حق ماري مکي ڍنڍ، ڪوٽڙي براج ۽ گڊو براج تي سرڪاري خرچ سان زمينون درست ڪرائي پنجابي آبادگار، ملٽري ۽ سول سروس وارن کي ڏنيون ويون.

(ت) سنڌ جي سياست کي مذڪوره بالا مستقل مفاد جي نفعي خاطر وقت بہ وقت بنا سبب جي سنڌي نمائندن جي راءِ کان سواءِ جمهوري اصولن جي خلاف ردوبدل ڪيو ويو، جهڙي طرح کهڙي کي وزارت اعليٰ تان هٽائي پير الاهي بخش کي نامزد ڪيو ويو. پير جي ڊسڪواليفاءِ ٿيڻ بعد سندس جاءِ تي قاضي فضل الله کي رکيو ويو، ان کان پوءِ کهڙي کي هيسائي مطيع ڪري دوباره وزارت ۾ آندو ويو. نيٺ هڪ پنجابي گورنر مسٽر دين محمد ذريعي سنڌي وزيرن کي پاڻ ۾ ويڙهائي، سنڌ تي گورنري راڄ قائم ڪري پنجابين کي ڪالونائيز ڪرڻ شروع ڪيو ويو.

(ث) ١٩٥٣ع جي چونڊن بعد سنڌ وزارت تي مسٽر عبدالستار پيرزادي کي مرڪزي وزارت ڇڏائي بنا ميمبر هئڻ جي سنڌ جو وزيراعليٰ نامزد ڪيو ويو.

(ج) پوءِ جنهن وقت پيرزاده وزارت تڪليف هيٺ آئي تہ ڪيس بارنهن وزير رکڻ جي اجازت ڏئي مشڪل مان ڪڍيو ويو.

(چ) بعد ۾ جڏهن مسٽر پيرزادي ون يونٽ ٺاهڻ ۾ مدد ڪرڻ کان انڪار ڪيو تہ سندس وزارت کي اڪثريت هئڻ جي باوجود سنڌي ميمبرن جي راءِ خلاف ڊسمس ڪري، کهڙي کان ون يونٽ جي فائدي ۾ ٺهراءُ پاس ڪرائڻ جو واعدو وٺي ڪيس باوجود ڇهن سالن تائين پروڊا هيٺ سياست مان خارج هئڻ جي ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر بہ نہ هئڻ جي وزيراعليٰ ڪري رکيو ويو.

ان کي ايس پي آر ۽ پوليس جي مدد ڏئي سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي جيلن ۾ موڪلي، ڊيڄاري زوريءَ ون يونٽ ۾ شامل ٿيڻ جو ٺهراءُ پاس ڪرايو ويو.

(خ) ون يونٽ ٺهڻ وقت سنڌ سرڪار جي ٣٣ ڪروڙ بچت کي گڏيل صوبي جي خزاني ۾ داخل ڪيو ويو ۽ پنجاب سرڪار جا هڪ سئو ڪروڙ قرض نئين صوبي کي ڀرڻا پيا.

(د) سيني صوبن کي گڏي مغربي پاڪستان جي صوبي ٺاهڻ کان پوءِ آهستي آهستي ڪري منظم منصوبي هيٺ سنڌ جي زمين، ڪارخانن، واپار ۽ نوڪرين تي غير سنڌين کي مسلط ڪرڻ شروع ڪيو ويو.

(ذ) سنڌ جي ڪارخانن، روڊ، ٽرانسپورٽ، زرعي کاتي، اليڪٽرسٽي وغيره مکيه کاتن کي W.P.I.D.C+R.T.G.+A.D.C.+W.A.P.D.A.+P.I.C.I.C. نالن وارن ادارن جي ماتحت آڻي انهن جي واڳ غير سنڌي عملدارن جي هٿن ۾ ڏئي سنڌين کي انهن جي فائدي کان محروم ڪيو ويو.

(ر) سنڌين کي زوريءَ اردو پڙهائڻ جا حڪم ڪيائون پر ساڳي وقت سنڌ ۾ نون آيلن لاءِ سنڌي سکڻ لازمي نه ٺهرايو ويو. ڪراچي يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ کي ختم ڪيو ويو. انگريزي دور حڪومت ۾ ٻاهران ايندڙ سرڪاري نوڪرن لاءِ ڇهن مهينن اندر سنڌي سکڻ لازمي هئي. هاڻ ان جو دستور ڪڍيو ويو.

(ز) ڪراچي شهر مان سنڌي تهذيب ۽ گذشته تواريخ کي مٽائڻ خاطر قديم نالا مٽائي، نوان غير سنڌي نالا رکيا ويا.

(س) سنڌ جي ريلوي اسٽيشنن جا نالا سنڌيءَ جي عيوض اردو ۾ لکايا ويا، جنهن ڪري اهي مضحڪه خيز ٿي پيا. اردو صورتخطي ۾ ٢٦ اکر آهن ۽ سنڌيءَ ۾ ٥٢ اکر هئا ان ڪري ڪن لفظن جون معنائون بدلجي ٿي ويون.

(ش) ١٩٤٥ع ۾ سنڌ ۽ پنجاب صوبن جي وچ ۾ سنڌونديءَ ۽ ان جي مددگار ندين جي پاڻيءَ جي ورهاست لاءِ هڪ عهدنامو ڪيل هو. ان جي پيڪڙي ڪري، منظم منصوبي هيٺ سنڌ کي ملندڙ حصي پاڻي کان محروم ڪري ان جي آباديءَ کي تباهه ڪرڻ جي سازش سٽي ويئي.

(ص) ٻاهرين ملڪن کان مليل ايڊ ۽ قرضن جو وڏو حصو پنجاب ۾ خرچ ڪيو ويو آهي.

(ض) سنڌ مان وصول ٿيندڙ مکيه ٽيڪسن جهڙوڪ ڪراچيءَ جي بندر تان وصول ٿيندڙ ڪسٽمس، انڪم ٽيڪس، سيلز ٽيڪس، ايڪسائيز ڊيوٽي جا قريبن پنج سئو ڪروڙ روپين کان به مٿي ٿئي ٿي، ان کي مذڪوره بالا مستقل مفاد جي فائدي لاءِ ڪتب آڻي سنڌ کي ان مان محروم ڪيو ويو آهي.

(ط) مرڪزي حڪومت جي نوڪرين ۾ سنڌ کي قريباً نہ جهڙو حصو ڏنو ويو آهي.

(ظ) سنڌ جي قوم پرستن کي سنڌي مفاد لاءِ آواز اٿارڻ ڪري وقت بوقت سزائون ڏئي تنگ ڪيو ويو آهي.

## مثال

(١) مرحوم حيدر بخش جتوئيءَ جا ڪتاب ضبط ڪيا ويا، ان کي جيل ۾ موڪليو ويو. هڪ دفعي سنڌ جي تعريف ۾ قصيدو لکڻ ڪري، قصيدي کي ضبط ڪيو ويو ۽ لکندڙ کي سزا ڏني ويئي.

(٢) قاضي فيض محمد، غلام محمد لغاري ۽ ٻين قومي ڪارڪنن کي سنڌ لاءِ آواز اٿارڻ سبب جيلن ۾ موڪليو ويو.

(٣) سنڌ جي قومي شاعر شيخ اياز جا ڪتاب ۽ نظم ضبط ڪيا ويا ۽ شاعر کي جيل ۾ موڪليو ويو. ٻي طرف انگريزن جي پوئلڳ، فسطائي خيال ۽ رجعت پسند شاعر علامہ اقبال کي حڪيم الامت سڏي ان جي نالي اڪيڊمي کولي ويئي. شيخ اياز جو ڏوهہ اهو آهي تہ هو آزاد خيال، قوم پرست ۽ ترقي پسند شاعر آهي.

(۴) مون کي سنڌ جي محبت ڪري هيٺيون سزائون ڏنيون ويون آهن:

(الف) ١٩۴٨ع ۾ ڪراچي مرڪز جي حوالي ڪرڻ وقت آواز ڪڍڻ کان روڪڻ لاءِ ٽي مهينا نظربند ڪيو ويو.

(ب) وري ١٩۵۴ع ۾ ون يونٽ جي قيام وقت مخالفت ڪي گهٽڻ خاطر جيل ۾ موڪليو ويو.

(ت) ١٩۵٨ع جي مارشل لا ملڪ سان لاڳو ڪرڻ بعد مونکي ڏهن سالن جي عرصي تائين ڪجهہ وقت جيل ۾ باقي وقت نظربنديءَ ۾ رکيو ويو. ڏوهہ ون يونٽ جي مخالفت هئي.

(ث) هاڻ وري مئي ١٩٧١ع کان ٻي حڪم تائين مونکي گهر ۾ نظربند ڪري پوليس جي پهري هيٺ رکيو ويو آهي. مون تي ڪڏهين بہ ڪيس ڪونہ هلايو ويو آهي. ١٢ سال جيل يا نظربندي، سيڪيورٽي يا مارشل قانون هيٺ ڪئي ويئي آهي.

اهي سنڌ سان پاڪستان جي قيام بعد ٿيل ظلمن جا چند حوالا آهن. سموري احوال لاءِ جدا ڪتاب لکجي سگهي ٿو.

## بلوچستان سان ٿيل ظلمن جو احوال :

(الف) ان جي اڪثر نوڪرين، واپار، ڪارخانن ۽ ڪاٺين تي غير ملڪي ماڻهن کي مسلط ڪيو ويو آهي.

(ب) هنن جي قوم پرست سياسي ليڊرن ۽ ڪارڪنن کي جيلن ۾ وڌو ويو، سندن ڳوٺن تي بمباري ڪئي ويئي، گهر ساڙيا ويا، ڪن کي ڦاسيون ڏنيون ويون.

(ت) ١٩٣٠ع کان وٺي مسلم ليگ ۽ ٻيون سياسي جماعتون بلوچستان کي ٻين صوبن جهڙا آئيني سڌارا ڏيڻ لاءِ گهر ڪنديون آيون. پاڪستان جي قيام بعد اميد هئي ته ان ۾ جمهوري حڪومت قائم ڪئي ويندي پر ائين نه ڪيو ويو.

پاڪستاني حاڪم انگريزن جي نقش قدم تي هلندي ان کي جمهوريت کان اڃا تائين محروم رکندا پيا اچن.

(ث) صوبي جي رهاڪن جي گهر آهي ته ڪين تعليم مادري زبانن،بلوچي، پشتو، بروهي ۾ ڏني وڃي پر ائين نه ڪيو ويو، انهن مٿان اردوءَ کي زوريءَ مسلط ڪيو ويو آهي، انهن مٿان اردوءَ کي زوريءَ مسلط ڪيو ويو آهي، صوبي جي دفتري زبان به اردو آهي.

(ج) ساري صوبي ۾ غير ملڪي عملدارن ذريعي حڪومت هلائي وڃي ٿي.

(ح) صوبه جي آبپاشي، رستن، تعليم، ڪارخانن، ڪاٺين، صحت ۽ ٻين تعميري ڪمن لاءِ ڪو خاطر خواه قدم نه کنيو ويو آهي.

(خ) هن جي گوادر، پسني بندرگاهن جي ترقي ۽ تعمير لاءِ ڪوبه قدم نه کنيو ويو آهي.

(د) بلوچن ۽ پٺاڻن جي تعلقاتن کي هڪ طرف خراب ڪيو وڃي ٿو ٻي طرف بلوچ قبيلن جي اختلافن کي وڌايو وڃي ٿو.

(ڌ) صوبي ۾ فرنٽيئر ريگيوليشن ۽ جرگن ذريعي حڪومت هلائي وڃي ٿي.

اهي آهن بلوچن سان ٿيل تڪليفن جا مختصر مثال، تفصيل سان لکڻ لاءِ علحده ڪتاب کپي.

## پختونستان سان ٿيل ظلمن جو مختصر احوال

(١) قيام پاڪستان کان اڳ صوبه سرحد ۾ ڪانگريس وزارت

اقتدار ۾ هئي. ليڪن انگريز بيورو ڪريسيءَ ڪي ڪانگريس خلاف جنگ دوران سول نافرماني ڪرڻ ڪري دشمني پيدا ٿي پيئي هئي، جن منظم سازش ذريعي صوبہ سرحد ۾ لکها روپيا خرچي، سرحد جي لالچي ملڪن ۽ خانن کي خريد ڪري ڪانگريس خلاف ڪـڙو ڪيو. جڏهن ڪانگريس وزارت گهر ڪئي تہ ڪين پاڪستان جي عيوض هندوستان ۾ شامل ڪيو وڃي تہ مسلم ليگ عام راءِ معلوم ڪرڻ جي گهر ڪئي.

سرحدي ڪانگريس گهر ڪئي تہ جنهن صورت ۾ مسلم ليگ مذهب جي نالي ۾ ان مسئلي کي ڪفر ۽ اسلام جي جنگ بنائي ڇڏيو آهي، ان ڪري عام راءِ ٽن سوالن تي وٺائي وڃي.

(١) صوبہ سرحد کي پاڪستان ۾ شامل ڪجي يا

(٢) صوبہ سرحد کي هندستان ۾ شامل ڪجي يا

(٣) صوبہ سرحد ۾ آزاد پختونستان جي حڪومت ٺاهي وڃي.

ليڪن انگريزن پوئين تجويز نہ مڃي ۽ عام راءِ صرف مٿين ٻن سوالن تي وٺائي.

جنهن جو ڪانگريس بائيڪاٽ ڪيو. مسلم ليگ عملدارن جي مدد سان ڪوڙا ووٽ ڏياري اڌ ڪان مٿي ووٽ پاڪستان جي فائدي ۾ ڏياريا.

اها پختونن سان انگريزن ۽ مسلم ليگين، مرضيءَ خلاف پهرين دغا ڪئي.

(٢) پاڪستان جي قيام کان پوءِ ڊاڪٽر خانصاحب جي ڪانگريسي وزارت کي ڊسمس ڪري خان عبدالقيوم کي حڪومت جي واڳ هٿن ۾ ڏني ويئي جو اڳي ڪانگريسي ڪارڪن هو پر لالچ ۽ شخصي اختلافن ڪري وڃي ليگ ۾ شامل ٿيو هو.

ان جي معرفت سرخ پوش ڪارڪنن کي جيلن ۾ وجهي طرح طرح جا ظلم ڪري، قتل عام ذريعي تحريڪ کي دٻايو ويو. اهي سڀ ڪم جناح صاحب ۽ لياقت علي خان جي دور حڪومت ۾ سرزد ٿيا.

(٣) سرخ پوش تحريڪ کي بي قانوني جماعت ٺهرائي، خان عبدالغفار خان ۽ سندس ساٿين کي ڪثير عرصي تائين جيل ۾ رکيو ويو، جنهن ڪري هن لاچار ٿي وڃي افغانستان ۾ سڪونت اختيار ڪئي آهي. تعجب هن ڳالهہ تي آهي تہ خان عبدالغفار خان جهڙو خدا ترس، ملڪ جي

آزاديءَ لاءِ جيل ۾ سختيون سهندڙ، پرهيزگار، ايماندار، خادم قوم کي غدار قوم سڏي ملڪ بدر ٿيڻ لاءِ مجبور ڪجي، انگريزن جا دلال ۽ نمڪ خوار، بدڪردار، جمهوريت جا دشمن، غاصب، اسلام جو نالو وٺي پاڪستان تي تسلط قائم ڪيو، عوام کي پيڙيندا رهن ٿا.

چا پاڪستان جو حصول انهيءَ مقصد لاءِ ڪيو ويو هو؟

(۴) ۱۹۵۴ع جي آخر ۾ ڊاڪٽر خان صاحب مرحوم کي برغلائي ون يونٽ جو حامي ڪري الهندي پاڪستان صوبي جو وزيراعليٰ ڪري رکيو ويو. ان جي افاديت گهٽ ٿيندي ڏسي ان کي وزارت تان هٽائي قتل ڪرايو ويو.

(۵) پختونن سان وڏو ظلم هي ٿيل آهي ته هنن جي آباديءَ کي ڇئن ٽڪرن ۾ ورهايو ويو آهي. اها ورهاست انگريزن هنن کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڪئي هئي، ليڪن پاڪستان ۾ ان جي نامزد ٿيل حڪومت به ساڻن ساڳيو رويو اختيار ڪيو.

- انهن جو هڪ حصو صوبه سرحد جي سيٽلڊ ايريا ۾ داخل آهي.
- انهن جو ٻيو حصو رياستن ۾ ورهايل آهي.
- انهن جو ٽيون حصو قبائلي ايراضيءَ ۾ داخل آهي.
- انهن جو چوٿون حصو بلوچستان ۾ داخل آهي.

ملڪ جي گهٽي پاڃي سان سرحدي قانون لاڳو ڪيل آهن، ڪيترن ٽڪرن ۾ سڌو چونڊ جو دستور آهي. سرڪار طرفان نامزد ڪيل جرگن جا ميمبر اسيمبلين ۾ نمائندا چونڊي موڪلين ٿا. خانن ۽ ملڪن کي لکها روپيه ساليانو وظيفو ڏئي حڪومت جو حامي بنايو ويو آهي، جنهن ڪري ڪيترا سياستدان لالچ جي آڌار تي خريد ٿي پنجاب سامراج جي ايجنٽ طور ڪم ڪن ٿا. اهي مختصر ڳالهيون آهن جي سرحد جي پٺاڻن بابت پيش ڪري سگهيو آهيان. سمورو داستان لکڻ هن ڪتاب جي دائري کان ٻاهر آهي.

## ٻينگالين سان ٿيل ظلمن جو احوال:

بنگلاديش جي صحيح حالات معلوم ڪرڻ لاءِ بهتر ٿيندو ته ان جي تاريخي پس منظر تي نظر ڪجي.

(۱) انگريز بينگال ۾ ۱۷ صديءَ ۾ واپار لاءِ آيا ۽ ۱۷۵۷ع ۾ پلاسيءَ جي لڙائي بعد ان تي قابض ٿي ويا. پنجاب ۹۰ سالن کان پوءِ ۱۸۴۷ع ۾ سندن قبضي هيٺ آيو. تفاوت ٻنهي ملڪن ۾ اهو آهي ته بينگال

جي حڪومت انگريزن مسلمان حاڪمن کان ورتي. پنجاب جي حڪومت سک حڪومت کان فتح ڪئي. ان ڪري بينگالين مغربي تعليم ۽ سياست ۾ گهڻو اڳي حصو وٺڻ شروع ڪيو. اهو ئي ڪارڻ هو تہ ١٧٥٧ع جي جنگ آزاديءَ ۾ بينگال جي هندو مسلمانن انگريزن جي مخالفت ڪئي ۽ پنجاب جي سک ۽ مسلمانن انگريزن جي مدد ڪئي.

عوام جي سماجي ۽ مذهبي سڌاري جي شروعات بينگال مان ٿي. جنهن ۾ راجا رام موهن راءِ، ڪيشپ چندر سين، رابيندر ناٿ ٽئگور خاص بهرو ورتو. قومي آزاديءَ جي تحريڪ جي شروعات بہ اتان ٿي. انهيءَ سبب ڪري هندن ۽ مسلمانن ۾ نفاق وجهڻ جي ارادي سان انگريزن بينگال کي ورهائي بہ ٽڪر ڪيو. جنهن ۾ مٿاهين طبقي جي مسلمانن کي دلاسو ڏنو ويو تہ اها ورهاست سندن فائدي لاءِ ڪئي وڃي ٿي. پر ساري بينگال طرفان مخالفت ٿيڻ ڪري ان کي ڇهن سالن بعد مجبور ٿي رد ڪيائون ۽ بينگال وري متحد ٿيو.

(٢) بينگال مان اوڻيهين ۽ ويهين صديءَ ۾ ڪيئي سياستدان پيدا ٿيا. جهڙوڪ سريندرا ناٿ بئنرجي، سي آر داس، سين گپتا، آزاد سجائي، سباش چندر بوس، اربندو گهوش، مولوي فضل الحق، حسين شهيد سهروردي وغيره.

(٣) بينگال ڪيترائي مکيہ شاعر پيدا ڪيا جن مان رابندراناٿ ٽئگور ۽ قاضي نذرالاسلام جا نالا مشهور معروف آهن.

(۴) بينگال جا اڪثر سياستدان قوم پرست هئا. ان ڪري فرقہ پرست مسلم ليگي سياستدانن کين نہ سَنو. جناح صاحب مولوي فضل الحق جي مخالفت ڪئي. لياقت علي خان حسين شهيد سهرورديءَ جي مَخالفت ڪري آئين ساز اسيمبليءَ مان خارج ڪرايو. باوجود ان جي جو هو چوندا يل بہ بينگالي ڪوتا مان هو.

(۵) بينگالين جي پاڪستان ۾ اڪثريت هئي، باوجود ان جي انهن جا هر ڳالهہ ۾ حق ماريا ويا. واپار، ڪارخانن، نوڪرين ۾ بينگالين جا حق ماري مهاجر پنجابي مستقل مفاد کي ورهايو ويو آهي. مرڪزي حڪومت ۾ باوجود هنن جي آبادي ٥٦ سيڪڙو هئڻ جي ٢٠ سيڪڙو نوڪريون مس کين مليل هيون. سڻي ۽ چانهہ جي روانگيءَ مان جيڪا ٦٠ سيڪڙو پيدائش ٿئي ٿي ان جو فائدو پنجابين ۽ مهاجرن کي پهچي ٿو.

(٦) مرڪزي حڪومت ۾ پهريائين گورنر جنرل جناح صاحب ۽ وزيراعظم لياقت علي خان ٻئي مهاجر هئا. جناح صاحب جي انتقال بعد گورنر جنرل خواجه ناظم الدين بينگاليءَ کي مقرر ڪيو ويو پر حڪومت جون واڳون لياقت علي خان جي هٿ ۾ رهيون. هي نالي جو آئيني گورنر جنرل طور رهندو آيو.

(٧) لياقت علي خان جي قتل کان پوءِ خواجه ناظم الدين وزيراعظم جا وسيع اختيار ڏسندي پاڻ اها جاءِ والاري ۽ پنجاب کي، گورنر جنرل جي جاءِ تي غلام محمد خان کي مقرر ڪري رضامند ڪرڻ لڳو پر اهل پنجاب جو سول سروس ۽ ملٽري ٽولو مڪمل اقتدار کان سواءِ رضامند ٿيڻ وارو ڪونه هو. ان ڪري ٿوري وقت کان پوءِ غلام محمد خان خواجه صاحب کي وزارت عظمىٰ تان ڊسمس ڪري، پنهنجو هٿ ٺوڪيو وزيراعظم محمد علي بوگرا هڪ بينگاليءَ کي مقرر ڪيو جنهن کي به بعد ۾ ڪڍي ڇڏيائين.

(٨) وري اهل بينگال کي رضامند ڪرڻ لاءِ ڪجهه وقت لاءِ حسين شهيد سهرورديءَ کي وزيراعظم ڪيو ويو پر باوجود هن جي انهي ڪوشش جي ون يونٽ جي سوال تي پنجابين کي ناراض نه ڪري. هن کي ٿوري وقت کان پوءِ وزارت تان لاٿو ويو ۽ سندس جاءِ تي سر فيروز خان نون هڪ پنجابيءَ کي وزيراعظم مقرر ڪيو ويو.

(٩) ١٩٥٨ع جي آخر ۾ انهي ٽولي ٽين چونڊن بعد اقتدار عوامي نمائندن جي هٿ ۾ اچڻ جي خوف کان ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪري، بينگال جي ٻن مکيه ليڊرن هر هڪ حسين شهيد سهرورديءَ کي ايبڊو هيٺ سياست کان خارج ڪيو ۽ شيخ معجيب الرحمان تي بغاوت جو ڪيس هلارايو.

(١٠) پاڪستان ۾ جڏهن ٢٢ سالن بعد پهريون دفعو چونڊون ٿيون ۽ اهل بينگال عوامي ليگ کي آئين ساز اسيمبليءَ ۾ شيخ مجيب الرحمان جي ليڊر شپ هيٺ مڪمل اڪثريت ڏياري ته انهيءَ مهاجر پنجابي سامراجي ٽولي شيخ صاحب کي جيل ۾ موڪلي مٿس ڪيس هلايو ۽ ڏهه لک بينگالين کي قتل ڪيو ۽ هڪ ڪروڙ بينگالين کي جلاوطن ٿيڻ تي مجبور ڪيو آهي.

(١١) اها ڳالهه به سراسر دوکو آهي ته عوامي ليگ جي پاڪستان کان علحده ٿي آزاد بنگلاديش قائم ڪرڻ جو ڪو ارادو هو. حقيقت هيءَ آهي ته ملٽري جنتا ١٢ فيبروري ١٩٧١ع ڌاري اقتدار هٿ مان نه ڇڏڻ جو

هي مسئلو پاڪستان جو اندروني مسئلو نہ آهي، هيٺين دليلن جي بنا تي:

(الف) هتي اڪثريت تي اقليت زوريءَ قبضو ڪيو ويٺي آهي جا ڳالهہ جمهوري اصولن جي خلاف آهي. ڏکڻ افريڪا، روڊيشيا ۽ پورچوگال ڪالونين هيٺ آيل ملڪن کي اقوام متحده ناجائز تسلط قرار ڏئي دست اندازي ڪري رهي آهي. هن مهاجر پنجاب سامراج خلاف بغاوت کي قوم پرست آزادي ۽ جمهوريت جي بحاليءَ جي جنگ تصور تا ڪن.

(ب) بينگال ۾ انهيءَ ظالم گروه طرفان ڦرلٽ، خونريزي، آبرو ريزي کي جملي مظلوم صوبن جي جنگ جي مترادف ٿا سمجهن. هو سمجهن ٿا تہ اڄ اها حالت بينگالين سان ٿي آهي، سڀان سائن ٿيندي.

(ت) قوم پرستن جو چوڻ آهي تہ لاهور ٺهراءُ واري عهدنامي جي ڀڃڪڙي ڪري مذڪور بالا سامراج ٽولو سائن ظلم ڪري رهيو آهي. ان حالت ۾ قومن جي حق خوداراديءَ جي اصول تي ڪين جدوجهد ڪرڻ جو حق آهي ۽ اقوام متحده ڪان هڪ سامراجي ٽولي جي ظلم ۽ تشدد ڪان آزاديءَ جي گهر ڪرڻ جو بہ حق آهي.

(ث) متي ذڪر ڪيل دليلن جي بنياد تي هي اندروني مسئلو نہ آهي پر بين الاقوامي مسئلي جي حيثيت رکي ٿو. ان ڪري دنيا جي جمهوريت پسند ۽ مهذب قومن جو فرض آهي تہ هو سندن مدد ڪن.

(٣) ٽيو دليل اهو ٿو ڏنو وڃي تہ هي سوال هندستان جو پيدا ڪيل آهي، اها ڳالهہ بہ غلط آهي. هي فيصلو پاڪستان جي اڪثريت طرفان چونڊن ذريعي ٿيل آهي.

(الف) ڇا چونڊون هندستان وارن ڪرايون هيون؟

(ب) ڇا بينگال ۾ عوامي ليگ کي اڪثريت انهن جي آڌار تي حاصل ٿي هئي؟

(ت) ڇا هڪ ڪروڙ ماڻهو ڀارت ۾ خوشيءَ سان ويا هئا؟

(ث) ڇا اڍائي ڪروڙ روپيہ روزانو خرچ ڪرڻ جي ڀارت وارن کي سڌ آهي؟

(ج) ڇا پاڪستان ۾ ڊڪٽيٽرشپ انهن جي اشاري تي قائم ٿي هئي؟

(ح) ڇا چونڊن بعد صدر يحيٰ خان ڪان مجيب الرحمان کي

پاڪستان جو وزيراعظم پارٽين چوايو هو؟

جي نہ تہ غور جو امڪان آهي

جي امريڪا وارا پنهنجو ضمير وڪڻي جمهوريت خلاف هن سامراجي ٽولي جي مدد ڪندا پيا اچن

يا

ڪي مسلمان ملڪ جن ۾ جمهوريت کي ختم ڪري آمرانہ طريقہ حڪومت رائج ڪيل آهي سي پنهنجي مفاد خاطر هن جي مدد ڪن

يا

ڪي مغربي ملڪ پنهنجي سامراجي يا ٻين مصلحتن خاطر هن جي خلاف آواز ڪڍڻ لاءِ تيار نہ ٿين تہ ان حالت ۾ جي پارٽ جي عوام طرفان همدردي ظاهر ڪئي وڃي تہ ان ۾ ڪهڙو گناهہ آهي. انهن جي همدرديءَ لاءِ بينگالي هيٺين سببن ڪري مستحق آهن:

(١) بينگالي قوم جا اڌ ماڻهو پارٽ ۾ رهندڙ آهن، جن ڪان دوڪي جي آڌار تي هنن بينگالين کي جدا ڪيو ويو هو. اڳي بہ بينگال جي ورهاست کي سنڌو گڏيل ڪوشش رد ڪرايو هو. هاڻ بہ هو گڏجي پائرن کي آزاد ڪرائڻ ۾ مدد ڪن تہ اهو سنڌن قومي فرض آهي.

(٢) بينگالي قوم پرستن ۽ مهاجر پنجابي سامراجي ٽولي جي وچ ۾ هي سيڪيولرزم ۽ فرقہ پرستيءَ جو تصادم آهي.

(٣) هي بينگال جي جمهوريت پسند عوام ۽ مهاجر پنجابي سامراج جنتا جي وچ ۾ جمهوريت بحال ڪرائڻ لاءِ جنگ آزادي آهي ان ۾ هر جمهوريت پسند پارٽيءَ جو فرض آهي تہ مدد ڪن.

اهي مختصر اسباب هئا، جن مون کي هن ڪتاب لکڻ لاءِ آماده ڪيو آهي.

ممڪن آهي ڪي فرقہ پرست، فسطائي نظرئي جا حامي يا انهن جا ايجنٽ منهنجي نقطہ نگاهہ سان اتفاق نہ ڪن. ان واسطي سنڌن لاءِ ٻہ رستا کليل آهن:

(١) هڪ رستو اهو آهي تہ مون تي بهتان رکي، گاريون ڏئي، اسلام، پاڪستان ۽ مسلم قوم جو دشمن، سڏي آواز گهٽين.

(٢) ٻيو رستو اهو اٿن تہ هنن راين خلاف پنهنجي راءِ پيش ڪري عوام تي فيصلو ڇڏين.

تاريخ شاهد آهي تہ جن ماڻهن ٻين جي آواز کي دٻائڻ لاءِ سختي ۽ سزا جو طريقو استعمال ڪيو، انهن کي عارضي ڪاميابي حاصل ٿي آهي پر هميشہ لاءِ حق جو آواز دٻجي نہ سگهيو آهي.

ظالم حاڪم، منصور کي سنگسار ڪري سگهيا، ليڪن ان جو آواز اجا تائين دٻجي نہ سگهيو آهي.

**ملڪ مڙوئي منصور، ڪهي ڪهندين ڪيترا!**

غلام مرتضيٰ

١-٩-١٩٧١ع

فصل پهريون

# پاڪستان جي قيام لاءِ تاريخي پس منظر

چوڻ ۾ اچي ٿو تہ پاڪستان کي قوميت جي مذهبي نظرئي جي بنياد تي حاصل ڪيو ويو آهي. اچو تہ ان نظرئي جي سالميت ۽ صداقت تي تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي پيٽ ڪري ڏسون تہ اهو نظريو صحيح ۽ ڪارآمد آهي يا غلط ۽ فرسوده آهي؟

جيڪڏهن اهو نظريو صحيح ثابت ٿيو تہ ان جي بنياد تي برپا ٿيل ملڪ بہ مستحڪم رهي سگهندو پر جي مورڳو اهو نظريو ئي غلط ۽ جديد بنيادي حقيقتن جي خلاف آهي تہ ان جي آڌار تي ان کي قائم رکڻ بہ مشڪل ٿي پوندو.

ان مسئلي کي پوريءَ طرح سمجهڻ لاءِ دنيا ۾ مروج قومي نظرين تي نظر ڊوڙائڻي پوندي.

”قوم“ لفظ جو اطلاق مختلف زمانن ۽ ملڪن جي ماڻهن وٽ جدا جدا پي رهيو آهي.

ان مسئلي جي تاريخي پس منظر تي نظر ڪبي تہ قوميت جو تخيل ارتقائي طرح ڪم و بيش هيٺين درجن مان گذريو آهي:

(١) نسلي بنيادن واري قوم

(٢) شهري زندگيءَ جي حڪومت واري قرم

(٣) مذهبي اعتقادن جي گروهن واري قوم

(۴) سامراجي حڪومت واري قوم

(۵) وطن جي بنياد تي جديد تخيل واري قوم

قومي فلسفي جي ماهرن قوم بنجڻ لاءِ جن ڳالهين مان ڪن جو هئڻ لازمي ٺهرايو آهي سي گهٽو ڪري هيٺيون آهن:

١. ساڳيو نسل ٢. هڪ جهڙو رسم و رواج ٣. ساڳي زبان ۴. احساس همجنسيت ۵. تواريخي روايات ٦. جياگرافيائي حدود جو وطن ٧. ساڳيا مذهبي اعتقاد ٨. ساڳيو ڪلچر ٩. ساڳيا سياسي ۽ اقتصادي مفاد ١٠. قومي ڪردار.

مٿي ذڪر ڪيل سڀني ڳالهين جو وجود هر قومي تخيل واري قوم ۾ هئڻ لازمي نہ ئي رهيو آهي. بلڪ هر قومي تخيل واري گروهہ حالتن مطابق انهن مان خاص خاصيتن جو حامل ئي رهيو آهي.

قوميت جي مسئلي تي ڪيئي ڪتاب لکجي چڪا آهن. مون بہ "پاڪستان ۾ قوميت جو مسئلو" نالي سان هڪ ننڍڙو ڪتاب لکي ڇپايو هو.

هاڻ آئون مٿي ذڪر ڪيل مختلف قسم جي قوميتن جي مختصر سمجهاڻي پيش ڪندس.

## (١) نسلي بنياد واري قوم :

ڪنهن زماني ۾ هڪ ئي نسل جي قبيلي يا ڪنب جي ماڻهن کي قوم سڏيو ويندو هو، جيئن بني هاشم، بني اميہ، بلوچ، بروهي، پٺاڻ، راجپوت وغيره. جيتوڻيڪ هن قبيلائي قوم جو بنياد نسل تي هوندو هو پر انهن ۾ ساڳي زبان، رسم و رواج، تاريخي روايات، وطن، باهمي، سياسي ۽ اقتصادي مفاد ۽ قبيلائي مذهبن جي يڪسانيت ڪري هم جنسيت جو احساس هوندو هو. ليڪن گهڻي وقت گذرڻ بعد مختلف نسلن جي ميلاپ، وڏين حڪومتن جي قيام، قبيلائي، مذهبن جي جاءِ تي عالمگير مذهبن جي پيدا ٿيڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي سببن ڪري ڪن محدود ملڪن جي اها نسلي قوميت سندس يڪجهتي ۽ عصبيت وڃائي ويٺي آهي.

## (٢) شهري زندگيءَ واري قوم:

ڪو اهڙو بہ زمانو هو، جنهن ۾ خاص هڪ ئي شهر ۽ آس پاس ۾ رهندڙ ماڻهن پاڻ کي قوم سڏايو ٿي ۽ انهيءَ بنياد تي پنهن جون حڪومتون قائم ڪيون هيون. يونان جي شهر اٿينس ۽ اسپارٽا. اٽليءَ جي شهر روم جي رهواسين پاڻ کي انهي شهريت جي بنياد تي قوم سڏيو ٿي.

سندن ان قوميت جي احساس جو ثانوي بنياد. انهن هڪ جهڙاين تي پڻ هو جيڪي قبيلائي وحدت جون خاصيتون شمار ڪيون ٿي ويون. البت اڳتي هلي مذهبي اعتقادن جي هڪ جهڙائي جو شرط گهٽجڻ لڳو.

حڪيم سقراط جنهن کي ائٿينس جي رهواسين عقيدن جي اختلاف سبب زهر جو پيالو پياري ماريو هو. اهو ۽ ان جا پوئلڳ انهي اختلاف ڪري ائٿينسي قوم مان خارج نٿي سمجهيا ويا.

## (٣) مذهبي اعتقادن تي مشتمل قوم:

ڪو وقت هو جو ساڳي مذهب جي مڃڻ وارن کي انهيءَ اشتراڪ سبب قوم ڪري ليکيو ويندو هو. جيئن هندو قوم، يهودي قوم، عيسائي قوم، مسلمان قوم وغيره.

هن ڳالهه کان انڪار ڪري نٿو سگهجي ته ماڻهن ۾ اجتماعي زندگي پيدا ڪرڻ لاءِ مذهبي نظرين جي عقيدن گهڻو حصو ورتو.

قبيلن جي عصبيتن ۽ اختلاف کي گهٽائي، وڏين جماعتن بنائڻ ۾ مذهبن گهڻي مدد ڪئي آهي. يورپ ۾ قبيلائي اختلافن ۽ عصبيتن کي گهٽائي موجوده مستقل قومن کي وجود ۾ آڻڻ لاءِ ٻين انيڪ سببن سان گڏ مسيحت به مکيه ڪارڻ بني. عربستان جي مختلف قبيلن کي سندن صدها سالن جي باهمي خونريزيءَ مان نجات ڏئي ڪجهه قدر قومي اتحاد پيدا ڪرڻ جو ڪم اسلام ڏنو. جديد قسم جي قوم بنائڻ لاءِ مذهب ارتقائي طور ڳانڍاپي پيدا ڪرڻ جو محدود ڪم ڏنو ليڪن جڏهن مذهبن جو دائرو ڪن محدود ايراضين کان ٻاهر ٿي بين الاقوامي صورت اختيار ڪرڻ لڳو ته اهي سندن ابتدائي اثر وڃائي اتحاد جي بجاءِ انتشار جو ڪارڻ بنجڻ لڳا.

جيئن ته دنيا جا عالمگير مذهب ڪثير تعداد ماڻهن کي پنهنجي دائره اثر هيٺ رکن ٿا. جن جون زبانون، وطن، تاريخي روايات، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد مختلف ٿين ٿا.

جيئن ته انهن مذهبن جا باني هزارها سال اڳي پيدا ٿيا هئا. جنهن زماني ۾ سندن جاءِ پيدائش جي معاشري جون حالتون علحده هيون. زماني جي تبديليءَ ڪري معاشري جي بدلجڻ، مختلف ملڪن جي ضروريات زندگي، جدا جدا ملڪن جي رهاڪن جي تاريخي روايات ڪلچرن وغيره ڪري مذهبي عقائد ۽ عمل ۾ اختلاف پيدا ٿي، جدا جدا فرقن جو پيدا ٿيڻ اڻ ٽر هو. تنهن ڪري سندن ابتدائي هم جنسيت ۽ يڪجهتي گهٽجڻ لڳي. مذهب شروعات ۾ ماڻهن تي رضامندي ۽ خوشيءَ سان اثر انداز ٿيندا هئا، ليڪن بدليل حالتن هيٺ ان جو اثر ٽٽڻ ڪري مذهبي مهندارن انهن جي فروغ ۽ نظام لاءِ طاقت جو استعمال ضروري ڄاتو.

(الف) هندو مذهب جي بانيڪارن حڪومت ۽ مذهب کي جدا جاتين جي سپرد ڪيو. حڪومت ڪتري راجائن جي هٿ ۾ رهي ۽ مذهب جو ڪاروبار برهمڻ جي حوالي رهيو.

(ب) عيسائين ۾ پهريائين مذهب جو سياسي معاملات سان واسطو ڪونه هو. ليڪن جڏهن مذهب جي ابتدائي اثر ۾ گهٽتائي محسوس ٿيڻ لڳي ته مذهبي مهندارن مذهبي نظام قائم ڪري، پاپائي روم ذريعي سياسي طرح حڪومتن مٿان اقتدار قائم رکڻ کي مذهبي فروغ ۽ يڪجهتيءَ لاءِ ڪارآمد سمجهيو.

(ت) ٻڌ ڌرم جو منڍ کان سياست سان واسطو نه هو ۽ مذهبي فروغ لاءِ تبليغ ۽ تزڪيه نفس کي ڪافي سمجهيو ويو. ليڪن اڳتي هلي جڏهين شهنشاهه اشوڪا ٻڌ ڌرم کي سياسي طرح زور وٺائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ته ردعمل ۾ برهمنزم زور ورتي، ٻڌ ڌرم کي هندوستان کان ٻاهر هڪالي ڪڍيو.

(ث) اسلام جو ابتدا ۾ سياست سان تعلق نه رهيو هو، سواءِ ٿوري مدني دور جي. ليڪن رسول مقبول جي انتقال بعد ٽن خليفن جي دور حڪومت ۾ مذهب کي سياسي طرح وڌائڻ جي ڪوشش شروع ٿي. جنهن جو ديرپا ردعمل اهو پيدا ٿيو ته مسلمان سون فرقن ۾ ورهائجي ويا.

### (۴) شهنشاهي بنيادن تي رٿيل قوم:

هن قسم جي قوم جو تصور ڪن سامراجي حڪومتن جو پيدا ڪيل آهي.

جهڙيءَ طرح رومن سامراج سندس ماتحت قومن کي پنهنجي رنگ ۾ رڱڻ جي ڪوشش ڪئي. عرب سامراج، جرمن سامراج، پورچوگال سامراج، پاڪستان ۾ پنجابي سامراج وغيره. هي سڀ سندن ماتحت قومن کي خاص ذهني تربيت ۽ تعليم ذريعي انهن جي قومي وجودن کي ختم ڪري پنهنجي رنگ ۾ رڱي تسلط هيٺ رکڻ لاءِ جواز پيدا ڪندا آهن.

عربن مان بني اميه گهراڻي سندن سامراج وڌائڻ ۽ مال غنيمت حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف ملڪن تي حملا ڪري سندن تسلط هيٺ آندو. نالو اسلام جو ڪم آندائون. ليڪن انهن جو روح اسلام سان نالي ماتر به واسطو ڪونه هو. جرمن ۽ پورچوگال سامراج جا تازا واقعا آهن جن جي طريقه ڪار ۽ راين جو هر هڪ کي پتو آهي. مون ان سامراجين جي لسٽ ۾

پنجابي مستقل مفاد جي سامراج جو نالو بہ داخل ڪيو آهي. اهي بہ ٻني اميہ سامراج جي تتبع تي اسلام جي نالي ۾ سنڌي، بينگالي، بلوچ ۽ پختون قومن تي پنهنجي تسلط قائم رکڻ لاءِ مسلم قوم جو نظريو پيدا ڪري، انهيءَ جي آڌار تي حڪومت ڪرڻ گهرن ٿا. حالانڪ مسلم قوم جي تخيل جو جواز نہ قرآن مان ملي ٿو نہ حديث مان. جيئن تہ انهي قومي نظرئي جو مدار تشدد ۽ دوکيبازيءَ تي رهي ٿو، ان ڪري ان جو اثر گهڻي وقت تائين قائم رهي نٿو سگهي. مڪاني قومن ۾ سياسي شعور ۽ آزادي جي امنگ پيدا ٿيڻ بعد اهو ختم ٿي ويندو.

## (٥) جديد تخيل واري وطني قوم:

هن قسم جي قوم جو بنياد هڪ وطن، زبان، ڪلچر، قومي ڪردار، تاريخي روايات، اقتصادي ۽ سياسي مفاد تي رکيو ويجي ٿو.

هي تخيل گذريل ٽن سو سالن کان، يورپ ۾ منو سئو سالن کان، ايشيا، افريقا ۽ امريڪا کنڊن ۾ مروج ٿيل آهي. جنهن صورت ۾ دنيا جي اڪثري ملڪن جو انهيءَ نظريہ قوم ۾ اعتماد ٿي ويو آهي. ان ڪري اقوام متحده انهي نظريہ قوميت کي تسليم ڪري، انهيءَ بنياد تي قائم ٿيل قومن کي ميمبر طور قبول ڪيو آهي.

جنهن صورت ۾ نسلي ۽ شهري قوم واري تخيل جو اسان جي ملڪ سان واسطو نہ آهي، ان ڪري آئون مذهبي قوميت، سامراجي قوميت ۽ جديد تخيل واري وطني قوميت تي بحث ڪندس.

## مذهبي قوميت :

تاريخ دانن کي معلوم آهي تہ ڪهڙي طرح تجربي جي ڪسوٽيءَ تي هندن، ٻڌن ۽ عيسائين مذهبي قوميت جي بنياد تي سياست کي مذهب سان گڏي هلائڻ جي نقصانن بعد بيزار ٿي ان کان علحدگي اختيار ڪئي آهي.

اهڙيءَ طرح سان دنيا جي جملي مسلمان ملڪن بہ گهڻي آزمودي بعد مذهبي نظريہ قوميت کي خيرباد چئي، جديد وطني نظريہ قوميت مطابق حڪومتن هلائڻ جو طريقو اختيار ڪيو آهي. ليڪن اجان تائين مسلم ملڪن مان صرف پاڪستان ئي هڪ ملڪ آهي، جنهن جو پنجابي حڪمران طبقو ٻين پاڪستان ۾ شامل ٿيل قومن تي سندن سامراج قائم رکڻ لاءِ ان نظريي جو راڳ آلاپيندو اچي.

هاڻ اچو تہ مسلم تاريخ تي سرسري نظر وجهي پاڪستان جي

وجود ۾ اچڻ جا ڪارڻ بيان ڪريون. مذهب اسلام جا موجوده صورت ۾ موجد حضرت محمد صلعم جن آهن. اسان کي ڏسڻو آهي ته آنحضرت جي وقت کان وٺي اڄ تائين مسلمانن جي جدا گانه قوم، مذهب ۽ سياست جي گڏي هلائڻ لاءِ تاريخ مان ڪيترا مثال ملن ٿا؟

ان کان اڳ هي مسئلو حل ڪرڻو آهي ته اسلام نئون ۽ جدا مذهب آهي يا پيغمبر اسلام قديم مذهبن جي ارتقائي نچوڙ جي امتزاج جو نالو اسلام رکيو.

مهاجر ۽ پنجاب جا مستقل مفاد ۽ انهن جا همنوا ۽ نمڪ خوار ملا چا به چون پر قرآن شريف جي هيٺين واضح آيتن جي حوالن بعد، اسان اسلام کي نئون مذهب سڏي نٿا سگهون:

”(پيغمبر) چئين ته اسان الله ۽ ان طرفان جيڪي اسان تي نازل ٿيو آهي ان تي ايمان آڻيون ٿا. (ازانسواءِ) جيڪي ابراهيم، اسماعيل، يعقوب ۽ انهن جي اولاد، موسيٰ، عيسيٰ ۽ ٻين نبين تي، خدا طرفان نازل ٿيل فرمانن تي ايمان آڻيون ٿا ۽ انهن مان ڪنهن جي وچ ۾ فرق نٿا ڪريون. انهي ڪري ئي اسان مسلمان آهيون.“

”(پيغمبر) چئين ته چو ٿا اختلاف ڪريو الله ۾. هو اسانجو ۽ اوهانجو پاليندڙ آهي اسان لاءِ اسان جا عمل ۽ اوهان لاءِ اوهان جا عمل. اسان انهيءَ راهه هدايت تي پڪا آهيون.“

”چو ٿا چئو ته ابراهيم، اسماعيل، يعقوب ۽ ان جو اولاد يهودي يا نصارا هئا. اوهان کي زياده خبر آهي يا الله کي، جيڪو حقيقتن کي لڪائي ٿو اهو وڏو ظالم آهي. اوهان جي (ارادن ۽ نيتن) کان الله بي خبر نه آهي.“

وڌيڪ قرآن ۾ هي به ڄاڻايل آهي ته خدا طرفان هر ملڪ، قوم ۽ زماني ۾ پيغمبر موڪليا ويا جي سڀ دين فطرت تي هئا. دين فطرت ۽ اسلام ساڳي ڳالهه آهن.

اهڙي طرح ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت ثابت ڪرڻ لاءِ مٿيون آيتون شاهدي ڏين ٿيون. انهي نقطہ نگاهه تي غور بعد صاحب نظر کي معلوم ٿي ويندو ته اسلام نئون مذهب نه آهي، بلڪ جملي مذاهب جي بنيادي تعليم جو امتزاج (Synthesis) آهي. يهودين، نصارن ۽ ٻين مذهبن جي ڪارڪنن خواه مخواه جدا فرقا پيدا ڪري انسان ذات ۾ تفريق ٿي وڌي ۽ اسلام انهن فرقن کي مٽائي، جملي انسان ذات کي هڪ ئي وڻ جون

تاريون ثابت ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آيو هو. انهيءَ واضح هدايتن جي موجودگيءَ ۾ ڪي مهاجر ۽ پنجابي مستقل مفاد جا حامي يهودين جي متابعت ۾ پاڻ کي جدا مذهبي قوم سڏين ته سندن مرضي ۽ اهو آهي مسلمان جي جداگانه قوم تي مختصر تبصرو.

هاڻ اچو ته مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ تي نظر ڊوڙايون.

رسول مقبول صلعم جي زندگيءَ جا به دور هئا، پهريون دور مڪي واري زندگيءَ جو هو ۽ ٻيو مديني جي حياتيءَ جو هو.

اها حقيقت آهي ته مڪي واري زندگيءَ ۾ پاڻ سڳورن سياست کان علحده رهي عدم تشدد جي بنياد تي اسلامي تعليم جي تبليغ ڪئي، ليڪن جڏهن مخالفن کين تنگ ڪري سختيون ڏيڻ شروع ڪيون ته پهريائين هن سندس ساٿين کي انهن تڪليفن کان بچائڻ لاءِ حبش ۾ موڪليو. پوءِ پاڻ مخالفن طرفان سندس قتل جي سازش جو احوال ٻڌي، هجرت ڪري اچي مديني ۾ رهڻ لڳا. سمجهيائون ته اتي آرام سان رهي اسلام جي تعليم ۽ تبليغ ڪندا رهندا. ليڪن اتي به کين مخالفن صرف اختلاف راءِ ڪري، آزارڻ شروع ڪيو تڏهن مجبور ٿي عدم تشدد واري پاليسيءَ کي عارضي طور بدلائي مدافعت جو طريقو اختيار ڪيو.

پهرين مڪي جي پاليسيءَ لاءِ بنياد قرآن جي هيٺين آيتن تي رکيل هو:

"مذهب (نظريه يا اعتقاد) جي معاملي ۾ تشدد جو استعمال نه ڪرڻ گهرجي."

"اوهان لاءِ اوهان جا عقيدا قائم رکو ۽ اسان پنهنجن عقيدن تي قائم آهيون."

انهن آيتن جي تشريح جديد زماني جي زبان ۾ هيءَ ٿي سگهي ٿي ته مذهبن، نظرين ۽ عقيدن جي معاملي ۾ اهنسا (Non Violence) ۽ بقائي باهمي (Co-Existance) کان ڪم ونئو آهي. ليڪن آنحضرت مديني ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ بعد حالتن کان مجبور ٿي، عارضي وقت لاءِ هن قرآني حڪم تي عمل ڪيو:

"مخالفن سان سختي ڪريو ۽ پاڻ ۾ محبت ۽ نرميءَ سان برتاءُ ڪريو."

رسول مقبول ان قسمن جا احڪام ڏنا آهن هڪڙن جو واسطو

زندگيءَ جي بنيادي اصولن سان هو جي دائمي هئا ۽ ٻين جو واسطو پيدا ٿيل حالتن کي مد نظر رکندي ڏيڻ سان هو جي عارضي هئا. جن جو بنيادي اصولن ۾ سڌو واسطو نہ هو. سنڌن رحلت کان پوءِ، پوين پنهنجي سهولتن ۽ طبعي رجحانن مطابق جدا جدا رستا اختيار ڪيا.

هڪڙن سنڌن مڪي زندگيءَ واري دائمي تعليم اهنسا ۽ بقائي باهميءَ جي پوئلڳي ڪئي. ٻين سنڌن مدني واري عارضي احڪامات کي سنڌن دنيوي مفاد لاءِ ڪارآمد سمجهي ان جي پيروي ڪئي.

پهريان اهل طريقت سڏيا ٻين شريعت جو پيروڪار سڏيو

پهرين جو مدار المهام حضرت علي عليہ السلام ٿيو. ٻئي جا حمايتي پهريان ٽي خليفا هئا.

پهرين جو متو مذهب کي سياست کان علحده رکڻ جو هو.

ٻين جو متو مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ جو هو.

پهرين ڌر جو چوڻ هو تہ اسلام اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم جو دين هو. ان جي تعليم ۽ تبليغ لاءِ زور زبردستيءَ جو استعمال، احڪام خداونديءَ جي خلاف هو. هنن سنڌن انهيءَ عقيدي جي حمايت ۾ هيٺين آيت پيش ڪئي ٿي.

"ماڻهن کي راه حق طرف دانائي ۽ سهڻي نصيحت ذريعي ڪوٺيو. اهو رستو سٺو آهي. خدا سائين ماڻهن جي گمراهيءَ ۽ هدايت جي رجحانن کان واقف آهي. هن کي راه حق جي طلبگارن جو پتو آهي. رسول مقبول جي هيٺين حديث پهرين ڌر وارا سنڌن رهبر جي حمايت ۾ دليل طور پيش ڪن ٿا:

"آئون علم (لدنيْ) جو مرڪز آهيان علي ان تائين پهچائڻ جو رستو آهي." جنهن جو مطلب هي ٿو نڪري تہ راه حق جي ڪنجي حضرت علي وٽ هئي. جيئن تہ راسخون في العلم (صحيح ڄاڻو) ٿورا ٿين ٿا، ازانسواءِ حضرت عليءَ جو قبيلو بني هاشمي بہ ننڍو هو. ان ڪري عربن جي ڪثرت دنيوي اقتدار کي ترجيح ڏني. ايتري قدر جو رسول مقبول جو لاش مقدس اڃا دفن نہ ٿيو هو تہ ٻي نقطہ نگاهہ وارا، اقتدار جي حصول لاءِ فيصلي ۾ مشغول رهيا ۽ تدفين ۾ بہ شريڪ نہ ٿيا. انهن حضرت ابوبڪر صديق کي رسول جو جاءِ نشين خليفو چونڊيو.

مسلمان انهيءَ وقت ٻن نقطہ نگاهن ۾ ورهائجي ويا. هڪ گروه

اسلام جي فروغ ۽ بقا لاءِ دنيوي اقتدار کي ضروري ڄاڻو. ٻئي گروه، ان کي غير ضروري ۽ بدعت تي سمجهيو.

پهرين گروه جي تشريح ۾ اڳيئي گهڻو لٽريچر موجود آهي ان ڪري هتي آئون ٻي گروه جو نقطہ نگاه پيش ڪريان ٿو. ان تي هڪ مصري عالم علي عبدالرزاق هڪ ڪتاب "الاسلام و الاصول الحڪم" لکيو آهي جو ١٩٢٥ع ڌاري قاهره ۾ ڇپيو آهي. جنهن ۾ هن صاحب هيءَ ڳالهہ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ خلافت خاص دنيوي (سيڪيولر) ادارو آهي، ان جو مذهب اسلام سان ڪوبہ واسطو نہ آهي. هو صاحب سندس ان راءِ جي ثبوت ۾ هيٺيان دليل پيش ڪري ٿو:

(١) دين اسلام ۾ صاف طرح ڪنهن بہ قسم جي حڪمت جو ذڪر نہ آهي.

قرآن شريف ۽ حديث مسلمانن کي آزاد ڇڏيو آهي تہ ڪهڙي بہ قسم جي حڪومت بنائين.

(٢) جنهن صورت ۾ قرآن ۾ خلافت جو ذڪر نہ صاف طرح نہ اشاري طور آيل آهي، تنهن ڪري خلافت اسلام جي بنيادي اصولن ۾ داخل نہ آهي، ان کي قدامت پسند ملن صرف فقہ جي ذريعي اعتقاد جو جزو ڪٿي بنايو آهي.

هو صاحب ملن جي دليل کي رد ڪري ٿو جن جي مطابق هنن خلافت کي اسلام جو لازمي مسئلو شمار ڪيو آهي. هن جو چوڻ آهي تہ خلافت نہ ڪنهن احڪام الاهي يا نبويءَ موجب ٿاهي ويئي آهي نہ مسلمانن جي عام راءِ مطابق وجود ۾ آيل هئي. ڇاڪاڻ تہ پهرين ٽن خليفن کان پوءِ خلافت هٿيارن جي آڌار تي قائم رکي ويئي هئي، ان کي مسلم عوام جي راءِ جي نمائنده هئڻ جو ڪڏهين بہ شرف حاصل نہ رهيو آهي.

(٣) هن جو ٽيون دليل اهو آهي تہ پيغمبر خدا کي رسالت جي مشن شخصي طرح سپرد ٿيل هئي هن کي حڪومت برپا ڪري، پوين کي سپرد ڪرڻ جو ڪم سونپيل نہ هو. خلافت کي مذهبي حيثيت نہ هئڻ ڪري اسلامي حڪومت جو نظريو ئي غلط ۽ خود ساختہ هو پر جي خليفي کي دنيوي حاڪم سڏجي تہ اها ڳالهہ جدا آهي. سندس نقطہ نگاهہ کان ثابت ڪرڻ لاءِ هو اسلام جي اوائلي تاريخ جو ذڪر ڪري ٻڌائي ٿو تہ ابتدا ۾ مسلمان حڪومتن جو ڪو منظم دستور، عدالت، ماليات، پوليس ۽ انتظام

جو بندوبست ڪونہ هو.

ان مان نتيجو ھي ڪڍي ٿو تہ پيغمبر ڪي حڪومت ٺاھڻ جو ڪوبہ خيال ڪونہ هو. جيڪڏھن ھن ڪي حڪومت برپا ڪرڻ جو ارادو ھجي ھا تہ ضرور ان جا ڪي بنيادي اصول مقرر ڪري، ھدايتون ڇڏي وڃي ھا. ڪتاب وارو ھن نظرئي کي رد ڪري ٿو تہ پيغمبر صاحب ڪو مسلمانن جو دنيوي حاڪم ھو. ھو صرف پيغمبر ھو. ھن جو دنياوي اختيار سندس روحاني مشن جو جزو ھو. جا ڳالھہ سندس پيغمبري منصب سان واسطو رکڻ ڪري ٻئي کي سپرد ٿي نہ ٿي سگھي، ھن جي راءِ موجب پيغمبر جي مشن جو ماڻھن جي عقائد ۽ اخلاق جي درستيءَ سان واسطو ھو نہ حڪومت ھلائڻ سان.

ھن جي راءِ مطابق عرب اتحاد پيغمبر جي روحاني تصرف سبب پيدا ٿيل ھو نہ سياسي طاقت ذريعي. پيغمبر جي رحلت کان پوءِ جڏھن سندس رسالتي مشن پوري ٿي تہ اھا دنياوي اختياري جا سندس پيغمبري مشن جو جزو ھئي سا ٻي ڪنھن جي حوالي ٿي نٿي سگھي.

ھو حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي جاءِ نشينيءَ جي دعوٰي کي رد ڪري ٿو. ھن جي راءِ مطابق حضرت ابوبڪر کي نئين عرب حڪومت جو پھريون حاڪم سڏي سگھجي ٿو. نہ خليفو نہ جاءِ نشين رسول مقبول.

ھن جي راءِ آھي تہ چند عرب قبيلن سندن حڪومت جي استحڪام ۽ وسعت لاءِ حضرت ابوبڪر کي پيغمبر جو جاءِ نشين ڪٺي ظاھر ڪيو ھو ان لاءِ ڪا مذھبي سند نہ ھئي. تنھن ڪري مسلمان جي خلافت کي رد ڪن تہ ان ۾ اسلامي احڪام جي ڪابہ انحرافي ڪانہ آھي. حضرت ابوبڪر صديق کان پوءِ حضرت عمر رضہ ۽ بعد ۾ حضرت عثمان رضہ حاڪم ٿيا.

سندن دور حڪومت ۾ سندن مقرر ڪيل بني اميہ قبيلن جا گورنر اھڙو تسلط قائم ڪري ويا جو جڏھن حڪومت جون واڳون حضرت علي عليہ جي سپرد ٿيون تہ ھنن ان جي خلاف بغاوت ڪئي ۽ آخر ۾ ڪيس شھيد ڪيو.

ان کان پوءِ امام حسين عليہ السلام کي شھيد ڪري بني اميہ گھرائي حڪومت پنھنجي حوالي ۾ رکي."

جيڪڏھن ان مسئلي جي تہ ۾ وڃبو تہ معلوم ٿيندو تہ دنيوي اقتدار جي حامين ھي ٻئي ڳالھيون يھودين ۽ نصارن کان نقل ڪيون ھيون.

مسلمانن جي جدا ۽ چونڊيل قوم ھئڻ جو تصور يھودين کان ورتل

هو.

خلافت جو تصور ناصرن جي پوپ جي اداري تان نقل ڪيل هو.

انهن ٻنهي ڳالهين جو روح اسلام سان ڪوبہ واسطو نہ هو.

ان ڪــان پوءِ جي اداره خلافت تي نظر ڪري ڏسندا تہ انهيءَ جو واسطو نہ اسلام سان هو نہ اسلامي حڪومت سان هو.

بني اميہ، بني عباس، ترڪ سڀ دنيوي حاڪم هئا. اهڙي طرح دنيا ۾ ٻين جاين تي بہ مــسلمــان حــاڪم هئــا، جن سـيني مـذهب جي نالي کي استعمال ڪيو. حڪومت سندن هٿن ۾ هوندي هئي، ملن کي راضي رکڻ لاءِ سول ۽ فوجداري فيصلا هنن کان ڪرايا ويندا هئا. ازانسواءِ تعليم، نماز، نڪاح ۽ غسل ڏيڻ جا ڪم بہ هنن کان ورتا ويندا هئا. ليڪن حڪومت جي داخلي، خارجي ۽ انتظامي معاملن سان ملن جو ڪوبہ واسطو نہ رهندو هو.

ان وقت حڪومتون بني امين، عباسين، مغلن، ترڪن، ايرانين جون سڏبيون هيون. تاريخ ۾ ڪڏهن بہ مسلمان قوم جي نالي ۾ حڪومت برپا ٿيل ڏسڻ ۾ نہ ايندي. نہ وري حــاڪمن تي مـذهبي ملن کي برتري حــاصل هوندي هئي. ملن جي اڪثريت وقتي حاڪمن جي ساراهڻ ۽ پوئلڳي ڪرڻ ۾ مصروف رهندي آئي، پوءِ ڪٽي سندن حــاڪمن جا ڪارنامــا ڪـهڙا بہ هئــا. چنگيز خان جهڙي ظالم حاڪم کي ملا جيوٽي جهان گشائيءَ جو لقب ڏنو.

تيمورلنگ جي اڪيچار خونريزيءَ جي باوجود ڪيس صاحب قرآن جو لقب ڏنائون.

ملن اورنگزيب کي پيءُ جي قيد ڪرڻ، ڀائرن ۽ سرمد کي شهيد ڪرائڻ جي باوجود محي الدين جو خطاب ڏنو.

تاريخ شاهد آهي تہ حضرت عليءَ جي حقيقي پوئلڳن سياست کان علحدگي اختيار ڪري، پنهنجي ۽ ماڻهن جي تزڪيہ نفس، تهذيب اخلاق ۽ روحاني تعليم طرف توجهہ ڏنو.

مسلمانن جي تاريخ مان اهو بہ معلوم ٿئي ٿو تہ ڪيترائي دفعا مذهبي مجنوئن طرفان اسلامي حڪومتن برپا ڪرڻ جون ڪوششون ٿيون پر سڀ تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي ناڪام ثابت ٿيون. مثلاً سوڊان ۾ مهدي، سوڊاني، لبيا ۾ شيخ منوسي، هندستان ۾ سيد محمد ميران جونپوري ۽ سيد احمد بريلوي سيني احياءِ اسلام لاءِ مهدي سڏائي ڪوششون ڪيون پر سڀ بيڪار ويون. انهي مسئلي کي پوري طرح سمجهائڻ لاءِ مسلمانن جي ڪن

فرقن ۾ چند مروج عقيدن جي تشريح ضروري آهي. اهي آهن:
١. خلافت ٢. ديني نظام ٣. مهدي ۴. جهاد
انهن سيني عقيدن کي مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائيندڙن طرفان ايجاد ڪيو ويو آهي. روح اسلام سان انهن جو ڪوبہ واسطو ڪونهي. انهن حضرات جون نيتون کهڙيون بہ هجن پر تاريخ ثابت ڪيو آهي تہ مسلمانن ۾ نفاق ۽ خونريزيءَ جو باعث اهي ئي عقيدا بنيا آهن. يورپ جي مشهور تاريخدان آرنولڊ ٽوئنبيءَ جو چوڻ آهي تہ:
”جيڪڏهن مسمان مذهب جي تبليغ ۽ فروغ لاءِ تشدد جو استعمال نہ ڪن ها تہ اسلام جي تعليم اهڙي دلفريب هئي جو هن وقت انسان ذات جي اڪثريت مسلمان هجي ها.“ هاڻ اچو تہ مٿي ذڪر ڪيل چئن عقيدن جي صلاحيت ۽ افاديت تي بحث ڪريون.

### ا. خلافت :

خليفي جي معنيٰ رسول جو جاءِ نشين، اسلامي جماعت جي نظام جو منتظم، فروغ اسلام جو اڳواڻ ورتي وجي ٿي. اهي ٽيئي تصور غلط آهن.
رسول جو جاءِ نشين ڪو ٿي نٿو سگهي. رسالت جي مشن شخصي طرح سپرد ڪيل هئي، ان کي ٻي ڪنهن جي سپرد ڪرڻ جي نہ رسول ڪريم کي اجازت هئي نہ هن پاڻ ڪنهن کي سپرد ڪئي هئي.
سندس وفاتيءَ کان پوءِ ماڻهن پنهنجي مرضيءَ تي جاءِ نشين مقرر ڪيا جن لاءِ ڪا مذهبي سند ٿي نٿي سگهي. البت سندس تعليم جي تبليغ لاءِ ادارا قائم ڪري دانائي ۽ سهڻي نصيحت ذريعي ڪم ڪرڻ کان منع نہ هئي. پر سياست ۽ حڪومت ذريعي زور زبردستيءَ سان ان جي فروغ لاءِ ڪوشش ڪرڻ ڪري فائدي کان نقصان جو زياده انديشو هو.
بدقسمتيءَ سان مسلمانن، اسلامي جماعت جي نظام ۽ نظام حڪومت کي گڏي هلائڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون، انهن فرقہ بندي ۽ خانہ جنگي پيدا ڪري ڇڏيون.
اسلامي حڪومت جي نظام جو تخيل غير اسلامي ۽ نصارن کان مستعار ڪيل آهي. نصارن سندن جماعت جي نظام لاءِ پوپ هيٺ هڪ ادارو قائم ڪيو، ان کي ڪجهہ وقت کان پوءِ سياست سان گڏي ڇڏيائون. هنن جو خيال هو تہ انهن ذريعي ڪرشنچنٽيءَ کي فروغ ملندو پر جڏهن کين معلوم ٿيو ان ڪري خانہ جنگي ۽ فرقہ بندي وڌيا هئا تہ تجربن مان فائدو

### ٣. مهدي (آخر زمان):

هي تخيل مذهب جي پستيءَ وقت سندن پوئلڳن ۾ اميد پيدا ڪرڻ لاءِ ڪي رهنما پيش ڪندا آهن. قريباً هر مڪيہ مذهب جي پيروڪار ۾ اهو عقيدو مروج آهي.

(١) هندن ۾ وشنو ديوتا جي اوتار ٿي اچڻ جو عقيدو موجود آهي. ان مطابق ڪيترن ماڻهن پاڻ کي وشنوءَ جو اوتار سڏائي، هندو ڌرم جي رکپاليءَ جي دعويٰ ڪئي.

(٢) عيسائين مان ڪن کي اهو عقيدو وينل آهي تہ حضرت عيسيٰ زنده آهي وري عيسائين جي فروغ لاءِ موٽي ايندو.

(٣) مسلمانن بہ انهيءَ تتبع تي اهو نظريو ايجاد ڪيو آهي تہ پوئين زماني ۾ مهدي پيدا ٿي ساري دنيا کي اسلام تي آڻيندو. ان جو ۽ سندس پيءُ جو نالو پيغمبر اسلام جهڙو هوندو. اهو اهل سنت وارن جو عقيدو آهي، انهي عقيده موجب ڪيترن ماڻهن مهدي جي دعويٰ ڪري احيائي اسلام لاءِ ڪوشش ڪئي پر نتيجو ڪوبہ نہ نڪتو. شيعا حضراتُ تہ ٻارهين امام کي غائب ڪريو. ان جي موٽي اچڻ جون اميدون رکيو ويٺا آهن.

هي عقيدو غلط ۽ ماڻهن جي همت افزائي لاءِ ايجاد ڪيل آهي.

### (٤) جهاد :

هي عقيدو بہ گهڻن مذهبن ۾ مروج آهي، جنهن جي معنيٰ اها نڪري ٿي تہ مذهبن جي فروغ لاءِ تشدد جو استعمال لازمي آهي. انهي عقيدي کي مڃيندڙن جو خيال آهي تہ ماڻهن جي اڪثريت حيواني صفتن سان موصوف آهي، سي سواءِ ڏنڊي جي درست ٿي نہ سگهندا.

هندو برهمڻ کتري راجائن جو صلاحڪار ٿي انهن جي معرفت هندو ڌرم کي عوام تي زوريءَ تسلط ڪرڻ جو خيال پيش ڪيو.

عيسائين پوپ کي جملي عيسائي حاڪمن مٿان اختيار ڏياري مذهبي فروغ لاءِ ڪوشش ڪئي. صليبي لڙايون انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ لڙيون ويون.

مسلمانن مان جن جو عقيدو سياست ۽ مذهب جي گڏي هلائڻ جو هو تن سندن سامراج ۽ حڪومت وڌائڻ لاءِ انهي نظرئي ذريعي جواز پيدا ڪري، جنگيون ڪيون ۽ ملن ۽ سندن هم خيال ماڻهن مان گهڻا اڃا ان اعلان ۾ اعتماد رکندا اچن ٿا.

اسلام محبت ۽ امن جو پيغام آندو. ان جي تبليغ لاءِ قرآن احڪام مطابق دانائي ۽ سهڻي نصيحت کان ڪم ورتو آهي. زور زبردستيءَ کي دخل نہ ڏيڻو آهي پر مسلمانن جي مستقل مفاد جا حاڪم ۽ انهن جا حواري ملا جهاد کي سندن ايمان جو جزو بنايو پيا هلن.

جنهن صورت ۾ مسلمانن جي جدا قوم جو نظريو غير اسلامي هو تہ اُن حالت ۾ انهيءَ جي بنياد تي ايجاد ڪيل عقيدا بہ بي معنيٰ ۽ بي فائدا ثابت ٿيندا.

مسلم تاريخ تي نظر ڪري ڏسندا تہ ڪيترا مسلمان بادشاهہ جا خليفا اخلاق کان عاري هئا. ڪي زاني، ڪي شرابي، ڪي ظالم ۽ ڪي غاصب هئا. جيڪڏهن انهن کي اسلام جو علمبردار ڪري شمار ڪبو تہ خود مذهب اسلام مضحڪہ خيز بنجي پوندو.

ڇا بني امين، عباسين، ترڪن ۽ مغلن وغيره مسلمان حاڪمن جون جنگيون ۽ خونريزيون جهاد ۽ اسلامي جنگيون شمار ڪبيون؟

هاڻ اچو تہ هندستاني مسلمانن جي تاريخ تي نظر ڪريون.

سڀ کان اول هندستان جي هڪ حصي سنڌ تي، بني امين سامراج جي هڪ سپہ سالار ابن قاسم ڪاهہ ڪري ان کي فتح ڪيو. سنڌ جي راجا ڏاهر کي لڙائيءَ ۾ شڪست ڏيئي ڪيئي هزار مرد ۽ زالون غلام ڪري عرب ۾ وڪري لاءِ موڪليون. ڪروڙها روپيا ڦرلٽ مان اميہ بادشاهہ جي مکيہ اڳواڻ حجاج بن يوسف کي موڪليا ۽ انهيءَ سپہ سالار راجا ڏاهر جي زال سان شادي ڪئي ۽ تاريخ جي هڪ روايت موجب انهي جي ٻن ڏيئن سان زنا ڪيو. حجاج بن يوسف ۽ ابن قاسم ثقفي خاندان مان هئا جن طائف ۾ رسول مقبول جي بي عزتي ڪري رت ڪڍيو هو.

اهي يزيدي خاندان جي حاڪمن جا ڪارندا هئا. راجا ڏاهر سيد گهراڻي جي چند افراد کي جن حجاج بن يوسف جي ظلم کان ڀڄي سنڌ ۾ اچي پناهہ ورتي هئي، جو پناهہ ڏيندڙ، باوجود برهمڻ هئڻ جي، ٻڌ ڌرم وارن جي رکيا ڪندڙ ۽ غير متعصب حاڪم هو. سنڌ ديس جي حفاظت لاءِ لڙندي سر ڏيئي سرهو ٿيل هو.

هاڻ مهاجر پنجابي سامراج جا حامي ملا سنڌين جي قومي غيرت کي ختم ڪرڻ ۽ سنڌ مٿان سندن تسلط لاءِ جواز پيدا ڪرڻ واسطي ان غاصب کي اسلام جو علمبردار ۽ غازي ڪري پيش ڪن ٿا. ڪي ساده دل

ماڻهو. ان ۾ ويساهه ڪرڻ لڳا آهن. اهو اسلامي جهاد جو پهريون مثال آهي.

ان ڪان پوءِ سلطان محمد غزنويءَ اتر هند تي ڪيئي حملا ڪري قرلت ۽ خونريزي ڪري اڪيچار خزاني سان واپس موٽي پئي ويو. بدڪردار ملن ان کي بہ غازي جو لقب ڏئي سندس انهن جملن کي اسلامي فتح شمار ڪيو آهي.

بعد ۾ سلطان علاؤالدين خلجي هندستان جي گهڻي ڀاڱي تي حملا ڪري فتح ڪيو. هن کي بہ ملن مشورو ڏنو هو تہ اسلامي علمبردار سڏائي پر هن ان ڪان انڪار ڪيو. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ بابر بادشاهہ هندستان فتح ڪري مغل سلطنت جو پايو وڌو. سندس پوٽي اڪبر بادشاهہ ماڻهن کي متحد ڪرڻ ۽ پنهنجي خاندان جو سامراج مستحڪم بنائڻ لاءِ مذهب جي نالي کي استعمال ڪيو پر اها ڪوشش بہ ناڪامياب ويئي.

اُن ڪان پوءِ اورنگزيب بادشاهہ اسلام جي نالي ۾ پنهنجي سامراج کي مضبو ڪرڻ لاءِ جنگيون ڪري فتوحات حاصل ڪيون، ليڪن انهيءَ جي پاليسيءَ ڪري موربگو مغل شهنشاهيت جي پاڙ پٽجي ويئي.

آخر ۾ هندستان انگريزن جي حڪومت هيٺ آيو جن سندن سامراج جي مضبوطيءَ لاءِ ٻن طريقن کي استعمال ڪيو. هڪ طريقو اهو هو تہ برٽش سامراج جي مضبوطي ۽ استحڪام لاءِ متحد هند جو نعرو لڳائي سموري طاقت مرڪزي حڪومت جي هٿ ۾ رکي ڪاروبار هلائين.

انهي نقطہ نگاهہ کان هنن ڪانگريس جماعت جو پايو وجهارايو.

ٻين رومن سامراجي پاليسيءَ جي پوئلڳيءَ ۾ هندستان ۾ رهندڙ ٻن مکيہ مذهبي فرقن هندن ۽ مسلمانن کي ويڙهائي راڄ ڪرڻ جو طريقو اختيار ڪيو.

مسلم ليگ ۽ مهاسڀا جماعتون سندن انهيءَ پاليسيءَ جون پيداوار هيون.

هندستان جا مسلمان اڳيئي اڪبر ۽ اورنگزيب جي ايجاد ڪيل پاليسيءَ ڪري ٻن گروهن ۾ ورهايل هئا. هڪڙا هندو مسلم اتحاد جا حامي هئا ٻيا مسلم برتري ۽ اقتدار جا طرفدار هئا. انگريزن جي حڪومت ۾ اهي ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا.

هڪڙا انگريزن سان لاڳاپو قائم ڪري پنهنجي طبقاتي مفاد کي درست ڪرڻ جي فائدي ۾ هئا ٻيا هندو مسلم اتحاد ذريعي انگريزن جي

غلاميءَ کان ملڪ جي آزاد ڪرڻ جا حامي هئا.

١٨٥٧ع جي جنگ آزاديءَ مهل به اهي ٻن گروهن ۾ ورهايل هئا. هڪڙن بغاوت ڪري جنگ آزادي لڙي ٻين انگريزن جي مدد ڪري غلاميءَ جا زنجير مضبوط ڪيا. ديوبندي عالمن ۽ بينگالي مسلمانن جنگ آزاديءَ ۾ حصو ورتو. سر سيد احمد خان جي طرفدارن مسلمان راجائن ۽ پنجابي مسلمانن انگريزن جي مدد ڪئي.

مغل حڪومت جي ابتدائي دور کان وٺي هندستان جا اهل طريقت ۽ علماءِ ڪرام به ٻن گروهن ۾ ورهايل هئا.

هڪڙا چشتي ۽ وحدت الوجودي بزرگ هئا جن ڪثرت مذهب پويان بنيادي وحدت پرکي مختلف مذاهب جي پوئلڳن درميان اتحاد پيدا ڪرڻ گهريو ٿي.

ٻيا شوڪي درويش هئا جن وحدت الشهود جي بنياد تي مسلمانن جي فضيلت ۽ برتري قائم ڪرڻ لاءِ مسلمانن جي جدا گانه نظام لاءِ ڪوشش ڪئي ٿي. اهڙيءَ طرح عالم به ٻن گروهن ۾ ورهايل هئا. ملا مبارڪ، اڪبر جي پاليسيءَ جو حامي هو ته ملا عبدالقادر بدايوني مخالف هو. انهن اختلافن اڳتي هلي ديوبندي ۽ عليڳڙهه گروهن جي صورت اختيار ڪئي. ديوبندي ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيا. علي ڳڙهين جي معرفت مسلم ليگ برپا ڪئي جنهن جماعت مسلمانن جي علحده حيثيت قائم رکڻ لاءِ جدوجهد ڪئي.

سيد وزير حسين ۽ مولانا محمد علي جوهر جي چوڻ تي جڏهن مسٽر محمد علي جناح مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿيو ته سيني گڏجي مسلم ليگ کان ملڪ جي آزادي جو ٺهراءُ پاس ڪرايو. مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي وچ ۾ لکنو پئڪٽ جي آڌار سمجهوتو ڪرايو. ان کان پوءِ ڪجهه وقت لاءِ ٻنهي جماعتن گڏجي ڪم ڪيو. ايتري قدر جو ڪيترا سال ٻنهي جماعتن جا ساليانا اجلاس به ساڳئي وقت تي هڪ ئي شهر ۾ ڪٺا ٿيندا هئا.

پهرين مهاڀاري لڙائي جي ١٩١٨ع ۾ اختتام کان پوءِ هندستاني سياست ۾ نوان مسئلا پيدا ٿيا. جهڙوڪ:

(١) هندستان جي آئيني سڌارن جو مسئلو.

(٢) ترڪن کان کسيل ملڪن جي ورهاست ۽ خلافت جي مستقبل جو مسئلو. انهيءَ وقت ڏاري هندستان جي مسلمانن ۾ ٽي سياسي جماعتون

ان وقت ڏاري ترڪن جي قوم پرست گروهہ طاقت ۾ اچڻ بعد خلافت جي اداري.ڪي سندن لاءِ نقصانڪار سمجهي ختم ڪري ڇڏيو. هن پئن اسلامزم جي پاليسيءَ کي ترڪ ڪري نيشنلزم جي بنياد تي قومي تعمير جو ڪم شروع ڪيو ۽ خليفي کي جلاوطن ڪري ڇڏيو.

انهيءَ ڪري جمعيت العلماءِ ۽ خلافت ڪميٽيءَ جو جوش ٺڏو ٿي ويو ۽ گانڌيجي حالتن کي تبديل ٿيندو ڏسي سول نافرمانيءَ کي معطل ڪري سوشل ورڪ ۾ مشغول ٿي ويو.

١٩٢٠ع ۾ هندستان کي مليل سڌارن کي مانٽيگو چيلمسفرو ڊ سڌارن جي نالي سان سڏيو ويو. تن ۾ هڪڙو فقرو اهو هو تہ ڏهن سالن جي تجربي بعد انگريز سرڪار سڌارن جي ڪارڪردگيءَ تي انڪوائري ڪرائڻ بعد وڌيڪ سڌارا ڏيندي.

انهيءَ جي اڌار تي ١٩٢٧ع جي آخر ۾ انگريزي حڪومت سرجان سائمن جي چيئرمنيءَ هيٺ هڪ ڪميشن انڪوائري لاءِ مقرر ڪئي. جنهن تي هڪ بہ هندوستاني ميمبر ڪونہ ڪنيو ويو هو. ان ڪري هندوستاني سياستدانن پنهنجي هتڪ سمجهي، ان ڪميشن سان تعاون ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ ان جو بائيڪاٽ ڪيو.

ڪانگريس، جمعيت العلماءِ هند ۽ خلافت ڪاميٽي سهوليت سان سندن جماعتن کان اهڙا ٺهراءُ پاس ڪرائي سگهيون. ليڪن مسلم ليگ جماعت ۾ چڱو تعداد انگريزن جي ٽوڊين جو هو تن ۾ انهيءَ مسئلي تان اختلاف پيدا ٿي پيو.

مسلم ليگ جو صدر ان وقت جناح صاحب هو ۽ جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر سيف الدين ڪچلو هو. ان جڏهن دهليءَ ۾ ان سوال تي غور ڪرڻ لاءِ اجلاس سڏايو تہ سرڪار پرست گروه شور ڪري اجلاس ملتوي ڪرائي ڇڏيو ان کان پوءِ مسلم ليگ ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويئي. هڪ مسلم ليگ جو اجلاس لاهور ۾ سر محمد شفيع جي هدايت هيٺ گورنر پنجاب جي افتتاح ڪرڻ بعد ڪنو ٿيو. جنهن جو جنرل سيڪريٽري علامہ اقبال ٿيو. ان اجلاس ۾ سائمن ڪميشن سان تعاون ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ٿيو. ٻي مسلم ليگ جو اجلاس جناح صاحب جي هدايت ۾ ڪلڪتي ۾ ڪنو ٿيو جنهن ۾ سائمن ڪميشن جي بائيڪاٽ ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ٿيو. ان وقت ڏاري معتدل خيال مسلمانن تي مشتمل دهليءَ ۾ هڪ آل پارٽيز مسلم ڪانفرنس

سر آغا خان جي صدارت هيٺ ڪئي تي جنهن ۾ مسلمانن جي جملي گهرن تي مشتمل هڪ جامع ٺهراءُ پاس ڪيو ويو. سائمن ڪميشن جي رپورٽ تي نڪتہ چيني ٿيڻ تي سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا برٽش پارليامينٽ ۾ ظاهر ڪيو تہ مخالفت ڪرڻ وارا صرف نڪتہ چيني ڪرڻ چاهن ٿا ليڪن پنهنجي طرفان ڪو آئيني سڌارن لاءِ بهتر مسودو پيش نہ ڪري سگهيا آهن. ان تي ڪانگريس طرفان هڪ جدا ڪاميٽي موتيلعل نهروءَ جي چيرمنيءَ هيٺ مقرر ٿي جنهن کي نهرو ڪاميٽي سڏيو ويو. ان گهٽي محنت ڪان پوءِ هڪ رپورٽ تيار ڪئي. جنهن جي آخري ميٽنگ ۾جناح صاحب مسلمانن طرفان کي تجويزون پيش ڪيون پر انهن کي ڪانگريس وارن جي نہ قبولڻ تي جناح صاحب ناراض ٿي ميٽنگ ڇڏي ويو. ان وقت ڪانگريس سان مولانا ابوالڪلام آزاد، مولانا محمد علي، احرار جماعت ۽ ڊاڪٽر انصاري جهڙا مکيہ مسلمان ڪارڪن شريڪ هئا. ان ڪري هنن جناح صاحب جي مخالفت جي پرواهہ نہ ڪئي. ١٩٣١ع جي آخر ۾ انگريز حڪومت هندستان جي آئيني سڌارن تي غور ڪرڻ لاءِ لنڊن ۾ گول ميز ڪانفرنس سڏائي، جنهن ۾ سڀني پارٽين جي نمائندن کي مدعو ڪيائون. ڪانگريس کان سواءِ ٻين پارٽين جي نمائندن ان ۾ شرڪت ڪئي.

اتي مسلم حقن جي حفاظت لاءِ مسلمان نمائندن هڪ گڏيل محاذ سر آغا خان جي صدارت هيٺ ٺاهيو. جنهن طرفان کي تجويزون پيش ڪيون ويون. دهليءَ واري آل پارٽيز مسلم ڪانفرنس جي ٺهراون کي نظر ۾ رکي جناح صاحب چوڏهن نڪتن جي صورت ۾ هڪ مسودو تيار ڪيو. اهي نڪتا هيٺيان هئا:

(١) هندستان جو آئين فيڊرل قسم جو ٺاهيو وڃي.

(٢) مرڪزي اسيمبليءَ ۾ مسلمانن کي ٽيو حصو نمائندگي ڏني وڃي.

(٣) جدا چونڊن جو سرشتو ان وقت تائين جاري رهي جيستائين کو فرقو از خود رضا خوشيءَ سان ان تان هٿ کڻي.

(٤) پنجاب ۽ بينگال صوبن ۾ مسلمانن کي آدمشماري مطابق نمائندگي ڏني وڃي.

(٥) سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪري ٻين صوبن جهڙي اختيارن سان

علحده صوبو بنايو وڃي.

(٦) صوبن جي جاگرافيائي حدن جي ڪا اهڙي ڦيرڦار نہ ڪئي وڃي جنهن جو پنجاب، بينگال ۽ سرحد جي مسلم اڪثريت تي اثر پوي.

(٧) مسلمانن کي مڪمل مذهبي آزادي ۽ اعتقاد، عبادت، رواج، پروپيگنڊا، جماعت بندي ۽ تعليم جي تحفظ جي آئيني گارنٽي ڏني وڃي.

(٨) ڪوبہ بل يا ٺهراءُ اقليت جي ٣/۴ حصہ چونڊيل نمائندن جي منظوريءَ کانسواءِ پاس نہ ڪيو وڃي.

(٩) صوبہ سرحد ۽ بلوچستان کي ٻين صوبن جهڙا سدارا ڏنا وڃن.

(١٠) سرڪاري ۽ لوڪل باڊيز جي نوڪرين ۾ لياقت کي ملحوظ رکندي مسلمانن کي مناسب حصو ڏنو وڃي.

(١١) آئين ۾ مسلم ڪلچر، تعليم، زبان، مذهب، شخصي قوانين، اوقاف، سرڪاري ۽ لوڪل باڊيز جي گرانٽن لاءِ مناسب حصي جي تحفظ لاءِ داخلا ڪئي وڃي.

(١٢) اقليتي صوبن ۾ مسلمانن کي وڌيڪ نمائندگي ڏني وڃي بشرطيڪ سندن اڪثريتي صوبن جي نمائندگي گھٽائي هڪ جيتري يا گھٽ نہ ڪئي وڃي.

(١٣) مرڪزي ۽ صوبائي وزارتن ۾ مسلمانن کي ٽيو حصو نمائندگي ڏني وڃي.

(١۴) مرڪزي آئين ۾ آئندي لاءِ ڪابہ ڦير گھير شامل ٿيندڙ صوبن جي رضامندي کان سواءِ نہ ڪرڻ جي آئيني ضمانت ڏني وڃي.

انهن نقطن جي چوٿين فقره تي پنجاب جي سکن ۽ بينگال جي هندن جي مخالفت ڪري ڪو سمجهوتو ٿي نہ سگھيو.

ٻي گول ميز ڪانفرنس جي اجلاس ۾ گانڌي اِروِن پيڪٽ جي آڌار تي ڪانگريس طرفان گانڌيجي شريڪ ٿيو پر اهو بہ هندو مسلم سمجهوتو ڪرائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيو. مسلمان وراهيل هئا. هڪڙا ڪانگريس جي طرف هئا ٻيا برٽش سرڪار جا حامي هئا. جناح صاحب ٻنهي ڌرين کان علحده هئڻ ڪري، پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪري حالتن کان نااميد ٿي هندستان ڇڏي وڃي انگلينڊ ۾ سڪونت اختيار ڪئي.

ڪانگريسي مسلمان ڪانگريس کان مسلمانن جا فيصلا قبول

ڪرائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيا. ٻي طرف سرڪار پرست مسلمان ايتريون غير واجبي گهرون ڪرڻ لڳا، جن جو قبولڻ ڪانگريس لاءِ ناممڪن هو. جناح صاحب انهيءَ وقت اعتدال پسند هو. هن جي دلي خواهش هئي تہ ڪهڙي طرح سان هندو مسلم سمجهوتو ٿي وڃي. ان ڪري هن مسلم ليگ ڪان ٺهراءُ پاس ڪرايو تہ جي ڪانگريس ١-٢-۴-٩ نقطا قبول ڪري تہ هو جدا چونڊن جي اصول تان هٿ ڪڻڻ لاءِ تيار هئا.

ليڪن جيئن مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ پنجاب ۾ سکن ۽ بينگال ۾ هندن جي مخالفت ڪري سمجهوتو ٿي نہ سگهيو. ڪانگريس منظم ۽ فعال جماعت هئي، اُن جا ڪارڪن ستياگره ڪري جيل ۾ وڃي سگهيا ٿي. مسلمانن جا فعال ڪارڪن جمعيت العلماءِ ۽ خلافت ڪاميٽي سان شامل هئا، جي ڪانگريس جا همنوا هئا. مسلم ليگ جي اڪثريت زميندار، ڪاموري ۽ تاجر طبقي سان واسطو رکندڙ هئي، جن ۾ حڪومت خلاف قدم کڻڻ جي جرئت ڪانہ هئي، ليڪن هيءَ بہ حقيقت هئي تہ مسلم عوام ۾ سياسي شعور نہ هو. عوام تي ڪاموري، تاجر ۽ زميندار جو گهڻو اثر هو. هو پروپئگنڊا ذريعي عوام ۾ مذهب جي نالي غلط فهمي ڦهلائي سگهيا ٿي. ازانسواءِ جيڪي مسلمانن جون گهرون ڪانگريس نٿي قبوليون سي انگريزن قبوليون ٿي. انهن ڳالهين جو ڪانگريس پوريءَ طرح اندازو ڪري نہ سگهي.

نتيجو اهو نڪتو تہ جناح صاحب ۽ سرڪار پرست گروه مجبور ٿي هڪ ٿيندا ويا.

١٩٣٥ع جي ايڪٽ پاس ٿيڻ وقت چند هندستاني مسلمان جناح صاحب کي چونڊن کان اڳ موٽائي هندستان وٺي آيا. ڪانگريسي مسلمانن بہ چونڊن ۾ مسلم ليگ جي حمايت ڪئي. چونڊن ۾ مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ مسلم ليگ نہ جهڙي تعداد ۾ نشستون ڪٽيون.ليڪن اقليت وارن صوبن ۾مسلم جاين جي اڪثريت مسلم ليگ کي حاصل ٿي. يوپي صوبي ۾ زميندار ۽ نوڪرين ۾ مسلمان بسنبت آباديءَ جي زياده طاقتور هئا. آبادي ١٣ سيڪڙو هين تہ نوڪريون ۴۵ سيڪڙو هيون. تن کي اميد هئي تہ وزارت ۾ کين نمائندگي ڏني ويندي، ليڪن ان صوبي ۾ ڪانگريس کي مڪمل اڪثريت حاصل ٿيڻ ڪري هن جي ڪارڪنن جو دماغ ڦري ويو. هنن شرط وڌو تہ مسلم ليگ جا جملي ميمبر ڪانگريس ۾ شريڪ ٿين تہ پوءِ کين بہ

وزارتون ملنديون. ان مان هڪ ڪانگريسي مسلمان ٿي ملي ها ۽ هڪ مسلم ليگي ڪي. اها ڳالهه مسلم ليگين نه قبولي ۽ ڪانگريس خلاف مذهب جي نالي ۾ پرچار ڪرڻ شروع ڪيو. پيسو وٽن جام هو. ذي اثر گروه اڳئي ساڻن شامل هو. انگريزي عملدارن جي پشت پناهي هين. تن موقعن جو فائدو وٺي جناح صاحب جي اڳواڻيءَ ۾ مسلمانن کي مسلم ليگ جي جهنڊي هيٺ منظم ڪرڻ لاءِ لکنوءَ ۾ مسلم ليگ ڪانفرنس ڪوٺائي مخالفت شروع ڪئي. ان وقت ڏاري مسلمانن مان مکيه قوم پرست مسلمان جهڙوڪ: حڪيم اجمل خان، ڊاڪٽر مختيار احمد انصاري، مولانا محمد علي، مولانا محمود الحسن ديوبندي، سر فضل حسين، سر عبدالقيوم وغيره وفات ڪري ويل هئا. جناح صاحب لاءِ ميدان صاف هو. بخت بلند هوس، ملڪي هوا سازگار هئي، ليڊر دانشمند هو، ٿوري وقت اندر مسلم عوام ويا مسلم ليگ جي جهنڊي هيٺ گڏ ٿيندا. پنٽي پيل ملڪن ۾ عوام تي مذهب جو گهڻو اثر رهي ٿو. گانڌيجي مذهبي طريقي سان هندو عوام تي اثر ويهاريو هو. ساڌن جهڙا ڪپڙا پائڻ، گئو رکشا جو آواز ڪڍڻ، رام راڄ لاءِ ڪوشش ڪرڻ، روزا رکڻ، روزانو ڀڄن ڇورائڻ اهڙا ڪم هئا جن هندو عوام کي سندس پويان ڪنو ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.

انهي جي تتبع تي مسلم ليگ مسلمانن جي ڪلچر، تهذيب ۽ مذهب جي رکواليءَ جو نعرو لڳايو. اخبارن ۽ ڪن مولوين کي هو پنهنجي طرف ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا.

ڪانگريس کي بدليل هوا جو رخ ڏسي هن ڊر کي مناسب قيمت ڏئي خريد ڪرڻ گهريو هو. ليڪن هنن بجاءِ ان جي مسلمانن سان سڌو رابطو قائم ڪرڻ جي تحريڪ شروع ڪئي. مسلم ليگ ان کي چئلينج سمجهي پاڻ وڌيڪ تندهي سان مخالفت ڪئي.

مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ جتي مسلم ليگ کي پير رکڻ جي جاءِ ڪانه هئي اتي به ڪانگريس ڪارڪنن جي غلطي، انگريز عملدارن جي پاليسي، مسلم زميندار ۽ ڪاموري جي هندو سرمائيدار ۽ ڪاموري خلاف شڪايتن اهڙيون حالتون پيدا ڪيون جو آهستي ٿي مسلم عام راءِ مسلم ليگ جي فائدي ۾ ٿيڻ لڳي. ان ڪان متاثر ٿي بينگال ۾ مولوي فضل الحق، آسام مان سر سعد الله خان ۽ پنجاب مان سر سڪندر حيات وزيراعظمن ۽

سنڌ مان اسان مسلم ليگ ۾ شرڪت ڪئي. پنجاب مان علامہ اقبال، جو هڪ وقت جناح صاحب جي خلاف هو ان بہ خط لکي، بيماريءَ جي بستري تان جناح صاحب جي ليڊرشپ قبولي.

۱۹۳۹ع جي آخر ۾ يورپ ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي شروع ٿي. انگريزن هندستانين جي مشوري کان سواءِ جنگ ۾ انڊيا کي بہ شريڪ ڪري ڇڏيو. ان نيون حالتون پيدا ڪيون. وائسراءِ جي بنا هندستانين جي مشوري جنگ جي اعلان تي ڪانگريس اعتراض ڪيو. گانڌيجي پهرين مهاڀاري لڙائي وقت بنا شرط انگريزن جي حمايت ڪئي هئي ۽ ان لڙائي جي ڪاميابي ۾ هندستانين جو وڏو حصو هو ليڪن ڪاميابيءَ بعد اتحادين يورپ جي ننڍين قومن کي آزادي وٺي ڏني پر اهو اصول هندستان سان لاڳو نہ ڪيو. بلڪ جڏهن ايشيا ۽ افريقا ۾ اتحادين جي ماتحت ملڪن ۾ آزادي لاءِ تحريڪون شروع ٿيون تہ انهن کي بي رحميءَ سان ڪچلي ڇڏيائون. گذريل ويهن سالن جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ۾ ڪانگريس مکيہ پارٽ ادا ڪيو هو. ان تجربي بعد هن جي ڪارڪنن کي انگريزن جي قول ۽ فعل تي بي اعتباري ٿي ويئي هئي. ان ڪري هن دفعي هنن فيصلو ڪيو تہ نہ رڳو آزاديءَ جي وعدي تي پر گهٽي حصي تائين ان جي حصول کان سواءِ جنگ ۾ مدد نہ ڪندا. ان ڪري هنن پهرين انگريزن کي چيو تہ جنگ جا مقصد بيان ڪريو. ان تي اتحادين ائٽلانٽڪ چارٽر ۾ اهي مقصد ظاهر ڪيا پر انهن ۾ هندستان جي آزاديءَ جو ڪليل ذڪر ڪونہ هو. ان تي هندستانين اعتراض اٿاريو. جنهن تي انگلينڊ جي وزيراعظم مترونسٽن چرچل بيان ڏنو تہ:

”هو برطانيہ سامراج کي ختم ڪرڻ لاءِ وزيراعظم نہ ٿيو آهي“ ان ويتر باهہ تي تيل جو ڪم ڏنو. انگريزي حڪومت ان مسئلي ۾ پس و پيش ڪرڻ لڳي. ڪانگريس مڃنَ ٿي آزاديءَ لاءِ گهر ڪندي رهي. ان تي حڪومت ٻين جماعتن جي مدد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش شروع ڪئي. مسلم ليگ ان وقت تائين ڪافي طاقتور ٿي چڪي هئي. انهيءَ جي ڪارڪنن موقع کي غنيمت ڄاڻي فائدو وٺڻ چاهيو. جناح صاحب ان وقت ڏاري مسلم ليگ تي مڪمل قبضو ڪري ويو هو. هو ڏانشمند سياستدان هو تنهن انگريزن کي دلاسو ڏنو ليڪن مدد ڪرڻ کان اڳ مسلمانن جي گهرن کي پورو تقاضا ڪئي.

هن يڪي بعد ڏيگر هينيان شرط وجهي ان جي قبوليت لاءِ اصرار ڪيو:

(۱) ۱۹۳۵ع جي ايڪٽ واري فيڊرل نظام کي ختم ڪيو وڃي.

ان تجويز جي ڪانگريس به مخالفت ڪئي هئي جو ڪيس گمان هو ته مرڪزي حڪومت ۾ انگريز مسلمانن، رياستن ۽ ٻين جي مدد سان پنهنجو تسلط قائم رکيو ايندا.

مسلم ليگ ان ڪري مخالف هئي جو ان کي ان اسڪيم جي سبب مرڪز ۾ هندو اڪثريت جي هٿن ۾ راڄ وڃڻ جو ڊپ هو.

ٿوري وقت کان پوءِ انگريزن ان کي ختم ڪري هندستانين جي آئين اسيمبلي ذريعي آئين ناهڻ قبول ڪيو.

(۲) مسلم ليگ جي ٻي گهر اها هئي ته ملڪ ۾ ڪوبه آئين مسلم ليگ جي رضامنديءَ کان سواءِ پاس نه ڪيو وڃي. چاڪاڻ ته مسلم ليگ مسلمانن جي واحد نمائنده جماعت هئي.

انگريزن ابتدا ۾ ڪانگريس جي ناراضگيءَ جي خيال کان اهو شرط مڃڻ کان ٽرڪايو. جڏهن ڪانگريس سول نافرماني ڪري ڪين تنگ ڪيو ۽ جنگ به نازڪ صورت اختيار ڪئي ته آهستي ٿي ان کي به قبول ڪيائون.

هوڏانهن ڪانگريس جي اها حالت هئي ته نه انگريزن سان سمجهوتو ڪري سگهيا ۽ نه مسلم ليگ کي رضامند ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

ان ڪري ٻن محاذن تي مخالفت کي منهن ڏيڻو ٻين. حقيقت پسندي ۽ راڏا ويڌ کان ڪم نه ورتائون.نتيجو اهو نڪتو ته مسلم ليگ ۱۹۳۸ع ۾ سنڌ ۾ سڏايل صوبه مسلم ليگ ڪانفرنس ۾ مسلمانن جي جدا گانه قوميت جي بنياد تي ملڪ جي ورهاست جو ٺهراءُ پاس ڪيو.

ڪانگريس وزارتون انگريزن جي طرفان سندن گهرن نه مڃڻ ڪري احتجاج طور استعيفا ڏئي ويون. ان ڪري پنجن صوبن ۾ مسلم ليگ وزارتون قائم ٿي ويون.

سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا پارليامينٽ ۾ بيان ڏئي ظاهر ڪيو ته مسلمانن جهڙي طاقتور اقليت جي رضامنديءَ کان سواءِ هو يڪ طرفو نه آئين بدلڻ لاءِ تيار هئا ۽ نه ملڪي حڪومت جون واڳون هڪ پارٽيءَ جي هٿ ۾ سپرد ڪرڻ لاءِ تيار هئا. اهڙي طرح سان جناح صاحب جون ٻئي گهرون ذري گهٽ قبول ٿي ويون. جنگ جي زور وٺڻ ڪري انگريز منتظر هئا ته

ڪهڙي طرح سان ٻنهي ڌرين کي رضامند ڪري. مرڪزي حڪومت ۾ شريڪ ڪرائي جنگ لاءِ مڪمل مدد حاصل ڪن. ان ۾ کين ٻن مشڪلاتن جو مقابلو ڪرڻو پيو. هڪ طرف ڪانگريسي مڪمل اختيار حاصل ڪرڻ کان سواءِ رضامند نہ ٿي ٿيا، جي انگريز جنگ جي هلندي ۾ کين سپرد ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا.

ٻي طرف جناح صاحب کي ڊپ هو تہ جي هيڪر ڪانگريس اقتدار ۾ اچي ويئي تہ پوءِ سندن مستقل جا خواب بنا تعبير جي رهجي ويندا.

ان ڪري هن ٻہ گهرون ڪيون. هڪ تہ آئينده لاءِ ملڪ جي ورهاست تئي پيو تہ عارضي حڪومت ۾ هندن ۽ مسلمانن کي هڪ جيتري نمائندگي ڏني وڃي. جن گهرن کي حال ٻنهي ڌرين قبولڻ کان انڪار ڪيو.

آهستہ ٿي ان وقت ڌاري آئيني مسئلن سان گڏ اختلاف نظرياتي صورت اختيار ڪرڻ لڳا. هڪ طرف ڪانگريس جي دعوئي هئي تہ هندستاني هڪ متحده قوم آهن. ڪانگريس هندستاني عوام جي نمائنده جماعت هئي.

ٻي طرف مسلم ليگ وارا چوڻ لڳا تہ ڪانگريس هندستاني عوام جي نمائنده جماعت نہ هئي پر متاهين طبقي جي هندن جي نمائنده هئي. مسلمان جداگانہ قوم هئا. قومن جي حق خود اراي موجب هنن کي مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ جدا حڪومتن ٺاهڻ جو حق هو. مسلمانن جي واحد نمائندہ جماعت صرف مسلم ليگ هئي. ٽي طرف انگريزن جو چوڻ هو تہ هندستاني هڪ قوم نہ هئا، پر ڪيترين جاتين، ننڍن قومن ۽ گروهن ۾ ورهايل هئا. جن ۾ مسلمان، اڇوت، سک، راجائون ۽ ڪرستان ذڪر جي لائق هئا. هڪ دفعي پنڊت جواهر لعل نهروءَ ظاهر ڪيو تہ ملڪ جي طاقت ٻن گروهن ۾ ورهايل هئي. هڪ انگريز ۽ ٻيو ڪانگريس تہ ان تي جناح صاحب کيس جواب ڏنو تہ ٽي طاقت مسلم ليگ هئي. هاڻ جڏهن بہ ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي وچ ۾ گفتگو ٿي ٿي تہ جناح صاحب پهريون شرط اهو ٿي وڌو تہ پهرين ڪانگريس کي مسلمانن جي جدا گانہ قومي حيثيت ۽ مسلم ليگ جي مسلمانن جي واحد نمائنده جماعت جي اصولن کي قبولڻ گهرجي. ڪانگريس غير فرقيوار جماعت هئي، جنهن ۾ مسلمان بہ شريڪ هئا. سدائين هندستانين جي متحده قوميت جي اصول تي ڪم ڪندي ٿي آئي، تنهن لاءِ اهو شرط قبولڻ نهايت مشڪل هو. ان ڪري هندو مسلم

سمجهوتي ۾ رنڊڪون پونديون آيون. ان وقت ڪي اهڙا صاحب به هئا. جن ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي پنهي دعوائن کي غلط ٿي سمجهيو. مولانا عبيدالله سنڌي انهن مان هو. جنهن هندستان کي زبان، جاگرافيائي وطن، ڪلچر، تواريخي روايات وغيره جي بنياد تي گهڻين قومن جو وطن ٿي سڏيو.

راجا گوپالا آچاريه جو جهونو سياستدان ۽ مهاتما گانڌيءَ جو پراڻو ساٿي هو. ان به تجربي ۽ ملڪي حقيقتن جي بنياد تي زبان جي اصول تي صوبائي قوميتن جي اصول کي قبوليندي، انهن جي حق خود ارادي کي تسليم ڪيو. جنهن تي ڪانگريس کيس مجبور ڪري جماعت مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو.

آهستہ تي اختلاف وڌندا ويا. ان سان گڏ اقتدار جي حصول جي لالچ به ڏرين کي صحيح رستي تي اچڻ کان مانع ٿي. نيٺ ڪانگريس تنگ ٿي ۸ آگسٽ ۱۹۴۲ع تي مڪمل آزادي حاصل ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪري، انگريزن جي ملڪ ڇڏي وڃڻ لاءِ سول نافرماني شروع ڪئي.

جنهن تي سرڪار طرفان سخت قدم کنيا ويا ۽ جملي ڪانگريسي ڪارڪنن کي جيلن ۾ موڪليو ويو. ساري ملڪ ۾ هنگامو مچي ويو.

آئون ان وقت آل انڊيا مسلم ليگ ورڪنگ ڪاميٽي جو ميمبر هوس، جناح صاحب ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ڪانگريس جي ٺهراءُ تي غور ڪرڻ لاءِ ۱۶ آگسٽ ۱۹۴۲ع تي بمبئي ۾ سڏائي. ٺهراءُ تيار ڪرڻ لاءِ هڪ سب ڪاميٽي جي حوالي ڪيو ويو. جنهن مسودو تيار ڪري ۲۰ تاريخ ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي اڳيان پيش ڪيو. ان ۾ ڄاڻايل هو تہ ڪانگريس مسلم ليگ سان سمجهوتي تي اچڻ کان سواءِ هي سڌو قدم انگريزن کي هيسائي ملڪ جون واڳون سندن هٿ ۾ وٺڻ لاءِ کنيو هو. اهو انگريزن سان تصادم مسلمان مفاد جي خلاف هو. مون کي اها ڳالهہ نهايت ناگوار گذري. هڪ تہ ملڪ جي آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ اسان مسلم ليگ وارا ڪو حصو نہ وٺون. ڏڌهن ٻيا آزاديءَ جي جنگ لڙي انگريزن کي هيسائي ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ ميدان هموار ڪن تہ رڌل پڪل تي تيار ٿي وڃي پنهنجي لاءِ وڏو حصو طلب ڪريون. هن وقت جڏهن هنن آزاديءَ لاءِ انگريزن خلاف سڌو قدم کنيو هو تہ بقول " ڏجي نہ نہ ڏکوئجي بہ نہ" وانگر ڪم از ڪم اسان مخالفت تہ نہ ڪريون. ان ڪري مون ڪانگريس جي باقي رهيل ليڊرن جي معرفت گانڌيجيءَ سان گفتگو هلائي سمجهوتي تي اچڻ جي ترميم ٺهراءُ ۾

ڏني. پر جناح صاحب جي مخالفت ڪري اها پاس ٿي نہ سگهي.

ان وقت ڪن ڪانگريسي ڪارڪنن جي راءِ هئي تہ سول نافرمانيءَ جو قدم مسلم ليگ سان سمجهوتي ڪرڻ بعد کڻجي ها تہ بهتر هو. ان ڪان متاثر ٿي نواب بهادر يار جنگ بمبئي آيل هو.

مسلم ليگ ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن سان ملي ڪانگريسين سان گفتگو ڪرڻ لاءِ آماده ڪري رهيو هو. اسان سان بہ مليو هو. خورشيد ڀيڻ جي دعوت تي ڪهڙو ۽ آئون جڏهن ڪانگريسي ڪارڪنن سان ملياسون تہ اتي هنن راجا گوپال آچاريہ کي گهرائي جناح صاحب سان ملڻ لاءِ تجويز پيش ڪئي. بشرطيڪ جناح صاحب اها ڳالهہ قبول ڪري، پر جناح صاحب ان لاءِ تيار نہ هو. مونکي پتو نہ آهي تہ ان لاءِ ڪيس ڪهڙا سبب هئا؟ ليڪن جيتري قدر منهن جي قياس آرائيءَ مان پتو پوي ٿو تہ گفتگوءَ کان انڪار ڪرڻ لاءِ هيٺيان سبب ڪيس مانع هئا:

(١) مسلم ليگ جي وڌندڙ طاقت ۽ انگريزن جي حمايت هن ۾ اميدون پيدا ڪيون هيون تہ هندستان جي هڪ ٽڪري ۾ مٿاهين طبقي لاءِ جاءِ پناه ۽ استحصال لاءِ حڪومت واسطي حالتون سازگار ٿي رهيون هيون. ان نئين سلطنت جي حڪمران ٿيڻ جا سبز باغ هن جي نظر جي سامهون هئا. ڪانگريس سان گهٽي وقت ڪان لاڳاپي ڪري هن کي يقين ويهي ويو هو تہ هو خوشيءَ سان ملڪ جي ورهاڱي جي تجويز قبول نہ ڪندا، تنهن ڪري بهتر هو تہ اهڙي وقت تي هن نہراءُ سان انگريزن کي راضي ڪري، جو ممڪن هو تہ انهن جي معرفت ورهاڱو عمل ۾ اچي وڃي.

(٢) ڪانگريس اڳ ۾ سائس سمجهوتي ڪانسواءِ انگريزن سان تصادم ۾ اچي ويئي هئي. لڙائي پوري ٿيڻ کان اڳ انگريز ڪنهن بہ صورت ۾ حڪومت جون مڪمل واڳون هٿن مان ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئا. تنهن ڪري گانڌيجيءَ سان جيل ۾ گفتگو ڪرن لاءِ اجازت ملڻ جو امڪان ڪونہ هو. ممڪن آهي انهيءَ ڪري خواه مخواه مسلم ليگ جو سرڪار سان تصادم ٿي پوي جنهن لاءِ نہ پاڻ تيار هو نہ مسلم ليگ جي ڪارڪنن جي اڪثريت تيار هئي. آئون ۽ پيا کي دوست انهيءَ راءِ جا هئاسون تہ انگريزن تي اعتبار ڪونہ هو. انگريزي حڪومت جيڪڏهن ڪانگريس جهڙي زبردست تحريڪ کي دٻائي ويئي تہ آئنده هو ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ ڪندا. هن وقت

جنهن صورت ۾ ڪانگريس جو هڪ گروه صوبن کي مڪمل خود مختياري ڏيڻ لاءِ تيار هو ته چو نه سمجهوتو ڪري گڏجي انگريزن سان تصادم ۾ اچي ڏيائي ملڪ جي آزادي حاصل ڪجي. مون تي ان ڪان اڳ اثر ويٺل هو ته جناح صاحب مسلمانن جي حقوق جي حفاظت ۽ مسلم اڪثريت وارن صوبن جي گهٽي ۾ گهٽي آٽونامي ءَ جي ضمانت بعد ملڪ جي قطعي ورهاست تان دستبردار ٿي ويندو. ليڪن هاڻ صاف معلوم ٿي ويو ته مختلف سببن ڪري هن تي پنهنجي جدا سلطنت جو ڀوت سوار ٿيل هو ۽ اقليت وارن صوبن جا مستقل مفاد انهيءَ اسڪيم جي پويان هئا.

هندستان جي گذريل ٻن هزار سالن جي تاريخ منهنجي نظر جي سامهون هئي. هندستان کي متحده ڪرڻ لاءِ اشوڪا، وڪرماجيت، اڪبر، اورنگزيب ۽ انگريزن جون سياسي ڪوششون اکين اڳيان هيون. ازانسواءِ ماڻهن کي هڪ ٻين جي نزديڪ آڻڻ لاءِ ويدانتين، چشتي بزرگن، ڪبير ڀڳت، گرونانڪ، پنجابي ۽ سنڌي صوفيائي ڪرام جون تحريڪون وسري ڪونه ويل هئم.

جيڪڏهن ملڪ کي نفرت جي بنياد تي ورهائڻ جي تجويز ڪامياب ٿي ٿي ته ان ڪري گذريل هزار ورهين جي تاريخ جي ارتقائي روايات تي پاڻي ڦري وڃڻ وارو هو ۽ برصغير جو مستقبل روشن ٿيڻ جي عيوض تاريڪ ٿيڻ جو امڪان هو.

ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي تعليم ۽ صوفيائي ڪرام جي تربيت ڪري مون تي اهو اثر ويٺل هو ته برصغير هند کي دنيا جي اتحاد ۽ امن، مشرق ۽ مغرب جي تهذيبن کي ملائڻ لاءِ وڏو ڪردار ادا ڪرڻو هو. هن طرح چند يوپي ۽ پنجاب جي مستقل مفاد جي فائدي خاطر ۽ جناح صاحب جي نئين سلطنت جي باني ۽ حاڪم ٿيڻ جي حوس ڪري ملڪ جي ورهاست ڪري اهي سڀ اميدون خاڪ ۾ ملي وڃڻ واريون هيون. ليڪن ملڪ جو ماحول اهڙو تيزي سان بدلبو ۽ هوش تي جوش غالب ٿيندو ويو جو ضد ۽ نفرت، سمجهه ۽ صلاحيت تي غالب پئجي ويون.

انهي عناصري قوتن اڳيان اسان جي خواهشن جو مثال دريا ۾ ڪکن برابر هو. انهي سموري عرصي ۾ ڪانگريسي جيلن ۾ رهيا، مسلم ليگين کي موقعو ملي ويو سي هندن خلاف خوب نفرت ڦهلائيندا ويا.

آئون جيتوڻيڪ مسلم ليگ هاتي ڪمانڊ جي طريقہ ڪار مان ڪتو ڏينڊو ويس ليڪن هوا جي رخ ڪري انهي وهڪري مان پاڻ ڇڏائي نہ سگهيس.

۳ مارچ ۱۹۴۳ع تي مون سنڌ اسيمبليءَ ۾ پاڪستان جو ٺهراءُ پيش ڪري پاس ڪرايو. ٺهراءُ ۾ ان تي ڪيل تقرير جا حصا "پيش لفظ" ۾ ڏنل آهن. انهن کي دهرائڻ جي ضرورت نہ آهي. ان ٺهراءُ کي غور سان ڏسندا تہ ان ۾ هيٺيون ڳالهيون نمايان ڏسڻ ۾ اينديون:

(۱) موجوده حالات جي مدنظر ورهاڱو ڪجي پر اهو عارضي هوندو.

(۲) ان ورهاڱي ۾ مسلم اڪثريت وارن صوبن کي آزاد ۽ خود مختيار رياستن جي صورت اختيار ڪرڻي هئي.

(۳) ٻن قومن جو نظريو عارضي هو آخر طور هندستانين جي مختلف قومن کي هڪ ٻئي جي نزديڪ آڻي متحد ڪرڻ جو خيال نظرانداز نہ ڪرڻو هو.

پر مسلم ليگي ليڊر انهيءَ اصولن جي خلاف ڪم ڪندي ڏٺا ويا. هنن جو مطمع نگاهہ پنجاب ۽ اقليت جي مستقل مفاد جي استحصال واسطي هڪ نئين سلطنت ۾ چراگاهہ پيدا ڪرڻ جو هو.

هر هڪ مفاد پرست ۽ خود مطلبين جو ٽولو هئا. جن کي هندستاني عوام جي مجموعي مفاد ۽ انسان ذات جي ڀلي سان ڪو واسطو نہ هو.

نہ صرف ايترو پر انهيءَ ڪوتاهہ نظر گروهہ سندن طبقاتي مفاد جي حصول لاءِ جي طريقہ ڪار اختيار ڪيا سي بہ گهٽيا قسم جا هئا. جهڙوڪ :

(۱) مقصد ۽ اقتدار جي حصول لاءِ هر طرح جا ڪَڌا ڪم ڪرڻ سندن ڪتاب ۾ جائز هو.

(۲) هندن ۽ مخالف مسلمانن خلاف نفرت ڦهلائڻ لاءِ مذهب جو استعمال ڪرڻ ڪان بہ نہ گتا.

(۳) مذهب اسلام جي فسطائي تشريح ڪرڻ لاءِ هر طرح جا طريقا استعمال ڪيائون ٿي.

شموليت اختيار ڪئي.

انگريزن جا نمڪ خوار، صحيح اسلامي تعليم کان بي بهره ۽ خود مطلب ماڻهو هن تي بهتان رکن ٿا ته هن هندن جي رضامندي، پيسي ۽ ڪانگريس جي ليڊري خاطر اهو رستو اختيار ڪيو. ليڪن ههڙي عالم دين، قربانيءَ جي پتلي، صاحب فڪر ۽ دل خلاف اها تهمت سراسر بي ايماني ۽ بي سمجهيءَ تي ٻڌل آهي. اڳي ڪهڙي طرح هن مسلمانن ۾ بيداري پيدا ڪرڻ لاءِ مضمون لکيا. انهن جا حوالا هيٺ ڏيان ٿو:

سنڌس ١٩١٢ع ۾ رسالي الهلال ۾ لکيل مضمون جو ٽڪر حوالي لاءِ ڏيان ٿو:

"اسلام ان کان گهڻو مٿي ۽ وڏو آهي جو ان جا پوئلڳ سندن سياسي پاليسي، هندن جي پوئلڳيءَ ۾ هلائين. مسلمانن لاءِ ان کان وڏيڪ ٻي بي عزتيءَ جهڙي ڳالهه نه ٿيندي جو هو ٻين جي تعليم اڳيان پاڻ نمائين. هنن کي ٻي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ جي ضرورت نه آهي. هنن کي اها ڳالهه سپرد ٿيل آهي ته ساري دنيا کي، سندن جماعت ۾ شرڪت لاءِ دعوت ڏين ۽ سندن رهبري ڪن. حقيقت ۾ صدين تائين مسلمانن ائين ئي ڪيو آهي. جيڪڏهن مسلمان خدا تي ڀروسو رکندا ته ساري دنيا سندن پويان هلندي. جنهن صورت ۾ صحيح راهه سندن اڳيان کلي پيئي آهي ته پوءِ ٻين جي درن تي رلي ڇو ڌڪا کائين؟ هو خدا جي جماعت آهن، جنهن کين بهترين جماعت ٺاهيو آهي. خدا کين ٻين جو تابع ٿيڻ برداشت نه ڪندو. اها الهلال جي پاليسي آهي جنهن ڏانهن مسلمانن کي مدعو ڪري ٿي ته هي انساني ذهن جي ايجاد نه آهي."

ان صاحب جڏهن معلوم ڪيو ته:

(١) هندستان جي آزادي، سواءِ هندو مسلم اتحاد جي حاصل ٿي نه سگهندي

(٢) هندستان جي آزاديءَ تي مسلم ملڪن جي آزاديءَ جو مدار آهي

(٣) ساري دنيا جي مسلمان ملڪن، وطن جي بنياد تي قوم پرستيءَ جي نظريي کي قبولي پاڻ وٽ رائج ڪيو آهي.

(٤) سرزمين هند ۾ مسلمانن جي جداگانه قومي نظريي جي حمايت، اسلام، مسلمانن ۽ صوفيائي ڪرام جي هزار ساله محنتن ۽ تعليم جي منافي آهي.

(۵) اهو نظريو انگريزن جي پوئلڳ ۽ مسلمانن جي مستقل مفاد جي حامين، سندن طبقاتي مفاد جي تحفظ لاءِ ايجاد ڪيو هو. ان جو روح اسلام ۽ مسلم عوام جي تحفظ سان ڪو واسطو ڪونہ هو.

تہ هن رويو بدلي ڪانگريس ۾ شموليت اختيار ڪري متحده قوم جي حمايت ڪئي.

## ٣. مسٽر محمد علي جناح:

هن صاحب سندس سياسي ابتدا ڪانگريس ۾ شموليت سان ڪئي. هن دادا ڀائي نوروز جهڙي مشهور پارسي قومپرست ليڊر جو ڪجهہ وقت سيڪريٽري ٿي ڪم ڪيو. سندس ابتدائي بيانن جا ٽڪرا ملاحظہ لاءِ پيش ڪجن ٿا:

"هن صاحب ١٩١٠ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس اجلاس الهہ آباد ۾ متحده قوميت جي حمايت ڪئي ۽ جدا چونڊن جي مخالفت ۾ ٺهراءُ پيش ڪيو."

١٩١٩ع ۾ پارليامينٽ جي جائنٽ سليڪٽ ڪميٽيءَ اڳيان سوالن جا جواب ڏيندي چيو تہ "آئون انڊين قوم پرست آهيان. جدا چونڊن جي جلد ختم ڪرڻ جو حامي آهيان. ان ڪان وڌيڪ مونکي ڪابہ خوشي نہ ٿيندي جو هندستاني سياست مان هندو مسلم اختلاف ختم ٿي وڃن."

١٩٢٠ع ۾ آل انڊيا ڪانگريس اجلاس ناگپور ۾ هن تقرير ڪندي ظاهر ڪيو تہ سياست ۽ مذهب کي گڏڻ جي هو خلاف هو.

ان ڪان پوءِ مئي ١٩٢٤ع جي آل انڊيا مسلم ليگ جي لاهور واري اجلاس ۾ هن ظاهر ڪيو تہ "ڌارين حڪومت جو وجود هندو مسلم نفاق جي آڌار جي بيٺل آهي. جيڪڏهن هو پاڻ ۾ اتفاق ڪن تہ يڪدم بيٺڪي راڄ حاصل ڪري سگهندا."

ليڪن بعد ۾ جڏهن هن جو ڪانگريسي ڪارڪنن سان اختلاف ٿي پيو تہ ردعمل ۾ هو انهي حد تائين ويو جو مسلمانن جي جداگانہ قوم جي نظرئي جي حمايت ڪيائين ۽ ملڪ جي ورهاڱي جو باعث بنيو. جيتري قدر آئون سندس ان تبديليءَ جا ڪارڻ خيال ۾ آڻي سگهيو آهيان تہ اهي هيٺيان ٿيندا:

(١) مسلمانن جي جائز حقوق جي گهرڻ تي اصرار ڪرڻ تي ڪيس فرقہ پرست سڏي ۽ پيا ڪيترا بهتان مڙهي بدنام ڪيو ويو.

(٢) مسلم ليگ سان سڌي طرح سمجهوتي تي اچڻ جي عيوض ٻين مسلمان ليڊرن کي لالچ ڏئي، مسلمانن جي وچ ۾ انتشار پيدا ڪيو ويو.
(٣) ڪانگريس جو آئيني طريقا ڇڏي عدم تعاون، سول نافرماني ڪري جيل ۾ وڃڻ، لٺيون جهلڻ وغيره جا طريقا سندس طبيعت جي خلاف هئا.

هڪ ايماندار ۽ دانشمند ماڻهوءَ جي دشمني وڏي لشڪر جي حملي جيتري خطرناڪ ٿئي ٿي. هن بابت به ائين ٿيو. روز بروز ضد ۾ اچي مخالفت ۾ وڌندو ويو. ايتري قدر جو هن سندس اڳوڻن عقيدن کي ڇڏي ڏنو. جهڙي طرح:
(١) متحده هند قوميت جي نظرئي کي ڇڏي مسلمانن جي جداگانه قومي نظريي جي حمايت ڪئي.
(٢) متحده هند جي خيال کي ترڪ ڪري ملڪ جي ورهاڱي لاءِ گهر ڪيائين.
(٣) مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ جي مخالفت ڇڏي، سياسي مقاصد جي حصول لاءِ مذهب جي نالي جو استعمال ڪيائين.
هو اسلام جو چاڻو ڪونه هو. عملي سياست ۾ اعتماد رکندڙ سياستدان هو. تنهن ڪري هڪ دفعي ردعمل ۾ اچي روز بروز اڳين روايتن کي ترڪ ڪندو ويو. جنهن متحده قوم ۽ سيڪيولر حڪومت جي حصول لاءِ هن ابتدا ۾ ڪم ڪيو، عين ان جي مخالف ڪم ڪرڻ لڳو.
١٩٤٣ع ۾ گانڌيجي جيل ۾ ورت رکيو. ساري ملڪ ۾ هنگامو مچي ويو. راج گوپال آچاريه هن سان جيل ۾ ملاقات ڪئي، جتي ڪانگريس ليگ سمجهوتي لاءِ، هڪ فارمولا ٺاهي گانڌيجيءَ کان منظوري ورتائين.
فارمولا هيٺيون هو:
”انڊين نيشنل ڪانگريس ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جي وچ ۾ ٺهراءُ جا شرط جنهن تي مهاتما گانڌي ۽ مسٽر جناح رضامند ٿي ڪوشش ڪري، ڪانگريس ۽ ليگ جماعتن کان منظوري وٺندا.
(١) آزاد هندستانين جي آئين هيٺ ڄاڻايل شرطن کي نظر ۾ رکي مسلم ليگ هندستان جي آزاديءَ جي گهر جي تصديق ڪري، ڪانگريس سان عارضي وقت لاءِ حڪومت ٺاهڻ لاءِ تيار ٿيندي.
(٢) جنگ جي ختم ٿيڻ بعد هڪ ڪميشن مقرر ڪئي ويندي جا

اتر الهندي ۽ ايرندي هندستان جي لاڳيتن ضلعن ۽ جتي مسلمانن جي گهڻي اڪثريت هوندي، جي حدبندي ڪندي. اهڙي طرح حدبندي ڪيل ايراضين ۾ جملي بالغ ماڻهن جي يا ٻي ڪنهن عمل ۾ اچڻ جهڙي طريقي سان راءِ شماري ورتي ويندي. ان مطابق مسلمانن کي هندستان کان جدا ٿيڻ جو فيصلو ڪيو ويندو. ان ۾ انهن ايراضين جي رهاڪن جي راين کي خيال ۾ رکڻو پوندو جي پروارين ايراضين ۾ شامل ٿيڻ جي خواهش ظاهر ڪندا.

(۳) راءِ شماري ڪرائڻ وقت سڀني پارٽين کي ماڻهن جي سامهون سندن نقطہ نگاهہ پيش ڪرڻ جي اجازت هوندي.

(۴) جدائيءَ جي فيصلي ٿيڻ بعد ٻنهي ايراضين جي بچاءُ، واپار، رسل و رسائل ۽ ٻين ضروري مسئلن بابت باهمي قرارداد (اقرار) ڪرڻا پوندا.

(۵) جدائيءَ جي حالت ۾ ماڻهن جي متا ستا سندن رضامندي موجب ڪرڻي پوندي.

(٦) اهي شرط هندستاني حڪومت کي برٽش سرڪار کان مڪمل اختيار ۽ جوابداريون سپرد ٿيڻ بعد عمل ۾ ايندا.

اهو فارمولا جناح صاحب تائين پهچايو ويو پر ان تي ڳالهہ ٻولهہ ڪانہ ٿي.

۱۹۴۴ع ۾ گانڌيجيءَ کي آزاد ڪيو ويو. هن يڪدم هڪ طرف وائسراءِ سان ملاقات لاءِ ڪوشش ڪئي ۽ ٻي طرف جناح صاحب سان ملڻ لاءِ خط لکيو.

جناح صاحب ۲۹ جولاءِ ۱۹۴۴ع تي لاهور ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ گانڌيجيءَ کان آيل خط جو ذڪر ڪري ان باري ۾ ميمبرن کان راءِ معلوم ڪرڻ گهري، جتي سڀني ميمبرن ان راءِ جو اظهار ڪيو تہ جنهن صورت ۾ هو ازخود ملڻ گهري ٿو تہ جناح صاحب ڀلي ان سان ملاقات ڪري، ليڪن نہ هن نهراءُ پاس ڪرايو نہ پنهنجي راءِ قائم ڪئي. ان تي ڪيترن ميمبرن کي سندس انهيءَ روش تي ارمان ٿيو. ڇو جي ميمبرن جي راءِ پڇڻ بعد پنهنجي راءِ ظاهر نہ ڪرڻ ۽ نہ نهراءُ ڪرڻ ٻي واجبي ڳالهہ هئي.

جڏهن ميمبرن سندس راءِ معلوم ڪرڻ تي اصرار ڪيو تہ ميٽنگ مان اٿي ٻي ڪمري ۾ هليو ويو. ان تي ميمبرن جي چوڻ تي ٻيهرين خواجہ

ناظم الدين سندس راءِ معلوم ڪرڻ ويو پر ان کي راءِ ڏيڻ کان انڪار ڪيائين. بعد ۾ چوڌري عبدالمتين وٽس ويو. اهو به نااميد ٿي موٽي آيو.

هي مثال ان لاءِ پيش ڪيو اٿم ته پڙهندڙن کي معلوم ٿئي ته ان وقت ڌاري ليگ جي شهرت ڪري، هن جو دماغ ايترو مٿي چڙهيل هو جو سندس ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبرن سان کهڙو ورتاءُ ڪيائين ٿي.

بي ڏينهن ٣٠ جولاءِ ١٩٤۴ع تي مسلم ليگ ڪائونسل ۾ تقرير وقت ان ڳالهه جو ذڪر ڪندي هن ظاهر ڪيو ته گانڌيجي کيس خط لکيو هو. جنهن جو هن کيس اڳ ۾ جواب ڏئي ڇڏيو هو ته بمبئيءَ ۾ سيپٽمبر ڌاري هو کيس ملي سگهي ٿو.

ان کان پوءِ ٩ سيپٽمبر ١٩٤۴ع تي بمبئيءَ ۾ گانڌيجي جناح صاحب جي بنگلي تي وڃي کيس مليو. جتي ٢٧ سيپٽمبر تائين سندن ملاقاتون ٿينديون رهيون. سندس ملاقاتن وقت ٿيل گفتگو سموري خطن ذريعي رڪارڊ بنجي ويئي جا پوءِ ٻنهي پارٽين طرفان ڇپائي پڌري ڪئي ويئي. انهن ملاقاتن ۾ باوجود ٻنهي صاحبن جي گهڻي ڪوشش جي سمجهوتو ٿي نه سگهيو.

منهنجي نظر ۾ ڳالهين ٽٽڻ لاءِ حالتون جوابدار هيون ۽ نه هي صاحب. ان جا ڪارڻ مونکي هي ڏسڻ ۾ اچن ٿا: گانڌيجي دل ۽ دماغ جو مالڪ هو. جناح صاحب صرف دماغ ئي دماغ هو.

گانڌيجي آئيڊيلسٽ پهرين ۽ پريڪٽيڪل پاليٽيشن بعد ۾ هو. جناح صاحب صرف پريڪٽيڪل پاليٽيشن هو. هڪ مسلمانن جي رضامندي خاطر بادل ناخواسته نالي خاطر ورهاڱو قبوليو ٿي. ٻيو مڪمل ورهاڱي ڪانسواءِ راضي ٿيڻ وارو ڪونه هو.

سندن آخري بيانن جا ٽڪرا دلچسپيءَ کان خالي نه سمجهي ناظرين جي اڳيان پيش ڪريان ٿو.

### گانڌي جي:

”مون پنهنجا ۽ راجاجيءَ جا مسودا جناح صاحب جي اڳيان رکيا پر کيس قبول نه پيا. اهڙي طرح جناح صاحب جي تجويز مون نه قبولي. جيڪڏهن ٻنهي مان ڪو ڪمزور هجي ها ته ممڪن هو ته ڪنهن سمجهوتي تي اچي وڃون ها. پر جوابدار ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ ڪمزوري ڏيکاري نٿي سگهياسون.....هر هڪ ٻئي جي راءِ کي قبول ڪرڻ گهريو ٿي. ممڪن آهي

پٺي غلط هجون پر هر ڪنهن ڪي اهو خيال وينل هو ته هو صحيح آهي. تنهن ڪري سمجھوتو ٿي نه سگهيو.....خدا ڪي معلوم آهي ملڪ جي بهتري ڇا ۾ آهي؟ خدا جي امر ڪي اڏو ڦرڻ سندن طاقت کان ٻاهر هو....

آئون صاف ظاهر ڪرڻ گهران ٿو ته جناح صاحب ايمانداراڻه طور سندس راءِ ڪي صحيح سمجهي ان لاءِ ڪوشش ڪري ٿو. پر آئون سمجهان ٿو ته هو غلط خيالن جو شڪار آهي.

"جڏهن هو سمجهي ٿو ته ملڪ جو غير فطري ورهاڱو ڪنهن به ڏر لاءِ خوشي ۽ فرخنده حالي آڻيندو."

## جناح صاحب :

راجا جي مسودي جي فقرن تي بحث ڪندو ان ڪي فقره وار رد ڪندو ويو.....هڪ هنڌ چوي ٿو ته: "مون گهڻو ئي مسٽر گانڌيجي راضي رکڻ جي ڪوشش ڪئي پر هن جي متحده هند ۽ قوميت پراڻي بيماري آهي....هو چوندو آهي ته پاڻ اندر جي آواز موجب هلي ٿو. پر مون جهڙي دنياوي ماڻهوءَ ڪي اندرين آواز جي معاملي ۾ دخل نه آهي....منهنجي انگريزن ڪي اپيل آهي ته پاڪستان جي اصول ڪي قبول ڪري، ملڪ هندن ۽ مسلمانن ۾ ورهائي آزاد ڪن."

گانڌي جناح گفتگوءَ جي ناڪاميابيءَ کان پوءِ لارڊ ويول ڪي يقين ويهي ويو ته جيستائين برٽش سرڪار ان مسئلي ۾ گهري دلچسپي نه وٺندي، هندستانين جا اختلافي مسئلا حل ٿي نه سگهندا. ان ڪري هن گورنرن جي ڪانفرنس سڏائي انهن جي راءِ معلوم ڪرڻ بعد هندستان جي جملي سياسي ليڊرن جي ڪانفرنس سڏائڻ جو فيصلو ڪيو. ليڪن سيڪريٽري آف اسٽيٽ ڪن سببن ڪري اها ڳالهه منظور نه ڪئي.

ان کان پوءِ هندستان جي سياسي اختلافن ڪي دور ڪرڻ لاءِ گهڻيون ئي ڪوششون ٿيون پر خاطر خواه نتيجو نه نڪتو. مفصل احوال منهن جي ڪتاب "پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني"مان پڙهي سگهندو. ١٩٤٥ع جي جون ۾ لارڊ ويول وائسراءِ هند، ڪانگريس، ليگ ۽ ٻين مکيه پارٽين جي ڪانفرنس شملي ۾ سڏائي. جتي ٻنهي مکيه پارٽين پنهنجي ورڪنگ ڪاميٽين جون ميٽنگون سڏايون. مسلم ليگ ورڪنگ ڪاميٽيءَ جي ميمبر هئڻ ڪري آئون به اتي ويس.

سنڌ مان پير علي محمد شاهه راشدي، محمد هاشم گزدر ۽ شيخ

وزيراعليٰ اتي شملي آيل هو. جڏهن آئون جناح صاحب سان مليس تہ سر غلام حسين طرفان سنڌس وزارت جي مخالفت ۽ ورڪنگ ڪاميٽي ۾ منهنجي روش بابت شڪايتون جناح صاحب کي پهتيون. ان تي نهايت ڪاوڙيو ۽ چيائين تہ "هاڻ جدا ٿيڻ کي ويجها اچي پهتا آهيون." ان مان اهو پتو پئجي سگهندو تہ جناح صاحب ڪهڙي طرح سرڪار پرست وزيرن ۽ مستقل مفاد ليگين جي نرغہ ۾ اچي ترقي پسندن جي خلاف ٿي ويو هو.

اهو ساڳيو سر غلام حسين هو جنهن مسلم ليگ کان استعيفا ڏني. مرحوم الهہ بخش جي وزارت ۾ شامل ٿي جناح صاحب خلاف بيان ڏنو هو. هاڻ اهو ۽ اهڙا ماڻهو سنڌس لاڏلا بڻجي ويا هئا. جاڪاڻ تہ اهي انگريز عملدارن جا منظور نظر هئا. جن کي جناح صاحب ناراض ڪرڻ نٿي گهريو.

ان ڪانفرنس بعد ٻہ مکيہ واقعا سرزد ٿيا.

هڪ تہ انگليڊ جي پارليامينٽ جي نين چونڊن ۾ ليبر پارٽي ڪامياب ٿي اقتدار ۾ آئي.

ٻيو هيرو شيما تي امريڪن ايٽم بم اڇلي جپانين کي پيش پوڻ لاءِ مجبور ڪيو.

شملا ڪانفرنس کان پوءِ سر سٽئفورڊ ڪرپس هڪ بيان ۾ چيو تہ:

"عارضي حڪومت ٺاهڻ جي ناڪاميابيءَ جو ڪارڻ ڪن جاين جي گهٽ وڌائي نہ هو. پر ملڪ جي آئينده جي جوڙجڪ تي ان جو ڪهڙو اثر پوڻ وارو هو. تنهن ڪري ضروري هو تہ ملڪ ۾ نيون چونڊون ڪرائي آئيني مسئلن جو فيصلو ڪرايو وڃي."

آگسٽ ١٩٤٥ع جي پهرين هفتي ۾ وائسراءِ ۽ گورنرن جي ڪانفرنس سڏائي. انهن سان مشوره ڪيو. جتي نين چونڊن ڪرائڻ جي فائدي ۾ فيصلو ٿيو.

١٩ سيپٽمبر ١٩٤٥ع تي نئين پارليامينٽ جي افتتاح ڪرڻ وقت بادشاهہ سلامت ظاهر ڪيو تہ "جلد از جلد هندستانين جي صلاح سان ڪين خود مختيار حڪومت ڏيڻ جو وعدو ڪيو ويندو."

ساڳي ڳالهہ وائسراءِ هند سنڌس بيان ۾ دهرائي چيو تہ: "سياري ۾ نيون چونڊون ڪرائي پوءِ آئين ساز اسيمبلي چونڊائي ويندي."

ان کان پوءِ سيني پارٽين نين چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ تياريون

ڪيون.

ڪانگريس سنڌ سنڌس اڪثريت وارن صوبن ۾ وري وزارتن قائم ڪرڻ جي گهر ڪئي پر گورنر ۽ مسلم ليگين جي مخالفت ڪري ڪين وزارتون قائم ڪرڻ نہ ڏنيون ويون.

ان ڪان پوءِ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ جناح صاحب اهو فيصلو ڪيو تہ ايندڙ چونڊن ۾ آزاد خيال، ترقي پسند، وسيع النظر مسلم ليگين کي حتي الامڪان مسلم ليگ طرفان چونڊجڻ نہ ڏجي. ان لاءِ ماڻهن کي چيائين تہ پاڪستان جو مسئلو سامهون آهي، ان ڪري مسلم ليگ جيڪڏهن اوهان کي بتيءَ جي ٿنبي کي ووٽ ڏيڻ لاءِ چوي تہ ان کي ووٽ ڏيندا.

چونڊن وقت جناح صاحب اسان جي مسلم ليگ ڪارڪنن کي ليگ مان خارج ڪري ڇڏيو. اسان جي خلاف اهڙن ماڻهن کي ٽڪيٽون ڏنيون ويون، جن جو ليگ سان ڪوبہ واسطو ڪونہ رهيو. مثلاً منهنجي خلاف شهمير خان ڪاڇيءَ کي ٽڪيٽ ڏئي بيهاريو ويو ۽ مرحوم محمد علي شاهہ جي خلاف هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي ٽڪيٽ ڏني ويئي جو بہ دفعا ١١٠ قلم هيٺ سزا ڪاٽيل هو.

انگريز عملدارن کي جنگ وقت ڪانگريس جي مخالفت ڪري سخت رنجش هئي. انهن پنهنجا قديم جمهوري روايات بالائي طاق رکي مسلم ليگين جي مدد ڪئي. اهڙي طرح مسلمانن لاءِ پاڪستان جي گهر ڪندڙ ۽ سنڌن حقن جي رکپالي جي دعوي ڪندڙ ليڊر بسر خود اهي ڪم ڪرڻ ۾ هٻڪ نہ ڪئي.

اسان ان وقت يا پوءِ انهن سڀني ڳالهين کان وائسراءِ هند، سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا، برٽش پرائيم منسٽر کي تارن رستي واقف ڪندا آياسون پر انهن بہ ان لاءِ ڪوبہ قدم نہ کنيو.

انگريزن ۾ ان وقت ٻن خيالن جا عملدار موجود هئا. هڪڙي جي راءِ اها هئي تہ جنهن صورت ۾ سنڌن سامراج ملڪ کي هڪ سئو ورهين ڪان بہ متي يڪجهتي ڏني هئي ۽ جمهوري طرز حڪومت رائج ڪئي هئي تہ ان صورت ۾ هندستان کي متحد ڇڏي وڃن ۽ جمهوري طرز حڪومت کي زور وٺائين. ليڪن اهڙي خيال وارا عملدار ڇٽا هئا. ٻيا اهي عملدار هئا جن کي سنڌن سامراج خلاف جن بہ ڪم ڪيو هو تن لاءِ سخت ناراضگي پيدا ٿيل هئي. تن ان جي انتقام ۾ مسلم ليگ کي مدد ڪرڻ شروع ڪئي. هنن کي

اڪثر يو پي ۽ پنجاب جي مسلمانن ۾ وفاداريءَ جو يقين وينل هو. هنن کي پتو هو تہ ١٨٥٧ع جي جنگ آزاديءَ مهل بہ دهلي جي مغل بادشاهن خلاف، انهن ئي ماڻهن سندن مدد ڪئي هئي. ١٩١٤ع ۽ ١٩٣٩ع جي ٻنهي مهاڀاري لڙاين وقت اهي سندن وفادار ٿي رهيا هئا. ان ڪري سندن خيال هو تہ ملڪ جي ورهاڱي بعد پاڪستان کي اهڙن ماڻهن جي قبضي ۾ ڏيڻ اعتبار جوڳن ماڻهن جي هٿ ۾ هئڻ جي مترادف هو. تنهن ڪري هو ملڪ جي ورهاڱي جي فائدي ۾ هئا. هنن جو خيال هو تہ ورهاڱي بعد جڏهن ملڪ ڪمزور ٿيندو تہ پوءِ ڪانگريسين جو دماغ درست ٿيندو.

اهڙيءَ طرح مسلمانن ۾ بہ ٻن راين جا ماڻهو موجود هئا.

(١) هڪڙا انهيءَ راءِ جا هئا تہ هندستان آزادي ملڻ ڪان پوءِ بہ ٻنتي پيل ملڪ هئڻ ڪري، گهٽي وقت لاءِ بيروني امداد جو محتاج رهڻ وارو هو.

تنهن ڪري جيڪڏهن ملڪ ورهايل هوندو تہ ڪمزور هئڻ ڪري بين الاقوامي طور سندس وقار ۽ عزت گهٽ هوندي. سامراجي طاقتون ٻنهي حصن ملڪن کي ويڙهائي پنهنجو تسلط قائم رکيو وينيون هونديون. پر جي ملڪ متحد هوندو تہ ان جو عزت ۽ وقار بالا هئڻ ڪري، ٻاهريان مغربي ملڪ هن جي مدد ڪرڻ لاءِ زياده آماده ٿيندا. هو هروڀرو ڪنهن جي رحم و ڪرم تي نہ رهندو.

انهيءَ گروه کي پتو هو تہ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهندڙ جدا جدا مذهبن جا ماڻهو گڏجي متهده قومون بنبا ويا. هتي هندستان ۾ بہ ڪجهہ وقت ڪان پوءِ ماڻهو گڏجي هڪ ٻين جي نزديڪ ايندا.

ان ڪري مسلمانن جي حقن جي حفاظت کي مدنظر رکندي ملڪ جي دفاع ۽ خارجي معاملات لاءِ ساري هندستان جي رهاڪن کي باهمي سمجهوتي سان وفاتي صورت ۾ رهڻ نهايت مفيد ۽ ڪارآمد ڳالهہ هئي. تنهن ڪري ڪوبہ اهڙو قدم نہ کنيو وڃي، جنهن ڪري ملڪ ورهائجي وڃي ۽ نفرت پيدا ٿي، خانہ جنگيءَ جو باعث بڻجي اهڙي حالت ۾ ورهاڱي ڪان پوءِ دشمنيون هلنديون رهنديون.

(٢) ٻيو گروه، جنهن جي اڪواٽي پنجابي ۽ مسلم اقليت جي صوبن جي مستقل مفاد جي هٿ ۾ هئي. جن جا حمايتي واپاري، زميندار ۽ ڪامورا هئا. اهو هن راءِ جو هو تہ ملڪ جي ورهاڱي ڪري، مسلم اڪثريت وارن

صوبن ۾ هندن جي ملڪيت، نوڪريون ۽ ڪارخانا، واپار سمورا سندن حوالي ٿيڻ وارا هئا. بينگال، سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد جا رهاڪو پوئتي پيل هئا تنهن ڪري انهن جي سموري وسائل جي استعمال واسطي هنن لاءِ وسيع ميدان کلي پوندو. گهڻي وقت تائين ان تي سياسي تسلط هنن جي هٿن ۾ رهڻ ڪري هو ايتري قدر قابض ٿي ويندا جو پوءِ هنن کي ڪڍڻ ناممڪن ٿي پوندو.

انهي گروه جي مسلم عوام جي مفاد سان ڪابه دلچسپي ڪانه هئي. هنن سندن طبقي جي نفعي خاطر ملڪ جي ورهاست مفيد سمجهي، ان لاءِ ڪوشش ڪئي.

مسلم عوام تي مذهب جو اثر معلوم ڪندي هنن مسلم عوام کي اسلام جي نالي ۾ هندن خلاف نفرت ڦهلائي پنهنجو مقصد حاصل ڪرڻ گهريو.

جيڪڏهن غور ڪري ڏسندا ته جن ليگي ليڊرن، اسلام کي خطري جو نالو ٿي ورتو تن جي نه سيرت ۽ نه صورت مسلماني هئي. روح اسلام کان قطعي نابلد هئا. هنن جي اڪثريت زاني، شرابي، راشي، استحصالي، ظالم، نفرت پيدا ڪندڙ هئي. ليڪن جوش جي حالت ۾ عوام جا جذبات ايڏا برانگيخته ٿي ويا هئا جو ماڻهن بنا سوچ سمجهه جي جناح صاحب جهڙي مغرب زده ۽ مذهب کان اڻ ڄاڻو نفرت پيدا ڪندڙ کي قائداعظم جو خطاب ڏنو ۽ لياقت عليءَ جهڙي فرعون صفت ۽ سفلہ مزاج ۽ يو پي سامراج جي اڳواڻ کي قائد ملت جي لقب سان نوازيو.

ٻي طرف مولانا ابوالڪلام آزاد، سيد حسين احمد مدني جهڙن جيد عالمن، آزاديءَ جي پروانن، ڪيئي دفعا قيد فرنگ جون سزائون ڪاٽيندڙن کي غدار قومءِ هندن جي ايجنٽ ڪٺي بنايو. ڪبير ڀڳت چيو آهي ته:

**ٽاڪر ڪئي، ٽڳ رهي، وه ڀي چلڻ هار**
**آئي اسڪي وار، جو ساچي ڪو جوٿها ڪهي**

مرڪزي اسيمبليءَ جون چونڊون ڊسمبر ۱۹۴۵ع ڌاري ٿيون،

| | | | |
|---|---|---|---|
| ان ۾ ڪانگريس کي | ۵۷ جايون | ۳ ع ۹۱ سيڪڙو |
| مسلم ليگ کي | ۳۰ جايون | ٦ ع ۸٦ سيڪڙو |
| آزاد | ۵ جايون | |

| | |
|---|---|
| اڪالي | ٣ جايون |
| يوروپين | ٨ جايون |
| ڪل | ١٠٣ |

ميمبر چونڊيا. صوبن جون چونڊون جنوري ١٩٤٦ع ۾ ٿيون. ان ۾ جناح صاحب، اسان جي ڌر کي مسلم ليگ مان ڪڍي سر غلام حسين ڌر جي مدد ڪئي. مثال لاءِ پنهي ڌرين جي ڪارنامن جا چند مثال هيٺ پيش ڪريان ٿو.

## سر غلام حسين وزارت ڌر :

(١) جناح صاحب واري مسلم ليگ سائمن ڪميشن جو بائيڪاٽ ڪيو. سر غلام حسين ان سان تعاون جي حمايت ڪئي.

(٢) سر غلام حسين سنڌ اتحاد پارٽي، جا غير فرقيوار جماعت هئي، ۾ شرڪت بعد پليج صحيح ڪري، عهدن تان ڪاوڙجي نئين فرقيوار جماعت ٺاهي.

(٣) چونڊن ۾ سنڌس ٥ ميمبر چونڊيا پر گورنر جي آڌار تي وزارت ناهيائين.

(٤) ١٩٣٨ع ۾ جناح صاحب کيس مسلم ليگ اسيمبلي پارٽيءَ جو ليڊر چونڊايو. پر لالچ ملڻ تي مسلم ليگ ڇڏي الهه بخش وزارت ۾ وزير بنيو ۽ جناح صاحب خلاف بيان ڏنو.

(٥) جناح صاحب جي آمد جي موقعي تي ڊوري ناري ۾ ان جو ڪارن جهنڊن سان استقبال ڪرايو.

(٦) الهه بخش وزارت ۾ وزير هو. ان جي ڊسمبر ٿيڻ بعد گورنر کيس وزيراعليٰ بنايو. سائس مسلم ليگ ميمبرن جڏهن شرڪت ڪئي ته ان کي جناح صاحب آگري مان نندي يو.

(٧) منزل گاهه مسجد پيري مسلم ليگين کي هندن جي چوڻ تي جيل ۾ موڪليو. مسلمانن کي لٺيون ۽ گئس هٽائي مسجد خالي ڪرائي.

(٨) سنڌس پٽ کي ليگ ٽڪيٽ نه ملڻ تي مسلم ليگ جي مخالف اميدوار کي مدد ڏئي ڪامياب ڪرايو. باوجود ان جي جو هو مسلم ليگ جو وزيراعليٰ هو.

(٩) ٺٽڌي محمد خان جي تڪ ۾ صوبه سنڌ مسلم ليگ اميدوار خلاف پنهنجو اميدوار بيهاري، ڪامورن جي مدد سان ان کي ڪامياب

ڪرايو.

(١٠) هن جي مسلم ليگي وزارت جي دور ۾ رشوت، بدامني، خويش پروري، ذخيره اندوزي ڪري مسلم ليگ جو نالو بدنام ٿيو.

(١١) مسلم ليگي وزير خانبهادر کهڙي جي جيل ۾ وڃڻ بعد، مسلم ليگ ميمبرن جي ڪثرت ان راءِ جي هئي ته ڪيس جي فيصلي تائين جاءِ نه ڀري وڃي ليڪن هن خانگي مصلحتن جي آڌار تي مير غلام علي خان کي وزير مقرر ڪيو.

(١٢) مسلم ليگ پارٽيءَ جي جنرل سيڪريٽري مسٽر گزدر کي بنا سبب جي وزارت مان ڪڍي، هڪ انگريز کي بنا ميمبر هئڻ جي وزير ڪري ڪنيو.

(١٣) مسلم ليگ اسيمبليءَ پارٽيءَ جڏهن ڪيس اسيمبليءَ ۾ شڪست ڏني ته غير مسلم ليگي گروه سان شامل ٿي وزارت قائم رکيائين. انهن سيني ڳالهين جي باوجود جناح صاحب وٽ قبول ٿيو.

ٻي طرف صوبہ سنڌ مسلم ليگ جي صدر ۽ ان جي طرفدارن جي ڪارنامن تي نظر ڪريون.

(١) انهن مان گهڻا خلافت تحريڪ جي وقت کان وٺي قومي ڪارڪن رهيا هئا ۽ جيلن ۾ ويا هئا.

(٢) سائيمن ڪميشن جي بائيڪاٽ ۾ شامل هئا.

(٣) سنڌ جي جدائيءَ واري تحريڪ ۾ مکيه حصو ورتو هئائون.

(٤) سنڌ ۾ سياسي پارٽي بنائي انهي جي اصولن مطابق سياست ۾ حصو ورتائون ۽ پارٽين سان وفادار رهيا.

(٥) مسجد منزل گاهہ جي تحريڪ ۾ جيلن ۾ وڃي نيٺ مسجد مسلمانن جي حوالي ڪيائون.

(٦) جناح صاحب کي آڪٽوبر ١٩٣٨ع ۾ سنڌ مسلم ليگ ڪانفرنس جي موقعي تي وڏي آجيان ڏئي پاڪستان جو ٺهراءُ پاس ڪرايائون.

(٧) جڏهن پيا زميندار ميمبر الهہ بخش وزارت جي ڏينهن ۾ مسلم ليگ کي ڇڏي ويا ته هنن مسلم ليگ کي منظم ڪري گهر گهر ان جو پيغام پهچايو. لکها ميمبر بنايا ۽ هزارها برانچون قائم ڪرايون.

(٨) ساري هندستان ۾ سڀ کان اول سنڌ اسيمبليءَ ۾، پاڪستان

جو ٺهراءُ پيش ڪري پاس ڪرايائون.

(٩) انهن مان هڪ صوبہ سنڌ مسلم ليگ جو صدر، آل انڊيا مسلم ليگ ورڪنگ ڪاميٽي جو ميمبر ۽ ڪاميٽي آف ائڪشن جو ميمبر بہ رهي چڪو هو.

(١٠) هن گروهہ ۾ جهونن قومي ڪارڪنن، ايماندار، اصول وارن ۽ ترقي پسند ڪارڪنن جي اڪثريت هئي. ٻئي طرف اهي هئا جن هر موسم ۾ سياسي رنگ بدلايو ٿي.

(١١) منجهن وزارتن ۽ انگريز سرڪار جي مخالفت جي جرئت هئي.

(١٢) هنن ڪي جاگيرون نہ هيون، رشوتي نہ هئا، ڪامورن جا خوشامندڙيا نہ هئا، هارين جا طرفدار، رشوت، بدامني ۽ غربت دور ڪرائڻ لاءِ ڪم ڪندڙ هئا.

هاڻ ڏسڻو آهي تہ جناح صاحب انهي تفاوت جي باوجود ٻوئين گروهہ کي مسلم ليگ کان خارج ڪري رجعت پسند ٻهرين گروهہ کي ڇو ترجيح ڏني. سنڌ جي سياست تي نظر ڪرڻ بعد پتو پوندو تہ ان جا هيٺيان ڪارڻ هئا.

## ڪارڻ :

(١) جناح صاحب مسلمانن جي ڪثرت کي مختلف طريقن سان منظم ڪرڻ بعد طاقت جي غرور ۾ آمرانہ ذهنيت اختيار ڪري ويو هو. هر آمر وٽ خوشامندڙيا مقبول ٿين ٿا ۽ آزاد خيال، اختلاف راءِ رکندڙ نامقبول بنجن ٿا.

(٢) جناح صاحب اقليت وارن صوبن جي متاهين طبقي جي مسلم ليگ ۾ اڪثريت هئڻ ڪري سندن نرنجي ۾ اچي وڃڻ ڪري مسلمانن جي مستقل مفاد جو حامي ٿي پيو هو.

جيئن تہ سنڌ ۾ وزارت ڏر انهي گروهہ سان وابستہ هئي ان ڪري هن سندن مدد ڪئي.

(٣) جناح صاحب کي يقين ويهي ويو هو تہ ڪانگريس ملڪ جو ورهاڱو ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪندي. اهو صرف انگريزن جي معرفت ٿيڻ وارو هو. ان ڪري انگريز بيورو ڪريسيءَ جي منظور نظر ماڻهن جي همت افزائي ڪرڻ لاءِ مجبور هو.

(۴) نئين مملڪت ۾ حڪومت جي واڳ هٿ ڪرڻ جي حوس سندس توجهه ملڪ ۽ عوامي مفاد جي مسئلن کان هٽائي ڇڏيو هو. پوئين گروهه جڏهن عوام مفاد جي ڳالهه تي ڪئي ته ان ڳالهين کي سندس راهه ۾ رڪاوٽ سمجهي "جي حضور" گروهه جي حمايت تي ڪيائين.

(۵) هو مسلمانن جي مستقل مفاد جو حامي هو. پويون گروهه سنڌي عوام جي حقن جو طرفدار هو. غربت ۽ شاهوڪاري مذهبن مطابق وراهيل ڪانه هوندي آهي. ان ڪري هن جي مفاد ۽ عوامي مفاد ۾ ٽڪر تي پيو.

(٦) روح اسلام جي تعليم ۽ تربيت کان اڻ واقف هئڻ ڪري هن مسلم مستقل مفاد طرفان اسلام جي فسطائي تشريح کي اسلام تي سمجهيو. جنهن صورت ۾ انهيءَ تشريح سنڌس جدا مملڪت ۾ اقتدار ۾ اچڻ جي خواب جي حمايت تي ڪئي، تنهن ڪري سنڌين جي غير متعصبانه اسلامي تشريح کي سندس راهه ۾ رڪاوٽ سمجهي ان جي مخالفت ڪيائين.

سنڌ جي چونڊن ۾ جناح صاحب، وزارت ڌر ۽ گورنر جي سخت مخالفت هوندي، ٻي ڌر جا چند ميمبر اسيمبليءَ ۾ چونڊجي آيا. جن جو ڪانگريس سان ڪوئليشن بعد تعداد ٢٩ وڃي بيٺو. مسلم ليگ جا جملي ميمبر ٢٧ هئا پر گورنر سر غلام حسين کي وزارت ناهڻ لاءِ وجهه ڏئي ٽن يورپين ميمبرن جي حمايت ڏني ۽ هڪ آزاد ميمبر ڦيرائي ڏنو. پوئين ڌر ڪانگيس جي مخالفت ڪئي هئي. سر غلام حسين پرو ڪانگريس الهه بخش جي وزارت ۾ وزير تي رهيو هو. ليڪن جنهن صورت ۾ ڪين ليگ کان خارج ڪيو ويو هو، ان ڪري هن لاءِ ڪانگريس سان ڪوئليشن ڪانسواءِ ڪو چارو ئي نه بچيو هو. پر اها ڪوئليشن سنڌ جي مسئلن سان واسطو رکندڙ هئي، آل انڊيا آئيني مسئلن ۾ ان وقت ڪانگريس پاڪستان جي مخالفت هئي ۽ پوئين ڌر آزاد هند ۾ پاڪستان ۾ هندستان جي ڪانفيڊريشن جي حامي هئي.

١٩ فيبروري ١٩٤٦ع تي سرڪار هندستان جي مسئلي حل ڪرڻ لاءِ برٽش ڪئبينيٽ مشن هيٺين ماڻهن تي مشتمل مقرر ڪئي:

(١) لارڊ پيٿڪ لارينس سيڪريٽري آف اسٽيٽ فار انڊيا
(٢) سر سٽئفورڊ ڪريس پريزيڊنٽ بورڊ آف ٽريڊ
(٣) اي وي ايليگزنڊر لارڊ آف ائڊ مريلٽي

اها مشن ۲۴ مارچ ۱۹۴۶ع تي نئين دهلي پهتي. ان مکيہ جماعتن جي ليڊرن، صوبن جي وڏن وزيرن ۽ مخالفت جي ليڊرن کي دهليءَ ۾ گهرايو.

مونکي بہ سنڌ اسيمبلي ۾ مخالفت جي ليڊر جي حيثيت ۾ گهرايو ويو. جتي باوجود ڪانگريس سان ڪوليشن جي مون آزاد هند ۾ آزاد پاڪستان جي گهر ڪئي، جنهن جي معنيٰ ڪانفيڊريشن هئي.

ڪجهہ وقت هندستاني سياستدانن سان تبادلہ خيالات ڪرڻ بعد مشن طرفان ملڪ سامهون هڪ تجويز پيش ڪئي وئي. جنهن جو اختصار هيٺ ڏجي ٿو:

”مرڪز ۾ جلد از جلد عارضي حڪومت برپا ڪئي وڃي. آئين ساز اسيمبليءَ جا ميمبر، صوبائي اسيمبلين جا ميمبر چونڊيندا.

اقليتن جي حفاظت لاءِ هڪ يا وڌيڪ آئين تيار ڪرڻ جو انتظام ڪيو ويندو. هندستان ۾ هڪ يا ٻن خود مختيار حڪومتن برپا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويندو. جيڪڏهن فيصلو نہ ٿي سگهيو تہ هيٺين ڳالهين بابت عام راءِ ورتي ويندي: سنڌ، صوبہ سرحد، پنجاب، بينگال ۽ آسام جي سلهٽ ضلع جي مسلم نمائندن کي اختيار ڏنو ويندو تہ فيصلو ڪن تہ سندن صوبا يا ضلع انڊين يونين کان علحده ڪيا وڃن يا نہ؟

جيڪڏهن مسلم ميمبرن جي ۷۵ سيڪڙو جدا ٿيڻ لاءِ راءِ ڏني تہ کين جدا ڪيو ويندو. جيڪڏهن ٻہ وارن صوبن (سنڌ ۽ پنجاب) اهڙو ٺهراءُ پاس ڪيو تہ صوبہ سرحد ۽ بلوچستان کي بہ علحده ڪرڻو پوندو. انهن فيصلن بعد هڪ يا ٻہ آئين ساز اسيمبليون قائم ڪيون وينديون جي هڪ يا ٻہ آئين ٺاهينديون.“ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس ٻنهي جماعتن ان تجويز کي رد ڪيو.

پوءِ سر سٽئفورڊ ڪرپس ڪانفيڊريشن جي رٿ ڏني جا ٽن فيڊريشنن تي مشتمل ٿيڻ واري هئي. جنهن تي بحث هليو. ٻنهي ڌرين قبول نہ ڪيو. آخر ۾ ڪئبينيٽ مشن بيان ڏئي ملڪ اڳيان آخري طرح هيٺين تجويز پيش ڪئي.

### ڪئبنيٽ مشن جي تجويز:

(۱) ساري هندستان جي هڪ يونين ٺاهي وڃي، جنهن ۾ رياستون ۽ برٽش انڊيا ٻئي شامل هوندا. بچاءُ، خارجي معاملات، آمدرفت جا ذريعا ۽

انهن جي خرچ سان فندس پيدا ڪرڻ جا اختيار سندس حوالي هوندا.

(۲) انهيءَ يونين کي اسيمبلي ۽ وزارت هوندي. جي رياستن ۽ برٽش انڊيا جي نمائندن تي مشتمل هونديون. جنهن ۾ ڪوبہ مکيہ فرقيوار سوال هندو مسلم فرقن جي اڪثريت ڪانسواءِ پاس ٿي نہ سگهندو.

(۳) يونين کي سپرد ڪيل معاملن کان سواءِ سڀ بچتو ڪاتا صوبن جي حوالي ۾ رهندا.

(۴) رياستن کي بہ صوبن جهڙا اختيار هوندا.

(۵) صوبن کي پنهنجا گروپ ٺاهڻ جا اختيار هوندا، جن کي جدا اسيمبليون ۽ وزارتون هونديون. انهن گروپن کي صوبا پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪاتا سپرد ڪندا.

(٦) يونين ۽ گروپن جي آئين ۾ اهڙو فقرو داخل هوندو، جنهن مطابق ڪوبہ صوبو سندس اسيمبليءَ جي اڪثريت سان ڏهن سالن کان پوءِ، ان جي اختيارين ۾ ترميم ڪرائڻ جي گهر ڪري سگهندو."

## ڪئبينيٽ مشن جون آئين سازيءَ لاءِ تجويزون:

(۱) سڀ ڪنهن صوبي کي سندس آباديءَ جي لحاظ پٽاندڙ ڏهن لکن پويان هڪ نمائندو ڏنو ويندو.

(۲) اها نمائندگي هر هڪ صوبي ۾ مکيہ فرقن کي آباديءَ پٽاندڙ ڏني ويندي.

(۳) هرهڪ فرقي جا ميمبر پنهنجا نمائندا چونڊيندا. انهيءَ واسطي هنن تي گروهہ تسليم ڪيا:

(۱) جنرل گروه (۲) مسلمان گروه (۳) سک گروه

ننڍين اقليتن لاءِ هڪ صلاحڪار ڪميٽي هوندي جا آئين ساز اسيمبليءَ کي سندن مسئلن تي مشورو ڏيندي. اهڙي طرح چونڊيل نمائندا رياستن جي نمائندن سان گڏ دهليءَ ۾ ملندا.

جتي ابتدائي ميٽنگ ۾ چيئرمين جي چونڊ کان پوءِ هيٺين ٽن ڀاڱن ۾ ورهائجي آئين سازيءَ جو ڪم ڪندا:

الف سيڪشن : مدراس، بمبئي، گڏيل علائقا، بهار، مرڪزي علائقا ۽ اوڙيسا تي مشتمل هوندو.

ب سيڪشن : پنجاب، سرحد، سنڌ، بلوچستان.

ت سيڪشن : بينگال ۽ آسام.

آئين ساز اسيمبليءَ جا اهي ٽيئي سيڪشن سندن صوبن ۽ ڊروپن جا آئين ٺاهيندڙ. هر هڪ صوبي کي اختيار هوندو ته گروپ کان آئين ٺهي عمل ۾ اچڻ بعد جدا ٿي سگهي. ٽيئي گروپ بعد ۾ رياستن جي نمائندن سان گڏ يونين جو آئين) ٺاهيندا. يونين اسيمبليءَ ۾ ڪوبه ٺهراءُ ڪئبينيٽ مشن جي تجويز خلاف يا مکيه فرقيوار مسئلي تي ٻنهي فرقن جي اڪثريت ڪانسواءِ پاس نه ٿي سگهندو.

پوءِ يونين ۽ برٽش سرڪار جي وچ ۾ عهدنامو ڪيو ويندو."

جيستائين آئين ٺهي تيار ٿئي ان وقت تائين هندوستان جي حڪومت ٺاهي سڀ اختيار ان کي سپرد ڪيا ويندا. انهيءَ تجويز کي بادلِ ناخواسته ذهني استشنا سان ٻنهي ڌرين قبول ڪيو.

ان ڪان پوءِ خبر نه آهي ته ڪهڙي مصلحتن جي بنياد تي مهاتما گانڌي بيان ڏنو ته "اها تجويز فيصلو ڪونه هئي، آئين ساز اسيمبلي ان ۾ ڦير گهير ڪري سگهي ٿي، ڪنهن به صوبي کي سندس مرضيءَ خلاف گروپ ۾ شامل نه ڪيو ويندو." ازانسواءِ پنڊت جواهر لعل نهرو به سندس تقرير ۾ چيو ته:

"ڪئبينيٽ مشن جي تجويز قبولڻ مان اسان جي مراد صرف آئين ساز اسيمبليءَ ۾ داخل ٿيڻ لاءِ رضامنديءَ جو اظهار هو. اسان مشن جي ١٦ مئي واري پلئن ۾ چاٽايل ڪنهن به ڳالهه سان ٻڌل نه آهيون." وڌيڪ پريس ڪانفرنس ۾ وضاحت سان چيائين ته "اسان آزاد هونداسون ته جيڪي وڻي سو ڪريون." وڌيڪ گروپن بابت ڳالهائيندي ظاهر ڪيائين ته:

اهي ٿينداڻي ڪونه. خصوصاً جنهن صورت ۾ اتر الهنده سرحدي صوبه گروپنگ ۾ داخل ٿيڻ جي مخالفت ڪندو. ازانسواءِ آسام به بينگال واري گروپ ۾ داخل ٿيڻ شايد نه قبولي، تنهن ڪري گروپ بنجڻ جو امڪان ئي ڪونه هو."

سنڌيءَ ۾ چوڻ آهي ته "ويني اڳيئي رني هئي ويتر جو آيس پيڪن جو ماٺهو."

ان وانگر جناح صاحب ڪيترا دفعا صاف ظاهر ڪري چڪو هو ته فرقيوار مسئلي جو خاطر خواهه حل صرف ملڪ جي ورهاڱي مان حاصل ٿيڻ وارو هو تنهن جڏهن ڏٺو ته اجا ڪئبينيٽ پلئن جي شروعات ئي ڪانه ٿي هئي ته ڪانگريس ليڊرن ان کان ڦرڻ شروع ڪيو هو. تنهن انهن بيانن کي

ڪانگريس طرفان مشن پلئن جي رد ڪرڻ جي مترادف سمجهي ظاهر ڪيو ته ان حالت ۾ مسلم ليگ به ان تجويز کي رد ڪري ڇڏي.

هن اهڙو ٺهراءُ آل انڊيا مسلم ليگ ڪائونسل ۾ ٢٧ جولاءِ ١٩٤٦ع تي سندس بمبئي واري اجلاس کان پاس ڪرايو. ان ميٽنگ ۾ ورڪنگ ڪاميٽيءَ کي اختيار ڏنو ويو ته انهن حالتن هيٺ اسڪيم جي مخالفت ڪئي وڃي. ان موقعي تي سڀني لقب بردار ليگين احتجاج طور لقبن کي ڇڏيو.

جناح صاحب اتي ظاهر ڪيو ته "اڳي هو سياسي مقصد جي حصول لاءِ آئيني رستا وٺندا هئا. هاڻ هو به هٿيار کڻندا." پوءِ ١٦ آگسٽ ١٩٤٦ع تي ڪائونسل جي ٺهراءُ کي عملي جامون پهرائڻ لاءِ سڌي قدم کڻڻ واسطي ڏينهن مقرر ڪيائون. ان تي ڪانگريس ۽ حڪومت طرفان دليل ڏئي صفائي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ٿي پر موقعو هٿن مان وڃي چڪو هو. ڪلڪتي شهر ۾ ١٦ آگسٽ کان وٺي فساد ٿيا. ان ۾ ٥ هزار جانيون نقصان ٿيون. پندرهن هزار ماڻهو زخمي ٿيا، هڪ لک ماڻهو بي گهر ٿيا.

٢ سيپٽمبر ١٩٤٦ع تي مرڪز ۾ وائسراءِ پنڊت نهروءَ کي وزارت ٺاهڻ جي اجازت ڏني. مسلم ليگ ان ۾ شرڪت کان انڪار ڪيو.

پوءِ ملڪ ۾ فسادن جو سلسلو شروع ٿيو. ڪٿي هندن مسلمانن کي نقصان ٿي پهچايو ته ڪٿي مسلمانن هندن کي. ان کان پوءِ مسلم ليگ به آخر ٢٦ آڪٽوبر ١٩٤٦ع تي وزارت ۾ داخل ٿي.

وزارت ۾ ٻنهي ڌرين يڪجهتيءَ سان ڪم نه ڪيو پر هڪ ٻين جي مخالفت ڪندا آيا. ملڪ جون حالتون روز بروز خراب ٿينديون ويون. جن بابت وائسراءِ برطانيه سرڪار کي واقف ڪندو آيو. انگريز سچيءَ دل سان ملڪ هندستانين جي حوالي ڪرڻ جو عزم ڪري چڪا هئا. ان ڪري هنن حالتن کي مدنظر رکي ترت فيصلي ڪرڻ لاءِ لارڊ مائونٽ بيٽن کي نئون وائسراءِ مقرر ڪري اعلان ڪيو ته ٣٠ جون ١٩٤٨ع کان اڳ ملڪ جون واڳون هڪ يا وڌيڪ حڪومتن جي حوالي ڪيون وينديون. لارڊ مائونٽ بيٽن نئون وائسراءِ ٢ مارچ ١٩٤٧ع تي دهليءَ پهتو.

هن اچڻ سان ڪانگريس ۽ ليگ جي ليڊرن سان گفتگو ڪئي. هن گهڻي ڪوشش ڪئي ته برٽش ڪئبينيٽ جي تجويز مطابق ڌرين ۾ سمجهوتو ڪرائي، هڪ يونين قائم رکائي پر ليگ وارا هاڻ صاف ظاهر ٿي

بيٺا تہ ملڪ جي ورهاڱي کان سواءِ ٻي ڪا تجويز ڪين قبول نہ هئي. اول ۾ جناح صاحب ظاهر ڪيو تہ هو صوبا ورهائڻ جي خلاف هو، پر آخر ۾ مجبور ٿي پنجاب ۽ بينگال جو ورهاڱو قبول ڪري پاڪستان قائم ڪرايائين.

انهيءَ گفتگوءَ جي دوران جيڪي وهيو واپريو، ان تي ڪيئي ڪتاب لکجي چڪا آهن. مون بہ مفصل طور پنهنجي ڪتاب "پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني" ۾ احوال ڏنو آهي.

انهيءَ ورهاڱي کي ڪانگريس ليگ ٻنهي بادلي ناخواستہ قبول ڪيو. ان جي صرف ٻن جماعتن مخالفت ڪئي. اهي هندو مهاسڀا ۽ خاڪسار جماعتون هيون.

١٤- ١۵ آگسٽ ١٩۴٧ع تي ٻئي ملڪ جدا ٿي، پاڪستان ۽ ڀارت جي نالي سان آزاد مملڪتون قائم ٿيون. ڀارت جو گورنر جنرل لارڊ مائونٽ بيٽن ۽ پاڪستان جو گورنر جنرل مسٽر محمد علي جناح ٿيو. ان کان پوءِ ملڪ جي ٻنهي ڀاڱن ۾ جا خون خرابي، ماڻهن جي لڏ پلاڻ ٿي ان جو مثال دنيا جي تاريخ ۾ ان کان اڳ ڪڏهن بہ وجود ۾ ڪونہ آيو.

ورهاڱي کان پوءِ حالتن لاءِ جناح صاحب کان جي غلطيون سرزد ٿيون، ان جو ذڪر ڪرڻ دلچسپيءَ کان خالي نہ ٿيندو.

(١) ڪيترن سياستدانن ۽ تاريخ جي لکندڙن جو چوڻ آهي تہ ورهاڱي کان پوءِ ڪجهہ وقت لاءِ ٻنهي ملڪن لاءِ ساڳيو گورنر جنرل لارڊ مائونٽ بيٽن رهي ها تہ ممڪن هو تہ ملڪ ۾ خون خرابو گهٽ ٿئي ها.

(٢) ڪن جو چوڻ آهي تہ جناح صاحب لارڊ مائونٽ بيٽن کي ٻنهي ايراضين جو عارضي گورنر جنرل ٿيڻ جي مخالفت ڪري ان جي ناراضگيءَ سبب ريڊ ڪلف ايوارڊ پاڪستان جي مخالفت ٿيڻ لاءِ رستو هموار ڪيو. اهو ئي ڪشمير جي سوال پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ بنيو.

(٣) ڪن جي راءِ هئي تہ هن کي پتو هو تہ سک ورهاڱي جي خلاف هئا. هو پوريءَ طرح مسلح ۽ انتقامي جذبي سان ڀرپور هئا. ان ڪري بهتر ٿئي ها تہ ورهاڱي کان اڳ انهن سان ڪنهن سمجهوتي تي اچي ها تہ گهٽ خون خرابو نہ ٿئي ها.

(۴) جناح صاحب ملڪ جي ورهاڱي کان اڳ مسلم ليگ کان سواءِ ٻي ڪنهن مسلم ليڊر يا جماعت کي تسليم نٿي ڪيو تہ متان ان ڪري سندس ڪيس ڪمزور ٿئي. پر ورهاڱي کان پوءِ ان سوال تي غور ڪري ڪري از

سر نو پاليسي مرتب ڪري ها.

ان ڪري شيخ عبدالله ۽ خان عبدالغفار خان سان سمجهوتا ٿي نہ سگهيا، جنهن سبب ڪشمير ۽ پختونستان جا مسئلا پيدا ٿي پيا.

(۵) جهونا ڳڙهہ رياست ۾ راجا مسلمان هو ۽ اتي جي آباديءَ جي ڪثرت هندو هئي. ان ڪري ان جو پاڪستان سان الحاق ڪرڻ ۾ وڏي غلطي ڪيائين.

ان ڪري بعد ۾ ڪشمير ۾ هندو راجا جڏهن ڀارت سان الحاق ڪيو تہ هنن جهونا ڳڙهہ جي مثال کي جواز طور پيش ڪيو. ساڳي حالت حيدرآباد دکن ۾ هئي. اتي جا رهاڪو زياده هندو هئا. حاڪم، مسلمان هو. ان جي هندستان جي خلاف همت افزائي بہ ڪشمير جي معاملي ۾ پاڪستان جو ڪيس ڪمزور ڪيو.

فصل ٻيون

# پاڪستان جي پيدائش لاءِ ڪارڻ

## دلبو منجهہ درياه، پسي پڪي آئيا
## ويچارن ويساهہ، آٽي اُت اڙائيا!

پاڪستان نہ تاريخي ملڪ آهي ۽ نہ ان جو ڪو جاگرافيائي وجود آهي.

هي مختلف وجوهات سبب برصغير هند جي ورهاڱي سبب پنجن ملڪن تي مشتمل هڪ يونين تي پنجابي اختراع جو نالو آهي.

برصغير هند، تاريخ ۾ جيتوڻيڪ ڪيترا دفعا ڪجهہ يڪجهتي بہ حاصل ڪئي آهي، ليڪن گهڻو وقت سياسي طور ورهايل رهيو آهي. سندس موجوده ورهاڱي جا ڪارڻ مونکي هيٺيان ڏسڻ ۾ اچن ٿا:

(۱) برصغير هند ۾ مختلف آبهوائن واري ملڪن ۾ جدا جدا ٻولين، مختلف مذهبي اعتقادن، جدا جدا نسلن، رسم و رواجن ۽ سماجي درجن جا ماڻهو رهن ٿا، جن کي ارتقائي تاريخ جي چَڪي اجا پوريءَ طرح پيهي مخلوط نہ ڪري سگهي هئي. (ملڪي اختلاف)

(۲) انگريزن جيتوڻيڪ ساري برصغير کي گڏي هڪ حڪومت هيٺ آندو هو، ليڪن متحده قوم بنائڻ جي ڪوشش ۽ هڪ پاليسي نہ هئڻ ڪري ڪامياب نہ ٿيا هئا. (ٻٽي پاليسي)

(۳) ذهني طور برصغير هند جا رهاڪو وهمن ۽ تعصبن جي اثر کان اجا آزاد نہ ٿي سگهيا هئا، جنهن ڪري مذهب جي نالي ۾ برغلجي سگهيا ٿي. (مذهبن جو اثر)

(۴) ماڻهن جي اڪثريت غريب ۽ اڻوجهہ هئي، جن کي نئين پيدا ٿيل مڊل ڪلاس جي اقتصادي رقابتن گمراهہ ٻي ڪيو. (اقتصادي رقابتون)

(۵) صحيح قومي تصور جي گهٽتائي.

مٿي ذڪر ڪيل وجوهات جي مختصر تسريح پڙهندڙن جي معلومات لاءِ هيٺ ڏجي ٿي:

## (ا) برصغير هند جا ملڪي اختلاف :

هن حقيقت کان انڪار ڪرڻ اجايو آهي ته هندستان هڪ ملڪ نه پر برصغير هو. جنهن جي ايراضي ۱۵۸۱۳۱۱ ميل هئي. ان ۾ ٽي سئو کن نندڙيون ۽ ۱۸ کن وڏيون ٻوليون ڳالهايون ٿي ويون. ان ۾ جدا جدا آبهوائن جا ملڪ موجود هئا. ايتري قدر جو صوبه سرحد ۽ ڪشمير ۾ جنهن وقت برف پوي ٿي ته ڏکڻ هند ۾ گرميءَ سبب پکا هلائڻا پون ٿا.

اتر هند جا رهاڪو ڊگها، متارا، سفيد رنگ ۽ جنگجو ذهنيت جا هئا ته ڏکڻ هند جا رهاڪو ڇوٽي قد جا، پتلا، ڪٽڪ رنگا ۽ نرم مزاج هئا.

ان ۾ دراويدي، آريا، نيگرو، ساماٽيت ۽ منگول نسلن جي صدها شاخن جا ماڻهو رهندڙ هئا. جي اجا تائين پوري طرح ملي هڪ نه ٿي سگهيا هئا. ذات پات جي ڀيد ڀائن سندن گڏجڻ ۾ رڪاوٽ پئي وڌي هئي.

ملڪ ۾ هندو، ٻڌ، جين، ڪرشچن، اسلام، يهودي، پارسي ۽ سک مذهبن ۽ ان جي سوها شاخن جا پيروڪار رهيا ٿي. جن جي اعتقادن ۾ وڏو اختلاف هو. ويتر تعليم جي گهٽ هئڻ ڪري مذهبي رهنمائن جي رقابتن جو شڪار ٿي رهيا آهن.

هڪڙن ڳئو جي رڪشيا ٿي ڪئي ٻين ان جو گوشت ٿي کاڌو. هڪڙن وٽ سوئر حرام هو ته ٻين وٽ جائز هو، هڪڙا مردن کي پورين ٻيا ساڙين، ٽيا ڪوهن تي رکي پکين جي حوالي ڪن. منجهن ٿورا ڄاڻو ته ڪثير تعداد جاهل، وهم پرست، جانورن، وڻن، دريائن، نانگن ۽ قبرن جا پوڄاري هئا.

هڪڙا سبزي خور، ٻيا گوشت، ڇوٿا ورتائيندڙ، ٽيا مُردن جانورن تي گذر ڪندڙ هئا. شهري زندگي گهٽ، خانه بدوشي ۽ ديهاتي زندگي زياده هئي.

هزارها سال هڪ ٻين سان گڏ رهڻ جي باوجود سارو هندستان ته ڇڏيو پر جديد تسليم ٿيل قومي اصولن مطابق ڪنهن هڪ صوبي ۾ به قومي يڪجهتي پيدا نه ٿي سگهي هئي. انهن حقيقتن جي باوجود هي ڳالهيون به

ذهن م انهن جي لائق آهن:

قدرت ساري هند کي ٻن طرفن کان جبل ۽ ٻن کان سمنڊن جي وچ ۾ رکي جدا خط زمين جي حيثيت بخشي هئي.

گذريل ٻن هزار سالن کان اشوڪا، وڪرماجيت، اڪبر، اورنگزيب ۽ انگريز حاڪمن ان جي يڪجهتي لاءِ ڪوششون ڪيون هيون.

اهڙي طرح ويدانتن، پنڊتن، صوفيائي ڪرام، گرو نانڪ وغيره بزرگن ماڻهن ۾ اتحاد ۽ محبت پيدا ڪرڻ لاءِ عمريون صرف ڪيون هيون.

پوئين انگريزي دور ۾ ريل، رستن، تارن، ريڊين ۽ جديد تعليم، اختلاف دور ڪرڻ ۾ گهڻو حصو ورتو هو. تاريخ تمدن جي لکندڙ سر طامس بڪل جو چوڻ آهي ته ”ماڻهن تي آبهوا، ماحول، نسل ۽ روايات جو گهڻو اثر پوي ٿو.“

هندستان جي رهاڪن تي جدا جدا آبهوائن، ماحول، نسلن ۽ روايات جو گهڻو اثر پيل هو، جنهنڪري عالمگير مذهب جن جو مقصد ماڻهن ۾ اتحاد، امن ۽ خوشحالي پيدا ڪرڻ هوندو آهي سي مذڪوره بالا سببن ڪري ماڻهن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ جي عيوض جات پات، ڇوت ڇات، فرقہ بندي، نفرت ۽ نفاق جا ڪارڻ بنيا.

مثلاً : هندو ڌرم، اهنسا، رواداري ۽ پريم (عالمي اتحاد) جو حامي هو سو مٿين ذڪر سببن ڪري، هنسا، تعصب، جات پات ۽ ڇوت ڇات جو ڪارڻ بنجي نفاق ۽ نفرت جو باعث بنيو.

اسلام، مساوات، اخوت، محبت جو علمبردار ٿي آيو سو هتي ساڳين سببن ڪري نفرت، تشدد، فسطائي تعليم، قبر پرستي ۽ پير پرستيءَ جو مرڪز بنجي ويو.

انگريزن جديد تعليم، جمهوريت ۽ سيڪيولرزم سان اسان کي روشناس ڪرايو.

پر هنن جي چند غلطين ڪري، سندن سمورين ڪوششن ۽ ارادن تي پاڻي ڦري ويو.

**پهرين غلطي :**

هنن کان پهرين غلطي اها سرزد ٿي ته هندستان جي اڳين حڪمرانن وانگر ملڪ ۾ رهي ان کي وطن نه بنايائون. جنهن ڪري نہ ماڻهن سان ملي هڪ ٿي سگهيا نہ ملڪي حالتن کان پوري طرح واقف ٿيا. هو باهران اچي

حڪومت ۽ واپار ڪري پيسا ڪمائي هليا ويندا هئا.

هنن کي هر فاتح وانگر سندن تهذيب تي فخر هو. جيتوڻيڪ هنن جي دعويٰ اها هئي ته هو هندستانين کي مهذب بنائڻ جي مشن سان آيا هئا. ليڪن جداگانه زندگي بسر ڪرڻ سبب هو ملڪ جي صحيح حقيقت کان واقف نه ٿيا، ان ڪري گهٽ اثرانداز ٿيا.

## ٻي غلطي :

هنن مذڪوره بالا غلطي ڪري هندستانين کي متحد ڪرڻ لاءِ غلط طريقا استعمال ڪيا.

مثلاً ساري هندستان جي رهاڪن کي هڪ قوم بنائڻ جي عيوض علاقائي قوميتن بنائڻ طرف توجهه نه ڏنائون. وحداني طرز حڪومت جي عيوض دفائي طرز حڪومت بنائڻ لاءِ ڪوشش نه ڪيائون.

صوبن جو جوڙجڪ انتظامي نقطه نگاهه کان ڪرڻ جي عيوض لساني ۽ ڪلچرل بنيادن تي ناهين ها.

## ٽي غلطي :

هڪ طرف هندستانين کي متحد قوم بنائڻ جي ڪوشش ڪيائون ته ٻي طرف مذهبي اختلافن جي همت افزائي ڪيائون.

ڪانگريس برپا ڪرائي، متحد قوم، سيڪيولر سياست ۽ جمهوري طرز حڪومت لاءِ ٻج هڪ طرف ڇٽيائون ته ٻي طرف مسلم ليگ ٺهرائي مسلمانن ۾ جدا منظم ٿيڻ، جدا چونڊن ۽ علحدگيءَ جي خواهش پيدا ڪرايائون، انهيءَ ڪري هندو ۽ مسلمان غلط اندازن جو شڪار ٿيا.

هندن سمجهيو ته هند ۾ سندن اڪثريت هندستان جي حڪومت تي سندس قبضو رهندو. تنهن ڪري ڪانگريسي ڪارڪن حقيقتن کان قطع نظر ڪري متحده هند ۽ متحده قوم جو راڳ ڳائيندا آيا.

باوجود ان حقيقت جي ته اجا هندستاني هڪ قوم نه بنيا هئا نه ملڪ متحده ٿيو هو. اهو انگريزن جو اثر هو جو ڪين متحده رکيو وينو هو.

ٻي طرف مسلمانن کي جدا منظم ٿيڻ بعد هي وهم وينو ته هو واقعي مذهب جي بنياد تي علحده قوم هئا. تنهن ڪري جمهوريت مان ڪين فائدو ڪونه هو. جدا چونڊون، جدا نمائندا، آخر جدا وطن ۽ جدا حڪومت جي گهر ڪرڻ لڳا.

ليڪن سندن اهو خيال به غلط هو. مسلمان هڪ قوم نه هئا پر

سنڌين، بينگالين، پنجابين، پٺاڻن ۽ بلوچن وغيره تي مشتمل جدا قومون هئا. مذهبي طور اهي يڪجهت نہ هئا. شيعا، سني، وهابي، قادياني وغيره فرقن ۾ ورهايل هئا.

نہ سندن زبان ساڳي هئي، نہ ڪلچر ساڳيو هو. ڪي غريب هئا تہ ڪي شاهوڪار هئا. تنهن ڪري مسلمانن جي جدا قوم جو نظريو ئي غلط هون.

هندو ۽ مسلم عوام پنڊتن ۽ ملن جي اثر هيٺ هئا، جن ڪي ٻنهي مذهبن جي مستقل مفاد (Vested Interests) طبقاتي استحصال لاءِ ڪتب آڻي نفرت ۽ نفاق پيدا ڪرايو، جو ملڪ جي ورهاڱي جو باعث بنيو.

جيڪڏهن ملڪ نسل يا ٻولين جي بنياد تي ورهائجي ها تہ موجوده ورهاست کان گهٽ نقصانڪار ثئي ها.

## ٣. انگريزن جي متضاد پاليسي :

انگريز مغربي تهذيب جا حامل، جديد علم سائنس سان مزين ۽ صحتمند قوم هئا. هندستان، جنهن تي قبضو ڪيو هئائون، ان جي تهذيب مشرقي هئي. ماڻهو قدامت پسند ۽ جديد علم کان بي بهره، پست پيل، گروهن ۾ ورهايل ۽ منتشر هئا.

انگريز ٻين حملہ آورن وانگر يڪدم حملو ڪري ملڪ تي قابض نہ ٿيا هئا پر تجارت جي بهاني سان اچي ملڪ مان پيسا ڪمائي، واقفيت ڪري آهستي ٿي پير ڄمائي ملڪ تي قابض ٿي ويا.

هنن برصغير هند جي مختلف ايراضين تي جدا جدا وقتن تي قبضو ڪيو هو. تسلط هيٺ آيل ملڪن جي سهوليت خاطر ملڪ جي انتظامي سهوليتن خاطر ملڪ جي ورهاست ڪئي. ان ۾ زبان، نسلي امتياز، تواريخي روايات ۽ جاگرافيائي سهوليتن کي گهٽ دخل هو. هنن ڪي حصا ملڪ جا پنهنجي سڌو ماتحت رکيا تہ ڪن ۾ ديسي رياستن کي قائم رهڻ ڏنو. ملڪ تي قبضي ڪرڻ لاءِ بہ هنن حالتن جي تقاضا موجب جدا طريقا استعمال ڪيا. ڪي ٽڪرا حاڪمن کي خريدي يا پٽي تي وٺي قلعو ٻڌي پنهنجي قبضي ۾ آندا. ڪٿي ٻن مخالفن مان هڪ کي مدد ڏئي، ٻئي کي ڪيري ان جو عيوضو ورتائون. ڪٿي بهانا تراشي حملو ڪري قبضو ڪيائون.

جڏهن ساري برصغير تي قبضو ڄمي وين تہ ان قبضي کي قائم رکڻ، سٺي انتظام وغيره لاءِ ڪن اصولن موجب پاليسي مرتب ڪري هلائڻ لڳا.

مثلاً: (١) ساري ملڪ کي هڪ مرڪزي حڪومت هيٺ هلائڻ لاءِ سرڪاري زبان انگريزي مقرر ڪري، انڊين سول سروس جي ذريعي ان تي حڪومت هلائڻ لڳا.

(٢) هندستانين کي چيائون تہ هو ملڪ ۾ امن امان قائم ڪرڻ، ماڻهن کي جديد علوم ۽ فنون کان واقف ڪرڻ ۽ سڌارڻ جي مشن سان آيل هئا.

مشن پوري ٿيڻ بعد حڪومت جون واڳون هندستانين جي حوالي ڪري هليا ويندا.

(٣) هندستان ۾ ڪثرت مذاهب جي موجودگيءَ ۾ مغربي ملڪن جي تجربي جي بنا تي هن طريقہ حڪومت سيڪيولر ڪيو.

ليڪن منجهائن هڪ گروه برٽش سامراج جي مفاد لاءِ هندستان کي ڪنٽ آٽڻ جو حامي هو. انگلينڊ جي طرز تي جمهوري سرشتہ حڪومت رائج ڪرڻ جو ارادو ظاهر ڪيائون.

انهي ذڪر ڪيل نقطن جي تشريح هيٺ ڏجي ٿي.

## (ا) مرڪزي حڪومت ۽ سول سروس :

ساري ملڪ تي سامراج کي مستحڪم ڪرڻ لاءِ هن بہ ڪم ڪيا:

هڪ تہ گهڻا اختيار مرڪزي حڪومت جي هٿ ۾ رکيا، ٻيو تہ هڪ سرڪاري نوڪرن جو عملو ان جي ماتحت رکي ڪاروبار هلائڻ شروع ڪيو.

جن کي انڊين سول سروس ۽ انڊين پوليس سروس جي نالي سان سڏيائون. انهن عملدارن کي نوڪري جدا صوبن ۾ ڪرڻي پوندي هئي. پر سندن مقرري وغيره مرڪز جي حوالي ۾ هوندي هئي. اهي گورنرن جي ماتحت ڪم ڪندا هئا جي سڌو برٽش سرڪار جا مقرر ڪيل هوندا هئا. انهن عملدارن کي حڪومت هلائڻ لاءِ خاص تربيت ڏني ويندي هئي.

سرڪاري زبان انگريزي مقرر ڪيائون. ڪن صوبن ۾ مڪاني زبانن جي تعليم بہ ڏياريندا هئا. انهي پاليسي ڪري هيٺيان نتيجا نڪتا:

(١) ساري طاقت مرڪزي حڪومت ۾ وڃي ڪٺي ٿي. جنهن وحداني طرز حڪومت لاءِ حالتون سازگار بنايون. جيئن تہ هندستان مختلف آبهوائن جي خطن. نسلن. مذهبن. زبانن ۽ تاريخي روايات. جو برصغير هو. ان جو انتظام ڏارين سماجي حڪومت جي ماتحت مرڪزي طرح هلائڻ ۾

اختلاف ڪونہ ٿيو. پر جڏهن جدا جدا صوبن ۾ جمهوري طرز جون حڪومتون قائم ٿيون تہ مرڪز ۽ صوبن جي اختيارن، ٽيڪسن ۽ ڪاتن جي ورهاست تان اختلاف پيدا ٿيا. صوبن ۾ عوامي حڪومتون برپا ٿيون پر انهن جا زبردست عملدار مرڪز جي ماتحت هئڻ ڪري وزيرن سان پوريءَ طرح تعاون نہ ڪرڻ لڳا بلڪ ڪن جاين تي مخالفت ڪندا رهيا. ڪي ڪاتا مرڪز ۽ صوبن ٻنهي جي حوالي ۾ هئا. ڪي صفا صوبن جي ماتحت هئا تہ بہ مرڪز ۾ انهن ڪاتن جون وزارتون قائم هيون. جهڙوڪ : تعليم، صحت، انڊسٽريز وغيره.

(٢) هندستان جي جدا صوبن جي خصوصي حالات جي تقاضا اها هئي تہ صوبائي حڪومتن جو عملو صوبائي حڪومتن جي اختيار ۾ هجي ها پر ائين نہ ٿيو.

ان ڪري مڪاني نمائندن ۾ مرڪزي سروس جي خلاف ناراضگي پيدا ٿي پئي.

(٣) ساري ملڪ جي سرڪاري زبان انگريزي مقرر ڪيائون. ان ڪري مختلف زبانن جي اختلاف ڪان حال ڇٽي ويا. پر اها پاليسي مضبوط مرڪز ۽ سامراجي حڪومت جي نقطہ نگاهہ سان هلي سگهي ٿي. صوبن ۾ جمهوري حڪومتون قائم ٿيڻ بعد، مڪاني زبانن جي ترقي ۽ قومي زبان جو بحث شروع ٿيو. جيئن تہ هندستان گهڻين قوميتن جو ملڪ هو، تنهن ڪري مرڪز ۽ صوبن جي وچ ۾ ڪنهن سمجهوتي جي بنا تي صوبائي ۽ بين الصوبائي زبانن جو مقرر ڪرڻ ضروري هو. انگريزن ان طرف پورو توجهہ نہ ڏنو. سياسي پارٽين جي اختلاف ان مسئلي کي ويتر منجهائي ڇڏيو.

جيڪڏهن انگريزيءَ سان گڏ ڏکڻ هند جي دراويدي زبانن مان، هڪ وچ هند جي هندي زبان، اتر هند مسلمانن لاءِ ڪا زبان وغيره بابت توجهہ ڏئي ان جي واڌاري لاءِ ڪوشش ڪن ها تہ موجوده اختلاف گهٽو گهٽ ٿين ها.

(٤) انگريزي عملدارن جو هڪ گروهہ متحده هند جي فائدي ۾ هو تہ ٻي گروهہ هندو مسلم اختلاف کي وڌايو، جنهن اختلاف وڌي وڃي ورهاڱي جي صورت اختيار ڪئي.

(٥) سامراجي نقطہ نگاهہ ڪان ملڪ جي ڪن حصن ۾ برٽش راڄ رهيو تہ ڪن حصن ۾ ڏيهي رياستون قائم رهيون، جن جون پاليسيون برٽش

تسلط وارن صوبن کان علحده هيون. ان ڪري ملڪ جي ترقي ۽ يڪجهتي يڪسان طور نہ ٿي، جا ڳالهہ بہ اختلاف جو باعث بني.

(٦) هنن ڪن سرحدي ايراضين ۾ ملڪ جي عام قانونن کان علحده قانون مروج ڪيا. جهڙوڪ فرنٽيئر ريگيوليشن وغيره. جمهوري سڌارن جو فائدو انهن کي نہ ڏنو ويو. سامراجي نقطہ نگاهہ کان هي ڳالهہ ممڪن آهي تہ هنن مفيد سمجهي مروج ڪئي هجي پر ملڪ جي يڪسان ترقيءَ جي راهہ ۾ رڪاوٽ هئي.

## (٣) انگريزن جو مشن :

انگريزن جڏهن چيو ٿي تہ هو هند ۾ ملڪ ۽ ماڻهن جي ترقي ۽ سڌاري جي مشن سان آيل هئا تہ انهيءَ ۾ منجهن اختلاف راءِ هو. هڪڙن اها ڳالهہ واقعي صدق دل سان ڪئي ٿي. ٻين ماڻهن کي دوکو ڏئي رضامند ڪرڻ لاءِ ائين ظاهر ٿي ڪيو. پهرين گروه جا حامي آگرين تي ڳڻڻ جيترا هئا تہ ٻئي گروهہ جي اڪثريت هئي. انهيءَ ڪري حڪومت جي قول ۽ فعل ۾ تفاوت ٿيو ٿئي.

پهرين گروهہ شهرن جي جديد تعمير، ريلوي، پوسٽ، ٽيليگراف، تعليمي ادارا، اسپتالون وغيره کولي ماڻهن کي جديد سڌارن ۽ مغربي تعليم سان روشناس ڪرايو.

پهرين لوڪل باڊيز پوءِ صوبائي اسيمبلين ۽ مڪاني ماڻهن کي نمائندگي ۽ اختيار ڏئي جمهوريت مان واقف ڪيو.

پر ٻئي گروهہ جي گهڻي اثر ڪري هر قدم تي رنڊڪون پونديون رهيون ۽ سڌارن جي رفتار سست رهي. جنهن تي جڏهن ماڻهن طرفان سڌارن لاءِ تقاضا ٿي. سياسي تحريڪن جي صورت اختيار ڪئي تہ انهي ڪاموري ڪلاس مڪاني ماڻهن مان ڪي اهڙا افراد يا گروهہ پيدا ڪيا جي عملدارن جي خوشامد ڪندا، ها ۾ ها ملائيندا آيا. اهڙيءَ طرح قومي يا سماجي ڪارڪنن جي آواز کي غير موثر بنائڻ جي ڪوشش ٿي. ان طرح سان زميندار ڪلاس، آنري ماجسٽريٽ، لقب بردار، درباري ڪرسي نشين، هٿيارن جا ليسن بردار وغيره پيدا ٿيا. ڪن جون جاگيرون قائم رکي، انهن معرفت عوامي آواز کي گهٽڻ جي ڪوشش ٿي.

نتيجو اهو نڪتو تہ ملڪ ۾ ٻن خيالن جا ماڻهو پيدا ٿيا. هڪڙا خوشامدڙيا ۽ جي حضوري، ٻيا آزاد خيال ۽ ملڪي سڌارڻ جا خواهشمند.

جڏهن ٻئي گروهه ڏٺو ته سرڪاري عملدارن طرفان باوجود هندو گهڻن دعوائن جي ٻهرين گروه جي مدد ۽ همت افزائي ٿئي ٿي ۽ ڪين تڪليفون ني رسايون ويون ته انهن ۾ ناراضگي وڌڻ لڳي. انهي ۾ عملدارن باشعور مڊل ڪلاس جي اختلافي طاقت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ فرقيوار اقتصادي رقابتن کي هوا ڏني، جاتيوار اختلاف پيدا ڪيا. انهيءَ سبب ماڻهن جي متحد ٿيڻ جي راهه ۾ رڪاوٽ پئجي انتشار وڌندا ويا. جن نيٺ ورهاڱي جي صورت اختيار ڪئي.

## (٣) سيڪيولر طريقہ حڪومت :

انهيءَ طريقہ حڪومت جو مطلب اهو هو ته ملڪي سياست کي مذهب کان علحده ڪري هلايو وڃي. اها نهايت عمده پاليسي هئي جا مغربي ملڪن گهڻي تجربي بعد اختيار ڪئي هئي.

ليڪن عملي طور انگريزي عملدارن مان ڪن اهڙا ڪن ڪيا، جن جي ڪري ان پاليسيءَ جي افاديت گهٽجي ويئي مثلاً:

(الف) هندن ۽ مسلمانن جي قدامت پسند طبقي جي رضامنديءَ خاطر پرائمري، سيڪنڊري ۽ هاءِ اسڪولن ۾ مذهبي تعليم کي مروج ڪيو ويو. قرآن ڪلاس، گيتا ڪلاس کوليا ويا.

(ب) باوجود ان دعويٰ جي ته سرشتہ حڪومت سيڪيولر هو. مرڪزي سرڪار هڪ ايڪليازيٽيڪل کاتو (ڪليسائي کاتو) هلائيندي آئي، جنهن مطابق ڪرشچن اسڪولن ۽ ديولن جي مدد ڪئي ٿي ويئي. ان ٿي مڪاني قدامت پسند مذهبي ماڻهن، طرفان به گهر ٿي ته هندو مسلم مذهبن جي ڪاروبار ۽ تعليم جي سرڪار طرفان حوصلہ افزائي ڪئي وڃي.

(ت) خلافت تحريڪ وقت ڪامورن طرفان هڪ طرف ملن کي همٿائي فتوائون لڪائي، ان ٿي زميندارن ۽ پيرن کان صحيحون ورتيون ويون ته ٻي طرف شڌهي ۽ تبليغ تحريڪن جي حوصلہ افزائي ڪئي ويئي.

(ٿ) فرقيوار جماعتون قائم ڪرايون جهڙوڪ مسلم ليگ ۽ مها سڀا.

(ج) انهن جماعتن طرفان جڏهن ملڪ جي ورهاڱي يا اسلامي حڪومت يا رام راج جي گفتگو ٿيڻ لڳي ته انهن ٿي رڪاوٽ وجهڻ جي عيوض حوصلہ افزائي ڪئي ويئي.

(ح) ڪين پتو هو ته جديد طرز جي جمهوري حڪومت لاءِ سيڪيولر

تاريخ جي ڇاڻن ڪي پتو آهي ته جڏهن انگريز سامراج کي ابرندي ايشيا جي مسلمانن جي همدردي حاصل ڪرڻي هئي ته هنن نه صرف ترڪي حڪومت جي مدد ڪئي پر پئن اسلامي تحريڪ جي به حمايت ڪئي. ليڪن جڏهن هنن ڏٺو ته اها پاليسي بدليل حالتن هيٺ سندن لاءِ مفيد نه هئي ته عرب نيشنلزم کي آباري خلافت کي ختم ڪرايائون.

هندستان جي مسلمانن ۾ جيستائين ڪو دم هو هنن سختيءَ سان ڪين ڪچليو. پر جڏهن هنن ڏٺو ته مسلمان ڪٽ تي ويا هئا ۽ هندو زور ونندا تي ويا ته هنن پاليسي بدلائي وري مسلمانن جي همت افزائي ڪرڻ شروع ڪئي. اهڙي طرح هنن مسلمانن جي جدا قومي نظرئي جي پيش ڪندڙن جي حمايت ڪئي. علامه اقبال انهيءَ نظريه جو مکيه اڳواڻ سمجهيو وڃي ٿو. خلافت ۽ پين اسلامزم سڀ هڪ وڻ جون ٽاريون آهن. اها ڳالهه ڪيتري قدر ايمانداريءَ تي مبني آهي ته ترڪ خلافت جي شڪست تي خوشي ملهائجي ۽ مسلمانن جي جداگانه نظريي جو راڳ به ڳائبو اچجي. غور سان نظر ڪبي ته پتو پوندو ته انهي سموري ڳالهه جي پويان برٽش سامراج پاليسي ڪار انداز نظر ايندي. ڪانگريس جماعت جو قيام جمهوريت پسند انگريزن جو ڪم هو ته سر سيد احمد خان کان ڪانگريس جي مخالفت ڪرائي آخر ۾ سندس گروهه کان مسلم ليگ قائم ڪرائي هندستانين ۾ فرقيوارانه مخالفت جو ٻج پوکڻ. سامراجي گروه جو ڪم هو. هندستان جا آزاد خيال مسلمان ۽ ديوبندي عالم ڇو ڪانگريس ۾ شامل ٿيا؟ ان جو سبب پڌرو پيو هو. هنن ١٨٥٧ع ۾ انگريزن خلاف جنگ آزاديءَ ۾ حصو ورتو هو. ترڪن جي حڪومت کي ٽڪرا ٽيڻ تي اعتراض ورتو هو. مشرقي ملڪن تي مغربي سامراجين جي تسلط کان هو تنگ ٿيل هئا. تنهنڪري هنن انگريزي سامراج جي مخالفت ڪرڻ واري جماعت جو ساٿ ڏيڻ ضروري ٿي سمجهيو.

پڙهندڙ غور ڪري فيصلو ڪن ته انگريزي سامراج جا لقب بردار، انگريزن طرفان ترڪن خلاف لڙندڙ، غريبن جو رت چوسيندڙ جاگيردار ۽ ڪامورا اسلامي تعليم کان بي بهره، مغرب زده مينا بازارن جا سرپرست، سي مسلمانن جا مددگار ۽ اسلام جا علمبردار ٿي وڃن ٿا ۽ دين اسلام جا ڄاڻو، ديوبندي عالم، انگريزي سامراج جا دشمن، جيلن ۾ گذاريندڙ، اسلام دشمني ۽ مسلمانن جي مخالفت جا مرتڪب ٿي پون ٿا.

پڙهندڙ جيڪڏهن تعصب جي باهہ ۾ وڪوڙجي نہ ويا آهن تہ ڪين پتو پئجي ويندو تہ اها سڀ چال سامراجي انگريزن جي هئي. جنهن جا هي صاحب ڪٺ پتلي تي ڪرتب ادا ڪندا رهيا. ڪاڪوس مٿان بيهي اذان ڏيڻ ڪري اهو مسجد تي ڪونہ پوندو.

اهڙي طرح جناح صاحب جي شموليت ڪري هي انگريزي سامراج جي پرورده ليگي ٽولي جو غلط ڪم درست ٿي نہ ٿو سگهي.

جناح صاحب نبين وانگر معصوم ڪونہ هو. عام انسانن وانگر سهو ۽ نسيان جو مرتڪب هو.

**" هر ڪہ در ڪان نمڪ رفت نمڪ شد "**

جي مصداق انهيءَ ٽولي جي اڳوائيءَ بعد هو بہ انهن جو پرزو ٿي پيو هو.

انگريزي سامراج گروه جو پهرين اهو ارادو هو تہ هندستان ۾ گهر بار بنائي، امريڪا، آسٽريليا، نيوزيلينڊ وغيره وانگر بينڪ قائم ڪن ۽ هتي جي رهاڪن کي يا ختم ڪن يا ڪرستان بنائين. پر ان ۾ هو ناڪامياب ٿيا. ان جا ڪارڻ هي هئا تہ مٿي ذڪر ڪيل ملڪن ۾ ماڻهو گهٽ. پوئتي پيل ۽ وحشياني دور جا مذهب رکندڙ هئا. هتي هندستان ۾ ماڻهو ڪروڙن جي تعداد ۾ هئا. جن کي پنهنجون تهذيبون ۽ تمدن هئا. سندن ٽيئي مذهب هندو، ٻڌ، مسلم، ڪرشنچتيءَ وانگر عالمگير حيثيت رکندڙ هئا. ان ڪري انهن جو مارڻ ۽ مذهب بدلائڻ سندن طاقت کان ٻاهر هو. تنهن ڪري انهن تي قابض رهڻ لاءِ هنن "ويڙهائي راڄ ڪرڻ" جو طريقو ڪتب آندو جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ ورهائجي ويو.

## ۵. جمهوري نظام حڪومت :

انگريزي حڪومت جي ابتدائي دور ۾ سامراجي خيال جي ماڻهن جي طاقتور هئڻ ڪري، هنن کي جمهوري نظام حڪومت ملڪ ۾ رائج ڪرڻ جو ڪوبہ ارادو ڪونہ هو پر ۱۸۵۷ع جي جنگ آزاديءَ هنن جون اکيون کولي ڇڏيون ۽ معلوم ٿين تہ ايتري ٿوري تعداد ۾ ڪروڙها ماڻهن تي هميشہ لاءِ قابض رهڻ ناممڪن هو. ان تي هنن پاليسي بدلي جمهوريت قائم ڪري، ملڪ جون واڳون هندستانين جي حوالي ڪرڻ جو وعدو ڏئي مخالفت کي آئيني طرز جي مخالفت تي موڙڻ جي ڪوشش ڪئي. ۱۸۸۵ع ۾ هنن ڪانگريس جماعت برپا ڪرائي. ان کان پوءِ جڏهن سندن سامراجي گروه

ڏنو تہ هندستاني متحد تي جمهوري سڌارن جي گهر ڪري رهيا هئا تہ هنن زميندارن ۽ سر سيد احمد خان جي معرفت مسلمانن کي ڪانگريس ۾ شامل ٿيڻ کان روڪيو. پوءِ مسلم ليگ برپا ڪرائي يو پيءَ جي جاگيردارن ۽ ڪامورن جي بچاءُ لاءِ جدا چونڊون ۽ نمائندگي (ويٽيج) کي رائج ڪيو.

هتي انگريزن جمهوري طرز حڪومت انگلينڊ جي تتبع تي مروج ڪرڻ گهري، جا هندستان جي حالات جي موافق نہ هئي.

(١) هڪ تہ هندستان جا رهاڪو انگلينڊ وانگر جديد نظربي قوم مطابق هڪ قوم نہ هئا. اهي جدا زبانن، نسلن، مختلف آبهوا وارن ملڪن، مذهبن ۽ روايات ۾ ورهايل جدا قومون هئا. ان ڪري وحداني سرشتي حڪومت يا ساري هندستان جي بنياد تي پارٽين جو قيام غلط هو.

(٢) ملڪ جي ورهاست جن ٻن گروپن ۾ ڪئي هئائون سي جمهوريت جي راهہ ۾ رنڊڪ بنيو بيٺا هئا.

(١) هڪ گروپ ديسي رياستن جو هو.

(٢) ٻيو گروپ برٽش صوبن جو هو.

ازانسواءِ هنن برٽش صوبا انتظامي سهوليتن خاطر ٺاهيا هئا. جن ۾ ڪي صوبا هڪ زبان وارا هئا تہ ڪن ۾ چار پنج زبانون مروج هيون. تہ ڪن هڪ زبان ۽ نسل جي ماڻهن کي ورهائي ٽن چئن صوبن ۾ داخل ڪيو هو.

انهيءَ ڪري جديد طرز تي جمهوري حڪومت لاءِ حالتون سازگار نہ ٿي سگهيون.

مثلاً: بمبئي صوبي ۾ مرهٽي، گجراتي، سنڌي ۽ ڪوڪني زبانون مروج هيون.

مرڪزي صوبہ ۾ مرهٽي، هندي، زبانون ڳالهائيون هيون.

اهڙي طرح سنڌي ڳالهائيندڙن کي هيٺين چئن ملڪن ۾ ورهايو ويو.

(١) هڪ حصو ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾.

(٢) ٻيو حصو لس ٻيلي ۽ قلات رياست ۾.

(٣) ٽيو حصو بهاولپور رياست ۾.

(۴) سنڌ جي موجوده ايراضي ۾.

انهيءَ طرح پٺاڻن کي بہ چئن حصن ۾ ورهايو ويو.

(١) حصو صوبہ سرحد ۾.

(٢) حصو آزاد علائقي ترائبل ايريا ۾.
(٣) حصو بلوچستان ۾.
(۴) حصو سرحدي رياستن ۾.

گهڻي وقت کان هندستانين طرفان انهن خامين کي درست ڪري نئين طرح صوبن بنائڻ جي ڳهر ٿيندي رهي. ليڪن مختلف وجوهات ڪري، حڪومت سواءِ چند جاين جي اها خامي درست ڪري نه سگهي. هندستان ۾ انگريزي حڪومت جي تاريخ تي نظر ڪبي ته ان جي جمهوريت پسند ۽ سامراجي گروهن جي باهمي ڪشمڪش ڪري صاف ۽ صريح پاليسي بنجي نه سگهي، ان ڪري هيٺين خامين سبب هندوستاني متحده قوم بنجي نه سگهيا ۽ ملڪ ورهائجي ويو.

(الف) صوبا زبان ۽ نسل جي بنياد تي ٺهيل نه هئا.
(ب) هندو مسلم اختلافن کي زور وٺايو ويو هو.
(ت) سامراجي نقطه نگاهه کان مرڪز جي مضبوطي تي گهڻو زور ڏنو ويو، جنهن اقليتن ۾ هندن جي اڪثريت جو خوف پيدا ڪيو.
(ث) برٽش صوبن وانگر جملي رياستن ۾ جمهوري سرشته حڪومت رائج ڪري نه سگهيا.

• هندستان جي مسئلن کي انگلينڊ جي ترازوءَ تي تورڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. هتي وجداني طرز حڪومت ته ڪارگر ٿي نه ٿي سگهي ليڪن اڳتي هلي مختلف سببن ڪري فيڊريشن جي اسڪيم کي به رد ڪيو ويو. برٽش ڪئبينيٽ مشن واري ڪانفيڊريشن واري اسڪيم هندستان جي حالتن پٽاندڙ هئي پر برٽش پاليسيءَ جو افسوسناڪ الميو اهو رهيو هو ته صحيح وقت تي صحيح تدبير نه سوچيندا هئا. وقت گذرڻ ۽ حالتن جي تبديليءَ بعد هنن کي ڳالهه سمجهه ۾ ايندي هئي.

## (٣) هندستانين تي مذاهب جو اثر:

هندستان جي ورهاڱي ۾ مذهبي اختلافن کي وڏو دخل هو. مشرق ۾ عام طرح ۽ هندستان ۾ خاص طرح عوام تي مذهب جو گهڻو اثر رهي ٿو. ان ڪري اتي جي اڪثر حاڪمن سندن مستقل مفاد جي تحفظ لاءِ مذهبي مهندارن کي هٿ ۾ رکي مذهب جي نالي ۾، ماڻهن تي پنهنجو تسلط قائم ڪرڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. انهيءَ ڪري ملڪ ۾ پنڊتن ۽ ملن کي

مذهب جي غلط تشريح ڪرڻ جو موقعو ملي ٿي ويو.

هتي جا عام ماڻهو عملي نقطہ نگاهہ کان پنتي پيل آهن، جنهن ڪري وهم پرستي ۽ قدامت پسنديءَ کان ٻاهر نڪري نہ سگهيا آهن.

اها وهم پرستي صرف هڪ مذهب جي پوئلڳن تائين محدود نہ هئي. بلڪ گهڻو ڪري سڀني مذهبن تي ٿورو گهڻو اثر قائم هو.

وڻن، دريائن، نانگ، عضوه تناسل، جنن، قبرن، پيرن ۽ پٿرن تي هٿن جي نشانن، ساڌن ۽ پيرن جي پرستش ۽ تعظيم اڃا جاري آهي.

هيءُ ئي ملڪ آهي جتي ڪروڙها ماڻهن کي اڇوت شمار ڪيو ويو. اهڙي طرح ڪافر ۽ مسلمان جا تفاوت هتي زياده نمايان نظر ٿي آيا.

سوئر ۽ ڳانءِ جي گوشت تان ماڻهن جا خون وهائڻ هتي جو ڪارنامو هو.

هن ملڪ ۾ پنڊتن، هندن کي پوتر ۽ غير هندن کي مليڇ سڏيو تہ ملن مسلمانن کي پاڪ ۽ چونڊيل سڏيو ۽ غير مسلمانن کي ذڪاريل ۽ ڪافر سڏيو.

بدقسمتي اها آهي تہ مسلمانن جي هندستان ۾ اچڻ بعد ملن بہ پنڊتن جي پوئلڳيءَ ۾ ساڳيا طريقا اختيار ڪيا. اسلام جهڙي سليس، محبتي ۽ عالمگير مذهب کي ڏکيو، نفرت آميز ۽ تنگ خيال مذهب ڪري پيش ڪيو. نہ صرف ملن پر جديد علمي چاڻن بہ غلطي يا بي ايمانيءَ سان اسلام جي فسطائي تعبير ڪئي.

جنهن تي مستقل مفاد هٿن جي همت افزائيءَ لاءِ انهن کي حڪيم الامت ۽ اميرالاسلام جهڙا لقب ڏنا. عجب ان ڳالهہ تي آهي تہ اهڙي طرح اسلام کي علحده ۽ نئون مذهب ۽ مسلمانن کي جدا قوم پيش ڪندڙن ۾ اهڙا ماڻهو بہ هئا، جي روح اسلام کان اهڙو نابلد هئا، جهڙوڪ هڪ ڌاڙو اخلاقي قانونن کان هوندو آهي.

هيٺ آئون مختصر طرح صاحب اقتدار طبقي جي نمڪ خوار ملن ۽ دانشورن جي پيش ڪيل :

**١. مسلمانن جي جداگانہ قوم جو نظريو**

**٢. پاڪستان جي نظريي**

تي ڪجهہ روشني وجهندس.

## ا. مسلمانن جي جداگانہ قوم جو نظريو:

مسلمانن جي جداگانہ قوم جو نظريو هيٺين سببن ڪري غلط ۽ فرسوده آهي.

(الف) اهو نظريو روح اسلام جي خلاف آهي.

(ب) اهو نظريو حاڪمن ۽ ملن، يهودين ۽ برهمڻن جي تتبع تي ٺاهيو آهي.

(ت) اهو نظريو انگريزي سامراج پاليسيءَ جو پرورده آهي.

مسلمانن جي جداگانہ قوم جو نظريو روح اسلام جي خلاف آهي:

(١) انهيءَ نظريي مطابق اسلام جي اصل مشن تہ انسان ذات مان فرق ڪڍي اتحاد آڻجي، جي خلاف ورزي ٿئي ٿي. اها اسلام کي دنيا جي مختلف مذهبن جي صف ۾ هڪ جدا ۽ نئون مذهب پيش ڪرڻ جي ڪوشش هئي.

پيغمبر اسلام آخري نبي هئڻ ڪري رحمتہ اللعالمين هو. هن ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت جو پيغام آندو هو. جدا قوم جي نظريي مطابق رسول اڪرم کي ان اعليٰ درجي تان هٽائي هڪ اهڙي گروه جو ليڊر بنايو ٿي ويو جنهن ۾ زاني، شرابي، غاصب، ظالم، نفرت جا مجسما سڀ شامل هئا.

(ت) اها دعويٰ تاريخي حقيقتن ۽ دنياوي حالات جي برعڪس هئي.

مسلمانن ۾ ٣٥٠ کان متي فرقا ٿي چڪا هئا. جن مان هر هڪ فرقي پاڻ کي بهشتي (صحيح) ۽ ٻين کي دوزخي (غلط) ٿي سمجهيو. تاريخ شاهد آهي تہ هنن هڪٻين جا خون وهايا هئا. عام اختلاف راءِ رکندڙ مسلمانن کان علاوه ٽن خليفن: امام حسين عليہ السلام، ٻين امامن، عالمن ۽ ولين جا قتل ڪيا هئا.

هن وقت تائين سندن حالت اها آهي جو منجهن قومي هم جنسيت پيدا ٿي نہ سگهي آهي. پنجابي مسلمان، بينگالي مسلمانن جو قتل جائز ڄاڻن ٿا. عراقين جا هٿ پنهنجي خون سان رنگيا پيا آهن. عرب عربن سان وڙهن ٿا تہ ترڪ عربن سان برسر پيڪار آهن.

(ث) اهو نظريو اجماع اُمت جي خلاف آهي.

دنيا جي اٽڪل ٢٢ مسلمان حڪومتن مان صرف پاڪستان جا حڪمران آهن، جي سندن طبقاتي مفاد لاءِ انهي نظريي جو ڍونگ رچايو

اچن. ٻين سڀني مسلمان ملڪن ۾ جديد نظريہ قوميت، وطن، زبان، ڪلچر، تاريخي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي بنياد تي حڪومتون هلي رهيون آهن.

هتي جي مهاجر پنجابي مستقل مفاد جا ڪارڪن ۽ سندن "جي حضور" ٽولو سندن مستقل مفاد لاءِ پاڪستان اندر بينگالي، سنڌي، بلوچ ۽ پختون قومن جا حق غصب ڪرڻ لاءِ دوکو ڏئي، مذهب جي نالي ۾ مسلمانن جي جدا قوم جو راڳ ڳائيندا اچن.

(ج) اهو نظريو قراني معيارن جي خلاف آهي.

جو آئيندي هلي اسلام جي بيخ ڪني ڪرڻ جو ڪارڻ بنيو. قرآن جي پهرين فصل ۾ ڏنل آيتون ان تي دلالت ٿيون ڪن تہ جملي پيغمبرن ساڳيو پيغام ڏنو. انهن جا پوئلڳ مسلمان هئا. ازانسواءِ قرآن جي آيت تہ:

"ايمان آڻيو الله، اسانجي ڪتاب، ان جي رسولن تي ۽ انهن مان ڪنهنجي وچ ۾ فرق نہ رکو."

انهي صاف احڪام هوندي انسان ذات کي جدا مذهبي قومن ۾ ورهائي نفاق پيدا ڪرائڻ، قرآني احڪام جي صريحاً انحرافي هئي.

اها گستاخي صرف برٽش سامراجي غلامي ۾ پرورده مسلمان ڪري سگهيا ٿي جن چند پيسن خاطر مقامات مقدس تي گوليون هلائي ترڪي خليفہ جي مخالفت ڪري ان کي شڪست ڏياري هئي. سندن اها پاليسي، پاڪستان جي پاڙ پٽڻ جو ڪارڻ بنبي.

(ح) اهو نظريو مهاجر پنجابي مستقل مفاد ۽ سندن پوئلڳ ٽولي طرفان انهي مقصد سان ايجاد ڪيل آهي تہ بينگالين، سنڌين، بلوچن ۽ پختون قومن جا حق غصب ڪرڻ لاءِ ماڻهن کي گمراهہ ڪيو وڃي. اهو نظريو ملٽري ڊڪٽيٽرشپ قائم ڪرائڻ ۽ جمهوريت جو گلو گهٽڻ جو ڪم ڏئي ٿو.

(خ) اهو نظريو اسلام جي بنيادي اصولن، انساني مساوات ۽ اخوت جي خلاف هو. هندستان جي برهمڻ، يهودين، سائوٿ افريقا جي يورپين جي فسطائي بنيادن تي ايجاد ڪيل هو. ان جا موجد مهاجر پنجابي مستقل مفاد جا اڳواڻ هئا جن انسان ذات کي پاڪ ۽ پليت ۾ ورهايو ٿي.

(د) اهو نظريو دنيا جي گذشتہ ٽن هزار سالن جي تاريخي ارتقا ۽

تجربي جي خلاف هو. اسلام فطرت جو دين آهي. انهيءَ مطابق جا ڳالهه تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي پرکجي ڪامياب ٿيل جديد قوم جو نظريو آهي. هي نظريو ڏڪاري ڦٽو ڪيل آهي.

(ن) اهو نظريو فسطائي اصولن مطابق چونڊيل ۽ قومن جي بنياد تي برپا ڪيل آهي. ان جي پهرين شروعات هندستان ۾ آرين قومن جي برهمن ڪلاس ڪئي. جن پاڻ کي برگزيده قرار ڏئي اڳوڻي دراويدي قوم جي ماڻهن کي اڇوت بنايو. جديد دور ۾ هٽلر، جرمنيءَ ۾ ان جي تجديد ڪري دنيا ۾ جرمن قوم کي آريا قوم جو بهترين نسل شمار ڪري دنيا جي قومن جي اڳواڻيءَ جو مستحق قرار ڏنو ۽ پنهنجو نشان سواستيڪا مقرر ڪيو جو ان زماني ۾ خوفناڪ هٿيار ۽ آريه سامراج جو نشان هو. ان کان پوءِ يهودين پاڻ کي چونڊيل قوم سڏايو ۽ ٻين قومن تي برگزيدگيءَ جي دعوٰي ڪئي. اڄان تائين اسرائيل ان جو مظاهرو ڪري رهيو آهي. ترڪن جڏهن قسطنطنيه فتح ڪيو ته انهن بزنطائين سامراج جي سامراجي نشان چنڊ ۽ تاري کي پنهنجو نشان حڪومت ڪيو.

ڊاڪٽر محمد اقبال هندستان جي جديد زماني ۾ مسلمانن جي جدا قوم جي نظريه جو موجد سمجهيو وڃي ٿو. ان هندستان جي برهمڻ، جرمن جي فيلسوف نطشه ۽ ترڪن جي تتبع تي پنجاب سامراج لاءِ ان نظريي جي هندستاني مسلمانن کي سکيا ڏني. برهمڻ، جرمن ۽ ڊاڪٽر صاحب جي تشريح ۾ فرق هي آهي ته جرمن آرين قوم کي بهترين نسل ڄاڻي ٻين قومن جي رهبريءَ جو لائق سمجهي مٿن تسلط قائم ڪرڻ جو آواز تي اٿاريو جنهن جي راهه ۾ رڪاوٽ سامائيٽ قوم جي يهودين کي ٿي ڄاڻائون.

هتي علامه اقبال، مسلمانن کي دنيا جي چونڊيل قوم وحدت خيال ۽ عمل مذهب جي بنياد تي ظاهر ڪري پنهنجو تسلط وڌائڻ تي گهريو. هن ان جي راه ۾ رڪاوٽ هندن کي قرار ٿي ڏنو. هٽلر جڏهن آريه قوم جو نالو ٿي ورتو ته ان مان سندس مقصد جرمن سامراج هو ورنه ته پيون به ڪيتريون قومون آرين سان واسطو رکندڙ هيون.

علامه اقبال جڏهن مسلمان قوم جو نالو ٿي ورتو ته ان مان سندس مقصد پنجابي سامراج هو ورنه ته پيا به ڪيترا مسلمان هئا جن اهو راڳ نٿي آلاپيو.

هتي انهي نظريي جي نالي ۾ چئن قومن ۽ ملڪن (بينگالي، سنڌي، بلوچ ۽ پختون) کي زوريءَ غلام رکيو ويو هو. انهن مان جيڪو انڪار ڪري ٿو، ان جو بينگالين وانگر خون وهايو وڃي ٿو.

(س) اهو نظريو اول ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ نفاق جو ڪارڻ بنجي ملڪ جي ورهاست جو ڪارڻ بنيو ۽ هاڻ پاڪستان ۾ رهندڙ مختلف قومن جي وچ ۾ نفاق ۽ نفرت پيدا ڪري، خون خرابيءَ جو ڪارڻ بنجي ٿو.

(ش) انهيءَ نظريي جي پرورش انگريزي سامراج ڪئي.

ترڪيءَ جو سلطان خليفو سڏيو هو. گذريل صديءَ ۾ هن جي سلطنت ڪمزور ٿيڻ لڳي. آهستي ڪري ڪريميا، بلگيريا، بلقان وغيره يورپي قومون سندس سامراج کان آزاد ٿينديون ويون. هن کي سندس سامراج کي بچائڻ جي ضرورت هئي. ٻي طرف انگريز سامراج هندستان، ملايا، مصر وغيره ملڪن تي قابض ٿيل هو. ان کي سندس راڄ جي استحڪام جي ضرورت هئي. ٻنهي سندس مفاد ۾ سمجهيو ته هڪ ٻين کي مدد ڪن. ترڪيءَ کي يورپي سامراجن جهڙوڪ روس ۽ فرانس جي طرف کان خطرو هو. ان ڪري هن انگريزن جي دوستي اختيار ڪئي. انگريزن کي ترڪيءَ جي دوستيءَ مان ٻه فائدا هئا. هڪ ته پنهنجي ٻن سامراجن جي توسيع ۾ رڪاوٽ وجهڻ لاءِ ترڪي سامراج رنڊڪ ٿي سگهيو ٿي. ٻيو ته خليفي جي دوستي سندن مشرقي سامراج جي ملڪن ۾ رهندڙ مسلمانن جي همدردي حاصل ڪرڻ ۾ ڪارآمد ٿي سگهي ٿي.

ان ڪري هن جڏهن سيد جمال الدين افغانيءَ کي پئن اسلامزم جي نظريہ جو پرچار ڪندي ڏٺو ته انهيءَ ذريعي ترڪيءَ کي زور وٺائڻ لاءِ هن کي اوڏاهين موڪليو.

اهڙيءَ طرح سان پئن اسلامزم جي نالي ۾ ترڪيءَ جي سلطان جي طاقت وڌائڻ لاءِ ڪوشش ٿي. هتي هندستان ۾ ساڳي وقت ڏاري انگريزن هندوستانين جي متحده قوم جي آواز کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ سر سيد احمد خان ذريعي مسلمانن جي جدا تنظيم ڪرائي، انهي نظريي جي شروعات ڪرائي. بعد ۾ علامہ اقبال کي لقب ڏئي مسلمانن جي جدا قوم جو آواز اٿاريو. انگريزي سامراج گروهہ کي ان مان اهو فائدو هو تہ اُن ڪري هندستاني محاذ ڪمزور ٿيڻ وارو هو ۽ يوپي ۽ پنجاب جي مسلمانن کي انهيءَ وسيلي، ساري هندستان جي مسلمانن مٿان تسلط قائم ڪرڻ لاءِ جهاز

مليو تي.

## (٢) پاڪستاني حڪومت جو نظريو:

يو پي ۽ پنجاب جي مستقل مفاد، هندستان ڪي مذهب جي نالي تي ورهائي، مسـ ' 'نن جي جدا حڪومت پيدا ڪرڻ لاءِ پاڪستان جي قيام لاءِ ڪوشش ڪئي. ان لاءِ هنن اسلام جي غلط تصور جو استعمال ڪيو. ان تي مفصل بحث مون پنهنجي ڪتاب ”جيئڻ ڏنو آهه مون“ ۾ ڪيو آهي. هتي مختصر روشني وجهان ٿو. انهيءَ لاءِ هيٺيان پنج نقطا تشريح جي لائق آهن:

(١) عقائد اسلام

(٢) نظام دين

(٣) وحدت خيال ۽ عمل تي جداگانه قومي نظريو.

(٤) اسلامي نظام حڪومت

(٥) مسلمانن لاءِ جدا ملڪ

هيٺ آئون هر هڪ نقطي جي مختصر تشريح پيش ڪندس.

## (١) عقائد اسلام:

اسلام کي قرآن شريف ۾ دين فطرت سڏيو ويو آهي. فطرت جو انگريزي ترجمو نيچر ٿئي ٿو. يعني طبعي قانون. فطرت جو چوڻ آهي ته قدرت ۾ به رجحان ڪار انداز ڏسڻ ۾ اچن ٿا:

١. قانون ارتقا Law of Evolution اتحاد

٢. قانون تنزل Law of Deteriotion نفاق

سنڌيءَ ۾ مثل مشهور آهي ته ”مارڻ واري ڪان بچائڻ وارو طاقتور آهي. ان ڪري قانون ارتقا وڌيڪ طاقتور ۽ دائمي نظر اچي ٿو. ان قانون مطابق هر صالح شيءِ باقي رهي ٿي ۽ غير صالح شيءِ فنا ٿيو وڃي. دنيا جي جسماني شين کي بقاءُ ڪونه آهي. هڪڙيون ڪمزور ۽ غير صالح شيون ٻين مضبوط ۽ صالح شين کي جڳهه ڏين ٿيون. اهڙيءَ طرح دنيا جي هر جسماني شيءِ به ساڳي صورت ۾ قائم نه ٿي رهي. وقت گذرڻ بعد صورت بدلائي ٿي. ساڳيو قانون نظرين، رسم و رواج ۽ سماجي قانونن سان لاڳو رهي ٿو. تبديلي، قانون فطرت جو مکيه جُزو آهي. وقت بوقت ساهه ڪٽي تازي هوا کائي خراب هوا ٻاهر ڪڍجي ٿي.

وهڪرو پاڻيءَ ۾ تازگي پيدا ڪري ٿو. راتيون بدلجي ڏينهن ٿين ٿا، موسمون بدلجن پيون، وڻ، جانور، ماڻهو جمي وڏي ويجهي مرن ٿا ۽ پيا ان

جي جاءِ ونن ٿا.

تنهن ڪري ڪنهن بہ شيءِ يا ڳالهہ کي مڪمل ۽ آخري سمجهڻ قانون فطرت جي خلاف آهي. پر افسوس اهو آهي تہ جاهل مذهبي مهندارن، سندن مذهبن کي مڪمل ۽ آخري سڏي ان جي ترقيءَ جا رستا بند ڪري ڇڏيا آهن.

## (٢) نظام دين:

ملن اسلام کي اهڙي طرح محدود بنائڻ بعد ان کي جدا مذهب بنائي، ان جي تنظيم ۽ توسيع لاءِ ڪوشش شروع ڪئي. ان واسطي هنن کي چند اهڙيون ڳالهيون ڪرڻيون پيون جي اسلام جهڙي همہ گير مذهب جي روح جي خلاف هيون. جهڙوڪ:

(الف) ان کي علحده ۽ نئون مذهب قرار ڏيئي ان جي ڪثرت مذهب جي امتزاجي حيثيت کي ختم ڪيو ويو.

(ب) عيسائي مذهب جي تتبع تي پوپ جي نموني تي خليفو مقرر ڪري، ان جي ماتحت مذهبي نظام ڪيو ويو. اهڙي طرح ان سادي ۽ عوامي مذهب کي ڏکيو بنائي فقہ جي قيود ۾ محدود ڪيو ويو.

(ت) اسلام لاءِ چوڻ لڳا تہ اهو مڪمل (محدود) ٿي چڪو آهي. ان ۾ خاص وقت تائين مليل هدايتون آخري هيون. ان ڪان پوءِ نيون معلومات ٿيڻ واريون نہ هيون. ماڻهن کي تبليغ ۽ جهاد ذريعي، انهيءَ دين تي آڻڻ لاءِ نظام جي ضرورت هئي.

(ث) اهڙي دعوي مذهب جي مهندارن جي هڪ هٽي (Monopoly) پيدا ڪري، ٻين مذهبن جي مقابلي ۾ ڪڙو ڪري، مسلم عوام تي تسلط قائم ڪيو.

(ج) ان ڪري جو مذهب اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم جي پيغام جو حامل هو، سو نفرت ۽ نفاق جو باعث بنجي پيو. هڪ طرف هن جي تبليغ جي راهہ ۾ رڪاوٽ پئجي ويئي، ٻي طرف ٻين مذهبن جي مستقل مفاد سان تصادم ۾ اچڻ ڪري دنيا جي مذاهب ۾ هڪ وڌيڪ مذهب بنجي پيو.

## (٣) وحدت خيال ۽ عمل تي جداگانہ قوم جو نظريو:

اهو نظريو سراسر ڏوکي ۽ خوش فهميءَ تي مبني آهي. جن ماڻهن

ڪي هتي جداگانہ مسلم قوم ڪوٺيو ٿي، سي هيٺين سببن ڪري متحده قوم نہ هئا:

(الف) هو عقيدن مطابق هڪ قوم نہ هئا. منجهن ٣٥٠ کن فرقا پيدا ٿي چڪا هئا جي هڪ ٻين جي مخالف هئا. جن مان هر هڪ پاڻ کي ناجي ۽ ٻين کي ناري ٿي سمجهيو.

(ب) ان نام نهاد مسلم قوم ۾ متضاد عناصر گڏ ٿيل هئا جهڙوڪ:

چور، غاصب، ظالم، زاني، رشوتي، ايماندار، پرهيزگار سڀ ان ۾ شمار ڪيا ٿي ويا. انهن سڀني ۾ وحدت عمل نہ هو.

(ت) دنيا ۾ نہ اڳي نہ هن وقت، ڪنهن مذهبي قوم جو وجود آهي. ڪي عرب، ڪي افغان، ڪي ترڪ، ڪي ايراني، ڪي پختون ۽ ڪي سنڌي قومون سڏائين ٿا. انهيءَ موهوم قوم جو تخيل صرف مستقل مفاد مهاجر ۽ پنجابي ماڻهن جي ذهن تائين محدود آهي. حقيقي دنيا ۾ ان جو وجود ئي ڪونہ آهي. دنيا جي تسليم شده اصولن موجب، انهن کي جم مغيز سڏي سگهجي ٿو پر هم جنسيت واري قوم نٿو سڏي سگهجي.

## (۴) اسلامي نظام حڪومت :

مذهبي بنياد تي جدا قوم جي آڌار تي پاڪستان بنائڻ ۾ اها ڳالهہ مغير هئي تہ ان جي حڪومت جو نظام بہ اسلامي ڪيو ويندو. اها ڳالهہ بہ سراسر دوکو ۽ فريب هو.

آئون مٿي ٻڌائي آيو آهيان تہ مذهب جو سياست سان ڳانڍاپو روح اسلام جي خلاف هو. ان ڪري حڪومت جو نظام نہ اسلامي ٿي سگهي ٿو ۽ نہ غير اسلامي. اهو صرف سيڪيولر (دنياوي) نظام ٿي ٿي سگهي ٿو، جنهن جو ملڪ ۽ ماڻهن جي روزمره جي ضروريات ۽ ڪاروبار سان واسطو رهنو آهي.

جديد طرز حڪومت ۽ آئين لاءِ مذهب اسلام ۾ ڪابہ اهڙي ڳالهہ نہ آهي جا ان جي رهبري ڪري سگهي. اسلامي شريعت تيرهن سو ورهيہ اڳي بدويانہ دور ۾ مروج ٿي. هي دور هنري ۽ سائنسي آهي، ان جا مسئلا ئي مختلف آهن. تنهن ڪري اڳوڻي دور جا قوانين هن وقت لاءِ ناموزون ٿيندا. آئين ڪهڙي قسم جو هجي، ان بابت اسلامي تاريخ ۽ تعليم مان ڪابہ رهبري حاصل نہ ٿي ٿئي. جديد مغربي حڪومتن سان لاڳاپي ۾ اچڻ کان اڳ پارهن

سئو ورهين تائين نہ ڪنهن مسلمان اڪثريت واري ملڪ ۾ آئين نہ هيو نہ جديد قسم جي جمهوري حڪومت برپا ٿي سگهي آهي. جديد طرز جي آئين ۾ سواءِ ٻن فقرن جي ٻي ڪابہ اهڙي ڳالهہ ٿي نہ ٿي سگهي، جنهن جو ذڪر قرآن يا حديث ۾ هجي. اهي ٻہ فقرا هيٺيان آهن:

(۱) ريپبلڪ جو نالو اسلامي هجي (۲) ڪوبہ قانون قرآن ۽ حديث جي مخالف نہ هجي. اهو بہ ماڻهن سان دوکو ڪرڻو آهي. هڪ آمرانہ حڪومت جنهن ۾ شراب، جوا، استحصال، عوام جو اختلاف راءِ ڪري قتل عام جاري هجي، ان تي اسلامڪ ريپبلڪ نالو رکڻ اهڙو آهي جهڙو رنڊي خاني يا جوا گهر جي اڳيان، اسلامي لفظ جو شامل ڪرڻ. ڪوبہ قانون قرآن ۽ حديث جي خلاف نہ هجي سو فقرو بہ عوام کي دوکو ڏيڻ ۽ ملن کي رضامند ڪرڻ لاءِ داخل ڪيو ويو ٿو.

جديد آئين حڪومت پنجن سبجيڪٽس تي مشتمل ٿئي ٿي:

(۱) شهرين جا بنيادي حق.

(۲) مرڪزي حڪومت جو جوڙجڪ ۽ اختيار.

(۳) صوبائي حڪومتن جو جوڙجڪ ۽ اختيار.

(۴) عدالت جا اختيار.

(۵) ٽيڪسن جي ورهاست.

هاڻ مُلا ٻڌائين تہ قرآن ۽ حديث مان انهن بابت ڪهڙي رهبري ملي سگهي ٿي؟ جي نٿي ملي سگهي تہ هرويرو ماڻهن کي دوکو ڏيڻ مان ڪهڙو فائدو؟

جديد نظام حڪومت جا مکيہ کاتا هيٺيان ٿين ٿا:

(۱) ايگزيڪيوٽو – ملڪي انتظام لاءِ سول سروس مقرر ڪري، چند قوانين مطابق حڪومت هلائڻ.

(۲) فنانس ۽ روينيو – ڍلن ۽ ٽيڪسن وجهڻ، ڪٺي ڪرڻ ۽ خرچڻ جو کاتو.

(۳) جڊيشري – ماڻهن جي اختلافن جي فيصل ڪرڻ لاءِ عدالتي کاتو، فوجداري توڙي ديواني.

(۴) فارين افيئرس – ٻاهرين ملڪن سان تعلقات قائم ڪرڻ ۽ معاملا نبيرڻ جو کاتو (خارجيہ معاملات)

(۵) ڊفينس کاتو – جنگ ۽ بچاءَ جو کاتو (ملٽري)

(٦) تعليمي ڪاتو - ماڻهن ۾ تعليم عام ڪرڻ جو ڪاتو.
(٧) هنري ۽ ڪاٽين جو ڪاتو - ملڪ ۾ ڪاٽين ڪوٺڻ، هنرن جي زور وٺائڻ جو ڪاتو.
(٨) صحت عام ڪاتو - ماڻهن جي صحت ۽ چڱ ڀلائيءَ جو ڪاتو.
(٩) سماجي سڌار ڪاتو - ماڻهن جي سماجي سڌار جو ڪاتو.
(١٠) تعميري ۽ آبپاشي ڪاتو - ملڪ جي تعمير ۽ آبپاشيءَ جو ڪاتو.

جديد دنياوي حڪومت ۾ ٻيا به ڪيترائي ڪاتا ٿين ٿا جن جو ذڪر ڪرڻ ضروري نه آهي.

هاڻ اچو ته مٿي ذڪر ڪيل چند ڪاتن جي مسئلي تي، اسلامي نقطه نگاهه سان تڪر ڪري ڏسون ته اسلام انهيءَ مسئلن ۾ ڪهڙي رهبري ڪري ٿو سگهي؟

## ١. ايگزيڪيوٽو:

هن وقت ملڪي انتظام لاءِ سول سروس، پوليس سروس لاءِ تعليم يافته ماڻهن کي تربيت ڏياري نوڪريءَ ۾ رکيو وڃي ٿو ۽ انهن جي نوڪريءَ بابت ڪي قانون ٺاهيا وڃن ٿا. هاڻ ملا صاحب ٻڌائي سگهندا ته شريعت ان معاملي ۾ ڪهڙي رهبري ڪري سگهي ٿي؟ آيا اهي سول سرونٽ، پوليس عملدار، جديد انگريزي ڪاليجن جا تعليم يافته رکيا وڃن؟ يا انهن جو ملن جي مدرسن ۾ پڙهڻ ضروري ٺهرايو وڃي؟ انهن جو لباس ڪهڙو مقرر ڪيو وڃي؟ ڏاڙهي رکائڻ مٿن لازمي ٺهرائي وڃي يا نه؟ هنن جي زالن کي پردو ڪرڻ ضروري هجي يا نه؟ هنن تي صوم و صلوات جي پابندي لازمي هجي يا نه؟ شراب پيئڻ ۽ جوا ڪرڻ جي آزادي هجين يا منع ڪئي وڃين؟ جيڪڏهن اهي مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين جي انحرافي ڪن ته ان لاءِ ڇا ڪجي؟

## (٢) فنانس ۽ روينيو ڪاتو :

اڄ ڪلهه ملڪن جي ضروريات، ترقي ۽ تعمير مطابق سوها ٽيڪس ۽ ڊلون ماڻهن تي وڌيون وڃن ٿيون. انهن ٽيڪسن جو جواز قرآن ۽ حديث مان ڪهڙي طرح ٿئي ٿو؟ فقه موجب ته سواءِ زڪوات جي ٻيو ڪو ڇٽو ٽيڪس اسلام ۾ ذڪر ڪيل هجي. زڪوات موجوده دور ۾ بيڪار ٿي چڪي آهي. دنيا جي اڪثري مسلمان ملڪن ۾ حڪومت طرفان ان جي وصولي نٿي ڪئي وڃي. زڪوات، نقد پيسي، زيورات، مال وغيره سان لاڳو

ٿئي ٿي. ان جي خرچ لاءِ بہ مخصوص مد ڇاڻايل آهن. اڪثري ٽيڪس ۽ ڍلون بجيٽ ۾ ڪتو ڪري پوءِ خرچ ڪيو ويندو آهي. چڪلي تي پهرو ڏيندڙ پوليس وارا. آبڪاري ڪاتي تي خرچ، زڪوات مان ڪهڙي طرح ڪري سگهبو؟

موجوده دور جي ٽيڪسن جهڙوڪ انٽرٽينمينٽ ٽيڪس، ايڪسائيز ٽيڪس، زرعي ڍلون، انڪم ٽيڪس وغيره جو جواز قرآن يا حديث مان ڪهڙي طرح ڪيو ويندو؟

وياج وٺڻ ۽ ڏيڻ شريعت جي خلافت آهي، پر ڪهڙو مسلمان ملڪ آهي، جنهن ۾ بئنڪون نہ آهن. جي اهي نہ هجن تہ واپار، ڪارخانا، ترقي ۽ تعمير جو ڪاروبار هلي نہ سگهي.

ملڪ ۾ ٩ سيڪڙو ماڻهو غريب، بي روزگار، بيمارين ۾ مبتلا ۽ بي گهر آهن.

انهن جي آبادڪاري، معاشي ۽ سماجي ترقيءَ جو ڪم جيڪڏهين حڪومت ڪرڻ چاهي تہ ان لاءِ پيسن جي ضرورت پوندي. ان لاءِ حڪومت سوشلزم موجب ڪي قدم کڻڻ چاهي تہ ملن طرفان شخصي ملڪيت جي بچاءَ جي بهاني سان مخالفت ڪئي ويندي. ان حالت ۾ پوءِ تہ ڪو سڌارو ٿي نہ سگهندو. ڪي ملا يا پيا ماڻهو اسلامي سوشلزم جو نالو وٺن ٿا. ليڪن هر تاريخ جي ڄاڻوءَ کي پتو آهي تہ سوشلزم، هنري دور جي پيداوار آهي، ان جو اسلام سان ڪو واسطو نہ آهي.

## (٣) جديشري (عدالتي ڪاتو):

مشرڪي فقہ موجب زنا، سنگسار ڪرڻ، چوري لاءِ هٿ وڍڻ، قتل ڪرڻ، جهيڙي جي معاملي ۾ جهڙا ڏک فرياديءَ کي لڳا هجن، اهڙا هٿائڻ، جي اک نڪتي تہ جوابدار جي بہ اک ڪڍائي آهي. جي ڏند پٽيو هجيس تہ جوابدار جو بہ ڏند ڪڍائڻو آهي. اڄ ڪلهہ اهڙي قسم جي سزائن کي وحشي سزائون سمجهي، گهڻن مسلمان ملڪن بہ ترڪ ڪري ڇڏيو آهي. هاڻ جي پاڪستان جا مُلا ۽ حاڪم ان ١٣ سئو ورهيہ اڳ جي سوالن کي مروج ڪندا تہ دنيا ڇا چوندي؟ اقوام متحده ماٺ ڪري وهندي؟

ان لاءِ پيا سوال هي ٿيندا تہ:

(١) ڪيس ڪير هلائيندا؟ موجوده ماجسٽريٽ ۽ جج يا قاضي ۽ مفتي؟

(٢) وڪيلن جي ڪيسن ۾ اجازت هوندي يا نہ؟ جي ها تہ ان لاءِ ملا وڪالت ڪندا يا هنن وڪيلن کي اجازت ڏني ويندي؟

(٣) ملڪ جا قانون، موجوده پينل ڪوڊ، سول پروسيجر، ايرويڊنس ائڪٽ وغيره هوندا يا انهن جي عيوض نوان قانون بنايا ويندا؟

(٤) جي قانون نوان بنائڻا پوندا تہ اهي عام ووٽ تي چونڊيل ميمبر بنائيندا يا اهو ڪم مُلن ۽ قاضين جي حوالي ڪيو ويندو؟

(٥) مسلمانن ۾ ڪيترا فرقا موجود آهن. ڇا انهن مان هرهڪ ڌر کي قانون بنائڻ ۾ شريڪ ڪيو ويندو يا هڪ فرقي وارا پين لاءِ بہ قانون بنائيندا؟

(٦) غير مسلمانن جا قانون ڪير بنائيندو؟ ڇا اهي بہ مولوين کي بنائڻا پوندا؟

(٧) مذهب بدلائڻ جي آزادي هوندي يا نہ؟ جي ها تہ اها بندش صرف مسلمانن تائين محدود هوندي يا پين مذهب وارن سان بہ ساڳيو قانون لاڳو هوندو؟

(٨) سزا لاءِ جيل هوندا يا دُرن هٽندڙن ۽ جلادن کان ڪم ورتو ويندو؟

(٩) جي دُرن هٽندڙن ۽ جلادن کان ڪم ورتو ويندو تہ انهن ماڻهن کي پگهار تي مقرر ڪيو ويندو ڇا؟

(١٠) سنگسار ڪرڻ لاءِ ڳوڻن جي ماڻهن جي وانگار ڪبي يا پگهاردار ماڻهو مقرر ڪيا ويندا؟ ان لاءِ هي سڀ سوال غور هيٺ آڻڻا پوندا. ساري دنيا ۾ هڪڙو سرشتو موجود هجي ۽ هتي سون ورهين کان پوءِ ڪورٽون، ماجسٽريٽ، جج، قانون رد ڪري، نوان بنائڻ نهايت مشڪل آهي. ڇا موجوده مهذب دنيا ۾ انهي سرشتي کي بدلائڻ مصلحت وارو ٿيندو؟

## (٤) فارين افيئرس (خارجہ معاملات):

مُلا جي شريعت جي نقطہ نگاهہ کان جنهن صورت ۾ جهاد، اسلام جي بنيادي اصولن ۾ داخل آهي تہ ان صورت ۾ دوستانہ تعلقات صرف مسلمان ملڪن سان رکي سگهجن ٿا.

غير مسلم حڪومتن کي پهرين خليفن جي دستور موجب اول ۾ هدايت ڪرڻي آهي تہ دين اسلام تي اچن، ٻي صورت ۾ جهاد ڪري کين مطيع ڪرڻو آهي. ان ڪري مسلمان ملڪن کي گڏ ٿي هڪ خليفي هيٺ رهڻو

آهي. هاڻ سوال اٿندو ته ڪي مسلمان هڪ خليفي جي ماتحت نه رهڻ قبولين ته انهن لاءِ ڇا ڪرڻو پوندو؟ آمريڪا، روس، چين جيڪڏهن اسلام نه قبولين ته انهن سان ڪهڙو رويو اختيار ڪرڻو پوندو؟ هن وقت مسلمان ملڪ غير مسلم حڪومتن کان وياج تي قرض ۽ مدد وٺن ٿا. ان لاءِ شريعت وارا ڪهڙو حڪم ڏيندا؟ سفير ۽ انهن جي ڪاتن جي ماڻهن کي ڏاڙهي رکائڻ ضروري ٿيندي يا نه؟ انهيءَ ڪاتي جا ماڻهو ملن جي مدرسن ۾ پڙهايا ويندا يا ڪاليجن ۾؟

خارجي معاملات، شريعت موجب ڪهڙي طرح هلايا وڃن، ان لاءِ وزارت خارجيه جي صلاحڪارن ۾ ڪن ملن جو تقرر به ضروري ٿيندو ڇا؟

اهي سڀ ڳالهيون آهن جن جا جواب وٺڻا آهن. جنهن صورت ۾ ظاهر آهي ته قرآن ۽ حديث انهيءَ ڳالهه ۾ رهبري نٿا ڪري سگهن ته پوءِ خواه مخواه اسلامي نظام حڪومت جو نالو وٺڻ دوکي کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي.

## ۵. جنگي ۽ دفاعي ڪاتو :

اڄ ڪلهه جي جنگ ۽ دفاع لاءِ هوائي جهاز، ٽينڪون، مشين گنون، بم وغيره جو هئڻ ضروري آهي. انهن جي جوڙڻ، ملٽري تربيت وغيره لاءِ قرآن ۽ حديث ڪهڙي طرح رهبري ڪري سگهن ٿا؟

سياڻ مُلا حڪومت تي ناراض ٿي چون ته انهن هٿيارن جو قرآن ۽ حديث ۾ ذڪر نه آهي. سنت نبويءَ موجب لڙائي اٺن ۽ گهوڙن تي، تلوار ڀالي سان ڪرڻ گهرجي ته ان لاءِ ڪهڙو جواب ڏيڻو پوندو؟ ڇا لالچ ڏئي، ملن جو منهن بند ڪري جواز ۾، فتوائون ڪڍائڻيون پونديون؟

جي ها ته ملن جي پرورش لاءِ جدا ڪاتو کولڻو پوندو ڇا؟

جنگ وقت يا جنگي ڪاتي ۾ ڪن مُلن کي مشير ڪري رکڻو پوندو ڇا؟ ته جنگ شريعت مطابق هلائڻ لاءِ وزير خارجيه يا ڪمانڊر انچيف کي مشورا ڏيندا رهن؟

**يا مکن يا پيلبانان دوستي،**
**يا نبا کن خانه درخورد پيل.**

## ٦. تعليم ڪاتو:

شريعت مطابق قرآن ۽ حديث جو علم سکڻ فرض آهي، جنهن لاءِ عربيءَ جو ڄاڻڻ ضروري ٿي پوي ٿو. حساب، جاميٽري، ڪيمسٽري، منطق،

ڪلام، فلسفو، ميڊيسن، انجنيئرنگ ۽ سائنس وغيره علم هند، يونان يا يورپ جي پيداوار آهن، تنهن ڪري اهي غير اسلامي علم ٿي پون ٿا. خليفي حضرت عمر رضي طرفان جنهن فوجي سپهه سالار مصر فتح ڪيو هو ان جڏهن مصر جي ڪتب خاني بابت خليفي ڪان هدايت گهري ته ان بابت ڇا ڪجي؟ جنهن تي ڪيس جواب ڏنو ويو ته قرآن ۽ سنت نبوي ڪافي آهن. اِن تي هن ڪتب خانو ساڙائي ڇڏيو هو.

اهڙيءَ حالت ۾ جديد هاءِ اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽين جو قيام ڪهڙي طرح جائز ٺهرائي سگهبو؟ اسپتالن ۾ مردا چيرجن ٿا. انهن ۾ دوائون، انهن جا طريقه علاج وغيره سڀ مغربي غير مسلم ملڪن جا ايجاد ڪرده آهن. انهن جي جواز يا ايجاد لاءِ شريعت ڪهڙي رهبري ڪندي؟ دنيا جي اڪثر مسلمان ملڪن ۾ جديد قانون لاڳو آهن. انهيءَ جي تعليم لاءِ ڪاليج ڪليل آهن. ڊاڪٽر، وڪيل، انجنيئر، جج، سائنسدان، انهن جي وسيلي تعليم ۽ تربيت پرائين ٿا. ڇا انهن ڪي بند ڪيو ويندو؟ ڪهڙي قسم جي تعليم جائز ۽ ڪهڙي ناجائز آهي. ان لاءِ تعليم کاتي ۾ هڪ صلاحڪار مُلا رکڻ ضروري ٿيندو يا وزارت تعليم کي ملن کان هدايتون وٺي پوءِ نظام تعليم هلائڻو پوندو؟

## (٧) هنري ۽ ڪاٺين جو ڪاتو :

دنيا هن وقت هنري ۽ سائنسي دور مان گذري رهي آهي. اسلام جنهن وقت مروج ٿيو اهو بدوياڻه دور هو. ان وقت نه ريل گاڏيون، نه هوائي جهاز، نه ريڊيا، نه ٽيليويزن، نه تارون، نه ڪپڙي فولاد وغيره جا ڪارخانا ۽ نه ڪاٺين ڪوٺڻ جو علم هو. عرب ملڪن مان هن وقت پيٽرول، پيو تيل، سون وغيره ڪاٺيون نڪتيون آهن. انهن جي ڪوٺائڻ لاءِ قرآن ۽ حديث ڪهڙي رهبري ڪئي آهي؟ ڊرلنگ مشين، ليبارٽري، وڏا ڪارخانا حاصل ڪرڻا آهن ته ان ۾ شريعت ڪهڙي رهبري ڪندي؟

انهن سڀني ڳالهين جو حڪومت سان واسطو آهي. هاڻ اسلامي نظام حڪومت جا حمايتي، ان بابت روشني وجهي سگهندا ته اسلام انهيءَ ڳالهين ۾ ڪهڙي رهبري ڪري سگهي ٿو؟ سادن ۽ وسوڙل ماڻهن کي برغلائڻ لاءِ هو ڀلي چوندا رهن ته قرآن ۾ قيامت تائين جملي مسئلن جو حل سمايل آهي، پر عقل جي ڪسوٽيءَ تي اهي سڀ دعوائون ڪوڙيون ۽ عام ماڻهن کي دوکي ڏيڻ واريون ثابت ٿينديون.

## ٨. صحت عام کاتو :

اڳين زماني ۾ بيمارين لاءِ ڏنڀ ڏيڻ، رما هڻڻ، سيرون ڇوڙڻ، جنن جو اثر سمجهي بيمار کي مارون ڏيڻ وغيره طريقن جا علاج ڪيا ويندا هئا. هن وقت ايڪسري ايجاد ٿيا آهن. انجيڪشن ٺاهيون ويون آهن. مائڪرواسڪوپ، ريڊيا گرام وغيره ڪم ۾ آندا وڃن ٿا. اهڙيون دوائون ايجاد ٿيون آهن جو اڳي خواب خيال ۾ به نه هيون. تعليم لاءِ ميڊيڪل ڪاليج ۽ ليبارٽريز کوليون ويون آهن. انهن ڳالهين ۾ شريعت ڪهڙي مدد ڏئي سگهندي؟

جيڪڏهن خدانخواسته ڪا وچڙندڙ بيماري ڪالرا، پليگ، انفلوئنزا وغيره پيدا ٿي پوي ته صحت کاتي وارا انجيڪشن يا ٻيون دوائون ان جي بند ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندا يا ملن کي گهرائي ورد، وظيفا ۽ دعائن وسيلي ان جو سد باب ڪندا؟ ان حالت ۾ ڊائريڪٽر آف پبلڪ هيلٿ جي آفيس ۾ هڪ مُلا کي تعويذن، دعائن وغيره لاءِ مقرر ڪرائڻو پوندو ڇا؟

جن ماڻهن، نظام حڪومت اسلاميءَ جو نالو ورتو ٿي، تن کي يا ته خبر نه هئي ته جديد حڪومت ڪهڙي ٿيندي آهي يا جي خبر هين ته پوءِ ماڻهن کي دوکي ڏيڻ لاءِ اهڙي ڳالهه ڪيائون ٿي.

## (٩) سماجي سڌار ڪاتو:

هن کاتي جو ملڪ جي مسئلن سان واسطو رهي ٿو. راڳ، ناچ، مصوري، زالن جي بهبودي، اخلاق جي درستي، نشي تي بندش، جوا تي پابندي وغيره سڀ مسئلا ان سان تعلق رکن ٿا.

راڳ روح جي راحت آهي پر ڪن مُلن جي شريعت پٽاندڙ راڳ ۽ ساز شريعت جي خلاف آهن. سماع ۽ رقص انسان جي وجداني ڪيفيت آهي پر مُلا جي شريعت ۾ ان کي ناجائز ٺهرايو وڃي ٿو.

خدا جي صفتن مان هڪ "مصور" آهي. پر مُلن وٽ تصوير ڪشي، مجسم سازي وغيره ناجائز آهن. ملن زالن تي ايتريون پابنديون وڌيون آهن جو اها ذري گهٽ غلام بنجي پوي ٿي.

اچو ته ڏسون انهيءَ شريعت مطابق، مٿي ذڪر ڪيل مسئلن تي ڪهڙو اثر پوندو؟ تي نظر ڪريون:

جيڪڏهن مُلا جي نظام اسلام واري حڪومت برپا ٿي ته پوءِ راڳ ۽ سرود سان ڪهڙو سلوڪ ٿيندو؟

ريڊيا، سئنيمائون، دهل، شرنايون، هارمونيم وغيره سڀ ختم ڪرڻا پوندا ڇا؟

جي ها تہ ماڻهو انهن سان مانوس ٿيڻ بعد اها ڳالهہ برداشت ڪندا يا نہ؟

تصويرڪشيءَ جي منع بعد هر قسم جي تصويرن، سئنيمائن، ٽيليويزن، آرٽ گئلرين وغيره ڪي بند ڪرڻو پوندو ڇا؟ جي نہ تہ ملن ڪي ڪهڙيءَ طرح راضي ڪرڻو پوندو؟

جي هڪڙا مُلا فائدي ۾ فتوئي ڏين ۽ ٻيا مخالفت ۾ تہ فيصلو ڪير ڪندو؟

ملا جي شريعت مطابق زالن ڪي برقعا پارائي ٻاهر نڪرڻو آهي. ڇاهي ڪروڙها عورتون جي فيڪٽرين، پوکن ۽ مال چارڻ جو ڪم ڪن ٿيون، انهن سڀني ڪي برقعا پارائڻا پوندا؟

جي ماڻهو غريب هجن انهن ڪي برقعي لاءِ پئسا يا ڪپڙو نہ هجي تہ انهن ڪي برقعا پارائڻ لاءِ انتظام حڪومت ڪي ڪرڻو پوندو ڇا؟

پر باوجود ان جي، زالون برقعا پائڻ کان انڪار ڪن تہ انهن لاءِ ڪهڙي سزا مقرر ڪئي ويندي؟

حڪمران طبقي جي اڪثر عورتن ڪي پردو نہ آهي. اهي سئنيمائن، ناچ گهرن، مينا بازارن ۾ وڃن ٿيون، انهن ڪي مُلا ڪهڙي طرح روڪائيندا؟

چند جي سوال تي ملن اعتراض ورتو ۽ جنرل ايوب خان انهن مان ڪن ڪي جيل ۾ وڌو تہ معافيون وٺي جان آزاد ڪرايائون.

هن وقت مُلا سندن آقائن جي رضامنديءَ خاطر يا پنهنجو اقتدار وڌائڻ لاءِ بنا سمجهي سوچ، اسلامي نظام حڪومت جون ڳالهيون ڪن ٿا پر خبر اٿن تہ جڏهن هو آفيسرن يا حڪمران طبقي جي زالن ڪي پردي ڪرائڻ، سئنيمائن ۾ وڃڻ، رقص ڪرڻ، اخبارن ۾ فوٽا ڇپارائڻ جي منع ڪندا تہ مردن کان اڳ زالون سندن صفائي ڪري ڇڏينديون.

مذهب جو حڪومت جي معاملن سان جديد طرز حڪومت موجب واسطو نہ ٿو رهي. انهيءَ جي گڏڻ ڪري اهڙا مسئلا پيدا ٿيندا جي فائدي بدران نقصان زياده ڪندا.

## (١٠) تعمير ۽ آبپاشي کاتو:

هن کاتي ذريعہ ٻلين ناهڻ، رستا تيار ڪرڻ، عمارتون تيار ڪرڻ،

ريلون وڇائڻ، فيڪٽريون ۽ شهر تعمير ڪرڻ، براج ٻڌڻ، نهرون کوٽڻ، زراعت لاءِ پاڻيءَ جي ورهاست جا ڪم ڪيا وڃن ٿا.

هي سڀ ڳالهيون حڪومت جي نظام سان واسطو رکن ٿيون.

مُلا صاحب ٻڌائي سگهندا تہ شريعت اسلام انهن لاءِ ڪهڙي رهبري ڪري سگهندي؟

ان لاءِ پي. ڊبليو. ڊِي ۽ اريگيشن کاتن ۾ اسڪيمن ۽ منصوبن کي اسلامي رنگ ڏيڻ لاءِ ڪن مولوي صاحبن جي مشورن لاءِ مقرري ضروري آهي ڇا؟ تہ هر اسڪيم عمل ۾ آڻڻ لاءِ مقرري ضروري آهي ڇا؟ تہ هر اسڪيم عمل ۾ آڻڻ يا پلان ايسٽيميٽ تيار ڪرڻ مهل ملا جانچي ڏسن تہ اهي تجويزون قرآن ۽ سنت جي خلاف تہ نہ آهن، جنهن صورت ۾ قرآن ۽ سنت ۾ ان جو ڪو ذڪر نہ هوندو تہ پوءِ اهي بدعت تہ ٿي نہ پونديون؟

اهڙيون پيون ڪيتريون ڳالهيون آهن جي نظام حڪومت سان واسطو رکن ٿيون. حڪمران طبقو، عوام جو توجهہ حقيقي مسئلن کان هٽائڻ يا بيوقوف بنائڻ لاءِ پاڪستان کان اڳ يا پوءِ اسلامي نظام حڪومت جو راڳ ڳائيندو اچي ٿو. ڪي ملا سمجهن ٿا تہ سندن آقائن سان ها ۾ ها ملائڻ ڪري فائدو ٿيندو ۽ وري ڪي ائين ٿا خيال ڪن تہ انهيءَ ڪري هر معاملي ۾ ڪين دست اندازي ڪرڻ جو وجهہ ملندو ۽ سندن مرتبو وڌندو.

عام ماڻهو، مذهب جي نالي ۾ سولائيءَ سان گمراهہ ٿيو وڃن. ابن الوقت سياستدان ڪابہ اهڙي ڳالهہ ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن، جنهن ڪري عام ماڻهن ۾ بدنامي ٿئين. ان ڪري پاڪستان جي قيام کان اڳ يا پوءِ مسلم معاشرو انهن خرابين جو شڪار ٿيندو رهيو آهي. پاڪستان کان اڳ چيو ٿي ويو تہ پاڪستان قائم ٿيڻ بعد اسلامي نظام حڪومت قائم ڪيو ويندو. پاڪستان بنئي کي ۲۴ سال ٿيا آهن پر اڃان تائين اهو نظام نہ قائم ٿيو آهي نہ وري ماڻهن کي سمجهايو ويو آهي تہ اها بلا ٿيندي ڪهڙي آهي؟

## ۴. مڊل ڪلاس جون اقتصادي رقابتون:

ملڪ جي ورهاڱي جو چوٿون ڪارڻ هندو سرمائيدار ۽ ڪاموري ۽ مسلمان زميندار ۽ ڪاموري جون اقتصادي رقابتون هيون.

غربت ۽ شاهوڪاري مذهب جي بنياد تي وراهيل ڪانہ هوندي آهي. غريب هندو بہ هوندا آهن ۽ مسلمان بہ اهڙيءَ طرح شاهوڪار بہ ٻنهي فرقن سان واسطو رکن ٿا.

ست سئو ورهيہ مسلمانن جي چند قبيلن هندستان تي حڪومت ڪئي. ان ڪري اڪثري نوڪرين زمين وغيره جي پيداوار تي قبضو، مسلمانن جي امير طبقي جو رهندو آيو. مسلمان حڪومت جي خاتمي ۽ انگريزي حڪومت جي قيام بعد حالتن جو بدلجڻ لازمي هو. انگريزن سياسي مصلحتن خاطر پهرين هندن جي همت افزائي ڪري سندن نوڪرين، واپار ۽ زمين تي قابض ٿيڻ لاءِ دروازو کولي ڇڏيو ۽ هو ان جو فائدو وٺندا ويا.

ان تي مسلمانن مان جن ڪائي ڏٺو هو تن ۾ ناراضگي پيدا ٿي. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ جڏهن هندو ايتري ترقي ڪري ويا جو حڪومت ۾ پاڳي پائيوار ٿيڻ جي گهر ڪرڻ لڳا تہ انهن تي انگريزن ناراض ٿي پاليسي بدلائي مسلمانن جي مڊل ڪلاس جي همت افزائي ڪرڻ شروع ڪئي. اهڙيءَ طرح پيدا ٿيل رقابتن کي مذهبي رنگ ڏياري، اختلاف پيدا ڪرايا ويا. انهيءَ چٺاپيتيءَ نيٺ ملڪ جو ورهاڱو ڪرائي ساهہ پٽيو.

## (۵) صحيح قومي تصور جي گهٽتائي:

جيئن مٿي ٻڌائي آيو آهيان تہ انگريزن ڪجهہ سامراج کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ۽ ڪجهہ نيڪ نيتيءَ سان جمهوري سرشتہ حڪومت کي ملڪ ۾ رائج ڪرڻ گهريو. ان لاءِ هنن پنهنجي ملڪ جي تتبع تي هندستان کي بہ هڪ ملڪ ۽ قوم سمجهي ان موجب سڌارا ڏيڻ شروع ڪيا. جمهوري حڪومت ۾ سڀ فيصلا اڪثر راءِ مطابق ٿيندا آهن. اها ڳالهہ هندن جي مٿاهين طبقي جي فائدي وٺان هئي. تن کي پسند آئي. مسلمانن ۽ ٻين ٿورائيءَ وارن فرقن کي ان ڳالهہ مان نقصان جو انديشو پيدا ٿيو. تن انگريزي سامراجي گروه جي عملدارن جي همت افزائيءَ سان ان جي مخالفت شروع ڪئي. مسلمانن جي مستقل مفاد نيٺ مذهب جي بنياد تي مسلمانن جي جداگانہ قوم جو نظريو ايجاد ڪيو. مسلم عوام جذباتي هئڻ ڪري اڪيون پوري بنا سمجهہ سوچ جي چنبڙي پيو.

آئون ۽ منهنجا دوست بہ انهيءَ خوش فهميءَ جو شڪار ٿي ان نظربي ۾ ويساهہ رکي، ان جو پرچار ڪرڻ لڳاسون. گهٽي تجربي بعد معلوم ٿيو تہ هندستان جا جملي رهاڪو هڪ قوم نہ هئا نہ وري مسلمان ڪو جدا قوم هئا.

جديد نظريہ قوميت جو مدار وطن، زبان، ڪلچر، تاريخي روايات، سياسي ۽ اقتصادي مفاد تي رهي ٿو. اهڙيون قومون صرف صوبن ۾ ٿهي

سگهيون ٿي. ساري هندستان جي واحد قوم بنجڻ لاءِ گهڻي وقت، لاڳاپي، تعليم ۽ تربيت جي ضرورت هئي. جيئوٽيڪ صوبن ۾ به مغربي ملڪن وانگر پوري طرح قومي هم جنسيت پيدا نه ٿي سگهي هئي. پر مسلمانن جي جداگانه قوم ۽ هندستان جي متحده قومي نظرين جي مقابلي ۾ صوبائي قوميت جو نظريو، وڌيڪ حقيقت پسند نه هو. اهڙي قسم جي قوميت هزارن ورهين جي ميل ميلاپ ۽ گڏ رهائش ڪري فطري ۽ موزون هئي. پاڪستان ٺهڻ کان ٿورو وقت اڳ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي رهبريءَ هيٺ، اسان انهيءَ قسم جي راءِ جو اظهار ڪرڻ شروع ڪيو، پر حالتون ان وقت اهڙي درجي تي پهتل هيون جو اسان جو آواز ڪنهن به نه ٻڌو ۽ ملڪ ورهائجي ويو.

پاڪستان جي قيام کان پوءِ وري حڪمران طبقي صوبائي قوم پرستيءَ کي ڪفر برابر سمجهي، سختيءَ سان ان جي مخالفت شروع ڪئي. ليڪن آهستي ٿي چئن صوبن جا سمجهدار ماڻهو ان ڳالهه سان مانوس ٿيندا وڃن. جيئي سنڌ، جيئي بنگله، جيئي پختون، جيئي بلوچ، انهيءَ نظريه جي پيداوار آهن. ان آواز کان خوفزده ٿي، پاڪستان جي مهاجر پنجابي مستقل مفادن ۾ سندن استحصال جو خاتمو نظر ايندو ڏسي، مخالفت شروع ڪئي آهي.

بينگال ۾ انهيءَ خوف کان هنن قتل عام شروع ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان وارن جو وارو اچڻو آهي. تاريخ جي ڄاڻن ۽ سياسي ماهرن کي خبر آهي ته جڏهن ڪنهن مستقل مفاد کي خطرو محسوس ٿيندو آهي ته درنده جانور وانگر هو ڇتو ٿي مار ڪاڙ شروع ڪري ڇڏيندا آهن.

بيعينيه ساڳي حالت پاڪستان جي حڪمران ٽولي جي هن وقت آهي. هنن جو اسلام ۽ پاڪستان خطري ۾ پئجي ويو آهي. ان کي بچائڻ لاءِ مخالف راءِ رکندڙن کي ڪڏهن هند جو ايجنٽ، ڪڏهن اسلام دشمن، ڪڏهن علاقائي تعصب رکندڙ، ڪڏهن انتشار پسند لقبن سان نوازي سخت سزائون ڏيندا رهن ٿا.

هن وقت پاڪستان دوراهي تي پهتل آهي. پاڪستان جا رهاڪو ملڪي قوم پرستيءَ جي اصول کي قبولي بقائي باهمي جي بنياد تي هڪ ڪانفيڊريسي قائم ڪري هلندا اچن؟

مسلمانن جي جدا قوم جي نظريي هيٺ مهاجر پنجابي سامراج

علائقائي قوميتن کي ختم ڪري انهن تي زبردستيءَ سان راڄ قائم رکيو اچي.

زور زبردستي گهڻو وقت جٽاءُ ڪري نہ سگهندي. مٿي ذڪر ڪيل ملڪن ۾ انهيءَ استحصال کان آزاديءَ لاءِ تحريڪون شروع ٿي چڪيون آهن. قومن جي حق خود اراديءَ جي بنياد تي هو جدوجهد ڪندا ايندا. جيتري قدر انهن تحريڪن کي دٻايو ويندو اوترو نفرت ۽ نفاق وڌندو.

مٿي ذڪر ڪيل چند ڪارڻ هئا جي ملڪ جي ورهاڱي جو باعث بنيا. اهي سڀ ڪارڻ غلط بنيادن تي ٻيٺل هئا. ان ڪري پاڪستان جي قيام کان پوءِ ملڪ جون حالتون روز بروز خراب ٿينديون وڃن ٿيون. ان مان نڪرڻ لاءِ سموري سرگذشت تي از سر نو نظر ڪري پاليسي بدلائڻ جي ضرورت آهي. ٻي صورت ۾ جهڙي طرح، هنگامي طور هي ملڪ بنيو ان طرح اوچتو ان جو خاتمو ٿي ويندو.

# فصل ٽيون

## قيام پاڪستان بعد ان جي استحڪام ۾ رڪاوٽون

"جو تو ٻانيو هار، سو ٿيو سورن سندو سڳڙو"

پاڪستان جي تاريخي پس منظر ۽ پيدائش جي ڪارڻ جو ذڪر اڳين ٻن فصلن ۾ ڪري آيو آهيان.

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته:

"جنهن شيءِ جو ٻج خراب آهي، ان جو ميوو مٺو ٿي نٿو سگهي."

پاڪستان غلط نظريي ۽ نفرت جي بنياد تي وجود ۾ آيو آهي، تنهن ڪري جيستائين ان غلط نظريي جي تبديلي نه ڪئي ويئي آهي ۽ نفرت جي عيوض محبت نه پيدا ڪئي ويئي آهي، ان وقت تائين ان مان خير جي اميد رکڻ اجائي آهي.

اڪثري ملڪ ۽ قومون قدرتي قانونن مطابق هزار سالن جي تاريخ بعد وجود ۾ اچن ٿا. پر ڪڏهن حادثن ڪري فطرت جي دستوري قانونن خلاف به ڪي ڳالهيون سرزد ٿين ٿيون، جن کي "اعجوبه روزگار" سڏبو آهي. رواجي طرح هر ماڻهوءَ کي پنجهه ڏند ٿين ٿا پر ڪڏهن ڪي ماڻهو ڦِڏا ڄمن ٿا ته ڪن جا ڏند ڪري هڪ بدران به ٿيو پون. عورت اڪثري هڪ ٻار ڄڻي ٿي پر ڪڏهن چار پنج ٻار به پيدا ٿيو پون. ڪي ٻٽا ٻار به ڄمن ٿا. اهي سڀ "اعجوبه روزگار" شمار ٿين ٿا.

اهڙي طرح رواجي دستور موجب ملڪ ۽ قومون هزار سالن جي جاگرافيائي ۽ تاريخي ارتقا بعد وجود ۾ اچن ٿا. پر ڪڏهن اتفاقي حادثن جي ڪري، انهن جي نشونما ۾ تبديلي اچيو وڃي ۽ ملڪ ۽ قومون به "اعجوبه روزگار" بنجيو پون.

جيئن ته اهي اعجوبه روزگار، مقرر قانون قدرت جي خلاف پيدا ٿين ٿا، انهن جي حياتي به ٿوري ٿئي ٿي. دنيا جي تاريخ شاهد آهي ته اهڙي طرح

پيدا ٿيل ملڪ ۽ قومون عارضي وقت لاءِ رهي وري صفحہ هستيءَ تان غائب ٿيو وڃن.

ملڪن ۾ ڏرتين جي ڏٻڻ، سمندن ۾ بدلجڻ، چوماسي جي تبديلي، سرد ۽ گرم خطن جي بدلجڻ ڪري تبديليون اچن ٿيون يا بادشاهن جي فتوحات سبب ملڪن جي حڪومتن جون حدون تبديل ٿين ٿيون. اهڙي طرح مختلف وقتن ۾ جداگانہ قسم جون قومون وجود ۾ اچي ختم ٿي، وري نيون قومون بنجن ٿيون. جملي قومن جي ساخت ساڳي قسم تي نہ ٿي ٿئي. ڪن ملڪن ۾ اٺن ۽ گهوڙن جي سواري، ٽڪر جي ڏٽي جو دستور اجا تائين مروج آهي، ڪن ۾ موٽر، هوائي جهاز، بجلي وغيره مروج ٿي ويا آهن.

مغربي ملڪ هر طرح ترقي ڪري رهيا آهن. مشرقي ملڪ، اجا مغربي ملڪن جي ٿوڪاريل تجربن مان پيا گذرن. وطن جي بنياد تي قومن جي ساخت فطرت جو ڪرشمو آهي.

(مذهبن) نظرين جي بنياد تي قومن جي ساخت انساني دماغ جو اختراع آهي.

جيئن ماڻهو فاني آهن، تيئن سندن ايجاد ڪيل نظريا بہ عارضي ٿين ٿا. قدرت جون پيدا ڪيل قومون ديرپا ٿين ٿيون.مثال خاطر ڏسو تہ پاڪستان ٢۴ سالن کان انساني دماغ جو ايجاد ڪيل ملڪ آهي. ٻي طرف سنڌ، بينگال وغيره هزارها ورهين جي تاريخي ارتقا جي پيداوار آهي. جيڪي صاحب ان ٢۴ سالہ پيدا ٿيل پاڪستان ذريعي هزارها سالن جي پيداوار قومن ۽ ملڪن کي ختم ڪرڻ جي خواهش رکن ٿا، تن جو مثال اهڙو آهي جو هڪ گدو بندر اسپتال جو رهاڪو دعويٰ ڪري تہ دنيا جي سياه سفيد جي واڳ سندس هٿ ۾ آهي.

قدرت جي پيدا ڪيل ملڪن ۽ قومن ۾ بعضي ٻاهرين حملن، خانہ جنگين ۽ مختلف وجوهات سبب انتشار پيدا ٿي ٽڪرا ٽڪرا ٿيو وڃن.

اهي ورهاستون جي قانون قدرت خلاف ٿين ٿيون سي عارضي طور رهي، وري ساڳي قانون مطابق يڪ جهتيءَ طرف رجوع ٿين ٿيون.

ڪي قومون ۽ ماڻهو غور ۽ فڪر ذريعي اڳين جي تاريخ مان سبق سکن ٿا تہ ڪي مصيبتون ۽ سختيون سهي تجربي بعد ڀاڻ سنڀالين ٿا. هندستان جي تاريخ تي نظر ڪبي تہ اهو ڪڏهن انتشار سبب ورهاجي ٻي ويو آهي تہ ڪڏهن وري يڪ جهتيءَ طرف رجوع ٿيو آهي. انتشار ۽ يڪ

جهتي هڪڙي ئي سلسلي جون ڪڙيون آهن. فراق ۽ وصال دائمي نٿا رهن. ان وانگر انتشار به دائمي نٿو رهي. هاڻ اچو ته ملڪ ۾ نفاق ۽ انتشار جي ڪارڻن تي نظر ڪريون.

## نفاق جا ڪارڻ

(١) مذهب ۽ نظرين جا اختلاف .
(٢) سياسي اختلاف.
(٣) اقتصادي اختلاف.
(۴) قومي اختلاف.

بهتر ائين ٿيندو ته انهن ڪارڻن جي تهه ۾ وڃي انهن جي تشريح ڪئي وڃي.

### (ا) مذهبي اختلاف :

مذهب ڪن عقيدن جي بنياد تي ٻڌل هي، ماڻهن ۾ عمل جي يڪسانگي پيدا ڪرڻ لاءِ وجود ۾ ايندا آهن. جيتوڻيڪ هر مذهب جو بنيادي مقصد انسانذات جي پکيڙيل شيرازه کي متحد ڪري امن آڻي، ترقيءَ جي راهه تي گامزن ڪرڻ هوندو آهي.

ليڪن اڪثر ائين ڏٺو ويو آهي ته ڪجهه عرصي گذرڻ بعد انهن جي طريقه ڪار، عقيدن ۽ عمل ۾ اختلاف پيدا ٿي پون ٿا. جنهن ڪري هو نفاق، بدامني ۽ تنزل جو باعث بنجيو پون. انهن کي دانشمندن "تسنيح مذاهب" جي نالي سان سڏيو آهي.

ٻيو سوال جو مذهبن بابت پيدا ٿئي ٿو، سو هي آهي ته عقيدن جي يڪسانگي ڪهڙيءَ طرح آندي وڃي؟ ان بابت ابتدا کان وٺي ماڻهو ٻن گروهن ۾ وراهيل پي رهيا آهن.

(١) هڪڙا ان راءِ جا هئا ته ماڻهو حيوان ناطق آهي، هن جي حيواني صفت سختيءَ کانسواءِ راه راست تي نه اچي سگهندي. ان ڪري ماڻهن جي درستيءَ لاءِ تشدد جو استعمال جائز سمجهيائون. سزائون، جهاد، جنگيون انهيءَ نظريي جي پيداوار آهن.

(٢) ٻيا انهيءَ راءِ جا هئا ته انسان کي خدا احسن تقويم (اشرف المخلوقات) ڪري خلقيو آهي. تنهن ڪري ماڻهن کي سهڻي صلاح ۽ محبت ذريعي سمجهائي اخلاقي قوانين ۽ تزڪيه نفس وسيلي درست ڪرڻ وڌيڪ ڪارائتو هو.

جيئن ته ڪثرت تعداد ماڻهن تي حيواني خواهشون غالب هيون.
تنهن ڪري جڏهن عارضي طرح تشدد جي استعمال ڪري حالتون درست ٿي
ٿيون ته ماڻهو غلطيءَ سان سمجهڻ لڳا ته اهو رستو صحيح هو. ليڪن اهو
علاج عارضي هو، ان جو اثر ديرپا نه هو.

جيڪي ماڻهو صالح ۽ راسخون في العلم هئا تن ٻئي طريقہ ڪار
کي اهميت ڏني. اهي سادو، صوفي، راهب سڏيا. ليڪن پنڊت، ملن، پادرين
پهرين طريقہ ڪار ۾ ويساهه رکيو.

هن گروهه ڪي سندن عقيدن جي پرچار ۽ فروغ لاءِ حڪمران طبقي
جي حمايت حاصل ڪرڻي پيئي جنهن ڪري هنن کي حڪمران طبقي ۽ پنهجي
مستقل مفاد خاطر، مذهب جي بنيادي اصولن ۾ ڦير گهير ڪرڻي پيئي. ٻي
گروهه جو مدار سچ تي هئڻ ڪري، هنن کي ڪنهن جي مدد جي ضرورت نه
هئي.

اچو ته پهرين گروهه جي قائل مذهبي ماڻهن جي هندستاني
مسلمانن جي مقابلي ۾ تشخيص ڪريون. ان گروهه وارن مسلمانن کي چيو
ته اوهان جدا قوم آهيو. قومن جي حق خود ارادي جي بنياد تي اوهان کي
جدا سلطنت قائم ڪرڻ جو حق آهي.

هندستان جي هر صوبي، شهر ۽ ديهه ۾ هندو مسلمان گڏيا ويٺا
هئا. ساڳي زبان ڳالهائيندا هئا. غريب هندن ۾ به هئا ۽ مسلمانن ۾ به هئا.
پوءِ جدا قوم ڪهڙي طرح ٿي سگهيا ٿي؟

جي مذهب جدا هئڻ ڪري جدا قومون ٿي پيا هئا. انهي نقط نگاهه
تي اڳئي بحث ٿي چڪو آهي، تنهن ڪري دوباره ان کي هتي نٿو دهرايان.

هن گروهه انهي نظريي کي حقيقت ڄاڻي، مسلمانن جي سامهون اهو
خطرو ظاهر ڪيو ته هندستان ۾، اسلام ۽ مسلمانن کي هندن کان خطرو
هو. تنهن ڪري جيڪڏهن هو جدا ٿي پنهنجي جدا سلطنت نه ٺاهيندا ته
تباهه ٿي ويندا.

جوش جي حالت ۾ حواس سالم نه رهندا آهن ان ڪري مذهب جي
نالي ۾ مستقل مفاد حڪمران طبقو ان جي نمڪ خوار ملا جي نعري تي
مسلم عوام گمراه ٿي ويو ۽ نتيجتاً پاڪستان وجود ۾ آيو. ان وقت ڪنهن
ان ڳالهه ڏي توجهه نه ڏنو ته عقيدا يا نظريا ڪنهن محفوظ جاءِ تي رکڻ
ڪري بچي نه سگهندا آهن. انهن جي بچاءَ جو مدار سندن صحت ۽ صلاحيت

خيالن جو زهر مسلسل پرچار سبب ماڻهن جي جسمن ۾ پريو ويو هو سو جلد نڪرڻ وارو ڪونه هو. ازانسواءِ جناح صاحب به گهڻي عرصي تائين زنده نه رهيو. جن ماڻهن ان غلط نظريي کي سندن طبقاتي مفاد جي حصول لاءِ ايجاد ڪيو هو سي جناح صاحب جي چوڻ تي به دست بردار ٿيڻ وارا نه هئا. هو ان جا پوئلڳ ان وقت تائين هئا، جيستائين هو سندن مرضيءَ مطابق هليو ٿي ۽ منجهانئس کين فائدو هو.

هاڻ هنن مسلم عوام جي سامهون نوان خطرا پيش ڪيا:

(١) پاڪستان کان ٻاهر ڀارت جي هندن کان خطرو هون.

(٢) پاڪستان کان اصل رهاڪن بينگالي، سندي، بلوچ ۽ پختون قومن کان خطرو هون.

(٣) سوشلزم کان خطرو هون.

(۴) سيڪيولرزم کان خطرو هون.

(۵) هتي جا رهاڪو جمهوري سرشته حڪومت جا لائق نه هئا.

جڏهن اسان ماڻهن کين چيو ته "ادا ملڪ ورهائجي ويو آهي. پاڪستان جي صورت ۾ مسلمانن کي جدا حڪومت ملي آهي، هندن جي اڪثريت هتان لڏي ويئي آهي، هندستان کان گهڻي تعداد ۾ مسلمانن لڏي اچي هن ملڪ جي مسلم آباديءَ ۾ اضافو ڪيو آهي. هاڻ باقي ڪهڙو خطرو اٿو؟" چي "ڀارت جي هندن جي نيت بد آهي، هو هتي به مسلمانن کي نٿا سهن. ڀهرين موقعو ملڻ تي مسلمانن کي تباهه ڪندا." جڏهن کين سمجهايو ٿي ويو ته "ڀارت ۾ مسلمانن سان بسنبت هن ملڪ جي ننڍن صوبن جي مسلمانن سان سٺو سلوڪ ٿي رهيو آهي. اتي مسلمان کي وزارتن ۽ سفارتن جا عهدا ۽ نوڪريون ملن ٿيون. انهن جو واپار ۽ ڪارخانا سلامت آهن. هاڻ هنن کي ڪهڙو لاچار پيو آهي جو هٺ سان قبول ڪيل پاڪستان کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا."

پر جنهن صورت ۾ مهاجر ۽ پنجابي مستقل مفاد (Vested Interests) جو اصل مقصد عوام جو توجهه، ان خوف ذريعي حقيقي مسئلن کان هٽائي پنهنجو استحصال قائم رکڻ جو هو. ان ڪري انهن ڳالهين تي ناراض ٿي اسان کي ڀارت جو ايجنٽ سڏي سختيون ڪرڻ لڳا.

جڏهن اسان هنن کان پڇيو ٿي ته "اسان ڪهڙيءَ طرح هندستاني ايجنٽ ٿياسون ٿي؟" ته جواب ٿي ڏنائون ته "ساري پاڪستان ۾ رهندڙ

مسلمان هڪ قوم هئا جن ۾ مهاجر بہ شامل هئا. صوبن جي اصل رهاڪو قومن جي جداگانہ حيثيت ختم ٿي ويئي آهي. هندن جي ڇڏيل جملي ملڪيت تي مهاجرن جو حق آهي. نوڪرين تي بہ انهن جو حق آهي. ملڪ جي قومي زبان اردو ڪرڻي آهي، آئيندي لاءِ نوڪرين، ڪارخانن، زمين، واپار تي مڪاني ماڻهن جو خاص حق نہ هئڻ گهرجي. ڪليل مقابلي ۾ انهن جي ورهاست ڪئي وڃي وغيره. جيڪو انهيءَ نقطہ نگاهہ ۾ ويساهہ نٿو رکي سو پاڪستان جو دشمن ۽ هندستان جو ايجنٽ آهي.

جڏهن اسان کين چيو ٿي تہ ”اسلامي قانون مطابق جيڪڏهن هڪ پيءُ کي پنج پٽ آهن تہ انهن کي بنا تفاوت وڏي ننڍي جا هڪجهڙا حق ملڻا آهن.“

پاڪستان پنجن قومن تي مشتمل يونين آهي جنهن ۾ پنجئي قومون مساوي حقدار آهن.

سنڌ جي زمين، واپار، ڪارخانن ۽ نوڪرين تي صرف سنڌ جي رهاڪن جو ئي حق هئڻ گهرجي. اهڙيءَ طرح هر هڪ صوبي ۾ اتي جي رهاڪن کي حق ملڻ گهرجن.

جواب ٿي مليو تہ:

”پاڪستان جي قيام بعد جدا علاقائي قوميتون ختم ٿي چڪيون هيون. اهڙي گفتگو ڪندڙ اسلام، پاڪستان جا دشمن ۽ انتشار پسند آهن.“

اتي اسان سنڌين ۽ ٻين کي هن سامراجي گروهہ جي نيتن جو پتو پوڻ لڳو. مرڪزي حڪومت تي،تہ سمورو قبضو هنن جو هو. صوبن اندر بہ هنن سندن سامراج قائم رکڻ لاءِ نوان فسطائي نظريا ايجاد ڪري تلوار جي زور تي اسان کي محڪوم رکي، سندن استحصال جاري رکيو ٿي.

ان جو ردعمل ڪهڙو ٿي ٿيو؟ ڪي جوشيلا جوان تہ مورڳو اسلام جي اهڙي فسطائي تشريح کي سچو مذهب سمجهي ان کان منحرف ٿي ويا.

اسان جي مذهبي ماحول جا تربيت يافتہ هئاسون سي حيران ٿي وياسون ٿي تہ هي ڪهڙي قسم جي اسلامي تعليم هئي؟ رسول مقبول ۽ ان جي صوفيائي ڪرام جهڙوڪ خواجہ معين الدين اجميري، شاهہ عنايت، شاهہ باهو، شاهہ لطيف وغيره جي اسلامي تعبير اها ڪانہ هئي. جا مهاجر پنجابي سامراجي مبلغن علامہ اقبال ۽ مولانا مودوديءَ طرفان پيش ٿي ڪئي ويئي!

منهنجي هڪ دوست کي سياسي اختلاف ڪري جيل ۾ رکيو ويو هو. ان کي هڪ ڏينهن پنجابي سپرنٽينڊنٽ جيل، ملڻ بعد چيو ته ”اسان سڀ مسلمان آهيون، پنهنجو خدا ساڳيو، رسول ساڳيو، مذهب ساڳيو، ملڪ ساڳيو، پوءِ اختلاف ڇو ٿا ڪريو؟“

هن جي ملڪ تي بمباري ٿيل هئي. ماڻهن کي ڦاسيون ڏنل هيون. ان ڪري هن جي دل جَلي پيئي هئي. هو به مسلمان هو، جن مٿن ظلم ڪيو هو اهي به مسلمان هئا، ان ظلم ڪرڻ بعد وري ڪيس نصيحت ڏيڻ آيو هو. ان کي هن هيٺيون جواب ڏنو:

”اوهان ۽ اسان جو خدا ساڳيو نه آهي.“ پنجابي شاعر چيو هو ته:

”خودي کو کر بلند اتنا کي هر تقدير سي پهلي

خدا بنده سي پوڇي بتا تيري رضا کيا هئه“

انهيءَ نقطهِ نگاهه موجب خدا بندي جو محتاج ٿيو پوي. ليڪن اسان کي پنهنجن بزرگن ٻي طرف ٻڌايو آهي:

”واڳ ڌڻيءَ جي وس آئون ڪا پاڻ وهيٽي؟“

اسان احڪم الحاڪمين تصور واري خدا کي ميڃون ٿا. اوهان محڪوم خدا کي مڃو ٿا. تنهن ڪري اسان جو خدا اوهان جي خدا کان جدا آهي.

اهڙيءَ طرح پيغمبر خدا کي اوهان جنهن نظر سان ڏسو ٿا اسان ان کان الڳ ڏسون ٿا. اوهان پنجاب مان پيغمبر پيدا ڪيو. اسان کي خدا بچائي ورتو. اوهان رسول مقبول کي هڪ گروهه جو ليڊر بنائڻ ٿا گهرو، اسان ان کي رحمت اللعالمين سمجهون ٿا. سو اسان ۽ اوهان جي رسول بابت عقيدن ۾ تفاوت آهي.

مذهب بابت اسان جي ۽ اوهان جي راءِ ۾ گهڻو تفاوت آهي. اوهان جي اسلام موجب نفرت جائز آهي. اسان وٽ ڪفر آهي، اوهانجي مذهبي تشريح مطابق بلوچن جي حقن تي قبضو ڪرڻ جائز آهي، اسان جي مذهبي تشريح موجب هرهڪ ڀاءُ ۽ برادر قوم کي مساوي حق ملڻا آهن. تنهن ڪري اسان پنجابي تصور جي اسلام کي نٿا ميڃون.

هڪ ملڪ بابت به اسان جدا راءِ رکون ٿا. پاڪستان اسان وٽ هڪ ملڪ نه آهي بلڪ پنجن ملڪن جو مجموعو آهي. ان ۾ جيڪڏهن هڪ صوبو ٻئي تي قابض ٿيڻ گهرندو ته ٻئي کي حق آهي ته جدا ٿي وڃي. جهڙي

طرح هڪ گهر ۾ رهندڙ ڀائر، اختلاف وقت وچوڙون ڏئي جدا ٿين ٿا!" ائين چئي هن سپريڊنٽ کي چيو تہ "اوهان پنجابين اسان کي ايترو تنگ ڪيو آهي جو اوهان بهشت ۾ هوندا تہ اسان دوزخ ۾ وڃڻ وڌيڪ پسند ڪنداسين، بنسبت اوهان سان گڏ رهڻ جي. اوهان کان غير مسلمن سان رهڻ هزار دفعا بهتر آهي." پاڪستان جو ٺهراءُ پنجن قومن جي وچ ۾ آزاد خود مختيار رياستن ٺاهڻ لاءِ عهدنامو هو. ان بنيادي عهدنامي جي ڀڃڪڙي ڪري، هاڻ ان کي مهاجر پنجابي ملٽري جنتا جي ماتحت هڪ مخصوص طبقي جي استحصال واسطي هلايو وڃي ٿو. ان ڪري قومن جي حق خود ارادي، موجب انهن مان هر هڪ شامل ٿيندڙ قوم کي حق آهي تہ جدا ٿي وڃن.

گذريل ٢۴ سالن جي پاڪستاني دور حڪومت ۾ ١۴ سال حڪومت تي ملٽري قابض رهي آهي. باقي عرصي ۾ بہ چونڊون نہ ٿيون آهن. جي هن دفعي ٿيون آهن تہ انهن مطابق حڪومت ڪرڻ نہ ڏني ويئي آهي. جهڙو تازو چونڊن بعد شيخ مجيب الرحمان جي اڪثريتي پارٽيءَ کي جيل ۾ وجهي بينگال جي ڏهہ لک ماڻهن کي قتل ڪري، هڪ ڪروڙ ماڻهن کي جلاوطن ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو آهي.

اهو سڀ اسلام، مسلم قوم ۽ پاڪستان جي استحڪام ۽ يڪ جهتيءَ جي نالي ۾ ڪيو وڃي ٿو.

"اهو سون ئي گهوريو جو ڪن ڇني"

ماهر پنجابي سامراج جي نيتن معلوم ڪرڻ بعد، هاڻ مظلوم قومون هن راءِ جون ٿينديون وڃن تہ هن "پنجابستان" ۾ رهڻ کان بک ڀلي آهي.

اسلام، مسلم قوم ۽ پاڪستان جو نعرو پنجابين جي ٻين صوبن تي تسلط قائم رکڻ لاءِ دوکو آهي. ان ڪري هاڻ اهي مظلوم قومون مذڪوره بالا ٺهي نعرن کان بيزار ٿيندا وڃن. "پاڪستان چند ماڻهن جي مصنوعي نظريي جي پيداوار آهي. سنڌ، بلوچستان، بينگال ۽ پختونستان فطرت خدا جو ڪرتب آهن."

انهن کي هزارها ورهين جي تواريخ آهي. ٻي طرف پاڪستان جي عمر ۽ تاريخ صرف ٢۴ سال آهي. انهي صاف گوئيءَ تي پنجاب مهاجر سامراج جا طبقا ۽ سندن ايجنٽ مولوي ۽ نمڪ خوار چاڙتا کهڙي بہ فتوي ڪڍن پر مظلوم ان کي نہ مڃيندا.

هڪ دفعي مولوي مودوديءَ چيو هو تہ "جيئي سنڌ" معنيٰ "مري

پاڪستان". هاڻ ان جو ردعمل اهو ٿيو آهي ته اهل سنڌ جا غيرتمند اهو سمجهڻ لڳا آهن ته جڏهن اهو سامراجي ٽولو "جيئي پاڪستان." جو نعرو هڻي ٿو ته ان مان سندن مقصد "مري سنڌ" جو نعرو هڻي ٿو ته سنڌ زنده ٿي تڏهن ٿيندي جڏهن هيءَ دوکي جي ديوار ڍهندي.

## (٣) سياسي اختلاف :

پاڪستان جي قيام کان اڳ نفرت جي لهر ۾ لڙهي وڃڻ کري. ڪنهن ماڻهوءَ جو هيٺين ڳالهين بابت ڪو چٽو ڏيان ڇڪيو هو:

(١) پاڪستان جي حڪومت جمهوري حڪومت طرز تي ٺهندي يا آمرانه؟

(٢) ان ۾ رهندڙ جدا قومن جو پاڻ ۾ ڪهڙن بنيادن تي ميلاپ ٿيندو؟

(٣) حڪومت جي پاليسي سيڪيولر هوندي يا ليوڪرٽڪ (ملن جو راج) ٿيندي؟

ان وقت مسلم عوام کي هن ڪتاب جي پيش لفظ ۾ بيان ڪيل نموني تي کهٽائي واعدا ڏنا ويا هئا. هنن کي اهو يقين ڏياريو ويو هو ته ان ۾ حڪومت جون واڳون عوامي نمائندن جي هٿ ۾ هونديون. ان وقت ڪنهن جي وهم ۽ گمان ۾ اها ڳالهه نه هئي ته ان ۾ آمرانه حڪومت برپا ڪئي ويندي. قيام پاڪستان بعد آهستي ٿي اهو پتو پيو ته "مهاجر پنجابي مستقل مفاد پاڪستان قائم ئي سندن استحصال لاءِ ڪرايو هو."

ان جو باني جناح صاحب قيام پاڪستان بعد ١۴ مهينا زنده رهيو، جو ڪجهه وقت گورنر جنرل. صدر آئين ساز اسيمبلي ۽ صدر مسلم ليگ هڪ ئي وقت رهيو هو. هن به ان کي جائز سمجهيو ۽ سندس حوارين به انهن ٽنهي متضاد عهدن تي سندس رهڻ تي اعتراض نه ڪيو. اهو اول بسم الله غلط وارو معاملو هو. جناح صاحب ١٢ مهينن تائين آئين تيار نه ڪرايو. چوڻ ۾ اچي ٿو ته ان جا ٽي ڪارڻ هئا:

(١) جنهن صورت ۾ ملڪ جي سموري طاقت سندس هٿ ۾ هئي ته پوءِ کيس ڪهڙي ضرورت هئي ته جمهوري آئين پاس ڪرائي پاڻ کي ڪوڪلو ڪري.

(٢) انگلينڊ جي طرز واري جمهوري آئين لاءِ، پاڪستاني عوام کي لائق نه ڄاڻي ترڪيءَ جي ماڊل تي نيم آمرانه آئين تيار ڪرڻ تي غور ڪري

رهيو هو.

(۳) سندس دست راست مهاجر مفاد جي ليڊر لياقت علي خان جي جلد آئين پاس ڪرائڻ تي دل نہ هئي. جناح صاحب جي وفاتيءَ کان پوءِ، حڪومت جون واڳون نوابزاده لياقت علي خان جي هٿ ۾ آيون. عن گورنر جنرل جي خالي ٿيل جاءِ تي سر ناظم الدين کي رکيو.

جناح صاحب جي ڏينهن ۾ گورنر جنرل سڀ ڪجهہ هو. ليڪن هاڻ خواجہ صاحب کي هن ٽالي لاءِ هيڊ بنايو هو. خواجہ صاحب شريف ۽ جمهوريت پسند ماڻهو هو. ان صبر سان وقت گذاريو.

قيام پاڪستان بعد گهڻن هندستاني مسلمان ڪامورن پاڪستان ۾ نوڪريءَ کي ترجيح ڏني.

اهڙي طرح ڪيترن واپارين، زميندارن هن نئين ملڪ کي مرغزار سمجهي، سندن استحصال لاءِ اچي هتي خيما کوڙيا. ان ڪري نئين پاڪستان جي حڪومت جي واڳ ڏور حال مهاجرن جي هٿن ۾ آئي. جن جو مدار المهام لياقت علي خان ٿيو. جنهن منظم طريقي سان پاڪستان کي مهاجرن جي ڪالوني بنائڻ جي سٽ سٽي. ان لاءِ هيٺيان طريقا استعمال ڪيا:

(۱) آئين سازيءَ جي معاملي کي ڊيگهہ ڏئي حڪومت جون واڳون پنهنجي حوالي ۾ رکيون.

(۲) هندستان کان مهاجرن جي آمد جي همت افزائي ڪندو رهيو.

(۳) يو پي، سي پي ۽ بمبئيءَ جي مهاجرن کي سنڌ جي مکيہ شهرن جهڙوڪ ڪراچي، حيدرآباد وغيره ۾ ڪالونائيز ڪرڻ جا گهاٽ گهڙيا.

(۴) انهيءَ مقصد جي حصول خاطر، هن هڪ منصوبي جي ماتحت هندن خلاف ڪراچيءَ ۾ فساد ڪرائي لڏارايو.

(۵) جناح صاحب جي ضعيف العمريءَ جو فائدو وٺي ان کي چيڙائي، ڪراچي سنڌ کان کسي پنهنجي (مرڪزي حڪومت جي) حوالي ۾ آندي.

(٦) انهيءَ مقصد جي حصول لاءِ پروڊا هيٺ وزيرن کي ڪڍڻ جو قانون پاس ڪرايائين.

(۷) اردوءَ کي سنڌ ۾ زوريءَ ابتدائي تعليم ۾ لازمي ٺهرايائين.

(۸) پاڪستان جي سڀني صوبن ۾ صوبائي وزارتن ۾ پنهنجي راءِ موجب ڦير گهير ڪري هٿ ٺوڪيا وزير رکڻ جي شروعات ڪيائين.

(۹) بينگالين ۽ پنجابين ۾ مخالفت پيدا ڪرايائين.
(۱۰) هندستان خلاف نفرت جو ٻج پوکيائين، افغانستان سان تعلقات خراب ڪيائين ۽ پاڪستان کي سامراجي طاقتن جي ملٽري معاهدن ۾ شامل ڪرايائين.

اهي چارجون جي مٿس رکيون اٿم، تن جي وضاحت ڪرڻ ضروري ٿو ڄاڻان.

(الف) اها حقيقت آهي ته جيسين ١٦ آڪٽوبر ١٩٥١ع تائين جيئرو هو، ان سموري وقت ۾ آئين ساز اسيمبليءَ ۽ مسلم ليگ پارٽيءَ جي ليڊر هئڻ جي باوجود آئين پاس نه ڪرايائين. ٻي طرف ڀارت ۾ آئين پاس ٿي، اليڪشن به ٿي ويئي هئي.

جيتري قدر مون کي معلوم آهي ته هن ڄاڻي واڻي آئين پاس ڪرڻ ۾ دير وڌي. ان لاءِ ٻه ڪارڻ بيان ڪيا وڃن ٿا:

هڪ ته انهيءَ طرح هو گهڻو وقت طاقت ۾ رهي سگهندو. اليڪشن کان پوءِ پاڪستان جي اصلي رهاڪن جي طاقت ۾ اچڻ جو ڊپ هوس.

ٻيو ڪارڻ اهو هو ته گهڻا مهاجر آڻائي انهن کي ڪالونائيز ڪري ڪو ٺڪاڻو (Base) بنائي.

(ب) جڏهن صوبي سرحد ۽ پنجاب جي حڪومتن سندن صوبن ۾ نون مهاجرن جي آمد تي بندش وڌي ته به سنڌ جا دروازا مهاجرن لاءِ ٽن طرفن کان کوليو ويٺو هو.

هڪ سامونڊي رستو بمبئي کان، ٻيو کوکراپار کان ٽيو واگهه رستي جي معرفت پنجاب کان. جيئن ئي سنڌ جي سرزمين ڪي مهاجرن سان ڀري ڇڏي. کهڙي جڏهن انهيءَ تي بندش وجهڻ گهري ته هي سندس مخالف ٿيو.

(ت) ڪراچيءَ کي مهاجر بينڪ بنائڻ لاءِ هندن کي لڏائڻ واسطي هن پنهنجي ماڻهن هٿان فساد ڪرايا جن ۾ مرڪزي حڪومت جي سرڪاري نوڪرن به حصو ورتو. جڏهن جناح صاحب جي حڪم تي، کهڙي انهن جا جهاڙو وٺائي گرفتار ڪرائي سزا ڏيارڻ گهري ته هن ان ۾ رنڊڪ وڌي ۽ کهڙي تي ناراض ٿيو.

(ث) آهستي ڪري جناح صاحب کي کهڙي خلاف ناراض ڪندو ويو ۽ پوءِ ڪراچيءَ کي مرڪز جي حوالي ڪرڻ لاءِ ان کي تيار ڪيو. ان تي

کهڙي جڏهن مخالفت ڪئي تہ ان کي ڊسمس ڪرڻ لاءِ ڪهاٽ ڪهڙيائين. ڪراچي مرڪز جي حوالي ڪرڻ بعد شهر جي عمارتن وغيره تي سنڌ جا اربها روپيہ خرچ ٿيل هئا. ان جي عيوضي ڏيارڻ کان انڪار ڪيائين. چي "فتح ٿيل ملڪ جو عيوضو ڪونہ ٿيندو آهي."

(ج) سنڌ ۾ رهڻ، ان جو ڪاڏو پاڻي پيئڻ بعد بہ سنڌين سان خاص نفرت هيس. هڪ دفعي ڪي ماڻهو ڪيس ملڻ ويا. تن کي چيائين تہ "سنڌين جي تهذيب گڏهہ هڪلڻ ۽ اٺ ڪاهڻ هئي."

(ج) هن جناح صاحب کي کهڙي خلاف ڪيتريون ڳالهيون ٻڌائي رنج ڪيو. جنهن لاءِ هن کي کهڙي خلاف هيٺيون شڪايتون هيون.

(١) کهڙي کوکرا پار، سمنڊ ۽ پنجاب کان ايندڙ مهاجرن جو رستو بند ڪيو هو.

(٢) کهڙي ڪراچيءَ ۾ ڦرلٽ ڪندڙ مرڪزي حڪومت جي سچن ڏوهارين کي گرفتار ڪرايو هو.

(٣) کهڙي سنڌ ۾ هندن جي ڇڏي ويل ملڪيتن مان سنڌين کي بہ حصو ڏيارڻ جي تقاضا ڪئي هئي.

(۴) کهڙي ڪراچيءَ جو شهر خوشيءَ سان مرڪز جي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو.

(۵) کهڙي سنڌ ۾ اردوءَ کي زوري ابتدائي تعليم ۾ مروج ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو. هن انهيءَ ڪري جناح صاحب کي رنج ڪري، کهڙي جي وزارت کي اڪثريت جي مدد هئڻ جي باوجود ڊسمس ڪرايو. ان جي جاءِ تي پير الاهي بخش کي وزيراعليٰ سنڌ نامزد ڪيو. جنهن ڪراچي بہ مرڪز جي حوالي ڪئي ۽ اردوءَ کي بہ زوريءَ سنڌ ۾ رائج ڪيو.

هن پروڊا قانون اسيمبليءَ کان پاس ڪرائي، صوبائي وزيرن کي مرغوب ڪرڻ جو آلہ پنهنجي هٿ ۾ رکيو. انهيءَ تحت کهڙي کي خارج ڪرايو. هن انتقام وٺڻ لاءِ ڪوڙو ڪيس ليٽو ٽائيپ مشن جو کهڙي تي ڪرائي ان کي جيل ۾ موڪليو.

کهڙو سنڌ جي وڏيري ڪلاس مان هو، جي ڊڄڻا ۽ بي غيرت ٿين ٿا. هن جڏهن ڏٺو تہ هن سنڌ لاءِ ڪيتري ڪوشش ڪئي پر جڏهن وزيراعظم ڪيس ناحق ڊسمس ڪري، پير الاهي بخش کي وزيراعليٰ مقرر ڪيو تہ سنڌ جا اسيمبلي ميمبر ۽ ماڻهو خاموش رهيا. تڏهن هن رويو بدلائي

وري لياقت علي خان کي مختلف طريقن سان پرچايو.

(خ) هن ساري پاڪستان جي صوبن ۾ عوام جي نمائندن ۽ آزاد خيال وزارتن کي ڊاهي، پنهنجي هٿ ٺوڪئي ماڻهن کي وزارت ۾ آڻڻ جي پاليسي اختيار ڪئي.

(١) صوبہ سرحد ۾ ڊاڪٽر خان صاحب کي وزير اعليٰ تان هٽائي، ڪانگريس ميمبرن کي جيل ۾ موڪلي خان عبدالقيوم کي وزيراعليٰ ڪيو. جنهن خدائي خدمتگارن جو قتل ڪرايو ۽ انهن سان طرح طرح جا ظلم ڪيا.

(٢) صوبہ پنجاب ۾ نواب ممدوٽ کي وزارت اعليٰ تان هٽائي، ميان ممتاز محمد دولتانہ کي وزيراعليٰ نامزد ڪيو.

(٣) صوبہ بينگال ۾ جناح صاحب جي انتقال بعد، خواجہ ناظم الدين کي گورنر جنرل مقرر ڪري نورالامين کي بينگال جو وزيراعليٰ مقرر ڪيو. حسين شهيد سهرورديءَ کي خطري جو باعث سمجهي، آئين ساز اسيمبليءَ مان خارج ڪرايو.

(۴) صوبي سنڌ ۾ کهڙي کي هٽائي پير الاهي بخش کي آندو.

اهي ۽ ٻيا اهڙا ڪم جن جو مفصل احوال پڙهڻ لاءِ "پاڪستان ۾ بغاوتون" نالي ڪتاب جمناداس اختر جي لکيل کي پڙهڻ گهرجي.

جنهن مان پتو پئجي سگهندو تہ هن صاحب ڪهڙي طرح جمهوريت جي مٽي پليت ڪئي هئي.

(د) هن نہ صرف اهي ڪم ڪيا پر بينگالين ۽ پنجابين جي وچ ۾ مخالفت جو ٻج ڇٽيو. بينگالي ٻوليءَ کي قومي زبان بنائڻ ۾ رنڊڪ وڌائين، جنهن تي بينگالين قربانيون ڏنيون، سندن ٻوليءَ کي بہ قومي زبان تسليم ڪرايو.

ميان غلام محمد خان وزير فنانس پنجاب جو رهاڪو ۽ اهم ماڻهو هو. ان کي ڪمزور ڪري، هن کي ڪيڏڻ لاءِ سٽ سٽي. اڪثر صوبن وارا منجهانئس ڪڪ هئا پر نيٺ پنجاب وارن کي غيرت آئي، جن هن کي قتل ڪري ملڪ جي جند آزاد ڪرائي.

انهيءَ جي ڏينهن ۾ مهاجرن جو اهڙو دماغ خراب ٿي ويل هو جو ائين سمجهڻ لڳا هئا تہ هو پاڪستان ۾ فاتح ٿي آيل هئا ۽ هتي جا اصل رهاڪو سندن رعيت هئا.

"پاڪستان اردوءَ لاءِ قائم ٿيو هو، اردوءَ کانسواءِ پاڪستان جو قيام بي معنيٰ هو." (روزنامہ جنگ)

لياقت علي خان جي قتل کان پوءِ مهاجرن جو ڪجهہ زور ٽٽو. ليڪن هي جو بينگالين ۽ پنجابين ۾ نناق جو ٻج ڇٽي ويو، ان جي نتيجن کان اڃان لوڙي رهيا آهيون. پنجاب ۽ بينگال جي وچ ۾ جا جنگِ اقتدار شروع ٿي تنهن ۾ ٻنهي ڌرين کي پنهنجا دليل هئا.

اهل پنجاب جي نقطہ نگاه موجب پاڪستان جو تخيل سندن فيلسوف ۽ شاعر علامہ محمد اقبال جو پيش ڪيل هو. ٻهرين ۽ ٻي مهاڀاري لڙاين ۾ پنجابي سپاهين نمايان ڪردار ادا ڪيو هو. جنهن جي معاوضي ۾ انگريزن ملڪ جي ورهاست قبولي هئي.

هو فوج، سول سروس، واپار ۽ ڪارخانن ۾ زياده اهليت وارا هئا، تنهن ڪري لياقت جي بنياد تي بينگالين کي ڪين فوقيت هئي. ان ڪري اقتدار اعليٰ جا حقدار هو هئا.

اهل بينگال وري هن راءِ جا هئا تہ جمهوري طرز حڪومت جي دستور مطابق اهي اقتدار جا مستحق هئا، ڇاڪاڻ تہ تعداد ۾ زياده هئا. هو هڪڙو صوبو هئا. مغربي پاڪستان جا چارئي صوبا هنن کان تعداد ۾ گهٽ هئا.

لياقت علي خان جي قتل کان پوءِ خواجہ ناظم الدين پاڻ کي وزيراعظم مقرر ڪيو ۽ گورنر جنرل غلام محمد خان کي بناياائين. هن چاهيو ٿي تہ جيئن لياقت علي خان ڪيس ڪوڪلو ڪري ڇڏيو هو، ان وانگر حڪومت تي سمورو قبضو هن جو رهندو ۽ گورنر جنرل غلام محمد خان کي نالي خاطر حڪومت جو هيڊ رکيو ايندو.

ان تي اهل پنجاب رضامند نہ ٿيا. هنن طرفان پنجاب ۾ خاتم النبيءَ جي بنياد تي هلچل هلي. جنهن ڪري حالتون انهيءَ حد. کي وڃي پهتيون جو وزيراعظم خواجہ صاحب کي مجبور ٿي پنجاب سان مارشل لا لاڳو ڪري، هڪ انڪوائري ڪميشن جسٽس محمد منير ۽ جسٽس ڪيانيءَ تي مشتمل ان هلچل جي سببن معلوم ڪرڻ لاءِ وهارڻي پيئي. جنهن جي رپورٽ مطابق ان فساد لاءِ ميان ممتاز محمد دولتانہ کي ڏوهاري ٺهرايو ويو. جنهن جي آڌار تي خواجہ صاحب، دولتانہ صاحب کي وزارت تان لاهي سر فيروز خان نون کي پنجاب جو وزيراعليٰ ڪري رکيو.

سنڌ ۾ خواجہ ناظم الدين مير غلام علي خان ۽ پير الاهي بخش جي مشوري تي لڳي کهڙي صاحب کي مسلم ليگ مان خارج ڪرايو. صوبہ سرحد ۽ بينگال ۾ هن پنهنجي طاقت کي مضبوط ڪرڻ گهريو.

نيٺ جيئن تنگ ٿي پنجاب وارن لياقت علي خان کي قتل ڪرايو هو. ان وانگر هن کي بہ ڊسمس ڪري ان جي جاءِ تي بينگال جي محمد علي بوگرا کي وزيراعظم نامزد ڪيو.

هيءَ ڳالھ ذهن ۾ ويهارڻ جي لائق آهي تہ انهن سڀني ڦيرين گهيرين ۾ فيصلا سڀ وزيراعظم يا گورنر جنرل سول سروس ۽ ملٽري جنتا جي آڏار تي ڪيا ٿي.

اسيمبليءَ جي ميمبرن جي راه ۽ مسلم ليگ پارٽيءَ جي فيصلہ کي انهيءَ ۾ دخل نہ هو. پهرين فيصلا ڪري پوءِ انهن کان زوريءَ مڃارايو ٿي ويو.

ان وقت ڏاري آئين سازيءَ جي مسئلي تان اختلاف وڌندا ويا. گورنر جنرل غلام محمد خان امريڪا گهمڻ ويو هتي پوئتان محمد علي بوگرا وزيراعظم ننڍن صوبن ۽ بينگالي ميمبرن جي مدد سان گورنر جنرل جا اختيار گهٽائي ڇڏيا.

گورنر جنرل واپس اچڻ بعد فوج سان مشورو ڪري آئين ساز اسيمبليءَ کي ختم ڪري ڇڏيو. ان تي مولوي تميز الدين صاحب اسپيڪر آئين ساز اسيمبلي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ پٽيشن داخل ڪئي. ڪورٽ متفق راءِ فيصلو ڏنو تہ گورنر جنرل کي آئين ساز اسيمبليءَ کي ختم ڪرڻ جو ڪو حق نہ هو، جنهن تي گورنر جنرل طرفان سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ٿي، جنهن جو چيف جج جسٽس محمد منير پنجابي هو. ان فتويٰ ڏني تہ جنهن صورت ۾ طاقت گورنر جنرل جي هٿ ۾ هئي، ان حالت ۾ سندس فيصلو برحق هو، "جسڪي لاٺي اسڪي ڀينس" وارو معاملو هو.

ان کان پوءِ آئين ساز اسيمبليءَ جون نيون چونڊون ڏنڊي جي زور تي ڪرايون ويون. اهي سڀ ڳالهيون مغربي پاڪستان جي صوبن کي ختم ڪري، ون يونٽ بنائڻ جو پيش خيمو هيون. ان ڪم لاءِ چوڌري محمد عليءَ کي وزيراعليٰ ڪري رکيو ويو، جنهن نئون آئين پاس ڪرايو. ان موجب ون يونٽ وجود ۾ آئي.

ان لاءِ سڀني صوبن کان ٺهراءُ پاس ڪرائڻا هئا. سنڌ جو وزيراعليٰ اُن وقت پيرزاده عبدالستار هو. هن کي ون يونٽ جي فائدي ۾ سنڌ اسيمبليءَ

مان ٺهراءُ پاس ڪرائڻ لاءِ چيو ويو. جنهن سنڌ اسيمبلي ميمبرن کان مشوره ڪيو. جن ون يونٽ جي خلاف راءِ ڏنيس، جنهن جي آڌار تي هن گورنر جنرل ۽ وزيراعظم وٽ ون يونٽ لاءِ ٺهراءُ پاس ڪرائڻ کان انڪار ڪيو. ان تي هن کهڙي صاحب کي گهرايو جو پروڊا هيٺ سياست ۾ حصو وٺڻ کان ڇهن سالن لاءِ خارج ٿيل هو ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر به نه هو. ان کان ون يونٽ جي فائدي ۾ ٺهراءُ پاس ڪرائڻ جو واعدو ورتي، پيرزاده وزارت کي ڊسمس ڪري کهڙي تان پابندي لاهي، وزيراعليٰ سنڌ نامزد ڪري وزارت ٺهرائي، جنهن ۾ علي محمد شاهه راشدي، حاجي مولا بخش سومرو ۽ قاضي محمد اڪبر وزير مقرر ٿيا. ان وعدي موجب کهڙي صاحب ايس پي آر ۽ پوليس جي موجودگيءَ ۾ زوري ميمبرن کان ون يونٽ ۾ سنڌ جي داخل ٿيڻ جو ٺهراءُ پاس ڪرايو.

مونکي ۽ ڪن ٻين صاحبن کي ان وقت جيل ۾ موڪليو ويو. ان کان پوءِ ون يونٽ قائم ڪري ڊاڪٽر خان صاحب جي هٿ هيٺ مغربي پاڪستان صوبي جي وزارت ٺهرائي ويئي. بعد ۾ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جي ميمبرن جون چونڊون اڳين صوبن جي اسيمبلي ميمبرن کان ڪرايون ويون. ان چونڊ ۾ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ مسلم ليگ کي اڪثريت حاصل ٿي. جن مغربي پاڪستان ۾ پنهنجي وزارت ٺاهڻ جي تقاضا ڪئي. ان وقت صدر پاڪستان سڪندر مرزا ۽ وزيراعظم چوڌري محمد علي هئا. تن ڊاڪٽر خان صاحب کي وزارت اعليٰ تان هٽائڻ سياسي مصلحتن جي خلاف سمجهي هن کي چوٽ ڏني ته ميمبرن کي وزارت جون لالچون ڏئي پنهنجي گدي قائم رکي.

هن سنڌ طرفان قاضي فضل الله، پيرزاده عبدالستار، مير علي احمد خان ۽ رئيس نجم الدين لغاري کي وزير ڪري رکيو. اهي سڀ صاحب مسلم ليگ جا ميمبر هئا پر وزارت خاطر ان کي ڇڏي ريپبلڪن وزارت ۾ شامل ٿيا. سنڌ کي ون يونٽ ۾ داخل ڪرڻ کان پوءِ ان جي بچت ٢۴ ڪروڙ روپين کي، جي سنڌ جي تعميري ڪمن لاءِ مخصوص ٿيل هئا، نئين صوبي جي خزاني ۾ داخل ڪرايو ويو.

ٻي طرف پنجاب کي هڪ سئو ڪروڙ روپين جو قرض هو سو به نئين صوبي کي ڀرڻو پيو. هتان فرنيچر، غاليچا، دفتر ڪٽائي لاهور نيو ويو. جڏهن ته سنڌ سيڪريٽريٽ جي عملي کي اسپيشل ٽرين ۾ لاهور وٺي وڃي رهيا هئا ته اهڙو نظارو ڏسڻ ۾ ٿي آيو جهڙو بابل جي بادشاهه جي يروسلم

فتح ڪرڻ ڪان پوءِ يرغمال طور يهودين کي بابل وٺي وڃڻ وارو هو. ان ڪان پوءِ ڇا ٿيو؟ اهو هرڪنهن کي معلوم آهي. هتي مختصر طور ذڪر ڪريان ٿو:

(١) نون براجن تي نڪتل زمينون آهستي ڪري ملٽري ۽ سول سروس کي جن ۾ بہ اڪثريت پنجاب جي هئي، ڏئي ڪالونائيز ڪرڻ شروع ڪيو ويو.

(٢) سنڌ ۾ مکيہ عهدن تي ڪمشنر، ڊپوٽي ڪمشنر، ايس پي پوليس وغيره غير سنڌي عملدارن کي رکيو ويو، جن جي معرفت سنڌ جي آزاديءَ جي تحريڪ کي ڪچليو ويو.

(٣) سنڌ جي نالي کي هر جڳهہ تان مٽائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. حتاڪ حيدرآباد سنڌ اسٽيشن جي پويان سنڌ جو نالو ڪڍيو ويو.

(۴) سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ منظم سازش هيٺ سنڌي ادبي بورڊ ۽ شاهہ لطيف ڪلچرل بورڊ جون گرانٽون گهٽايون ويون.

(۵) سنڌ جي واپار ۽ ڪارخانن ۾ غير سنڌين کي ليسن ۽ پرمٽون ڏئي همٿايو ويو.

(٦) سنڌ کي مرڪزي حڪومت ۾ تہ نوڪريون نہ جهڙيون هيون پر ويتر سنڌ علائقا ۾ وينديءَ پٽيوالن ۽ پوليس وارن تائين جايون پنجابين سان ڀريون ويون.

آئون سنڌ مان مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ميمبر چونڊجي ويو هوس. اتي جڏهن مون سنڌي نوڪرين جي حقن، سنڌ جي زمين، واپار ۽ ڪارخانن ۾ سنڌين جي تحفظ لاءِ کي سوال پڇيا ٿي تہ پنجاب مستقل مفاد ائين محسوس ڪرڻ لڳو تہ آئون علائقائي تعصب ڦهلائي ملڪ دشمني ڪري رهيو هوس. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ مسلم ليگ اسيمبلي پارٽي جنهن کي اڪثريت جي باوجود وزارت ۾ اچڻ ڪان محروم ڪيو ويو هو، تن منهنجي سنڌ متحده محاذ کي اسيمبليءَ ۾ توازن جو حامل سمجهي، اسان سان وزارت خلاف گفتگو شروع ڪئي.

اسان مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ کي ناڪامياب بنائڻ لاءِ ويا هئاسون. تنهن ڪري اسان هنن کي وزارت ڊاهڻ ۽ ڪين طاقت ۾ آڻڻ جو انهيءَ شرط تي دلاسو ڏنو تہ هو اسان سان ون يونٽ ڊاهڻ جي ٺهراءُ پاس ڪرڻ ۾ مدد ڪندا. ان تي هو رضامند ٿيا. اهڙو عهدنامو لکيو ويو. جنهن تي مسلم ليگ طرفان ان جي پارٽيءَ جي ليڊر سردار بهادر خان، ميان

ممتاز محمد خان دولتانہ، خان عبدالقيوم ۽ خان بهادر کهڙي صحيحون ڪيون.

جنهن تي اسان مسلم ليگ پارٽي جي شموليت سان ون يونٽ ڊاهڻ لاءِ مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جي سامهون ٺهراءُ پيش ڪيا. ان تي ريپبلڪن پارٽي (وزارت ڏر) اسپيڪر سان سازباز ڪري ٺهراءُ تي ووٽ وٺڻ جي عيوض ان کي ناڪ آئوٽ ڪرائي ڇڏيو. اهڙي طرح اهو ٺهراءُ پاس ٿيڻ کان رهجي ويو. ان تي اسان ۽ مسلم ليگ ناراض ٿي سپليمينٽري بجيٽ جي گرانٽن پاس ڪرڻ جي مخالفت ڪئي. ريپبلڪن پارٽي بجيٽ گرانٽن پاس ڪرائڻ جو آسرو نہ ڏسي، وزارت تان استعيفا ڏئي ڇڏي ۽ ڪجهہ وقت لاءِ صوبي سان گورنري راڄ لاڳو رهيو. ڪجهہ وقت طاقت کان ٻاهر رهڻ بعد جڏهن ريپبلڪن وزير تنگ ٿيا تہ انهن مجبور ٿي اسان سان ڳالهيون هلايون تہ ڪين مدد ڪري طاقت ۾ آڻيون. جنهن تي اسان ڪين ٻہ ساڳيا شرط پيش ڪيا، پر ان ۾ اها گنجائش رکي ويئي هئي تہ جنهن صورت ۾ اسان مسلم ليگ سان اڳي عهدنامو ڪيو هو، ان ڪري سندن شرط ٻہ نيشنل عوامي پارٽي اڳيان فيصلي لاءِ پيش ڪنداسون جي انهن اوهان وارا شرط قبول ڪيا تہ پوءِ توهانکي مدد ڪنداسون. ان عهدنامي تي ريپبلڪن پارٽيءَ طرفان : سردار عبدالرشيد وزيراعليٰ مغربي پاڪستان، ڪرنل عابد حسين شاهہ سيڪريٽري ۽ وزير ريپبلڪن پارٽي، سر فيروز خان نون وزيراعظم پاڪستان ۽ ليڊر ريپبلڪن پارٽي پاڪستان اسيمبلي صحيحون ڪيون.

اهو سمجهوتو سڪندر مرزا جي ڄاڻ ۽ رضامندي مطابق ڪيو ويو هو. ان تي ريپبلڪن پارٽي وري وزارت ۾ آئي. نيٺ ١٧ سيپٽمبر ١٩٥٧ع تي مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ رئيس غلام مصطفيٰ خان ڀرڳڙي جي تجويز تي وزارت پارٽي اسان سان گڏجي ون يونٽ جي ختم ڪرائڻ جو ٺهراءُ پاس ڪرايو. ان وقت مسٽر حسين شهيد سهروردي وزيراعظم پاڪستان هو. هن ۽ سندس پارٽيءَ جي ميمبرن پاڪستان اسيمبليءَ ۾ ون يونٽ بل جي مخالفت ڪئي هئي، ليڪن پنجابي سول سروس ۽ ملٽري جنتا جو حڪومت تي اهڙو دٻاءُ پيو جو سڪندر مرزا ۽ حسين شهيد سهورورديءَ کي مجبور ٿي اهڙو بيان ڏيڻو پيو تہ هو ون يونٽ ڊاهڻ نہ ڏيندا.

ان سموري عرصي ۾ پاڪستان، سول سروس ۽ ملٽري جنتا جي سازشن جو شڪار ٿيندو رهيو. لياقت علي خان جي قتل ڪرائڻ ۾ انهيءَ گروهہ جو هٿ هو، انهن ئي خواجہ ناظم الدين کي وزارت عظميٰ تان لاٿو.

آئون اڳي لکي آيو آهيان تہ مستقل مفاد هندستاني مسلمانن جي وڏي تعداد، ملڪ جي ورهاڱي ۾ پاڪستان جي حصول لاءِ ڪوشش ان لاءِ ڪئي هئي تہ سندن استحصال لاءِ ميدان کلي پوندو. حڪومت جي پشتي، سنڌين جي بزدلي، بي غيرتي ۽ نااتفاقي هنن لاءِ ميدان صاف ڪري ڇڏيو. هنن جو دماغ ايتري قدر خراب ٿي ويو جو هو نہ صرف سنڌين جي قومي هستيءَ کان انڪار ڪرڻ لڳا پر پاڻ کي فاتح پاڪستان سڏي سنڌين کي بي غيرت، بزدل ۽ غير مهذب شمار ڪري، انهن تي حڪومت ڪرڻ لڳا. اهو سنڌي ۽ مهاجرن جي وچ ۾ اختلاف جو مکيہ سوال آهي. ڪم و بيش مختلف وجهن ڪري ٻاهران لڏي آيل مهاجرن ۽ ٻين صوبن جي اصلي باشندن جي وچ ۾ ساڳي قسم جا اختلاف پيدا ٿيا. ٻيو اختلاف جو پنجاب جي مستقل مفاد ۽ ننڍن صوبن جي رهاڪن، خاص ڪري سنڌين جي وچ ۾ پيدا ٿيو سو اقتصادي هو.

پنجاب جي ايراضي اٽڪل ۵۵ هزار چورس ميل آهي. ان جي آبادي ۳ ڪروڙ ماڻهو ٿيندي. ان مطابق في ميل ۵۵۰ آدمي زمين تي بار پوي ٿو.

سنڌ جي ايراضي ۵۴ هزار چورس ميل آهي. ان جي آبادي ۸۰ لک کن ٿيندي. جنهن حساب سان ۱۵۰ ماڻهو في ميل زمين تي بار پوندو.

سنڌ ۾ ٿن براجن نڪرڻ ڪري وسيع ايراضي آباديءَ جي لائق بنجي چڪي هئي. ڪراچي بندرگاه سنڌ ۾ هئڻ ڪري واپار لاءِ ڪشاده سهوليتون پيدا ٿيل هيون. ڪاٺين جي نڪرڻ لاءِ بہ قوي امڪان هو. هنري ڪارخانا کولڻ لاءِ هتي وڏيڪ سهوليتون هيون. انهن ڳالهين سنڌ کي نہ رڳو مهاجرن جي آماجگاهہ جو ڪارڻ بنايو پر پنجابين جو بہ وات پاڻي ڪرايو. جن منظم طريقي سان سنڌ جي استحصال لاءِ هڪ پروگرام بنايو، جنهن ۾ سنڌ جي زرعي زمين، واپار، ڪارخانن ۽ نوڪرين تي قبضو ڪرڻ ۽ سنڌ کي ڪالونائيز ڪرڻ جو منصوبو سمايل هو. ون يونٽ جو قيام بہ انهيءَ مقصد سان ڪرايو ويو.

مرڪزي حڪومت تي لياقت علي خان جي قتل بعد بينگالين جي تسلط کي ناڪامياب بنائي، پنجابي مستقل مفاد جو قبضو ڪيو سو اجان تائين قائم آهي. مرڪزي حڪومت جون نوڪريون تہ اڪثري سندن حوالي هيون. پر انهيءَ مان پيٽ نہ ڀرين تنهن ڪري سنڌ جي مکيہ عهدن تي مهاجن سان ڀائيوار تي قبضو ڪرڻ لڳا. نہ رڳو ايترو پر ننڍين نوڪرين ۽

تعليم گاهن ۾ به هو دخل جمائي ويا.

وقت بوقت ملٽري ڊڪٽيٽرشپ جي قيام جو مکيه ڪارڻ مٿي ذڪر ڪيل اقتصادي استحصال جي خواهش آهي. اهي ڳالهيون جيڪڏهن ڪليل مقابلي ۾ ڪن ها ته به ٿي سگهين ها پر جنگجويانه نخوت ڪري هنن هر ڳالهه زبردستيءَ سان ڪرڻ گهري. ون يونٽ تشدد ذريعي قائم ڪرايائون. ڊڪٽيٽرشپ زوريءَ هلايو اچن. سنڌ ۽ ننڍن صوبن جي حقيقي خير خواهن کي جيل ۾ وجهڻ ۽ سختيون ڏيڻ سندن روزمره جو ڌنڌو ٿي پيو آهي. مکيه نوڪرين تي سندن قبضو، لشڪر سندن حوالي تنهن ڪري جمهوريت جو گلو گهٽي جيڪي وٽين ٿو سو پيا ڪن.

هنن ڪيئي طريقا ننڍن صوبن جي رهاڪن تي تسلط حاصل ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيا آهن. ڪن کي مسلم قوم جي نالي ۾ گمراه ڪن ٿا ته ڪن کي پاڪستان جي خطري جي عذر تي هم خيال بنائين ٿا. اسلام جي ٺيڪيداري ته ڪين ورثي ۾ مليل آهي. ڪڏهن ڊاڪٽر خان صاحب کي اڳيان ڪري ڪتب آڻين ٿا ته ڪڏهن نشتر صاحب ۽ قيوم خان کي ڪتب آڻين ٿا. جنرل ايوب خان ۽ جنرل يحيٰ خان به سندن بنايل گڏا آهن.

هاڻ سندن پوئلڳ سياستدانن کي ٻن گروهن ۾ ورهائي ڇڏيو اٿن. هڪڙو گروه اسلام، پاڪستان، اسلامي نظام حڪومت جي نالي سان سندن استحصال قائم رکڻ لاءِ ڪتب اچي رهيو آهي. جنهن ۾ نورالامين جي صدارت هيٺ ست پارٽيون شريڪ ٿيل آهن.

ٻيو گروه اسلامي سوشلزم ۽ عوامي مفاد جي نالي ۾ ڀٽي صاحب جي اڳواڻيءَ هيٺ سندن سامراجيت کي نئين انداز ۾ قائم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي. پاڪستان جي يڪجهتيءَ لاءِ مضبوط مرڪز، هندستان جي دشمني، علاقائي قوميت جي مخالفت ۾ ٻئي گروه يڪسان آهي.

**به هر رنگي ڪه خواهي جامه مي پوش**
**من انداز قدت را مي شناسم**

پردو هٽائي ڏسندا ته انهن پتلين جي واڳ ساڳي مهاجر پنجابي سامراج ٽولي جي هٿ ۾ آهي. هاڻ اسان جي حالت فرعونن، مصر جي ماتحت بني اسرائيلن جهڙي وڃي رهي آهي. اها حالت سنڌ سان آهي. ٻين صوبن سان به قريبا ساڳو حال آهي. هاڻ ”نه جائي ماندن نه پائي رفتن“ وارو حال وڃي رهيو آهي.

## قومي اختلاف :

پاڪستان جي قيام کان اڳ لساني وطن جي بنياد تي قوم پرستيءَ جو اثر مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ وڌيل هو. جڏهن انهن کي مذهب جي نالي ۾ برغلائي لاهور مسلم ليگ اجلاس ۾ ملڪ جي ورهاڱي جي تجويز پيش ٿي تہ ان ۾ ننڍن صوبن جي خدشن دور ڪرڻ لاءِ هيٺين ڳالهين جو اظهار ڪيل هو:

(۱) پاڪستان ۾ آزاد ۽ خود مختيار رياستون قائم ڪيون وينديون.

(۲) وراهيل ملڪن ۾ اقليتن جي تحفظ جو انتظام ڪري انهن کي لڏڻ کان روڪيو ويندو. بهتر آهي تہ نهراءُ ۾ مضمر تنهي مسئلن جي تشريح ڪئي وڃي.

(الف) پاڪستان ۾ آزاد ۽ خود مختيار رياستون قائم ڪيون وينديون.

هندستان ۾ هندو مسلم سمجهوتو نہ ٿيڻ ۽ يو پيءَ جي مسلمانن طرفان مذهب جي نالي ۾ هندن خلاف پرچار ڪري جڏهن نفرت وڌندي ويئي تہ ان کان متاثر ٿي مسلمانن ملڪ جي ورهاڱي جي گهر ڪئي. ان ورهاڱي جي گهر جي اڳواٽي مسلم اقليت وارن صوبن جي ماڻهن طرفان ٿيندڙ ڏسي بينگال، پنجاب ۽ سنڌ جي سمجهدار سياستدانن کي خدشو پيدا ٿيو تہ اڳي بہ مذڪور بالا اقليت وارن مسلمانن طرفان جڏهن بہ آل انڊيا بنياد تي مسلمانن ۽ هندن جو سمجهوتہ ٿيو هو تہ اهو مسلم اڪثريت وارن صوبن جي قيمت تي پئي ٿيو هو. جهڙوڪ : لکنو پئڪٽ ۱۹۱٦ع وقت جدا چونڊن جو سوال. هندن انهي شرط تي قبول ڪيو هو تہ پنجاب ۽ بينگال ۾ مسلمانن جي اڪثريت کي گهٽائي اقليت جي نمائندگي ڏني وڃي. جيئن تہ ٺيڪ جدا چونڊن مان مسلم اڪثريت وارن صوبن کي ڪو خاص فائدو پهچڻو ڪون هو.

وري ۱۹۳۵ع جي گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ موجب بہ انهن مسلم اقليت وارن صوبن جي رهاڪن خاطر پنجاب ۽ بينگال جي مسلمانن کي آباديءَ جي لحاظ سان نمائندگي نہ ڏني ويئي. سنڌ جي مسلمانن جي نمائندگي گهٽائي، هندن کي ويٽيج ڏنو ويو. جنهن ڪري مذڪوره بالا صوبن جي مسلمانن جي پاڻ ۾ نفاق جو وجهہ وٺي غير مسلم، انهن جو

استحصال ڪندا آيا.

انهيءَ ڪري ٽنهي صوبن جي نمائندن لاهور واري ٺهراءُ ۾ ملي ذڪر ڪيل تحفظ وجهي ڇڏيا هئا. ”خود مختيار رياستن جي قيام“ جو فقرو ان ڪري وڌو ويو هو ته هتان وڏا صوبا، ننڍن تي قبضو ڪري ڪين استحصال لاءِ ڪتب آڻين.

بينگال ۽ پنجاب جي ورهاڱي جو فقرو، ان ٺهراءُ ۾ انهي ڪري وڌو ويو هو ته ممڪن آهي انهيءَ خوف ڪان هندو ۽ سک ورهاڱو نه ڪرائين ۽ پاڪستان مسلم مهاجرن جي لڏي اچڻ جي آزار ڪان بچي وڃي. اقليتن جي تحفظ جو فقرو ان ڪري وڌو ويو هو ته هندستان ۾ مسلم اقليتن ۽ پاڪستان ۾ غير مسلم اقليتن کي دلاسو ملي ته هو خواه مخواه لڏ پلاڻ ڪري ملڪ جي ايڪانامي ۽ جوڙجڪ کي تباهه ٿيڻ ڪان بچائين.

سنڌين کي پنجابي ۽ مهاجر جي تسلط جو خطرو هو. اهڙي طرح بينگال ۽ پنجاب جا نمائندا هڪ ٻين ڪان خائف هئا. ان ٺهراءُ جي پيش ڪندڙن ۾ پنجاب جو سر سڪندر حيات، بينگال جو مولوي فضل الحق ۽ سنڌ جو حاجي عبدالله هارون هئا.

اهو خطرو سنڌ ۾ اسان کي به پئي محسوس ٿيو ان ڪري ١٩٤٣ع جي ٣٠ مارچ تي مون سنڌ اسيمبليءَ ۾ جيڪو ٺهراءُ پيش ڪيو هو، سو سمورو ”پيش لفظ“ ۾ ڏئي آيو آهيان. ان ۾ به آزاد ۽ خود مختيار رياستن جي صورت ۾ پاڪستان جي قيام جي گهر ڪيل هئي. ٿوري وقت ڪان پوءِ جڏهن اسان کي مسلم اقليت وارن مسلم ليگين ۽ پنجاب جي سياستدانن جي نيتن ۾ ڦيرو ڏسڻ ۾ آيو ته اسان مسلم ليگ ڪان ٻاهر نڪري وياسون. ليڪن ان وقت سنڌ مسلم ليگ ۾ اڪثريت انهن ماڻهن جي اچي ڪٺي ٿي هئي جي يا ته سياسي تدبر ڪان خالي هئا يا ابن الوقف هئا.

پاڪستان جي قيام جي امڪان ۽ انگريزن جي مسلم ليگ سان همدردي ڏسي، ابن الوقت سنڌي سياستدانن خود مطلبي ۽ ڪوتاه نظري ڪري مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ سان ها ۾ ها ملائيندا آيا.

انهن حالتن جو وجهه وٺي مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ جنهن تي اقليت وارن صوبن ۽ پنجابي مسلمانن جو قبضو هو، تن دهليءَ ۾ ١٩٤٦ع تي مسلم ليگ اسيمبلي ميمبرن جو ڪنوينشن گهرائي، ان ۾ لاهور جي پاس ڪيل ٺهراءُ ۾ تبديلي آڻي ڇڏي.

پنجاب جو دور انديش سياستدان سر سڪندر حيات خان رحلت ڪري ويو هو. مولوي فضل الحق جا مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ سان اختلاف پيدا ٿيل هئا.

سنڌ جو مقتدر مسلم ليگي ليڊر حاجي عبدالله هارون به وفات ڪري ويل هو. خان عبدالغفار خان وارا ته اڳيئي مسلم ليگ ۾ ڪونه هئا. سنڌ مان شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ منهنجي سنگت ليگ کان ٻاهر هئي. باقي ابن الوقت سنڌي سياستدان اهڙي اهم سوال جي تبديليءَ تي اعتراض ڪونه ورتو ۽ ٺهراءُ پاس ڪرائي ڇڏيائون.

مسلم ليگ اقليت صوبن وارا سياستدان، سنڌي سياستدانن کي مرعوب ڪري ويا. انهيءَ اقليت وارن ليگي ليڊرن بينگال وارن کي چيو ته پاڪستان ۾ اڪثريت اوهان جي ٿيندي، ان ڪري يڪي پاڪستان هئڻ ڪري فائدو بينگالين کي پهچندو.

پنجاب جي ڪوتاه نظر سياستدانن سمجهيو ته آخري فيصلو لشڪر ۽ سول سروس جي هٿ ۾ رهڻ ڪري ڪين انهي تبديلي ڪري مستقبل ۾ فائدو پهچڻ جو امڪان هو.

اهڙيءَ طرح لاهور جي آل انڊيا مسلم ليگ جي اجلاس جي پاس ٿيل ٺهراءُ ۽ انهي ٺهراءُ کي مدراس جي اجلاس ۾ مسلم ليگ مقاصد ۾ داخلا کي بدلايو ويو.

آل انڊيا مسلم ليگ فيصله ڪن حيثيت واري جماعت هئي. انهيءَ جي ٺهراءُ کي، مسلم ليگ ميمبرن جي ڪنوينشن کي تبديل ڪرڻ جو ڪوبه اختيار ڪونه هو.

پر اها صريحاً بي قانوني ۽ بي ايماني مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ طرفان ڪئي ويئي. اها لاهور ۾ پاس ٿيل قوميتن جي وچ ۾ ٿيل عهدنامي جي ڀڃڪڙي هئي. هن وقت به جيڪڏهن ان سوال تي از سر نو غور ڪري اڳوڻي ٺهراءُ موجب پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ قوميتن کي آزاد ۽ خود مختيار رياستون بنائي ڪانفيڊريسي ۾ شامل نه ڪيو ويو ته قومي امڪان آهي ته پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ صوبن کي نئين سر غور ڪرڻو پوي ته پاڪستان ۾ رهڻ سندن لاءِ ڪيتري قدر مفيد ٿيندو؟

پاڪستان جي تعمير ۾ جا بي خامي پيدا ٿي سا ڪثير تعداد هندستاني مسلمانن جي لڏي اچڻ جي هئي. پاڪستان جي لاهور واري ٺهراءُ

۾ اقليتن جي تحفظ جو فقرو خاص ان لاءِ وڌل هو ته پنهي ملڪن ۾ اقليتون محفوظ رهن ۽ لڏ پلاڻ نه ٿئي. ليڪن شروع کان وٺي، مسلم اقليت جي مسلمان سياستدانن جي نيت تئين ملڪ کي چراگاه بنائڻ جي هئي. ان ڪري هتي هيٺيان قدم کنيا.

(۱) ڪانگريس وزارتن جي دور ۾ هتي هڪ طرف هندن خلاف نفرت ڦهلائڻ جو پرچار سندن صوبن ۾ ڪيو ته ٻي طرف مسلم اڪثريت وارن صوبن ۾ وفد موڪلي، اتي جي مسلمانن کي هندن خلاف ڀڙڪايو.

(۲) ڪانگريس حڪومتن وقت تبديل ٿيل حالتن جو اندازو نه ڪري ته صرف گانءِ جي قرباني ڪرڻ تي اصرار ڪندا آيا پر ان کي سينگاري سرڪس ڪڍي پوءِ قرباني ڪندا هئا.

(۳) پنجاب ۾ سر سڪندر حيات پنهنجي دور حڪومت ۾ ٻاهرين دست اندازي ڪرڻ نه ڏني، ان جي وفاتيءَ کان پوءِ ملڪ خضر حيات وزيراعليٰ ٿيو ته ان به ساڳي پاليسي اختيار ڪئي. جنهن تي چند انتها پسند مسلم ليگين کي جوش ڏياري بدامني پيدا ڪري، هن کي وزارت کان استعيفا ڏيڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ اڳتي هلي پنجاب صوبي جي ورهاست ٿي، جا ممڪن هو ٻي صورت ۾ نه ٿئي ها.

(۴) بينگال مسلم ليگ ۾ پيدا ٿيل شخصي اختلافن کي تقويت پهچائي اتي جي ٽن مکيه سياستدانن کي هڪ ٻئي کان پوءِ نقصان پهچايو. پهرين جناح صاحب کي برغلائي مولوي فضل الحق کي ليگ مان خارج ڪرايو. پوءِ حسين شهيد سهروردي کي بي اثر بنائڻ لاءِ قدم کنيا. آخر ۾ اهل پنجاب هٿان خواجه ناظم الدين کي ڊسمس ڪرايو.

اهي ڳالهيون مهاجرن پاڪستان ۾ لڏي اچڻ کان اڳ ۽ پوءِ ان جي سياست تي حاوي ٿيڻ لاءِ ڪيون. ان مان پڙهندڙ سمجهي سگهندا ته هتي لاهور ٺهراءَ ۾ اقليتن جي تحفظ وارو فقرو ذهني استثنا سان قبول ڪيو هو. انهن جي ابتدا کان وٺي پاڪستان تحريڪ ۾ دلچسپي وٺڻ جو مقصد لڏي اچي ان جو استحصال ڪرڻ هو.

جنهن صورت ۾ پاڪستان جو بنياد ئي نفرت ۽ استحصال جي خواهش تي پيو. ان ڪري ان قيام بعد به اهو مشڪلاتن جو شڪار ٿيندو آيو.

**خشت اول چون نهد معمار ڪج**
**چون بشريامي رود ديوار ڪج**

پاڪستان بنجڻ کان اڳ هندستاني سياست ٻن گروهن ۾ ورهايل هئي. هڪڙو گروه غير فرقيوار جماعت بنديءَ جو حامي هو. ٻيو گروه فرقيوار جماعت بنديءَ جو طرفدار هو.

پهريون گروه وري ٻن خيالن جي سياستدانن ۾ وراهيل هو. جن مان هڪ خيال جا سياستدان ساري هندستان جي جماعتن سان شموليت جا حامي هئا. ٻي خيال جا سياستدان سندن جماعتن کي صوبن تائين محدود رکڻ جا قائل هئا. پهرين خيال وارن ڪانگريس جماعت ذريعي ملڪي سياست ۾ حصو ورتو. ٻي خيال وارن مختلف صوبن ۾ غير فرقيوار سياسي پارٽيون ٺاهي انهن جي ذريعي ملڪي سياست کي هلائڻ گهريو. جهڙوڪ :

پنجاب ۾ سر فضل حسين صوبہ جي خاص حالتن کي مدنظر رکي يونينسٽ پارٽي برپا ڪئي، جنهن ۾ مسلمان، سک ۽ هندو سڀ شامل هئا.

بينگال جي مخصوص حالتن کي مدنظر رکي مولوي فضل الحق بنگلہ ڪرشڪ پرجا سوشلسٽ پارٽي ٺاهي چونڊون لڙيون.

سرحد ۾ خان عبدالغفار خان خدائي خدمتگار جماعت ٺاهي. بلوچستان جي قومي ڪارڪنن انجمن وطن برپا ڪئي. سنڌ ۾ حاجي عبدالله هارون، سر شاهنواز خان ڀٽو ۽ اسان گڏجي سنڌ اتحاد پارٽي ٺاهي.

مدراس ۾ جسٽس پارٽي اڳئي انهن بنيادن تي ڪم ڪري رهي هئي. هي سڀ غير فرقيوار جماعتون هيون. ڪانگريس ۽ هنن جماعتن جو دائره عمل ساري هندستان ۾ پکڙيل هو ۽ هنن جماعتن جو دائرو صوبن تائين محدود هو. ڪانگريس آئڊيلسٽ بنيادن تي ٺهيل هئي ۽ هي جماعتون پريڪٽيڪل بنيادن تي تعمير ٿيل هيون.

پوئين قسم جون غير فرقيوار جماعتون، گهڻي وقت تائين جٽاءُ ڪري نہ سگهيون. ان جو مکيہ ڪارڻ هيءُ هو تہ ان وقت ملڪ جي آزادي ۽ آئيني سڌارن جا مسئلا، ماڻهن جي سامهون هئا جن لاءِ صوبائي جماعتون ڪارآمد ثابت ٿي نہ سگهيون. اهي جماعتون صوبائي حڪومتن ۾ تعميري ڪمن لاءِ ڪارآمد هيون.

ليڪن هنگامي ۽ انقلابي جدوجهد لاءِ آل انڊيا جماعتون وڌيڪ ڪارگر ثابت ٿي سگهيون. بر صغير هند جي تاريخ ۾ اهي ڏينهن منحوس شمار ڪيا ويندا جن تي ملڪي سياست ۾ مذهب کي داخل ڪيو ويو.

اڪبر اعظم جي مذهبي معاملن ۾ دست اندازي اگرچ مصالحانہ قسم

جي هئي پر ان جي ردعمل ۾ اورنگزيب واري فرقيوارانہ مذهبي برتري جي تحريڪ پيدا ٿي جا مغل شهنشاهيت جي خاتمي جو باعث بني.

گانڌيجي سياست ۾ مذهب کهلي آيو. جنهن گئو رکشا ۽ خلافت جي حفاظت سندس پروگرام ۾ داخل ڪئي، ان جي ردعمل ۾ مسلم ليگ ۽ مها سڀا جي فرقيوار رجحانن کي تقويت ملي. جن نيٺ ملڪ جي ورهاڱي جي صورت اختيار ڪئي.

ورهاڱي کان پوءِ به ٻنهي ملڪن ۾ فرقيوار ۽ غير فرقيوار جماعتن ۾ اقتدار لاءِ تصادم هلندو آيو آهي. ڀارت ۾ حال غير فرقيوار جماعتون فرقيوار جماعتن تي حاوي ٿي ويون آهن. پاڪستقان ۾ الٽو فرقيوار جماعتن غير فرقيوار جماعتن کي ختم ڪرڻ جي رٽ رٽي آهي. ممڪن آهي تہ اها رٽ پاڪستان جي نقصان جو باعث بنجي.

هن وقت پاڪستان جي سامهون هيٺيان مسئلا حل طلب آهن:

(١) پاڪستان هڪ مسلم قوم جو وطن آهي يا پنجن قومن جو.

(٢) پاڪستان ۾ نظام حڪومت آمرانہ هجي يا جمهوري ٿيڻ گهرجي.

(٣) پاڪستان جو آئين ڪانفيڊريشن وارو هجي يا يونيٽري قسم جو هجي.

انهن مسئلن جي تشريح ڪرڻ بعد اهو ٻڌائڻ لازمي ٿو ڄاڻان تہ جي انهن مسئلن جو صحيح حل نہ ٿي سگهيو تہ ان جا نتيجا ڪهڙا نڪرندا.

## (١) پاڪستان هڪ مسلم قوم جو وطن آهي يا پنجن قومن جو:

هي سوال پاڪستان ۾ هن وقت فيصلہ ڪن مسئلي جي صورت اختيار ڪري ويو آهي. هڪ طرف پنجاب جا مستقل مفاد (سول سروس، ملٽري، تاجر، ڪارخانيدار ۽ آبادگار) مهاجر ۽ بينگال، سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان جا ابن الوقت سياستدان ۽ مٿاهين طبقي جا چند خود مطلب، ماڻهو هن راءِ جا آهن تہ پاڪستان مسلم قوم جي نظريي جي پيداوار آهي. تنهن ڪري انهيءَ جي آڌار تي يڪ جهت ۽ مستحڪم رهي سگهندو.

ٻي طرف پنجاب کان سواءِ چئن صوبن جا محب وطن، قوم پرست سياستدان ۽ انهن جا حمايتي، انهيءَ راءِ جا آهن تہ بينگالي، سنڌي، بلوچ ۽ پختون جديد نظريہ قوميت مطابق، وطن، زبان، ڪلچر، تاريخي روايات،

سياسي ۽ اقتصادي مفاد جي بنياد تي جدا قومون آهن. مسلمانن جي جدا گانہ قوم جو نظريہ، مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي فسطائي خيال ماڻهن جو ايجاد ڪيل آهي.

جنهن کي مذڪوره بالا چئن صوبن جي نوڪرين، واپار، زمين، ڪارخانن تي تسلط قائم رکڻ لاءِ جواز طور پيش ڪيو ويجي ٿو. نہ تہ دنيا ۾ ڪٿي بہ سواءِ اسرائيل جي اهڙي قسم جي قوم جو وجود نہ آهي. پئي گروهہ ان مسئلي تي اهڙو وراهيل آهن جو ان کي موت ۽ حيات جو مسئلو ڪري سمجهن ٿا. پهريون گروه سندن پاڪستان جي تسلط ۽ ان جي وسائل جي استحصال لاءِ مسلمانن جي جدا قوم جي نظريي کي برقرار رکڻ ضروري ٿو چاڻي.

بيو گروه سندن قومي آزادي، نوڪرين، واپار ۽ ڪارخانن جي حفاظت لاءِ وطني قوميت جي نظريي کي لازمي چاڻي ٿو. ان ۾ هنن کي سندن قومن جي هزارها سالن جي تهذيب ۽ روايات جو بچاءُ ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

مسلمانن جي جداگانہ قومي نظريي جي پويان ڪين مهاجر پنجابي سامراج جي غلامي مضمر نظر اچي ٿي. تازو ٿيل اليڪشنون جيڪڏهن عام راءِ جو آئينہ وار چئي سگهجن ٿيون تہ ان ۾ ماڻهو، مسلمانن جي جداگانہ قومي نظريي کي رد ڪري چڪا آهن.

(١) سڀ کان وڏي پارٽي عوامي ليگ هئي. ان قوم پرستيءَ جي بنياد تي اليڪشن لڙي، سندس سامهون فرقيوار جماعتون جهڙوڪ مسلم ليگ، جماعت اسلامي، نظام اسلام پارٽيون هيون. تن کي شڪست فاش ملي.

(٢) مغربي پاڪستان ۾ وڏي تعداد ۾ پيپلس پارٽيءَ جا ميمبر چونڊجي آيا. انهي جي مخالفت ۾ جماعت اسلامي، مسلم ليگ جون ٽيئي جماعتون هيون جن کي شڪست ملي. ان جو مطلب صاف پيو آهي تہ سندن نظريي کي شڪست آئي.

جيتوڻيڪ پيپلس پارٽي صوبائي قوم پرستيءَ جي طرفدار نہ هئي تہ بہ غير فرقيوار ۽ اقتصادي بنيادن تي اليڪشن لڙيائين. پيپلس پارٽيءَ جو ليڊر باوجود ان جي تہ هو ان ڳالهين ۾ فرقيوار جماعتن سان همراه هو جهڙوڪ :

(١) هندستاني دشمني

(٢) مضبوط مرڪزي حڪومت

(٣) صوبن جي جدا قوميتن جي مخالفت.

تڏهن بہ مذڪوره بالا فرقيوار جماعتن ان جي مخالفت ڪئي. جنهن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ هنن جماعتن جي ڪارڪنن، هن ڪي سندن مستقل مفاد لاءِ خطرو سمجهيو هو.

سندن اصل مقصد مسلمانن جي جدا گانہ قوم ۽ هندستان دشمني نہ هئا پر اهي عوام جي توجهہ هٽائڻ لاءِ ذريعا ڪتب آندائون ٿي ۽ سندن حقيقي مقصد انهن جي مستقل مفاد جي حفاظت هئي، جنهن ڪي پيپلس پارٽي جي پروگرام مان نقصان پهچڻ جو انديشو هو. انهيءَ نقطہ نگاه ڪري پنجابي سامراج چونڊن جي فيصلي ڪي رد ڪري ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪري بينگال ۾ قتل عام ۽ خانہ جنگي شروع ڪري ڇڏي. بينگال ۾ هن وقت ٻن نظرين جي حامين وچ ۾ سول وار آهي.

هڪ طرف فرقيوار نظريي جا حامي قوم پرستن ڪي زوريءَ دٻائي پنجاب جي ڪالوني طور ڪتب آڻڻ لاءِ ننهن چوٽيءَ جو زور لڳائي رهيا آهن.

ٻي طرف قوم پرست ان ڪي قومي زندگيءَ جي بقاءَ ۽ غلاميءَ کان آزاديءَ جو سوال سمجهي جان جي بازي لڳائي رهيا آهن. ڏهہ لک ماڻهو قتل ٿي ويا اٿن، هڪ ڪروڙ ماڻهو ملڪ بدر ٿيا آهن، اربن روپين جو نقصان پهتو اٿن، ليڪن مستقل مزاج ٿيو بيٺا آهن.

هن وقت اهو مسئلو بين الاقوامي حيثيت اختيار ڪري ويو آهي. پنجابي سامراج جي ملٽري جنتا ڪي امريڪي حڪام، ڪن مسلمان ملڪن، ملٽري ڊڪٽيٽرشپ وارن حاڪمن جي حمايت حاصل آهي.

ٻي طرف بينگال جي قوم پرست گروه ڪي ڀارت، سوويت يونين، برٽين، آمريڪا ۽ ٻين مغربي ملڪن جي جمهوريت پسند، قوم پرست ۽ سيڪولر پسند عوام جي حمايت آهي.

بينگالين جي قوم پرستيءَ جو جذبو گهڻو پراڻو آهي. هن صديءَ ۾ انگريزن، بينگالين ڪي ٻہ دفعا وراهي جدا ڪيو آهي. پهريون دفعو انگريزن ١٩٠٥ع ۾ بينگال ڪي ورهائي، ٻن صوبن ۾ جدا ڪرڻ وقت جو هو. جنهن خلاف بينگالي عوام بغاوت ڪري زوريءَ انگريزن کان ورهاڱو بند ڪرايو.

ٻيو دفعو ١٩٤٧ع ۾ ان ڪي وراهي هڪ حصو پاڪستان جي حوالي ۾ ڏنو. ٻيو حصو ڀارت ۾ رکيو. بينگالي قوم پرستي ۽ مذهبي ذهنيت جو امتزاج آهن.

هنن مذهبي جذبي هيٺ پڙڪجي پاڪستان سان شموليت اختيار ڪئي. پر اڳتي هلي جڏهن هنن ڏٺو ته سندن جداگانه قومي وجود، زبان، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد خطري ۾ هئا ته هنن وري به بغاوت ڪئي آهي.

هاڻ سندن مستقبل جو مدار هنن جي مستقل مزاجي، قومي غيرت ۽ قوت ارادي تي آهي. جي هو انهي امتحان مان پار پيا ته جدا سلطنت قائم ڪري پنجابي سامراج کان آزاد ٿي ويندا. مغربي پاڪستان جي ننڍن صوبن جي قوم پرستن کي بينگالين جي جدوجهد سان گهڻي دلچسپي آهي. انهن جي فتح تي سندن آزاديءَ جي راهه هموار ٿيندي ۽ هنن جي شڪست تي سندن مستقبل تاريڪ ٿيڻ جو امڪان آهي.

پاڪستان جي بچڻ جو امڪان صرف هن ڳالهه ۾ آهي ته ان کي پنجن قومن جي ڪانفيڊريشن طور هلايو وڃي.

## (٣) پاڪستان ۾ نظام حڪومت آمرانه هجي يا جمهوري ٿئي :

هن وقت پاڪستان ۾ دنيا جي ٻين ملڪن وانگر مٿي ذڪر ڪيل، ٻن نظرين جي حامين ۾ تصادم هلي رهيو آهي.

آئون مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته مهاجر پنجابي مستقل مفاد سندن سياسي اقتدار جي قيام ۽ طبقاتي مفاد جي بچاءُ لاءِ پاڪستان جي گهر ڪئي ۽ ان کي هو انهيءَ مقصد لاءِ ڪتب آڻي رهيا آهن. اڳي مذهب جي نالي ۾ مسلم عوام کي هندن خلاف ڀڙڪائي ملڪ جي ورهاست ڪيائون.

هاڻ سندن مقابلو هندن سان ڪونه آهي پر مسلم عوام سان هو. تنهن ڪري هنن سندن لڙائيءَ جا حربا بدلي هيٺيان بيهاريا آهن:

(١) هندستان جي هندن کان خطرو ۽ ان جي مخالفت

(٢) ننڍن صوبن جي قومن کان خطرو ۽ ان جي مخالفت.

(٣) سوشلزم کان خطرو ۽ ان جي مخالفت.

(۴) سيڪيولرزم کان خطرو ۽ ان جي مخالفت.

انهيءَ مقصد جي حصول ۾ کين جمهوري طرز حڪومت وڏي رڪاوٽ نظر اچي ٿي.

تنهن ڪري هنن جمهوري نظام حڪومت کي ختم ڪري آمرانه حڪومت قائم ڪئي آهي.

جنهن صورت ۾ عوامي مفاد ۽ سندن طبقي جا مفاد متضاد هئا. ان ڪري هنن عوامي نمائندن کي حڪومت سپرد ڪرڻ جي مخالفت پئي ڪئي آهي.

پاڪستان جي ٢۴ سالن جي تاريخ، ساري انهيءَ آمرانہ نظام جي قيام لاءِ انهيءَ سامراجي گروه جي جدوجهدجي مثالن سان ڀري پئي آهي.

آئين پاس ڪرڻ ۾ رڪاوٽون وجهڻ، چونڊون نہ ڪرائڻ، هڪڙن وزارتن کي ڪڏي ٻين کي آڻڻ، آئين ختم ڪري، صدر طرفان آئين نامزد ڪرائڻ، مارشل لا لڳائي، عوامي آزاديءَ کي سلب ڪرڻ، قومي ڪارڪنن کي جيلن ۾ وجهڻ، ماڻهن جا بنيادي حق کسڻ، آرڊيننس ذريعي راڄ ڪرڻ، مغربي پاڪستان جي صوبن کي ختم ڪرڻ، بينگالين کي قتل ڪرڻ، سڀ ان سلسلي جون ڪڙيون آهن.

هن وقت عوام ۽ مستقل مفاد جي وچ ۾ تصادم آهي. پوئين ڌر سندن استحصال ۽ تسلط قائم رکڻ خاطر جمهوريت جو گلو گهٽي آمرانہ راڄ هلائي رهي آهي.

مذڪوره بالا نون ايجاد ڪيل حربن ذريعي عوام جو توجهہ حقيقي مسئلن کان هٽائڻ لاءِ استعمال ڪري رهي آهي.

انهي استبداد جي خلاف بنگلہ ديش جي رهاڪن بغاوت ڪئي تہ انهن سان جيڪي ظلم ڪيا پيا وڃن سي سڀني کي معلوم آهن. ڪين معلوم آهي تہ سادا ست ڪروڙ ماڻهن کي زوريءَ گهٽي وقت تائين غلام رکي نہ سگهندا پر هو اهي ڪاروايون صرف انهيءَ لاءِ ڪري رهيا آهن تہ ”هڻ ڏيءَ کي تہ سکي ننهن“.

ان مان ٻين ننڍن صوبن وارا هيسجي هنن جي سامراج خلاف آواز نہ اٿاريندا. انهيءَ مصيبت کان نجات صرف ٻن صورتن ۾ حاصل ٿي سگهي ٿي:

(١) بين الاقوامي ضمير بيدار ٿي هنن کي راه راست تي آڻي.

يا

(٢) جدا جدا قومن جا غيور قوم پرست سر تريءَ تي کڻي سندن سامراج کي ڏاهي ڦٽوڪن.

(٣) پاڪستان جو آئين ڪانفيڊريشن هجي يا يونيٽري قسم جو هجي:

قيام پاڪستان بعد مذڪوره بالا مهاجر پنجابي سامراج ڀهرين جدا

قوميتن جي نظريي جي مخالفت ڪري مسلم قوم جو نظريو مسلط ڪيو. ان کان پوءِ جمهوريت کي ختم ڪري آمرانه سرشته حڪومت قائم ڪيو.

هاڻ مضبوط مرڪز جي نالي ۾ يونيٽري قسم جو نظام حڪومت قائم ڪرڻ گهرن ٿا. مضبوط مرڪز مان ننڍين قومن کي هيٺيان نقصان پهچڻ جو امڪان آهي.

(١) انگريزن سنڌن سامراج کي مضبوط ڪرڻ ۽ هلائڻ لاءِ سول سروس ۽ پوليس سروس مرڪزي حڪومت جي حوالي ۾ رکي صوبائي حڪومتن کي محتاج بنائي ڇڏيو هو جو مرڪز جا مقرر ڪيل عملدار صوبائي حڪومتن جي پرواهه نه ڪندا هئا.

ان وانگر هي به عملدار مرڪز جي ماتحت رکي صوبن تي اڻ سڌيءَ طرح مسلط ٿيڻ گهرن ٿا. عملدارمرڪز جي ماتحت هئڻ سبب صوبائي آٽونامي بي معنيٰ ٿي پوي ٿي.

صوبائي حڪومتون عوام جي نمائندن تي مشتمل ٿين ٿيون. جيڪڏهن سنڌن زبردست مڪمل طرح سنڌن دائره اثر ۾ نه رهيا ته حڪومت جو ڪاروبار ٺيڪ نه هلي سگهندو. پاڪستان جي قيام کان پوءِ جي وزارتن جون ڦيريون هيريون ٿيون آهن تن سڀني لاءِ جوابدار هي عملدار رهيا آهن.

(٢) مرڪز جي مضبوطيءَ جي نالي ۾ سامراجي گروه ملڪ جي کاڻين، نوڪرين، واپار، ڪارخانن، باهرين مٽا سٽا ۽ بئنڪنگ تي قبضو ڪرڻ لاءِ راهه هموار ٿي ڪئي.

(٣) ون يونٽ جو قيام به انهيءَ نظريي پٽاندڙ هو ته ملڪ جي انتظام کي مرڪزيت ڏني وڃي، جنهن ۾ تسلط سنڌن حوالي ۾ رهي.

(۴) مرڪز جي مضبوطي ۽ صوبائي زبانن مٿان غير ملڪي اردو زبان کي مسلط ڪرڻ جو منصوبو رٿيل آهي. پارٽ ۾ سنڌي زبان کي سرڪاري زبان تسليم ڪري، ان جو نالو نوٽن تي لکايو ويو آهي. ليڪن سنڌ ديس جي اها حالت آهي جو سنڌس زبان جا اکر نوٽن تي ته لکيل نه آهن بلڪ اسٽيشنن، روڊن، پوسٽ آفيسن، سرڪاري عمارتن تان به سنڌي نالا مٽائي اردوءَ ۾ لکايا ويا آهن.

(۵) سنڌ کي وڏي ۾ وڏي پيدائش ڪسٽمس، انڪم ٽئڪس، ايڪسائيز ڊيوٽي ۽ سيلس ٽيڪس مان ٿي سگهي ٿي جا ٻن سئو ڪروڙن

جماعت جي حوالي ڪئي جا مهاجر پنجابي سامراج جي علمبردار هئي.

انهيءَ جماعت جي ليڊرن ۽ ان جي طرفان حڪمران گروه، جمهوري روايات ۽ اصولن جي خلاف واحد نمائنده جماعت جي عذر تي هر مخالف راءِ کي اڀرڻ نه ڏنو ۽ ان کي سختيءَ سان ڪچليو. باوجود ان جي همت جهلي قوم پرست ڪارڪن، ڪراچيءَ ۾ ۸ مئي ۱۹۴۸ع تي گڏ ٿي خان عبدالغفار خان جي صدارت هيٺ عوامي جماعت ٺاهي، جنهن ۾ سنڌ، بلوچستان، سرحد ۽ بينگال جا مخلص ڪارڪن شامل ٿيا.

جيتوڻيڪ اقتدار جون واڳون مسلم ليگ نمائندن جي هٿ ۾ هيون پر صاحب اقتدار طبقي کي انهن آڳرين تي ڳڻڻ جيترن مخالف ماڻهن کان اهڙو خطرو محسوس ٿيو جو ان نئين جماعت جي مکيه ڪارڪنن کي جيل ۽ نظربندين ۾ رکيو ويو.

سنڌ مان مونکي نظربند ڪيو ويو. سرحد مان خان عبدالغفار خان ۽ ٻين خدائي خدمتگارن کي جيل ۾ موڪليو ويو. بلوچستان مان خان عبدالصمد خان ۽ شهزادو عبدالڪريم جيل ۾ موڪليا ويا.

اهي سڀ ڳالهيون جناح صاحب جي هوندي ڪيون ويون. انهيءَ سامراجي گروه جو خيال هو ته مخالف راءِ کي هيڙي طرح دٻائڻ ڪري حالتون سازگار ڪري وٺندا پر ائين نه ٿيو. معاملو درست ٿيڻ جي عيوض بگڙڻ لڳو.

هن نه رڳو اسانجي ڪارڪنن تي سختي ڪئي پر مسٽر حسين شهيد سهرورديءَ کي آئين ساز اسيمبليءَ مان خارج ڪري ڪڍي ڇڏيو. ميان افتخار الدين پنجاب جي مکيه ترقي پسند ڪارڪن، جو ڪانگريس مان ۱۹۴۶ع ڌاري مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو هو، حالتن کي خراب ٿيندو ڏسي منهنجي بنگلي ڪراچي تي هڪ ميٽنگ سڏائي، جنهن ۾ حسين شهيد سهروردي، چوڌري خليق الزمان، خان عبدالغفار خان، شيخ عبدالمجيد سنڌي، رئيس غلام مصطفيٰ خان ڀرڳڙي، ميان افتخارالدين، آئون ۽ ٻيا گڏ ٿياسون. ميٽنگ ۾ حاضر صاحبن طرفان حالتن کي درست ڪرڻ لاءِ ٽن رايَن جو اظهار ڪيو ويو.

ميان افتخار الدين ۽ چوڌري خليق الزمان ان راءِ جا هئا ته سيئي مخلص ڪارڪن مسلم ليگ ۾ داخل ٿي، ان تي قبضو ڪري حالتون درست ڪن.

سهروردي ۽ خان عبدالغفار خان وارن جو چوڻ هو تہ مسلم ليگ جو ماحول ايڏو غليظ ٿيل هو جو ان کي سڌارڻ جو امڪان ئي ڪونہ هو، ان ڪري ان ۾ داخل ٿيڻ بيڪار هو. ليڪن خان عبدالغفار خان ۽ سهروردي جي راين ۾ هن ڳالهہ تي اختلاف ٿي پيو تہ نئين جماعت فرقيوار ٿاهجي يا غير فرقيوار.

سهروردي پريڪٽيڪل پالتيشن هو. ان جو چوڻ هو تہ اڃان عوام تي مسلم ليگ ۽ مذهب جو اثر وينل آهي، ان ڪري ڪابہ غير فرقيوار جماعت ڪامياب ٿي نہ سگهندي. تنهن ڪري اقتصادي پروگرام تي جدا فرقيوار جماعت ٺاهي حالتن درست ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪجي.

خان عبدالغفار خان آئيڊيلسٽ سياستدان هو. هن کي ڪاميابيءَ جو ايترو فڪر ڪونہ هو، جيترو اصولن جو. ان ڪري هو غير فرقيوار جماعت ٺاهي ان جي ذريعي قومي ۽ معاشي پروگرام جي بنياد تي عام راءِ پيدا ڪرڻ جو حامي هو. اسان ان سان شامل هئاسون. جيئن تہ حاضر آيل صاحب ڪنهن هڪ راءِ تي اتفاق نہ ڪري سگهيا، ان ڪري هر گروه پنهنجو طريقہ ڪار اختيار ڪيو.

چوڌري خليق الزمان ۽ ميان افتخار الدين مسلم ليگ ۾ رهيا. چوڌري صاحب کي مسلم ليگ جو صدر جناح صاحب جي استعيفا ڏيڻ تي چونڊيو ويو. پر لياقت علي خان کي اها ڳالهہ پسند نہ آئي، تنهن هن کي مسلم ملڪن جي اتحاد جي مشن سان ٻاهر موڪلي، پاڪستان جي انهن ملڪن ۾ سفارت خانن کي مخفي حڪم موڪليا تہ هن سان تعاون نہ ڪيو وڃي. ٻي طرف ميان افتخار الدين کي اهڙو تنگ ڪيائين جو هن کي مجبوراً مسلم ليگ کي ڇڏي ٻاهر نڪرڻو پيو.

سهروردي جناح عوامي مسلم ليگ ٺاهي ان جي معرفت ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. ان کي بہ گهڻيون تڪليفون ڏنيون ويون پر هو باوجود ان جي همت سان ڪم ڪندو رهيو. اسان، خان عبدالغفار خان جي صدارت هيٺ عوامي جماعت ٺاهي جنهن جو ذڪر اڳي ڪري آيو آهيان. ميان افتخارالدين مسلم ليگ مان ٻاهر نڪرڻ بعد آزاد پاڪستان پارٽي ٺاهي ان جي ذريعي عام راءِ کي منظم ڪرڻ شروع ڪيو.

حڪمران طبقي مخالفت کي ايئرڻ نہ ڏنو پر اقتدار لاءِ پاڻ ۾ لڙڻ شروع ڪيائون. جنهن جو احوال اڳي ڏئي آيو آهيان.

١٦٥٢ع تي سنڌ ۾ صوبائي اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون. اسان صوبائي بنياد تي سنڌ متحده محاذ ٺاهي چونڊون لڙيون. جنهن صورت ۾ مرڪزي حڪومت ۾ مسلم ليگ طاقت ۾ هئي، سنڌ جا وڏيرا اجا عوام مٿان غالب هئا تن حڪومت جو طرف ورتو. چونڊن ۾ اسان جا ست ميمبر چونڊجي سگهيا. اسان سنڌ اسيمبليءَ ۾ قوم پرستي ۽ سوشلزم جي پروگرام تي مخالفت ۾ ويهي ڪم ڪندا رهياسون.

جڏهن مهاجر پنجابي سامراجي گروه ڏٺو ته اڀرندي بينگال جي چونڊن ۾ جگتو فرنٽ طرفان مسلم ليگ کي سخت شڪست جو منهن ڏسڻو پيو آهي ۽ سنڌ جي مسلم ليگ وزارت، قوم پرست مخالف گروه جي همت افزائي ڪري رهي هئي. جهڙوڪ اسان جي طرفان پيش ڪيل ٺهراءُ ته ڪراچي وري سنڌ جي حوالي ڪئي وڃي، پاس ڪرايو.

سنڌ جي زمين، واپار، ڪارخانن تي سنڌين جا حق محفوظ ڪيا وڃن. مرڪزي حڪومت جي نوڪرين ۾ سنڌين کي سنڌن جائز حصو ڏنو وڃي، جا ٺهراءُ سنڌ اسيمبليءَ پاس ڪيا. سنڌي ٻوليءَ جي ترقي لاءِ ادبي بورڊ ۽ شاهه لطيف ڪلچرل مرڪز کي سنڌ سرڪار سٺيون گرانٽون ڏنيون ته پنجاب جي حڪمران طبقي کي خدشو پيدا ٿيو ته شايد سنڌ به بينگال وانگر سنڌن دائره اثر کان ٻاهر نڪري وڃي.

سنڌ کي ڪالوني بنائڻ جي اسڪيم هو تيار ڪري ويٺا هئا، تن حالتن کان خوفزده ٿي ون يونٽ ٺاهڻ جي رٿ ٺاهي.

چوڻ ۾ اچي ٿو ته اها اسڪيم چند پنجابي سامراج جي ڪارڪنن ٺاهي مخفي طرح مسلم ليگ ڪارڪنن ۾ وراهي هئي.

ان اسڪيم کي پوءِ مرڪزي اسيمبليءَ ۾ سردار عبدالرشيد پڙهي ٻڌايو جا "سيڪريٽريٽ ڊاڪيومينٽ" (مخفي دستاويز) جي نالي سان سڏي وئي.

انهي اسڪيم مطابق هنن پيرزاده وزارت کي ڊسمس ڪري کهڙي صاحب تان پروڊا جي بندش لاهي کيس وزيراعظم ڪيو. جنهن مونڪي، حيدر بخش جتوئي، قاضي فيض محمد وغيره قومي ڪارڪنن کي جيل ۾ موڪلي سنڌ اسيمبلي ميمبرن کي هيسائي، سنڌ کي ون يونٽ ۾ داخل ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪرايو. ون يونٽ کهڙي طرح سان ٺهيو. تنهن جو ڪجهه احوال مٿي ڏنل آهي. وڌيڪ مفصل احوال منهنجي ڪتاب "پنهنجي ڪهاڻي

پنهنجي زباني" مان پئجي سگهندو. جيل مان آزاد ٿيڻ بعد اسان وري مغربي پاڪستان جي ننڍن صوبن جي قوم پرست ڪارڪن جي ميٽنگ منهنجي بنگلي ڪراچيءَ ۾ خان عبدالغفار خان جي صدارت هيٺ سڏائي، اينٽي ون يونٽ فرنٽ ٺاهيو.

جنهن ۾ سرحد، بلوچستان ۽ سنڌ جي محب وطن ڪارڪن شرڪت ڪئي. سگهو ئي مغربي پاڪستان اسيمبليءَ جون ان سڌيءَ طرح اڳوڻن ميمبرن مان چونڊون ٿيون، سنڌ مان متحده محاذ جا ست ڪن ميمبر ان ۾ چونڊجي وياسون.

اسان مخالفت ۾ ويهي ننڍن صوبن جي عوام لاءِ موثر ڪم ڪيو. ان ڪان متاثر ٿي ميان افتخار الدين اسان سان سندس آزاد پاڪستان پارٽيءَ کي گڏي پارٽي ٺاهڻ جي خواهش ڏيکاري. ان تي اينٽي ون يونٽ ۽ آزاد پاڪستان پارٽيءَ کي گڏي مغربي پاڪستان لاءِ نيشنل پارٽي ٺاهي ويئي. ڪجهه وقت ڪان پوءِ عوامي ليگ ۾ مسٽر حسين شهيد سهرورديءَ جي پاليسي ڪري اختلاف پيدا ٿي پيو. عوامي ليگ جي صدر مولانا ڀاشاني اسان کي گڏجي صلاح مشورو ڪرڻ لاءِ پيغام موڪليا.

جنهن تي عبدالغفار خان، ميان افتخار الدين، محمود الحق عثماني، شيخ عبدالمجيد ۽ آئون گڏجي اوڀر پاڪستان وجي، مولانا ڀاشانيءَ سان گڏياسون.

هن اسان جي پارٽيءَ سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ آمادگي ڏيکاري. ان ڪان پوءِ ٢٥ جولاءِ ١٩٥٧ع تي ڍاڪا ۾ اسان جي نيشنل پارٽي ۽ هن جي عوامي ليگ جي نمائندن تي مشتمل هڪ ڪنوينشن گڏ ٿي. جنهن ۾ گڏيل پارٽي نيشنل عوامي پارٽيءَ جي نالي سان ٺهي. ان جو صدر مولانا ڀاشاني چونڊيو ويو ۽ نائب صدر شيخ عبدالمجيد سنڌي ٿيو. مغربي پاڪستان شاخ جو صدر خان عبدالغفار خان ٿيو.

ان ڪان پوءِ پاڪستان جي سياست ٽن گروهن ۾ وراهجي ويئي.

(١) هڪ مهاجر پنجابي سامراج جو گروه هو، جنهن ۾ مسلم ليگ، جماعت اسلامي ۽ نظام اسلامي وغيره فرقه پرست پارٽيون شامل هيون.

انهن اسلام، مسلم قوم ۽ پاڪستان جي حفاظت جي نالي ۾ مهاجر پنجابي سامراج جو تسلط پاڪستان تي قائم رکڻ گهريو ٿي.

(٢) ٻيو گروهه بينگال جي حقن جي حفاظت لاءِ عوامي ليگ وارو

هو. ان جو ليڊر حسين شهيد سهروردي هو. هن باجود غير فرقيوار جماعت ۽ قوم پرست ۽ سوشلسٽ پروگرام جي اهڙا طريقا اختيار ڪيا جنهن مان امريڪا ۽ مهاجر پنجابي سامراج جي ناراضگي نہ ٿئي.

هڪ تہ هن ون يونٽ جي خلاف ڪوبہ قدم ڪڻ نٿي گهريو جو ان ڪري پنجابي سامراج جي ناراضگيءَ جو باعث بنجي ها. هو سياست عمل جو سياستدان هئڻ ڪري ان ڳالهہ کان باخبر هو تہ پاڪستان جي حڪومت جو مدار سول سروس ۽ ملٽريءَ تي هو. انهن جي ناراضگي ڪري طاقت ۾ اچي ڪين سگهندو.

ٻيو تہ پاڪستان امريڪا ۽ سندس ساٿين جي مغربي محاظ واري گروپ ۾ داخل هئڻ ڪري امريڪا جي زير اثر هو. هتي جي حڪومت سازي ۾ امريڪن کي ڪافي دست رسي هئي. جي مغربي طاقتن جي مفاد جي خلاف ڪنهن بہ راءِ کي برداشت نہ ڪرڻ وارا هئا. تنهن ڪري هن امريڪن پاليسيءَ جي حمايت ۾ بيان ڏنا.

ٽيون گروه اسان جو هو. جي قوم پرستي، سوشلزم، سيڪيولرزم ۽ جمهوريت جا قائل هئاسون. ان گروه جا مدار المهام مولانا ڀاشاني ۽ خان عبدالغفار خان هئا.

انهي گروه جي مکيہ مقصدن ۾ :

(١) صوبن جي پاڪستان اندر ڪانفيڊريسي جي صورت ۾ مڪمل آزادي.

(٢) ٻير وارن ملڪن ڀارت ۽ افغانستان سان دوستانہ تعلقات.

(٣) بلاڪ پاورس کان علحدگي.

(۴) سوشلزم جي بنياد تي ملڪ جي تعمير.

(۵) سيڪيولر جمهوري طرز حڪومت جو قيام.

(٦) پارٽيءَ پاڪستان کي پنجن قومن جو وطن سمجهيو ٿي.

ان عرصي ڏاري ون يونٽ جي مخالفت ۽ نين چونڊن لاءِ هلچل طاقت وٺندي ويئي. اسان مغربي پاڪستان ۾ ون يونٽ کي ڊاهڻ جو ٺهراءُ پاس ڪرائي ڇڏيو هو.

قوي امڪان هو تہ نين چونڊن بعد قوم پرست جماعتون ڪثرت ۾ نمائندا چونڊي موڪلين. جنهن بعد ون يونٽ ڊهڻ ۽ مهاجر پنجابي سامراج جو خاتمو ٿئي. ان ڪري سول سروس ۽ ملٽري جنتا جا مهاجر پنجابي

سامراج جي اڳواڻ هئي، تنهن ٨ آڪٽوبر ١٩٥٨ع تي ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪري پهرين ان جو صدر سڪندر مرزا کي نامزد ڪيو پر جنهن صورت ۾ هن جو اصل واسطو اپرندي پاڪستان سان هو ان ڪري مذڪور بالا جنتا ان کي ٢٠ ڏينهن بعد ڪڍي فوج جي ڪمانڊر ان چيف جنرل محمد ايوب خان کي صدر بنايو.

جيئن تہ هو ون يونٽ ۽ ننڍن صوبن جي استحصال ۾ان جنتا جو هم خيال هو، تنهن ڪري هن جي هٿ هيٺ ڪجهہ وقت مارشل لا، پوءِ خود ساختہ آئين ذريعہ ڏهن سالن لاءِ حڪومت هلايائون.

ان جي دور حڪومت ۾ فسطائي طريقي موجب عوامي قوتن کي ڪمزور ڪرڻ جا ڪيئي طريقا اختيار ڪيا ويا. ناظرين جي واقفيت لاءِ ان جو مختصر احوال هيٺ ڏجي ٿو:

(١) اڪثر سياستدانن کي ايبڊو قانون هيٺ سياست ۾ حصو وٺڻ کان خارج ڪيو ويو. پريس، ريڊئي ۽ هر طرح جي پروپئگنڊا ذريعي پاڪستان جي سمورين خرابين لاءِ سياستدانن کي جوابدار ٺهرايو ويو.

جمهوري طريقہ حڪومت لاءِ پاڪستاني عوام کي نااهل قرار ڏئي، هڪ نئين آمرانہ نظام هيٺ حڪومت هلائي ويئي.

(٣) عوام جا بنيادي حق جهڙوڪ : تقرير، تحرير، جماعت سازي، آزاد راءِ جي اظهار وغيره کي ختم ڪري پريس تي ڪنٽرول ۽ سينسر رکي فسطائي خيالن جو پرچار شروع ڪري، سياستدانن کي حڪومت کان خارج ڪري هر محڪمي جي چارج سول سروس ۽ ملٽري عملدارن جي هٿ ۾ ڏني وئي ۽ انهن جي تعريف جا گيت ڳارايا ويا.

(۴) اسيمبلين ۾ سڌو نمائندا چونڊجڻ جو حق ووٽرن کان کسي يونين ڪائونسل جي ميمبرن ذريعي چونڊون ڪرايون ويون، جن تي قبضو رکڻ آسان ٿي سمجهيائون ۽ جن کي پوئلڳ ڪرڻ لاءِ هر قسم جون لالچون ڏنيون ويون ٿي.

(۵) آزاد خيال، قوم پرست سياستدانن جهڙوڪ : خان عبدالغفار خان، مولانا ڀاشاني، خان عبدالصمد خان، شاهزاده عبدالڪريم، نواب اڪبر خان بگٽي، حيدر بخش جتوئي، قاضي فيض محمد ۽ مونکي بنا ڪيس هلائڻ جي جيلن ۾ موڪلي طرح طرح جي نمونن سان تنگ ڪيو ويو.

(٦) عدالتي ڪاتي کي مرعوب ڪري ڪمزور ڪيو ويو. جنهن

ڪري هنن ۾ دم نہ رهيو هو تہ صحيح فيصلا ڏين. مثلاً مون کي ٽن مهينن جي نظربنديءَ لاءِ آرڊر ڪيل هو. جنهن آرڊر ۾ قانوني خاميون هيون. جڏهن منهنجي طرفان رٽ پٽيشن داخل ڪئي ويئي تہ ڪورٽ تي اثر هلائي ٽن مهينن تائين ڪيس نہ هلارايو ويو ان عرصي ۾ سرڪار تئين آرڊر ۾ اڳوڻيون خاميون درست ڪري ڇڏيون.

ٻي دفعي جي رٽ پٽيشن ۾ خسيس سوال تي ججن رٽ کي رد ڪري ڇڏيو. هڪ جج تہ دوستن سان اهڙو اظهار بہ ڪيو تہ چيف جج ٽيڻ جي وعدي تي اهو ڪم ڪيم.

(٧) ڪتابن جي ڇاپڻ تي پابنديون پيئون، منهن جا ١٩٤٧ع جا ڇپايل ڪتاب ١٩٥٩ع ۾ ضبط ڪيا ويا. مرحوم حيدر بخش جتوئيءَ جا نہ صرف ڪتاب ضبط ڪيا ويا پر سنڌ جي تعريف ۾ سنڌس نظم کي بہ ضبط ڪري ڪيس مڇ جيل ۾ رکيو ويو.

مغربي پاڪستان جي گورنر، جنرل محمد موسيٰ هڪ پبلڪ تقرير ۾ اظهار ڪيو تہ هن عملدارن کي حڪم ڪيو تہ جتوئيءَ کي خراب جيل ۾ رکو ۽ ساڻس جيل ۾ اهڙي روش اختيار ڪريو جيئن مري وڃي. ان جيل ۾ سنڌس طبيعت خراب ٿي پيئي. آزاد ٿيڻ بعد ٿوري وقت ڪان پوءِ وفات ڪري ويو. منهن جي لاءِ پبلڪ ميٽنگ ۾ ظاهر ڪيائين تہ هي اهڙو خطرناڪ ماڻهو آهي جو مون کي بہ روبرو چئي ڏنائين تہ هو ون يونٽ جي خلاف هو.

ان ڪري وري نظربند ڪيو اتمانس ۽ بيماريءَ ۾ ٻاهر نڪرڻ جي اجازت ڪانہ اتس ڀلي مري وڃي. منهنجي عزيزن جي وفات وقت عذرخواهي لاءِ بہ ٻاهر نڪرڻ جي اجازت ڪانہ ڏني ويئي.

جيل جو گهڻو وقت مون کي قيد تنهائيءَ ۾ رکيو ويو. گهران ڪاڌي گهرائڻ جي منع هئي. سي ڪلاس قيدين کي بہ ٻاهران پنهنجي خرچ تي فروٽ وغيره گهرائڻ جي اجازت هوندي آهي. ليڪن مون کي اي ڪلاس ۾ هئڻ جي باوجود بہ ڪا بہ شيءِ گهرائڻ تي بندش هوندي هئي. ان ڪري طبيعت خراب ٿي پئي.

هڪ قومي ڪارڪن حسن ناصر کي جيل ۾ سختي ڏيئي ماريو ويو ۽ سنڌس ماءُ کي پيو لاشو ڏيکاريو ويو. بلوچستان جي ڳوٺن تي بم باري ڪئي ويئي. ڪيترن کي جيلن ۾ موڪليو ويو. چند ماڻهن کي ڦاسيون ڏنيون ويون. سندن ڏوهہ اهو هو تہ هو قوم پرست هئا ۽ ون يونٽ جي خلاف هئا.

۴ مارچ ۱۹٦۷ع تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي شاگردن کي لنين سان مارون ڏياري جيلن ۾ موڪليو ويو. سندن ڏوهه قوم پرستي ۽ ون يونٽ جي مخالفت هو.

(۸) جمهوريت جي ختم ڪرڻ بعد سمورو ڪاروبار عملدارن جي هٿن ۾ ڏنو ويو، جن ڪان پڇڻ وارو ڪونه هو. ان ڪري سـاري ملڪ ۾ رشوت عام جام ٿي پيئي. ڪروڙها روپيا ساليانا ڪامورن جي گهرن ۾ وڃڻ لڳا.

ماڻهن کي دوکي ڏيڻ لاءِ رشوتي عملدارن تي انڪواري ڪميشن وهاري انهن جي اسڪريننگ ڪئي ويئي. ان جو زياده تر نزلو ننڍن صوبن جي ڪامورن يا اقتدار ۾ آيل عملدار گروه جي مخالفت تي وڃي پيو.

(۹) عـوام کي ڏيکارڻ لاءِ ته نئين سـرڪار سندن همـدرد هئي، زرعي زمين جي حد مقرر ڪرڻ جا آرڊر ڪڍيا ويا، جن موجب پنج سئو ايڪڙن کان مٿي زمين سرڪ. بنهنجي قبضي ۾ ورتي. جئن ته سنڌ ۾ وڏا زميندار گهڻا هئا، ان ڪري انهن جي زياده زمين سرڪار مڪاني هارين کي ڏيڻ جي عيوض زياده تر عام نيلام رستي نيڪال ڪئي ويئي جا پاهرين ماڻهن ورتي. ازانسواءِ سرڪار جي پوئلڳ ۽ جنرل ايوب خان کي شڪار ڪرائيندڙن کي مختلف بهانن تي هزارها ايڪڙ خاندان ۾ رکڻ جي اجازت ڏني ويئي.

(۱۰) اڳوڻي زماني ۾ بادشاهن جي تفريح لاءِ شڪار گاهون نهرائڻ جي نموني تي هتي به لکها روپيه خرچ ڪري جنرل ايوب خان لاءِ شڪار گاهن ۾ بنگلا نهرايا ويا. باغ رکايا ويا. شڪار ڪرڻ وقت سوها پوليس وارا حفاظت لاءِ رکيا ويندا هئا. جن جي آمدرفت ۽ انتظام تي لکها روپيه خرچ ٿيندو هو. زميندارن ۽ ڪامورن طرفان شڪار ڪرائڻ وقت وڏين ضيافتن جو انتظام ٿيندو هو. جن تي ڳائيندڙن، شراب ۽ طرح طرح جي کائن جو انتظام ڪيو ويندو هو، جن تي لکها روپيه خرچ ٿيندو هو. شڪار ڪندڙن زميندارن کي هزارها ايڪڙ زمين چراگاهن جي بهاني رکڻ جي اجازت ڏني ويئي.

(۱۱) صدر جي آمد مهل هزارها روپيه خرچ ڪري، ماڻهن کي لارين ۾ چاڙهي استقبال لاءِ ڪٺو ڪيو ويندو هو. خاص دروازا تيار ڪيا ويندا هئا. جهنڊا رستن تي لڳايا ويندا هئا. جيئن دنيا کي دوکو ملي ته عوام هن آمر

مان راضي هئا ۽ جمهوريت جي خلاف هئا.

(١٢) انهيءَ دور حڪومت ۾ مرڪزي حڪومت جا وزير جڏهن گشت ۾ ويندا هئا تہ وڏين هوٽلن ۾ سندن شاندار دعوتون ٿينديون هيون، جتي راڳ سرود جي سامان سان گڏ شراب جو جام استعمال ٿيندو هو. ڪن مجلسن ۾ اهڙي موج لڳندي هئي جو وزير صاحب خود نچڻ لڳندا هئا. ڪي خوشامندي سندن عيش آرام جو انتظام بہ ڪندا هئا.

(١٣) ڪمشنر ۽ ڊپوٽي ڪمشنر جي اختيارن ۾ واڌاري ڪري هو ٻاڻ ڪي ان سامراجي نظام حڪومت جا جزا سمجهڻ لڳا. ان ڪري سندن خوش ڪرڻ لاءِ انگريزي دور جي عملدارن کان بہ وڌيڪ سندن استقبال ٿيڻ لڳا. سندن ۽ انهن جي بيگمات جا فوٽا اخبارن ۾ ڇپجڻ جو عام رواج ٿي پيو. سارو ملڪ ڪامورن لاءِ چراگاه بنجي پيو.

(١٤) لوڪلباڊيز (ميونسپالٽيون ۽ لوڪل بورڊ) جا جمهوري طرز تي چونڊيل ادارا ختم ڪري انهن جي جاءِ تي بنيادي جمهوريتن جي نالي سان نئون سرشتو جاري ڪيو ويو. ان جي پهرين ڏاڪي تي يونين ڪائونسلون هيون. پوءِ تحصيل ڪائونسلون، ضلع ڪائونسلون ۽ ڊويزنل ڪائونسلون رکيون ويون. سواءِ يونين ڪائونسلن جي ٻيون سڀ ڪائونسلون نامزد ماڻهن تي مشتمل نهيون هيون، جن جا چيئرمين عملدار مقرر ڪيا ويا. انهن ۾ اڌ کان مٿي سرڪاري عملدار ميمبر ڪري رکيا ويا. انهن معرفت ٻاهرين مليل مدد کي اهڙو ناجائز ۽ غلط نموني سان صرف ڪيو ويو، جو جيڪڏهن چئجي تہ ان پيسن جو گهڻو حصو خرد برد ٿيو تہ بيجا نہ ٿيندو.

(١٥) ملڪ جي تعميري ڪمن لاءِ دنيا جي مختلف ملڪن کان جي قرض ڪنيا ويا، امدادون مليون تن مان الهندي پاڪستان لاءِ مقرر ڪيل رقم جو ٨٥ سيڪڙو پيسا پنجاب جي تعمير تي خرچ ڪيو ٿي ويو. ننڍن صوبن کي ١٥ سيڪڙو مليل رقمون بہ اڪثري سال جي آخر ۾ ڏيڻ ڪري خرچ نہ ٿيڻ سبب رد ٿي وينديون هيون.

(١٦) صوبن جي مڪاني زبانن کي منظم سازش ذريعي ختم ڪرڻ جي شروعات ڪئي ويئي. سنڌ ۾ نصب ٽيل ٽن براڊ ڪاسٽ اسٽيشنن تان جملي مقرر ٽيل وقت جو صرف ڏهہ سيڪڙو ٽائيم سنڌي زبان جي حوالي ٿيو ٿي، جنهن ۾ اڪثر پروگرام بيڪار هئا.

(١٧) پوسٽ آفيس، ريلوي اسٽيشنن، رستن، سرڪاري آفيس وغيره تي سنڌي ۾ نالا لکڻ بند ڪيا ويا. جنهن ڪري سنڌي نالا بدلجي مضحڪه خيز ٿي پيا هئا.

(١٨) ڪراچي شهر مان سنڌي اسڪولن کي گهٽائي انهن جي جاءِ تي اردو اسڪول کوليا ويا. هاءِ ۽ سيڪنڊري اسڪولن، ڪاليج ۽ يونيورسٽيءَ مان سنڌي زبان کي خارج ڪيو ويو. شهر جي گهٽين ۽ رستن جا اصل نالا مٽائي يو پي، سي پيءَ جي ماڻهن جا نالا رکيا ويا. جيئن سنڌي تاريخ کي مسخ ڪيو وڃي.

(١٩) سنڌ ۾ سنڌي شاگردن کي زوريءَ اردو پڙهائڻ شروع ڪئي وئي.

ليڪن اردو دان حضرات کي سنڌ ۾ رهڻ جي باوجود سنڌي سکڻ کان آزاد ڪيو ويو.

(٢٠) مکيه ڪاتا گڏيل بورڊن جي حوالي ڪري انهن جي واڳ غير سنڌي عملدارن جي حوالي ۾ ڏني وئي. جهڙوڪ : ريلوي، روڊ، ٽرانسپورٽ، بجلي زرعي اسڪيمون، پاڻي جي وراهست جو مسئلو، ڪارخانا ڪاٺيون وغيره اهي ادارا هيئين طرح سڏجڻ ۾ آيا :

P.I.C.I.C + W.P.I.D.C+A.D.C+R.T.C.+ W.A.P.D.A.

(٢١) منظم اسڪيم جي ذريعي سنڌ جون زمينون، واپار، ڪارخانا، نوڪريون، ڪاٺيون، بئنڪون، غير سنڌين جي حوالي ڪرڻ جي شروعات ڪئي وئي.

(٢٢) ضلع آفيسر اڪثري غير سنڌي هئڻ ڪري ٻاهرين کي ڊوميسائيل سرٽيفڪيٽ عام جام ملڻ لڳا. جنهن ڪري نوڪرين، درسگاهن ۽ ٻين ڪيترن شعبن ۾ ٤٠ سيڪڙي کان به مٿي غير سنڌي نمائندگي حاصل ڪري ويا.

(٢٣) بئنڪن تي اڪثري غير سنڌي عملي جي قبضي ڪري سنڌين کي سواءِ چند کو آپريٽو بئنڪن جي قرض ملڻ دشوار ٿي پيو. ان ڪري ڪارخانن کولڻ ۽ هلائڻ، واپار، زراعت جي واڌاري، ننڍن هنرن ۾ سنڌين جي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ پئجي وئي.

اهو آهي جنرل ايوب خان جي دور حڪومت جو مختصر احوال. ان کان پوءِ جنرل يحيٰ خان حاڪم ٿيو آهي. صرف ماڻهو بدليا آهن حالتون اڳي

ڪان بہ بدتر آهن. هيٺ جنرل يحيٰ خان جي دور حڪومت جو مختصر ذڪر ڪندس:

هن حڪومت جي واڳ هٿ ۾ وٺڻ بعد اعلان ڪيو تہ هو عارضي طور مارشل لا لڳائي حاڪم ٿيو آهي جلد ئي چوندون ڪرائي حڪومت جون واڳون عوامي نمائندن جي حوالي ڪندو.

جيڪي آزمودگار هئا تن کي پتو هو تہ جتي بہ اڪثر ملٽري ۽ سول سروس وارن اقتدار تي قبضو ڪيو آهي تن مشڪل سان واڳون عوام جي حوالي ڪيون آهن. افريقا، وچ اوڀر ۽ ڏکڻ امريڪا جا مثال انهن جي سامهون هئا.

پر ڪيترن اميد نہ لاٿي ۽ سمجهيائون تہ ممڪن آهي هي صاحب وعده وفائي ڪندا. پوءِ ساري ملڪ ۾ چوندن لاءِ تياري ٿي. عام طرح ائين ظاهر ڪيو ويو تہ حڪومت غير جانبدار رهندي ۽ چوندون منصفانہ طريقي تي ٿينديون. ليڪن عملي طرح ان جي برعڪس قدم کنيا ويا. حڪومت جي هڪڙي ڌر خان عبدالقيوم خان کي مدد ڏئي ان جي طرفان اميدوار بيهارڻ جي سٽ سٽي.

ڪن عملدارن پنهنجي پارٽيءَ کي مدد ڏيڻ شروع ڪئي. ائين نہ آهي تہ انهن عملدارن هڪ ٻي جي مخالفت ڪري اهڙي روش اختيار ڪئي پر سوچي سمجهي تجويز مطابق ماڻهن کي ورهائڻ لاءِ ائين ڪيو ويو هو. ٻنهي ڌرين طرفان ڪروڙها روپيہ خرچ ڪيا ويا. اهي ڪٿان آيا سا ڳالهہ لڪل نہ آهي. حڪومت جي ڪارندن طرفان عوامي ليگ، نيشنل عوامي پارٽي ۽ سنڌ متحده محاذ جي سخت مخالفت ڪئي ويئي.

ليڪن اپرندي بينگال ۾ انهي دست اندازيءَ جو ڪو اثر نہ ٿيو. انهن جا آئين ساز اسيمبليءَ ۾ ٣٠٠ جملي ميمبرن مان ١٦٧ ميمبر چونڊجي آيا.

اهڙيءَ طرح هنن واضح اڪثريت حاصل ڪئي. الهندي پاڪستان مان نيشنل عوامي پارٽي، جمعيت علماءِ پارٽي ۽ آزاد ميمبرن، شيخ مجيب الرحمان ليڊر عوامي ليگ سان حمايت جو اظهار ڪيو.

ليڪن جنهن صورت ۾ ملٽري جنتا کي اقتدار هٿن مان ڇڏڻ جو ارادو ڪونہ هو، هنن سنڌن حامي پٺتي کي همٿائي چوارايو تہ مغربي پاڪستان جي ميمبرن جي اڪثريت هن سان شامل هئڻ ڪري اقتدار ۾

ڪيس بہ پائيوار ڪيو وڃي نہ تہ هو بغاوت ڪندو.

انهيءَ بهاني جنرل يحيٰ خان آئين ساز اسيمبليءَ جو سڏايل اجلاس مهمل ڪري ڇڏيو ۽ يڪدم اڀرندي بينگال ڏي فوج موڪلڻ شروع ڪئي. امريڪا سان مشورو ڪري هٿيارن لاءِ آرڊر ڏنا. ان وچ ۾ شيخ صاحب کي آئينده پاڪستان جو وزيراعظم سڏي دوکي ۾ رکندو آيو. ١٢ فيبروري ١٩٧١ع ڌاري ملٽري گروه فيصلو ڪيو تہ حڪومت جون واڳون عوامي نمائندن جي حوالي نہ ڪيون وڃن.

ان لاءِ هيٺيان طريقا اختيار ڪرڻ لاءِ رٿ رٿيائون :

(١) جيسين تائين اڀرندي بينگال ۾ ملٽري تياري پوري طرح سان نہ ٿئي ان وقت تائين اڀرندي پاڪستان جي عوامي ليگ جي ڪارڪنن کي اونده ۾ رکي دير ڪرائي وڃي.

(٢) ان ڪان پوءِ يڪدم مارشل لا ملڪ سان لاڳو ڪري عوامي ليگ ڪارڪنن، بينگالي دانشمندن، قوم پرست نوجوان شاگردن جو قتل عام ڪري نسل ڪشي ڪئي وڃي. ملڪ ۾ اهڙي تباهي مچائي وڃي جو هندو ۽ عوامي ليگ ڪارڪن مجبور ٿي ملڪ ڇڏي وڃن.

(٣) اهڙي طرح ماڻهن کي گهٽائڻ بعد نئين آدمشماري ۾ بينگالين جو تعداد ڏيکاري هنن کي اڪثريت ڪان محروم ڪيو وڃي. سندن خالي جڳهين تي مهاجر ۽ پنجابي ڪالونائيز ڪيا وڃن. هندن جون ڇڏيل نوڪريون، ملڪيت هنن جي حوالي ڪيون وڃن.

(٤) الهندي پاڪستان ۾ قوم پرست ۽ جمهوريت پسند قومي ڪارڪنن کي جيل ۽ نظربندين ۾ رکيو وڃي.

(٥) اخبارن، ميٽنگن، تقريرن وغيره ذريعي اظهار راءِ تي پابندي وڌي وڃي.

(٦) هڪ طرف پنهي جي پيپلس پارٽيءَ کي اقتدار ۾ آڻڻ لاءِ دلاسي ۾ رکيو اچجي.

ٻي طرف فرقيوار پارٽين کي متحد ڪري پنهي جي سرڪشي ڪمزور ڪري حد اندر رکڻ جي ڪوشش ڪجي. آخر ۾ هنگامي حالتن جو اظهار ڪري، ٻنهي ڌرين کي نالي خاطر اختيار ڏئي طاقت سموري پنهنجي حوالي رکجي.

(٧) ايڏي وڏي قدم کڻڻ بعد عوام جو توجهہ ان مسئلي کان هٽائڻ

لاءِ هندستان دشمني ۾ ان ڪان خطري جي طرف چڪائجي.

هڪ طرف اهي سازشون سٽجي رهيون هيون ۾ لشڪر جا جهاز لاڳيتو. ايرن ي بينگال پهچي رهيا هئا ته ٻي طرف شيخ مجيب الرحمان کي آئنده جو وزيراعظم ڪوٺي دوکي ۾ رکيو ويو.

۱۸ فيبروري ۱۹۷۱ع تي جڏهن آئون ڍاڪا ۾ شيخ مجيب الرحمان سان مليس ته هن جي ڳالهين مان معلوم ٿيو ته هن کي ملٽري جنتا جي مذڪور بالا اسڪيم ۽ ارادن جو پورو علم هو.

ليڪن انهيءَ علم جي باوجود جڏهن صدر هنن سان ڳالهين ڪرڻ لاءِ مارچ ۱۹۷۱ع جي آخر ۾ ڍاڪا پهتو ته هن سائٽس ڳالهين ۾ حتي الامڪان ڪوشش ڪئي ته ڪنهن سمجهوتي تي پهچي سگهي، ته بهتر هو.

جنرل يحيٰ خان سندس حواري پٽي سان گڏ مختلف عذرن تي هر سمجهوتي جي ڳالهه ڪان نٽائيندو رهيو. جيسين تائين ڪ ملٽري تياري مڪمل ٿي ويئي.

ان سموري معاملي ۾ مسٽر پٽي اقتدار جي دلاسي ۽ خود مطلبي ڪري نهايت ڪريل ڪردار ادا ڪيو.

۲۵ تاريخ جنرل يحيٰ ملٽريءَ کي قدم ڪڻڻ جو حڪم ڏئي، پاڻ واپس مغربي پاڪستان پهتو. ان ڪان پوءِ بنگله ديش جو قتل عام شروع ٿيو.

ملٽريءَ بينگال جي دانشمند ۽ محب وطن سياستدانن مان جيڪي هٿ لڳن تن کي چونڊي قتل ڪيو. ان ۾ ڏهه لک بينگالي قتل ٿيا. هڪ ڪروڙ ملڪ ڇڏي پرواري ملڪ پارت ۾ وڃي پناه گزين ٿيا. ڏهن اربن ڪان به مٿي ملڪيت ۽ پين وسائل جي تباهي ٿي آهي.

هاڻ سندن بنهي حوارين کي گڏي نورالامين جهڙي هٿ ٺوڪيي کي وزارت ۾ شامل ڪيو اٿن. هندستان سان جنگ جاري آهي. وزيرن جا اختيار هنگامي حالتن ۾ ڪهڙا ٿي سگهن ٿا سو هر هڪ کي معلوم آهي!

هي سمجهن ٿا ته ايرندي بينگال ۾ عوامي ليگ کي ڪالعدم جماعت قرار ڏئي، انهن جي جاءِ تي پنهنجا چاڙتا ميمبر چونڊائي ڪين طاقت ڏيڻ سان حالتن کي ٺيڪ ڪري ويندا.

الهندي پاڪستان ۾ نيشنل عوامي پارٽيءَ کي ڪالعدم جماعت ٺهرائي شايد اتي به پنهنجا هٿ ٺوڪيا ميمبر چونڊائين.

ڪجهه وقت ٿيو تہ صدر صاحب بيان ڏئي جمهوري نظام قائم ڪرڻ جو ٻيهر دلاسو ڏنو آهي. ان تي نظر ڪريو تہ ان جو لب لباب ڪهڙو آهي.

(۱) آئين ساز اسيمبلي ختم ڪري قانون ساز اسيمبلي قائم رکي وئي آهي.

(۲) ملڪ جي مکيہ ٻن قوم پرست جماعتن کي بي قانوني ٺهرايو ويو آهي.

هڪ عوامي ليگ ۽ ٻي نيشنل عوامي پارٽي. ٻنهرين جي ڪيترن ميمبرن جون جايون خالي ٺهرائي، ان تي پنهنجي حامي گروهن جا ماڻهو چونڊيا ويا آهن.

ممڪن آهي نيشنل عوامي پارٽيءَ جي ميمبرن بابت بہ اهڙو قدم کنيو وڃي.

(۳) نظريہ پاڪستان يعني مسلمانن جي جدا گانہ قوم جي نظريي کي جيڪي نٿا مڃين، تن کي پاڪستان جو دشمن شمار ڪيو ويو آهي.

(۴) ملڪ جو آئين صدر پاڻ بنائي شايع ڪندو. ان ۾ ترميم، قانون ساز اسيمبلي سندس اجازت سان ڪري سگهي ٿي.

(۵) مارشل لا ملڪ سان لاڳو رهندو.

هاڻ اچو تہ ان مان هر هڪ نڪتي تي نظر ڪري ڏسون تہ انهي مان هنن جو مطلب ڪهڙو آهي:

## آئين ساز اسيمبلي ختم :

پاڪستان ۾ ابتدا کان وٺي آئين نہ ٿي نہ سگهيو آهي. جڪي ٺهيا سي بہ ختم ڪيا ويا. هينئر اميد هئي تہ عوامي نمائندن تي چڙيو ويندو تہ باهمي صلاح مشوري سان ڪثرت راءِ سان عوام جي فائدي وارو جمهوري آئين بنائين، پر ان اميد تي پاڻي ڦيري ڇڏيائون.

هاڻ آئين خود ساختہ ملٽري ڊڪٽيٽر بنائيندو، عوامي نمائندن کان اهو حق کسيو ويو آهي. اهو مهاجر پنجابي سامراج جو نمائندو صدر ڪهڙو آئين بنائيندو؟

ان جو هر هڪ ذي شعور ماڻهو کي پتو آهي تہ عوام جي نمائندن کان آئين بنائڻ جي حق کسڻ جو مطلب ئي اهو آهي تہ هو اهڙو آئين بنائي جو سامراجي گروهہ جي برقرار رکڻ جي ضمانت ڏئي.

## (٢) ملڪ جي مکيه جماعتن کي بي قانوني جماعت بنائڻ:

پاڪستان پنجن صوبن تي مشتمل آهي، جن مان رڳو بينگال جي آبادي سادا ست ڪرڙ آهي. اتي جي نمائنده جماعت جنهن ٩٩ سيڪڙو جايون کٽيون آهن، تنهن کي غير قانوني جماعت اهو ماٺهو ٺهرائي ٿو جو پاڻ غاصب آهي ۽ سامراج ٽولي جو گڏو آهي. هن کي ڪهڙو حق آهي ته پاڪستان جي خير خواهي، اسلام جي سلامتي ۽ مسلمانن جو محافظ سڏائي، عوام جي چونڊيل نمائندن کي خارج بنائي. هڪ طرف بينگال سان اهو ظلم ڪيو اٿس ته ٻي طرف صوبه سرحد ۽ بلوچستان جي اڪثريت پارٽيءَ کي به غير قانوني ٺهرايو اٿس.

هي ڪهڙي قانون سان انهيءَ جاءِ تي وينو آهي؟ هي پاڻ غاصب، غاصب ٽولي جو نمائندو، خود ساخته امين مقرر آهي. ان کي سندس مقرر ڪندڙن ان قدم کڻڻ لاءِ صرف ان ڪري ڪتب آندو آهي ته هو مهاجر پنجابي سامراج کي قائم رکي.

چونڊون اڳي ئي چڪيون آهن سندن ئي نگراني هيٺ. هاڻ عوام جي چونڊيل نمائندن کي ميمبريءَ کان خارج ڪري وري نيون چونڊون ڪرائڻ جي معنيٰ صرف اها آهي ته هو ڪابه اهڙي طاقت اقتدار ۾ آڻڻ نٿا چاهين، جنهن مان سندن استحصال کي خطرو ٿئي. اهي طريقا انگريزن جي ڏينهن ۾ به استعمال ٿي اچي چڪا آهن پر دنيا ڏسي ورتو ته اهي ديرپا نه رهيا. هينئر انگريز ڪٿي آهن؟

.ديدي ڪه خون ناحق پروانه شمع را - چندين امان نه داد ڪه شب تاسحر ڪند". هنن جو به اهڙو ئي حشر ٿيڻ وارو آهي، جهڙو ٻين سامراجي حڪمرانن جو. ليڪن حال مي "هُم بُڪم عمي" جو رستو اختيار ڪري رهيا آهن.

## (٣) نظريه پاڪستان کي نه مڃڻ وارا پاڪستان جا دشمن آهن:

نظريه پاڪستان مان سندن مراد مسلمانن جي جدا قوم جو نظريو آهي. جيڪڏهن ان نڪته کي ونبو ته پوءِ:

(١) اقوام متحده نظريه پاڪستان جي خلاف ٿي پوندي جو اها ان نظريي کي نٿي تسليم ڪري.

(٢) ساري دنيا جا ملڪ انهي نظريي ۾ سواءِ اسرائيل جي نٿا مڃين تہ پوءِ ساري دنيا ان نظريي جي خلاف شمار ڪبي.

(٣) سنڌي، بينگالي، بلوچ ۽ پختون قومن جا باشندا پاڻ کي جدا قوم تصور ڪن ٿا. سي سڀ دشمن پاڪستان ٿي پوندا ڇا؟

(۴) تازو چونڊن ۾ عام راءِ ٩٠ سيڪڙو ووٽ ان نظريي جي خلاف ڏنا.

ڇا ان جي معنيٰ اها ٿيندي تہ پاڪستان جا ٩٠ سيڪڙو ماڻهو پاڪستان جا دشمن آهن؟

(۵) هر سمجهدار ماڻهوءَ کي خبر آهي تہ ان نظريي ۾ اعتماد رکڻ سان پاڪستان جي اصل قومن جي وجود کان انڪار ڪرڻ جي مترادف ٿيندو.

(٦) انهيءَ نظريي ۾ اعتماد رکڻ سان مرڪز جي ملٽري جنتا جي قائم ڪرده سامراج کي تسليم ڪرڻ جي مطابق ٿيندو.

(٧) انهيءَ نظريي ۾ اعتماد رکڻ ۾ مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ جو راز مضمر آهي.

(٨) انهيءَ نظريي کي مڃڻ جو نتيجو اهو ٿيندو تہ فسطائي طريقہ حڪومت رائج ٿي جمهوريت جو خاتمو ٿئي.

(٩) انهي نظريي ۾ ويساه رکڻ بعد انساني بنيادي حقن تان هٿ کڻڻو پوندو. انهن حالتن هيٺ ڪنهن کي ڪٿيءَ ڪنيو آهي تہ انهي زهر قاتل جو استعمال ڪري.

## (۴) صدر آئين پاڻ ناهي:

پهرين هن ڳالهہ جو فيصلو ڪرڻ ضروري آهي تہ آئين ناهڻ جو ڪير مجاز آهي. آيا عوام جا چونڊيل نمائندا يا سامراجي ٽولي جو نامزد ڪيل صدر؟

هن وقت مهاجر پنجابي سامراجي ٽولي جو نامزد ٿيل هڪ فرد وقتي اقتدار جي نشي ۾ پرجي پاڻ کي ملڪ جي سياه و سفيد جو مالڪ سمجهي ملڪ مٿان آئين ٿاڦڻ گهري ٿو. ڪيس گذشتہ تاريخ جي واقعات مان سبق سکڻ گهرجي تہ اهڙا ڪيئي آئين ٺهيا وري ختم ٿي ويا. هن وقت خوف صرف ان ڳالهہ کان آهي تہ ڪنهن مهل مٿان اهي آئين سندن ختم ٿيڻ سان گڏ، پاڪستان جي خاتمي جو باعث بنجن.

تعجب جي ڳالھ آھي تہ ھڪ شخص واحد جو عوام جو نمائندو نہ آھي، سو آئين ساز اسيمبليءَ کي ختم ڪري ملڪ اڳيان پنھنجو آئين ٿاھي پيش ڪري ٿو ۽ عوام جي نمائندن کي چوي ٿو تہ ان ۾ تبديلي صرف منھنجي منظوري سان ڪري سگھو ٿا!

پاڻ خود غاصب آھي، ڪيس اھڙي قدم کڻڻ جي اجازت ڪنھن ڏني آھي؟

صاف ظاھر آھي تہ ھو ان عھدي تي ملٽري ۽ سول سروس جو نامزد ٿيل آھي. اھي ڪاتا ملڪ جي حفاظت ۽ انتظام لاءِ عوام جي پيسي تي پلجندڙ فردن سان پريل آھي. اھا ڳالھ ڪيتري قدر دانشمنديءَ جي ٿيندي تہ نوڪرن کي مالڪن خلاف تصادم لاءِ ڪڙو ڪيو وڃي؟

جتي مالڪ ۽ نوڪر جو تصادم ھوندو، اھو ڪارخانو يا ملڪ ڪھڙي طرح ھلي سگھندو؟

## (٥) جمھوريت قائم ڪرڻ بعد بہ مارشل لا لاڳو رھندو:

ھيءَ ڪھڙي قسم جي جمھوريت آھي تہ عوامي نمائندن جون حڪومتون مارشل لا جي سايي ھيٺ ھلايون وڃن؟

اھو اھڙو ڪم آھي جو ٻڪريءَ کي گاھ کائڻ لاءِ ڏجي پر ٻگھڙ پر ۾ ٻڌي ڇڏجيس. ھن ۾ ڪھڙو دم رھندو جو اھو گاھ کائي پيٽ ڀري.

جمھوريت عوام جي حڪومت آھي. مارشل لا يعني ڏاڍ جو قانون، سامراجي ٽولي جو ھٿيار آھي. ٻئي شيون متضاد ڳالھيون ھڪ ٻئي سان ڪھڙي طرح ٺي سگھنديون.

ھاڻ اچو تہ ان ڳالھ تي غور ڪريون تہ ھي جو چئي رھيا آھن تہ ھي جيڪي بہ ڪم ڪن ٿا سي پاڪستان جي يڪجھتي ۽ استحڪام لاءِ ڪن ٿا! سي پاڻ کي بہ دوکو ڏين ٿا ۽ عوام کي بہ گمراھ ڪن ٿا. اھي ڳالھيون پاڪستان کي بہ مضبوط نہ ڪنديون بلڪ ان جي پاڙ پٽينديون. جيڪڏھن واقعي پاڪستان کي يڪجھت ۽ مستحڪم ڪرڻو اٿئون تہ ھينئن ڳالھين تي ويساھ رکي ان موجب ھلڻو پوندو:

(١) پاڪستان کي پنجن قومي رياستن جي يونين تسليم ڪري، ھر ھڪ قوم واري ملڪ کي مڪمل طور خود مختياري ڏني وڃي.

ان خود مختياري ڏيڻ بعد باھمي رضامنديءَ سان انھن ملڪن جو

الحاق ڪانفيڊريشن ذريعي ڪيو ويجي. ملڪي سياست کي مذهب کان علحده ڪري حڪومت کي سيڪيولر بنيادن تي هلايو ويجي. ملڪ جو آئين جمهوري قسم جو هلايو ويجي ۽ آمرانہ نظام حڪومت کي ختم ڪيو ويجي. عوام جي اقتصادي حالت درست ڪرڻ لاءِ سوشلزم مطابق معاشي تعمير ڪئي ويجي ۽ ماڻهن کي مهاجر پنجابي استحصال کان آزاد ڪيو ويجي.

ملڪ جي علاقائي زبانن کي قومي زبانون تسليم ڪري، بين الصوبائي تعلقات لاءِ حال انگريزي يوءِ باهمي مشوري ۽ رضامنديءَ سان هڪ يا ٻہ زبانون قبول ڪيون وڃن. ٻر وارن ملڪن ڀارت ۽ افغانستان سان دوستانہ تعلقات قائم ڪيا وڃن. موجوده جنگي عهدنامن کان ملڪ کي ٻاهر ڪڍي غير جانبدار رکيو ويجي. گذريل تجربي جي بنياد تي قوي امڪان اهو ڏسڻ ۾ ٿو اچي تہ موجوده صاحب اقتدار گروه عقل کان ڪم وٺڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو؟

نتيجو اهو نڪرندو تہ بينگال تہ اڳ ۾ سندس آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪري رهيو آهي. باقي مغربي پاڪستان جي سنڌ، پختون ۽ بلوچ جي مظلوم صوبن کي جدوجهد ڪري، جند ڇڏائڻي پوندي.

## فصل چوٿون

# پاڪستان جي مستقبل تي نظر

آئون مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته پاڪستان جون موجوده حالتون ڪهڙيون آهن. هر ماڻهو، ملڪ ۽ قوم جو مستقبل، سندن حال جي آڌار تي تعمير ٿيندو آهي. جن جو حال درست نه آهي ان جي روشن مستقبل جي اميد رکڻ بي سود آهي.

جڏهن ڪن ماڻهن تي خدا جو عذاب نازل ٿيندو آهي ته انهن جون صورتون ۽ سيرتون بدلجي وينديون آهن. سندن قول ۽ فعل ۾ تفاوت اچي ويندو آهي.

هن وقت پاڪستان جي حالت ڪهڙي آهي؟ حڪمران طبقي جمهوريت جو گلو گهٽي ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪري آمرانه راڄ هلائي رهيو آهي. سول سرونٽ ملڪ جا مالڪ بنجي ان کي نچوڙي رهيا آهن. واپارين جي اها حالت آهي جو بليڪ مارڪيٽي، ذخيره اندوزي، شين ۾ ملاوت ۽ بيجا نفعي کي "هذا من فضل ربي" سمجهي شير مادر وانگر ملڪي پيسي کي پي رهيا آهن. ڪارخانن وارن ٿوري وقت اندر ايترو پيسو ڪمايو آهي جو جن وٽ لک هئا سي ڪروڙن جا مالڪ بنجي پيا آهن. پاڪستان جي سموري ملڪيت ٽيويهن ڪٽنبن ۾ اچي ڪٺي ٿي آهي. سرڪاري ملازمن جي اها حالت آهي جو ريلوي ۾ ٽڪيٽ ڪليڪٽر، بابو، پوليس وارا هر صلاح تي ماڻهن کان خانگي طرح پيسا وٺي، گاڏيءَ ۾ بنا ٽڪيٽ سواري ڪرائي لکها روپيه ريلوي کي نقصان پهچائين ٿا.

ٻيلن ۾ ڪاٺين جي وڍ عام جام آهي. ٻڪرين جي ٻيلي ۾ چرڻ تي بندش هوندي ٻيلي ڪاتي وارا ٻه روپيه في ماه ٻڪري وٺي غريب مالدارن کي ڦري، ڪاتي کي نقصان پهچائي پنهنجا گهر ڀري رهيا آهن.

انجنيري ڪاتي وارا پيسن کان سواءِ ٻوڪ لاءِ پورو پاڻي نٿا ڏين.

معيار زندگي بلند ٿيو آهي نہ بيروزگاري دور ٿي آهي. جمهوريت ختم ڪري حڪومت جون واڳون ملٽري جنتا هٿ ۾ڪنيون آهن، جي اقتدار عوامي نمائندن کي منتقل ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. اهڙي حالت ۾ پاڪستان جي مستقبل روشن ٿيڻ جي اميد رکڻ اجائي آهي.

پاڪستان جي روشن مستقبل ٿيڻ جو امڪان تڏهن ٿئي ها جڏهن گذريل فصل ۾ ذڪر ڪيل هينئين ڳالهين تي عمل ڪيو وڃي ها:

(۱) پاڪستان ۾ پنجن قومن جون رياستون قائم ڪري ان ۾ هرهڪ شامل ٿيندڙ ملڪ کي مڪمل خود مختياري ڏيڻ بعد باهمي رضامندي سان ڪن گڏيل مقاصد لاءِ ڪانفيڊريشن ٺاهي وڃي، جنهن ۾ هڪ قوم کي ٻي قوم جي تسلط ۽ استحصال جو خطرو نہ رهي.

آئون اڳي ڄاڻائي آيو آهيان تہ مهاجر پنجابي سامراج گروه اها ڳالهہ ڪڏهن بہ قبول نہ ڪندو. ٻي طرف وري مسلم قوم جي اصول کي ننڍن صوبن ۽ بينگال جا قوم پرست ڪنهن بہ صورت ۾ قبولڻ لاءِ تيار نہ آهن.

تنهن ڪري قوي امڪان آهي تہ جهڙيءَ طرح بينگال ۾ انهيءَ سوال تان سول وار هلي رهي آهي، انهي ساڳي قسم جي اختلافن جو مغربي پاڪستان ۾ بہ امڪان ٿئي.

هيءَ ڳالهہ صاف نظر پيئي اچي تہ مذڪور بالا سامراجي گروه، پاڪستان تي سندن تسلط ۽ استحصال جي ڳالهہ کان باز نہ ايندو ۽ ٻي طرف انهي ڇئني صوبن جا قوم پرست، پنهنجي حق خود ارادي ۽ آزاديءَ تان هٿ نہ کڻندا.

آخر گهڻي وقت تائين اسلام، پاڪستاني نظريي، هندن جي دشمني جي نعرن تي ماڻهن کي بيوقوف بنائي رکي سگهندا. نيٺ ماڻهو تنگ ٿي مورڳو اهڙي پاڪستان کان ٻاهر نڪري ويندا.

(۲) ٻيو مکيہ ڪارڻ پاڪستان جي اڪثر خرابين ۽ مشڪلاتن جو، مهاجر پنجابي سامراج ٽولي طرفان اسلام جي نالي ۾ سندن استحصال قائم رکڻ جو آهي. انهيءَ استحصال ۾ ٽي طبقا دلچسپي رکن ٿا.

۱. پنجاب جو ملٽري ۽ سول سروس گروه.
۲. مهاجرن جو سرمائيدار ۽ ڪامورو گروه.
۳. حڪمران طبقي جو نمڪ خوار ملا.

جنهن صورت ۾ انهن ماڻهن جي دلچسپي جي وجوهات جي تشريح،

معاملي فهمي ۾ مدد ڏيندي ان ڪري مختصر سمجهاڻي هيٺ ڏيان ٿو.

## (ا) پنجاب جو مستقل مفاد :

آئون اڳي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ پنجاب جي ايراضي ۵۵۰۰۰ هزار چورس ميل آهي، سندس آبادي ۳ ڪروڙ آهي، هڪڙو ان جو حصو سرسبز آهي ٻيو بارش تي آباد ٿيندڙ آهي. گذريل ٻن مهاڀاري لڙاين ۾ اتي جا سپاهي انگريزي لشڪر ۾ ڀرتي ٿي، مختلف محاذن تي لڙيا. ان مان ڪين هيٺيان فائدا ٿيا:

(الف)پگهارن ۽ ملٽري مقاطعن ذريعي هو چگو پيسو گڏ ڪري سگهيا.

(ب) جنگي تربيت حاصل ڪري لشڪر ۾ گهڻي تعداد ۾ داخل ٿي ويا.

(ت) اهڙي طرح ڪمايل پيسا ۽ انگريزن جي سرپرستي ڪري، تعليم حاصل ڪرڻ بعد ڪافي تعداد ۾ سول سروس ۾ داخل ٿي ويا.

(ث) پيسي جي آڌار تي واپار ۽ ڪارخانن ذريعي اقتصادي طرح مضبوط ٿي ويا. هنن جي سماجي ۽ اقتصادي حالت اهڙي هئي جهڙي جپان ۽ جرمنيءَ جي هئي. جن وٽ بہ آبادي گهڻي، پيسا جام، جنگي تربيت، واپار ۽ هنر ۾ دست رس هئي. جهڙي طرح جرمني ۽ جپان، حالات ڪان مجبور ٿي ملڪي توسيع ۽ سامراج لاءِ بہ جنگيون لڙيون، اهڙي طرح پنجابين ڪي بہ سندن سامراج قائم ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿي.

هنن مان هڪ گروه ڪي ساري هندستان اندر لشڪر، واپار، نوڪرين ۽ ڪارخانن۾ سکن، راجپوتن، مرهٽن ۽ مارواڙين جي مقابلي جو خدشو پيدا ٿيو. تنهن ڪري انهن پاڪستان جي صورت ۾ جدا ملڪ حاصل ڪري ان ۾ استحصال لاءِ هڪ هٽي قائم ڪرڻ گهري.

پاڪستان انهيءَ مقصد سان قائم ڪرايائون. ان جي قيام بعد جڏهن جدا صوبن جي قومن طرفان سندن حقن جي تحفظ جي گفتگو شروع ٿي تہ انهيءَ ڪان جان آزاد ڪرڻ لاءِ هنن مسلم قوم جي نظريہ هيٺ ساري ملڪ جي نوڪرين، واپار، زمين ڪارخانن تي ڪليل مقابلي ۽ مرڪزي حڪومت ۾ اقتدار حاصل ڪرڻ ذريعي تسلط قائم ڪيو.

ان جي ردعمل ۾ باقي چئن صوبن جي قوم پرستن ۾ سندن خلاف ناراضگي پيدا ٿي. ان تي هنن ناراض ٿي انهن کي اسلام دشمن، صوبہ

پرست، انتشار پسند، نظريہ پاڪستان جا دشمن ۽ ڀارت جي ايجنٽن جي نالن سان سڏڻ شروع ڪيو. انهن کي سزائون ڏنيون. مٿن سختيون ڪيون ۽ هر صوبي ۾ لالچ ۽ دٻاءَ ذريعي پنهنجا پنو ۽ پوئلڳ پيدا ڪري پنهنجو تسلط قائم رکڻ گهريو. اهڙي روش ڪري پاڪستان جي يڪ جهتي ۽ استحڪام جي عيوض نفاق ۽ نفرت وڌندا وڃن ٿا.

## (٣) مهاجرن جو سرمائيدار ۽ ڪاموره گروه

جڏهن پاڪستان جي هلچل وقت مسلم اقليت وارن صوبن جي مسلمانن، ان ۾ خاص دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي ته اڪثر مسلم اڪثريت وارن صوبن جي رهاڪن کي تعجب ٿيندو هو تہ هي ماڻهو درخت مٿان ويهي ان جي پاڙ ڪپي رهيا آهن. ڪين پتو نہ آهي تہ ان مان هنن لاءِ ڪهڙا اگرا نتيجا نڪرڻ وارا آهن. انهيءَ مسئلي تي مسلم اڪثريت وارن صوبن جي اهل راءِ ٻن راين جو اظهار ڪيو:

(١) هڪڙا ان راءِ جا هئا تہ هي ويچارا سچا مسلمان آهن. اسلام ۽ مسلم قوم جي بچاءَ خاطر پاڻ قربان ڪرڻ جي پاليسي مطابق اها روش هلي رهيا آهن.

(٢) ٻيا ان راءِ جا هئا تہ هن ۾ مسلم اقليت وارن صوبن جي مسلم ڪاموري ۽ شاهوڪار طبقي جي گهري چال هئي تہ ان نئين ملڪ ۾ هي پنهنجو سامراج قائم ڪن. هنن مغل شهنشاهن جي دور حڪومت ۾ يا ان کان پوءِ انگريزي حڪومت وقت سندن صوبن ۾ خاص مراعات حاصل ڪيون هيون. ١٩٣٥ع جي سڌارن بعد حڪومت ۾ حصي نہ ملڻ ۽ عوام جي بيدار ٿيڻ بعد، هنن خطرو محسوس ڪيو تہ آئنده سندن اها برتري ۽ استحصال قائم رهي نہ سگهندو.

مسلم جاگيردارن کي سندن جاگيرون وڃائڻ جو خطرو هو. مسلم ڪامورن کي هندو تعليم يافتہ طبقي کي سندن آباديءَ جي لحاظ سان حصي ملڻ جو خوف هو. واپارين ۽ ڪارخانيدارن، هندو واپاري ۽ ڪارخانيدار جي مقابلي کان بچڻ لاءِ نئين ملڪ ۾ ماحول ۾، پنهنجي اقتصادي ترقيءَ لاءِ ميدان هموار ڪرڻو هو.

تنهن ڪري هنن ملڪ جي ورهاڱي ۽ پاڪستان جي قيام ۾ دلچسپي ورتي. وڏن صوبن جي عوام کي اسلام ۽ مسلم قوم جي تحفظ جي نالي ۾ بيوقوف بنايائون، جي: اوهان جي روشن مستقبل ۽ آزاديءَ لاءِ لڙي رهيا

آهيون.

اهڙيءَ طرح هنن سوچي سمجهي هڪ منصوبي تحت پاڪستان جي تحريڪ ۾ حصو ورتو. جڏهن ملڪ وراهيو ته هنن لڏي اچي ان تي قبضو ڪيو. مسلمان ڪامورن پاڪستان ۾ نوڪري لاءِ پنهنجو انتخاب ڪرايو. انهن هندن جي ڇڏيل نوڪرين تي قبضو ڪيو. جنهن سبب مڪاني رهاڪن لاءِ نوڪرين ۽ واڌاري جي راهه بند ٿي ويئي.

جڏهن مسلم اڪثريت جا مسلمان تعليم ۾ گهٽ هئا ته نوڪريون هندن جي هٿ ۾ هيون پر جنهن وقت هو تعليم حاصل ڪري نوڪرين لاءِ اهل بنيا ته اسلام ۽ مسلم قوم جي نالي ۾ اچي مهاجرن ان تي قبضو ڪيو، جنهن ڪري نفاق پيدا ٿيو.

اها هئي ڪاموري ڪلاس جي روش، ٻي طرف اتي جي زميندارن يا مصنوعي زميندارن، هندن جي ڇڏيل زمين تي آبادڪاريءَ جي بهاني تي اچي قبضو ڪيو.

سنڌ ۾ ميرن جي زماني ۾ هندن ڪي زمين ڪانه هئي، ان ڪان پوءِ انگريز دور حڪومت ۾ هنن قرضن وغيره ذريعي اهي مسلمان زمينون آبادگارن کان هٿ ڪيون هيون.

١٩٣٥ع جي سڌارن بعد اسان سنڌ اسيمبليءَ ۾ قانون انتقال ايراضيءَ جو بل پيش ڪري، ان جي موٽائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي پر هندن ۽ انگريزن جي رڪاوٽ ڪري اهو پاس نه ٿي سگهيو. مسلم آبادگار اميدون رکيو وينا هئا ته پاڪستان جي قيام بعد اهي زمينون موٽائي هٿ ڪندا پر هنن کي ڪهڙي خبر هئي ته هي اسلام جا علمبردار بازن کان بچڙا ٿي، مورڳو پاڻ زمينون قبائي ويندا.

سنڌي مسلمان سواءِ ميمڻن، خوجن ۽ بورين جي واپار ۾ دلچسپي ڪو نه وٺندا هئا. جيئن آهستي ٿي واپار ۽ انڊسٽريز جي فائدن مان واقف ٿيڻ لڳا ته هندن جي ڇڏيل تڪيل واپار، ڪارخانن ۽ دڪانن تي مهاجرن اچي قبضو ڪيو. هو اتي ئي رهجي ويا. اهو به پاڪستان ۾ نفاق ۽ انتشار جو باعث بنيو.

جڏهين به مڪاني ماڻهن سنڌن حقن جي حفاظت جي گهر ڪئي ته انهن کي اسلام، مسلم قوم ۽ پاڪستان جي اتحاد جي نالي ۾ رد ڪيو ويو ٿي.

چي: اسلام سنڌي، مهاجر ۽ پنجابي ۾ فرق متائي ڇڏيا هئا. مسلمان سڀ پائر هئا، انهن ۾ سنڌي ۽ غير سنڌيءَ جو ويڇو وجهڻ غير اسلامي ڳالهه هئي.

مطلب تہ سنڌي سڏائڻ گناهه ٿي پيو. ساڳي روش سنڌ جي زبان ۽ تهذيب متعلق اختيار ڪيائون. چي: اردو اسلامي زبان هئي. پاڪستان انهيءَ لاءِ ٺهيو هو. سنڌين جي تهذيب بقول ميان لياقت علي خان جي ”گڏهن هڪلڻ ۽ انن ڪاهڻ جي هئي“ ان ڪري اردو، سنڌين تي زوريءَ مڙهي، ڪراچي شهر مان سنڌيءَ کي خارج ڪري ڇڏيائون. ريڊين، سئنيمائن ذريعي اردو زبان کي فروغ ڏنو ويو. رستن تان نالا مٽائي سندن ماٽهن جا نالا رکيائون مطلب تہ هر جڳهه تي اردوءَ کي غالب ڪيو ويو.

ساري سنڌ تي مهاجر ۽ پنجابي مستقل مفاد گڏجي قابض ٿي، سنڌين کي غلام رکڻ جو منصوبو سٽي ڇڏيو آهي. ممڪن آهي هتي بينگال جهڙيون حالتون بنائي، سنڌين کي لڏڻ لاءِ مجبور ڪن. بينگالين جو مددگار، ٻيو پارت جي طرف وارو اڌ بينگال هو جن وٽ لڏي وڃي پناهه ورتي هئائون. سنڌين کي تہ اها اميد بہ نہ آهي جو هتان لڏي ويل سنڌي هندو خود شرنارتي ۽ منتشر آهن.

## (۳) حڪمران طبقي جو نمڪ خوار ملا :

اصل کان عالمن ۾ ٻہ گروه رهيا آهن. هڪڙا علماء دين ٻيا علماء سوء. پهريان پرهيزگار، خدا پرست ۽ ايماندار هئا، جن ماٹهن جي اخلاقي درستي، تزڪيہ نفس لاءِ گوشہ نشيني اختيار ڪري چپ چاپ ۾ خدمت پئي ڪئي.

ٻي گروه حڪمران طبقي جي خوشامد وسيلي سُکيو گذران حاصل ڪري پنهنجي آقائن جي سهوليت ۽ فائدي خاطر مذهب کي مروڙي پئي پيش ڪيو.

اهي ٻئي گروه جا ملا هئا جن منصور کي سنگسار ڪرايو. شمس تبريز جي کل لهرائي. بلاول کي گهاڻي ۾ پيڙايو. سرمد کي قتل ڪرايو. شاه عنايت کي شهيد ڪرايو.

اهي هر دور ۾ رهيا آهن. هن وقت بہ اهو ساڳيو گروهہ مهاجر پنجابي سامراج جو آلہ ڪار بنجي اسلام جي نئين تعبير ڪري سنڌين، بلوچن، پختونن ۽ بينگالين جي قوميتن کي ختم ڪرڻ، انهن جي واپار،

ڪارخانن، نوڪرين تي قابض ٿيڻ لاءِ سندن رزاق حاڪمن جي تسلط ۽ استحصال لاءِ جواز پيدا ڪري رهيو آهي. انهيءَ گروه جا سرغنہ جماعت اسلامي، يوپيءَ جا ملا، نظام اسلامي ۽ مسلم ليگ جا حواري ملا آهن.

هنن انهي سامراج جي گروه جي خوشيءَ لاءِ اسلام ڪي ايترو مسخ ڪري، ماڻهن جي سامهون پيش ڪيو آهي جو ان ڪري قوم پرست ۽ ترقي پسند نوجوانن جو گروه، ذري گهٽ اسلام کان منحرف ٿيڻ جي اچي ويجهو ٿيو آهي. ٻي طرف وسوڙل ۽ ابن الوقت ماڻهن انهن جي اسلامي تشريح کان گمراه ٿي، پاڻ کي مهاجر پنجابي سامراج جي غلاميءَ لاءِ تيار ڪري ڇڏيو آهي.

پاڪستان تحريڪ جي زماني ۾ هنن اسلام جي حفاظت، مسلمانن جي بچاءُ، حڪومت الاهيہ وغيره جا خوش ڪن لفظ ڪتب آڻي مسلمانن کي گمراهہ ڪيو. جنهن تي مسلم اڪثريت وارن صوبن جي رهاڪن، ملڪ جي ورهاڱي ۽ پاڪستان جي قيام لاءِ ڪوشش ڪئي. پاڪستان جي قيام بعد ملن، ساڳي مهاجر پنجابي سامراجي گروه جي تسلط ۽ استحصال جي قائم رکڻ خاطر، نظريہ پاڪستان يعني مسلمانن جي جدا قوم ۽ اسلامي حڪومت جو راڳ ڳائي، ساده سنڌي عوام کي گمراه ڪرڻ شروع ڪيو آهي.

هو اسلام جي صحيح تعليم کان واقف نہ آهن جو اسلام جي اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم جي اصولن کي وساري ماڻهن ۾ نفرت ۽ نفاق پيدا ڪرڻ ۽ دقيانوسي خيالن جي تبليغ ۾ مشغول ٿي ويا آهن.

شاهہ لطيف عليہ انهن لاءِ چئي ويو آهي تہ:

**" دنيا خاطر دين وڃائي ولها ٿيا "**

تازو اليڪشن ۾ الهندي پاڪستان اندر مهاجر ايراضين، سرحد، پنجاب ۾ ملن کي چڱا ووٽ مليا آهن. انهيءَ مان معلوم ٿئي ٿو تہ مودودي، هزاروي، نوراني ۽ ٿانوي وغيره جي ملن جو ماڻهن تي اجان ڪجهہ اثر آهي.

هتي سنڌ ۾ پيپلس پارٽي باوجود سندن ليڊر جي ابن الوقت پاليسيءَ جي ملن جي طاقت گهٽ ڪرڻ ۾ چڱو ڪردار ادا ڪيو آهي. ليڪن اها ڳالهہ ڪافي نہ آهي. سنڌ، سرحد سندن پيرن تي تڏهن بيهي سگهندا، جڏهن انهي مردار طبقي جي پاڙ پٽجي ويجي.

سنڌ ۾ انهيءَ مهاجر پنجابي سامراجي طبقي جي ايجنٽ طور پيرن

به گهٽو ڪم ڪيو آهي. ان جو ڪارڻ اهو آهي ته هي سندن آبائي و اجداد جي روايات خلاف عياش ٿي پيا آهن. تنهن ڪري لالچ ۾ ابن الوقتي ڪري حڪومت جا دلال ٿي ڪم ڪن ٿا.

انهن جو به مُلن سان گڏ جيسين تائين خاتمو نه ٿيو آهي، ملڪ جون حالتون درست نه ٿينديون. هاڻ آئون پاڪستان جي قيام بعد پنجاب ڪانسواءِ، ٻين صوبن سان روش اختيار ڪئي ويئي آهي، تنهن جو ذڪر ڪندس.

پهرين ان سوال کي سمجهڻو آهي ته مهاجر پنجابي سامراجي گروهه پاڪستان جي يڪ جهتي ۽ استحڪام لاءِ جي طريقا استعمال ڪري رهيو آهي، سي ڪهڙا آهن ۽ ڪيتري قدر مفيد ٿيندا؟

## سامراجي گروهه جا طريقه :

(١) فسطائي نظريه سياست.

(٢) ان جي تبليغ لاءِ مختلف طريقا.

(٣) چئن صوبن جي رهاڪن ۾ نفاق پيدا ڪري تسلط قائم رکڻ.

(٤) گڏيل منصوبه بندي.

انهن چئني طريقن جو مهاجر پنجابي سامراج ڪهڙي طرح استعمال ڪيو آهي، ان جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

## ا. فسطائي نظريه سياست :

هي نظريو سندس جديد صورت ۾ هٽلر جي دور حڪومت جرمنيءَ ۾ نمودار ٿيو. هن ملڪ ۾ پنجابي سامراج جي فروغ لاءِ علامه اقبال، ان جي تتبع تي اسلام جي تعبير ڪري ملڪ جي ورهاڱي لاءِ ميدان هموار ڪيو. هاڻ مهاجر پنجابي سامراجي طبقو، انهيءَ کي پنهنجي سامراجي تسلط قائم رکڻ ۽ استحصال لاءِ حربي طور استعمال ڪري رهيو آهي. ان نظريي کي مذڪوره ذيل چئن ستونن تي تعمير ڪري حڪومت هلائين ٿا.

١. مسلمانن جي چونڊيل قوم جو تخيل.

٢. ڪمزور قومن جي رهبري.

٣. لائقن جي حڪومت.

٤. تشدد جو استعمال.

انهن چئن نقطن جي مختصر تشريح هيٺ ڏجي ٿي.

### (ا) مسلمانن جي چونڊيل قوم جو تخيل:

تاريخ جي ماهرن کي پتو آهي ته هٽلر جرمنن کي چونڊيل قوم قرار

ڏئي پروارن ملڪن تي قابض ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي شروعات انهيءَ ارادي سان ٿي. ان نظريي مطابق، هن جرمن کي آريہ نسل جي چند شاخ هئڻ ڪري چونڊيل قوم قرار ڏنو. انهي نظريي اختيار ڪرڻ لاءِ ڪهڙا سبب هئن. ان جو اڳ ۾ ذڪر ڪري آيو آهيان. وڌيڪ احوال فسطايت خلاف لکيل ڪتابن مان ملي سگهندو. هتي پاڪستاني حڪمران طبقي ساڳيو نظريو هن ردوبدل سان پيش ڪيو تہ ”مسلمان مذهب جي بنياد تي چونڊيل قوم هئا.“

حقيقت ۾ نہ جرمن چند آريا نسل هئا نہ پاڪستان جا مسلمان چونڊيل قوم هئا. ائين تہ فرانس، انگلينڊ، اٽلي وغيره ملڪن جا باشندا بہ آرين نسل سان تعلق رکندڙ هئا، پوءِ انهن جي مخالفت ڪري مٿن تسلط وهارڻ مان مطلب ڪهڙو هو؟

مقصد پورو پيو آهي تہ جرمن سامراجي ٽولي عوام کي انهيءَ خوش ڪن نظريي جي ذريعي گمراه ڪري پنهنجو سامراج پروارن ملڪن تي قائم ڪرڻ گهريو ٿي.

بعينہ مهاجر پنجاب مستقل مفاد سامراج گروه جڏهن مسلمانن جي چونڊيل قوم جو نعرو هنيو ٿي تہ ان مان عوام کي گمراه ڪري، سندن تسلط سنڌي، بلوچي، پختون ۽ بينگالي قومن تي قائم ڪري، انهن ايراضين جو استحصال ڪرڻ گهريو ٿي.

هتي جڏهن مسلمانن جي چونڊيل قوم جو نالو ٿي ورتو تہ ان مان سندن مقصد مهاجر ۽ پنجابي سامراجي ٽولو هو نہ سنڌي، بينگالي، پختون ۽ بلوچي عوام.

انهن جي نظر ۾ بينگالي مسلمان نہ هئا. تنهن ڪري نہ انهن جو قتل عام جائز ٺهرايو اٿن. باقي مغربي پاڪستان جون ٽي ننڍيون قومون غير مهذب ۽ جاهل هيون. جن کي مهذب ڪرڻ ۽ سڌارڻ جي مشين خدا طرفان کين سپرد ٿيل هئي. ان ڪري انهن جي اصلاح لاءِ مٿن حڪومت ڪرڻ سندن لغت ۾ جائز هو.

## ٣. ڪمزور قومن جي رهبري :

جهڙيءَ طرح هٽلر خود ساختہ برگزيدگيءَ جي بنياد تي پروارن ڪمزور آرين قومن جي رهبري ۽ سڌارو پنهنجي پروگرام جو جزو بنايو هو. ان جي جواز ۾ ڪتاب ”مين ڪئنف“ لکي سندس پروپيگنڊسٽ گيوبلس

ذريعي عـام راءِ کي تبـديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اهڙيءَ طرح هن گـروه بہ جڏهن مـسلمـانن جي چونڊيل قـوم جو ذڪر ڪيـو. ان مـان مطلب، مـهاجر پنجابي سامراجي گـروه هو. حـال جن ڪـمزور، پنـتي پيل، اسلامي تعليم کان عاري قومن جي رهبري ۽ سڌاري جو بوجو سر تي کنيو هئـائون سي پاڪسـتان ۾ رهاڪو پنجاب کان ٻاهر رهندڙ چئن صوبن جون قومون هيون.

هنن جا پيغامبر، سر سيد احمد خان ۽ علامہ اقبال هئا. گيوبلس جماعت اسلامي آهي. اسان سڀ اڻ سڌريل، غير صالح، ڪمزور، اسلامي تعليم کان غير واقف آهيون. بقائي اصلح جي اصول مطابق، هنن صالحن جي تحفظ ۽ تربيت هيٺ رهڻ لاءِ ٻڌل هئاسون.

## (۳) لائقن جي حڪومت :

انهيءَ نقطہ نگاه موجب هو خدا طرفان اسان جهڙن قومن مٿان راڄ ڪرڻ جا اهل هئـا. انهيءَ مـوجب مـاڻهن جي اڪـثريت جاهل هئي جي رمـوز مملڪت کان واقف نہ هئـا. ان ڪري مـهاجر پنجابي سـامـراج جي چونڊيل ٽولي کي سندن ڊڪٽيـٽـرشپ قـائم ڪري حـڪـومت ڪرڻي هئي. اسـان جمـهوريت جي اهل نہ هئاسون. دنيا کي دوکو ڏيڻ لاءِ محدود جمـهوريت (Controlled Democracy) ملڪ ۾ مـروج ڪيائون ٿي. جنهن جو آئين ۽ طريقہ ڪار مقرر ڪرڻ جو صرف انهي ٽولي کي حق هو. جماعت هڪ رکڻي هين. جي گـهٽيون ٿي پون تہ انهن کي ملائي هڪ ڪري هلائڻو هون. قـوم پرست ۽ آزاد راءِ وارن کي دٻائي ختم ڪرڻو هون. ڪابہ جمـاعت جا سندن فسطائي اصولن جي خلاف هجي، ان کي بي قانوني ٺهرائي بند ڪرڻو يا ڪـم از ڪـم غيـر اسـلامي ۽ ملڪ دشـمن جمـاعت جي لقبن سـان نوازي بدنام ڪرڻو هون. مخالفن کي جي قانوني طرح ختم نہ ڪرائي سگهجي تہ ٻين طريقن سـان بہ ختم ڪرڻو هون. جهـڙي طرح ليـاقت علي کي قـتل ڪرايائون. خواجہ ناظم الدين جي وزارت کي ڊسمس ڪيائون. حسن ناصر الدين کي جيل ۾ مارايائون. حيـدر بخش جتوئيءَ کي جيل ۾ تڪليف ڏئي بيمار ڪيائون، وغيره. ڪيترائي مثال سندس طريقہ ڪار جا آهن. پاڪستان جي قيام کان وٺي اڄ تائين حڪومت جو ڪاروبار، اڻ لائق ماڻهن پي هلايو آهي. آئنده ان جو ڪهڙو حشر بنائين، ان جو فيصلو مستقبل جي تاريخ ڪندي.

## (۴) تشدد جو استعمال :

تشدد جا حامي سندن پاليسيءَ جو جواز بقائي اصلح جي فلسفي تي رکن ٿا ، موجب "جنهن جي هٿ ۾ لٺ آهي، اهو ئي حڪومت جو لائق آهي."

هن ٽولي عوام کي نااهل ٺهرائي حڪومت جي واڳ پنهنجي هٿ ۾ رکي آهي. ان تخيل موجب نااهل حيواني صفتن سان موصوف ٿين ٿا سي سواءِ تشدد جي درست ٿي نه سگهندا. تنهن ڪري زور زبردستي، سندن ڪتاب ۾ جائز آهي. ڪميونسٽ چين وانگر هي زور زبردستيءَ ۾ اعتماد رکن ٿا. جهاد سندن مول متو آهي، هنن جا جهاد به مختلف قسمن جا ٿين ٿا. "هندستان جي هندن خلاف جهاد، پختونستان جي پختونن خلاف جهاد، بينگال جي باغين خلاف جهاد، سنڌ ۽ بلوچستان جي قومن خلاف جهاد، سوشلزم خلاف جهاد، جمهوريت خلاف جهاد، مطلب هر اها ڳالهه جا سندن سامراجي مفاد جي خلاف هجي، ان کي دٻائي ختم ڪرڻ وٽن جائز آهي. ان لاءِ جيل، ڦاسيون، اخبارن تي بندشون، لاٺي چارج، جماعت سازيءَ تي بندش، تقرير ۽ تحرير جي ممانعت، قتل عام ڪرڻ سندن تشدد جا طريقا آهن.

مخالف کي ڪافر، ملڪ دشمن عناصر، ڀارت يا افغانستان جو ايجنٽ، علاقائي تعصب رکندڙ، انتشار پسند ڪوٺي سزائون ڏيڻ هنن جو ڏنڌو ٿي پيو آهي. فريادي به پاڻ ته وڪيل ۽ جج به پاڻ ٿين ٿا. مشهور ترقي پسند شاعر فيض احمد فيض انهن لاءِ چيو آهي ته:

**بني هين اهل حوص مُدعي بهي منصف بهي**
**کسي وکيل کرين کس سي منصفي چاهين**

## (۳) فسطايت جي تبليغ :

هٽلر جي فسطائي گروه جي تتبع تي هنن به سندن پروپيگنڊا کي هيٺين طريقن تي هلائڻ شروع ڪيو آهي:

(۱) اسلام ۽ مسلم قوم جي سر بلنديءَ جو بهانو.
(۲) مخالفن کي دشمن ٺهرائي انهن خلاف نفرت ڦهلائڻ.
(۳) پروپيگنڊا جا جملي ذريعا ماتحت رکي ڪتب آڻڻ.
(۴) ڪوڙ کي بار بار دهرائي سچ ثابت ڪرڻ.

انهن طريقن جي وضاحت هيٺ ڪجي ٿي:

### (ا) اسلام ۽ مسلم قوم جي سربلنديءَ جو عذر :

آئون مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ هنن جي لغت ۾ اسلام ۽ مسلم قوم جون معنائون عام تسليم ٿيل دستور کان علحده آهن جيئن تہ:

### هنن جو اسلام

- جمهوريت جي عيوض آمريت جو حامي آهي.
- محبت جي عيوض نفرت جو مخزن آهي.
- بقائي باهميءَ عيوض بقائي اصلح جو قائل آهي.
- هيٺن جي حمايت عيوض ڏاڍن جي پوئلڳيءَ جي تلقين ڏي ٿو.
- ڪمزور پاڪستاني قومن مٿان مهاجر پنجابي سامراج جي تسلط کي جائز ٺهرائي ٿو.
- قوم پرستي، سوشلزم ۽ سيڪيولرزم جو دشمن آهي.
- سندن راءِ صرف حڪمت ۽ موعظه الحنه جي عيوض ڏنڊي ۽ دشنام دهي ذريعي ڇڪڻ گهري ٿو.

تنهن ڪري اها ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻي آهي تہ جڏهن هي ٽولو اسلام جي سربلندي ۽ فروغ جي گفتگو ڪري ٿو تہ ان مان سندن مطلب ڪهڙو آهي.

هي حقيقي ۽ اوليائي ڪرام جي بيان ڪيل اسلام جي خلاف آهن.

هاڻ ڏسو تہ هنن جو مسلم قوم مان مطلب ڪهڙو آهي.

### مسلم قوم مان هنن جو مقصد :

- مهاجر پنجابي سامراج ٽولو آهي.
- نفرت جي باهہ پيدا ڪندڙ گروه آهي.
- آمريت ذريعي حڪومت ڪرڻ واري سول سروس ۽ ملٽري جنتا آهي.
- خود ساختہ صالحن جي حڪمراني آهي.
- سنڌي، بينگالي، پختون ۽ بلوچ جي وجود کان انڪار ڪندڙ گروه آهي.
- قوم پرستيءَ جي مخالف سرمائيدار ۽ فرقي پرست جو طبقو آهي.
- استحصال، ظلم، جبر ۽ بداخلاقيءَ جا حامي افراد آهن. تنهن ڪري جڏهن هي مسلم قوم ۽ ان جي حفاظت جو ذڪر ڪن ٿا تہ ان مان سندن مذڪور بالا سامراجي گروهن جي حفاظت آهي ۽ نہ پاڪستاني عوام

جي.

### ٣. مخالفن خلاف نفرت ڦهلائڻ :

عام ماڻهن تي عقل جي ڳالهہ جو ايترو اثر نٿو ٿئي جيترو جذباتي نعري جو. هٽلر جڏهن جرمن قوم کي منظم ڪرڻ گهريو تہ هن پهرين عالمي جنگ ۾ جرمنيءَ جي شڪست جو مُکيہ ڪارڻ يهودين جي مخالفت کي ٺهرائي، انهن خلاف نفرت جي بنياد تي جرمن عوام کي منظم ۽ متحد ڪيو.

انهن جي تتبع تي مسلم ليگ وارن هندن جي نفرت جي بنياد تي مسلمانن کي متحد ڪري ملڪ جو ورهاڱو ڪرايو. ساڳي بنياد تي موجوده مهاجر پنجابي سامراج ٽولو عوام جو توجهہ، حقيقي مسئلن کان هٽائڻ واسطي هندن، قوم پرستن، سوشلسٽن، سيڪيولرسٽن ۽ جمهوريت جي حامين کي دشمن ٺهرائي، انهن جي خلاف نفرت ڦهلائي پنهنجي تنظيم ڪرڻ گهري ٿو. ان لاءِ :

"هندستان جو هندو" باوجود ملڪ ڌار ٿيڻ جي سندن نفرت جو حدف رهي ٿو.

"قوم پرست مسلمان کي." سندن سامراج جي راهہ ۾ رڪاوٽ سمجهي ان کي نفرت ڪري ٿو.

"سيڪيولرسٽ" کي هو سندن فسطائيت ۽ ڪٽرپڻي جو مخالف سمجهي نفرت ڪري ٿو.

"جمهوريت پسندن" کي هو سندن آمريت جو دشمن سمجهي نفرت ڪري ٿو.

"سوشلسٽ" کي هو سندن استحصال جو مخالف سمجهي نفرت ڪري ٿو.

"سياستدانن" جي خلاف پروپئگنڊا ڪرڻ ان سلسلي جي ڪڙي آهي.

بدقسمتي اها آهي تہ هن گروہ جي ايجنٽ مُلن جيڪا اسلام جي تعبير ڪئي تنهن سان بہ نفرت سان ڀريل آهي.

### ٣. پروپئگنڊا جا جملي ذريعا پنهنجي هٿ ۾ رکڻ:

آمرانہ حڪومتون صرف هڪ پارٽي رکن ٿيون. ان کي زور وٺائڻ لاءِ هو اخبارن کي زوريءَ يا لالچ ذريعي پنهنجي هٿ ۾ رکي نشريہ ڪاتي

طرفان خاص هدايتن ذريعي پروپئگنڊا ڪرائيندا هئا.

اهي ريڊئي، ٽيليويزن، سئنيمائن وغيره کي به انهيءَ مقصد لاءِ ڪتب آڻين ٿيون. انهيءَ واسطي لکها بلڪ ڪروڙها روپيه خرچ ڪيا وڃن ٿا.

ڪيترا عالم، شاعر، ليکڪ خريد ڪري انهي ڪم لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن هاڻ ته درسگاهن، مسجدن کي به هي سامراجي ٽولو مٿي ذڪر ڪيل فسطائي نظريي جي پرچار لاءِ ڪتب آڻي ٿو.

## (۴) ڪوڙ کي بار بار دهرائڻ :

جرمنيءَ جي مشهور پروپئگنڊسٽ گيوبلس جو چوڻ آهي ته، "ڪوڙ کي بار بار دهرائڻ سان ماڻهو ان کي سچ سمجهڻ لڳن ٿا."

بعينه انهي بنياد تي هتي پاڪستان جي سامراجي ٽولي هيٺين غلط ۽ ڪوڙين ڳالهين کي بار بار دهرائي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي:

(۱) "مسلمانن جي جدا گانه قوم جو نظريو" دنيا جي ڪنهن به ملڪ ۾ انهيءَ قسم جي قوم، سواءِ اسرائيل جي نه آهي.

(۲) "اسلامي نظام حڪومت جو تصور" ان جو دنيا ۾ ڪٿي به مثال ڪونه ٿو ملي.

(۳) "سنڌي، بينگالي، بلوچ ۽ پختون قومن جي وجود کان انڪار" هيءَ به عجيب ڳالهه آهي ته هزارن ورهين جي قومن جي وجود کان انڪار ڪرڻ، قوم پرستيءَ کي مذهب جي خلاف شمار ڪرڻ، ۲۴ سالن جي نوزائيده سلطنت کي هڪ ملڪ تصور ڪرڻ.

(۴) افغانستان ڀارت کي خواه مخواه دشمن قرار ڏيڻ.

(۵) سوشلزم کي اسلام جي خلاف شمار ڪرڻ.

(٦) بينگالين جي ڪثرت راءِ فيصلي کي ٺڪرائي، انهن کي ملڪ جو غدار ۽ هندستان جو ايجنٽ سڏڻ.

اهي ۽ اهڙي قسم جي ٻين ڳالهين کي اهو سامراجي ٽولو بار بار دهرائي سچو ثابت ڪرڻ گهري ٿو.

## ۴. گڏيل منصوبہ بندي :

هي گروه سڀ اقتصادي واڳون پنهنجي هٿ ۾ رکڻ خاطر گڏيل منصوبہ بنديءَ جي بهاني تي مضبوط مرڪز جي گهر ڪري ٿو.

ڇي: ملڪ جي تمير ۽ ترقيءَ لاءِ ڪڏيل منصوبہ بندي ضروري آهي.
اهڙيءَ طرح هي اقتصادي مسئلا پنهنجي هٿ ۾ رکي. استحصال لاءِ ڪم آڻي
ٿو. ان واسطي :

ٻاهريون، واپار، مٽا سٽا، مکيہ ٽئڪس جهڙوڪ ڪسٽمس، انڪم ٽئڪس، سيلس ٽئڪس، ايڪسائيز ڊيوٽي مرڪز جي حوالي رکڻ گهري ٿو. هن وقت تائين انهيءَ پاليسي مان جيڪي نتيجا نڪتا آهن، ان جو اختصار هيٺ ڏجي ٿو:

(١) مٽا سٽا ذريعي ڪمايل ٻاهرين ناڻي جو ٢٠ سيڪڙو مس بينگال تي خرچ ڪيو ويو آهي. حالانڪہ انهيءَ جي ڪمائي ٥٠ سيڪڙو ڪان مٿي آهي. انهن نقصانن ڪان متاثر ٿي انهن ۾ علحدگي جو رجحان پيدا ٿيو آهي.

(٢) ڪارخانا کولڻ لاءِ ٻاهرين مٽا وارو پيسو، مخصوص ڌرين کي الاٽ ڪري پاڪستان ۾ ٢٣ ڪٽنبن کي شاهوڪار ڪيو اٿن جن ۾ اڪثريت مهاجرن ۽ پنجابين جي آهي.

(٣) مرڪز جي جملي ٣٠٠ ڪروڙ بجيٽ مان ٦٠ سيڪڙي ڪان وڌيڪ پنجاب تي خرچ ڪيو وڃي ٿو. حالانڪہ مٿي ذڪر ڪيل ٽيڪس ۽ مٽا ذريعي ڪمايل پئسي جو گهڻو حصو ڪراچيءَ سنڌ مان پيدا ٿئي ٿو.

(۴) سرڪاري طرح جيڪي هنري ڪارخانا کوليا ويا آهن جن تي مغربي پاڪستان ۾ ٻن سئو ڪروڙن ڪان بہ مٿي رقم خرچ ڪئي ويئي آهي، ان مان ٧٠ سيڪڙو ڪارخانا پنجاب ۾ کوليا ويا آهن.

(٥) انهيءَ منصوبہ بندي جي نالي ۾ بجلي، پاڻي، ڪاڻين، زرعي سڌارن جي ڪاتن تي، انهيءَ سامراجي گروه جو قبضو رهي ٿو.

(٦) گذريل ٢۴ سالن ۾ براج، ٽيوب ويل، رستا، پليون، بجلي وغيره جا ڪم اڪثر پنجاب ۾ ڪرايا ويا آهن.

جيئن تہ پاڪستان جي قيام ڪان وٺي، مرڪزي حڪومت تي قبضو ان سامراجي گروه جو رهيو آهي، ان ڪري ڪابہ ڳالهہ جا مضبوط مرڪز جي لاءِ ڪئي وڃي ٿي ان جو مقصد انهي گروہ جو تسلط ۽ استحصال ٿئي ٿو.

انهن اسڪيمن کي سرانجام ڪرڻ لاءِ هنن رومن سامراج جي مکيہ پاليسي " ويڙهائي راڄ ڪرڻ، تي هلندي ننڍن صوبن ۽ بينگال ۾ جدا گروهہ پيدا ڪري کين ورهائي ڇڏيو آهي. سندن اختيار ڪيل طريقن جو مختصر

ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

### (ا) سنڌ ۾ سنڌين پاليسيءَ جو ذڪر :

سنڌين ڪي ويڙهائڻ جو ٻج، پاڪستان جي قيام کان اڳ ئي مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ ڇٽيو هو. حاجي عبدالله هارون ۽ اسان سنڌ جي ڀلي خاطر، هڪ غير فرقيوار جماعت اتحاد پارٽي جي ٺالي سان ٺاهي هئي. پر جڏهن هندن جي مستقل مفاد طرفان، عوامي مفاد جي قانونن ۽ تعميري ڪمن ۾ رنڊڪون پوڻ شروع ٿيون ۽ اسان ان کان ناراض ٿياسون ته ان جو فائدو وٺي مسلم ليگ اچي سنڌ ۾ ديرو ڄمايو.

١٩٣٧ع اليڪشن ۾ هن جو هڪ ميمبر به ڪونه چونڊيو هو. الهه بخش مرحوم قوم پرست خيالن جو هو، جو اتحاد پارٽيءَ جي اسيمبلي پارٽيءَ جو ليڊر هو. هن جي وزارت وقت ڊل وڏائڻ جي سوال تان اتحاد پارٽيءَ ۾ اختلاف ٿي پيو. ان تان ناراض ٿي اسان مسلم ليگ کي عوام سان روشناس ڪرايو. اهو وقت هو جو وزيرن جي خوف کان ميمبر مسلم ليگ کي ويجها به نه ايندا هئا. ليڪن جڏهن ليگ سنڌ ۾ زور ورتو ته مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ سنڌين هر جنس ۽ هر طبقي گروهه جو طرف وٺي، اسان کي ليگ مان خارج ڪري ڇڏيو. سر غلام حسين ۽ مير غلام علي خان واري گروهه، مسلم ليگ سان ڪيئي دفعا دغا ڪئي هئي ۽ اڪثري عوامي مفاد جي خلاف هلندا هئا. ليڪن ليگ هاءِ ڪمانڊ، باوجود انجي اليڪشن وقت انهن کي ترجيح ڏئي اسانجي مخالفت ڪئي.

پڙهندڙ شايد ائين سمجهن ته اهي ڳالهيون ڪن رواجي مسلم ليگ ليڊرن کان سرزد ٿيون هجن ته سنڌين واقفيت لاءِ ظاهر ڪرڻ گهران ٿو ته انهيءَ سموري پاليسيءَ لاءِ خود جناح صاحب جوابدار هو. هن مرحوم محمد علي شاهه جهڙي تعليم يافته ۽ ايماندار ماڻهوءَ خلاف اهڙي ماڻهوءَ کي ٽڪيٽ ڏئي آفيسرن معرفت ڪامياب ڪرايو. جنهن تي دفعه ١١٠ قلم هيٺ سزا ڪاڏي هئي. ان بابت زياده معلومات حاصل ڪرڻ واسطي منهن جا ڪتاب "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" ۽ "پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني" پڙهڻ گهرجن. ١٩٤٦ع جي اليڪشن ۾ مسٽر کهڙي کي سنڌ اسيمبليءَ ۾ اڪثريت حاصل ٿي، ليڪن جناح صاحب جمهوري دستور جي خلاف سر غلام حسين کي وزيراعليٰ ڪيو.

ليڪن ڪجهه وقت ڪانپوءِ سر غلام حسين گورنر مقرر ٿيو ۽ کهڙو

وزيراعليٰ ٿيو. ليڪن ڪراچيءَ جي مرڪز کي نه ڏيڻ ۾ ٻين ڳالهين ڪري هن کي وزارت مان ڊسمس ڪري پير الاهي بخش کي وزيراعليٰ ڪيو. جيتوڻيڪ هن جي سياست ابن الوقتي رهي هئي. هن مرحوم الهه بخش جي دور وزارت ۾ جناح صاحب خلاف گهڻ وڏ ڳالهايو هو. بعد ۾ گورنر دين محمد هٽائي. سنڌ جي سيني وزيرن کي ويڙهائي وزارت سسپينڊ ڪري گورنري راڄ قائم ڪري، سنڌ جي سيني زمينن تي پنجابين کي ڪالونائيز ڪرڻ شروع ڪيو ويو. ان ساري عرصي ۾ سنڌي سياستدانن جي هڪ گروه کي پنهنجو پڻو بڻائي پي ڪم آندو اٿن. جڏهن به ڪنهن گروه سنڌن مرضيءَ مطابق ڪم نه ڪيو ته ان کي ڪڍي وري ٻيا حواري بنايا اٿن. اهڙي طرح ڪڏهن کهڙو، ڪڏهن قاضي فضل الله، ڪڏهن يوسف هارون، ڪڏهن پيرزاده عبدالستار ۽ وري کهڙو پي آندو اٿن.

ان ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي راءِ جو خيال نه رکيو اٿن. سموري ڦير گهير ان سامراجي ٽولي پي ڪئي آهي. سنڌي قوم پرست ۽ ترقي پسند ڪارڪن، هميشه سنڌن دشمنيءَ جو شڪار پئي رهيا آهن. انهن کي مختلف عذر تي نظر بند ڪرڻ ۽ جيل ۾ موڪلڻ سنڌن مرغوب مشغلا پئي رهيا آهن. انهيءَ مان سنڌن پاليسيءَ ۽ ڪارنامن جو پتو پئجي سگهي ٿو.

### (۳) بينگال ۾ سنڌن پاليسيءَ تي نظر :

آل انڊيا مسلم ليگ تي گهڻو ڪري مسلم اقليت وارن اصولن جي سياستدانن جو قبضو رهيو آهي. جن جي پاليسي، مسلم اڪثريت وارن صوبن لاءِ نقصانڪار رهي آهي. بينگال به انهي ناروا روش کان بچي نه سگهيو آهي.

پهرين هنن مولوي فضل الحق ۽ خواجه ناظم الدين جي گروهن ۾ اختلاف پيدا ڪري، مولوي فضل الحق کي گورنر جي معرفت وزارت اعليٰ تان هٽارايو ۽ خواجه ناظم الدين کي رکيو. ٽين چونڊن بعد جڏهن مسٽر حسين شهيد سهروردي گڏيل بينگال جو وزيراعليٰ ٿيو ته ملڪ جي ورهاڱي کان پوءِ هن کي هٽائي وري خواجه صاحب کي رکيائون. بعد ۾ خواجه صاحب جي گورنر جنرل ٿيڻ بعد ان جي جاءِ تي نورالامين کي آندائون. سهرورديءَ کي سنڌن راءِ مطابق نه هلندڙ ڏسي ان کي آئين ساز اسيمبليءَ مان خارج ڪيو ويو. بعد ۾ جڏهن بينگال جي ٽين چونڊن ۾ مسلم ليگ کي شڪست فاش ملي جا شڪست در حقيقت مسلم ليگ هاءِ ڪمانڊ جي پاليسيءَ خلاف بي اعتمادي جي ووٽ برابر هئي پر ان سامراجي جنتا، طاقت جي آڌار تي وري

جگتو فرنٽ ۾ نفاق پيدا ڪري بينگالين کي ڪتيل اليڪشن جي فائدي کان محروم ڪيو.

ساري عرصي ۾ ڪڏهن محمد علي بوگرا، ڪڏهن نورالامين، ڪڏهن فضل القادر، ڪڏهن محمود علي جهڙن ماڻهن کي اڳيان ڪري بينگالين ۾ خانہ جنگي پيدا پي ڪئي اٿن.

تازو اليڪشن ۾ عوامي ليگ جي مخالفت ۾ گهڻين ڌرين جي همت افزائي ۽ مدد ڪيائون پر ان ۾ بينگالي عام راءِ جي سجاڳ هئڻ ڪري ناڪامايي نصيب ٿين. جنهن کي عوامي ليگ ڪالعدم جماعت ٺهرائي بينگال جي نمائندن کي صوبہ خواه مرڪز ۾ اقتدار کان محروم ڪري، پنهنجي هٿ ٺوڪئي ۽ پنوءَ کي گورنر مقرر ڪيائون. رسوائي جهان ماڻهن کي وزارت ۾ رکي دنيا کي دوکو ڏنو ويو تہ اتي جمهوري حڪومت قائم هئي.

## ٣. بلوچستان سان سامراجي ٽولي جا ظلم :

جناح صاحب ۽ لياقت علي خان بئي انهيءَ سامراجي ٽولي جا اڳواڻ هئا. جن اڪثريت وارن صوبن جي عوام کي محڪوم ۽ غلام بنائي، سندن استحصال قائم رکڻ گهريو ٿي. بلوچستان هڪ قوم پرست علائقو هو. ان ۾ پنجابي عملدارن معرفت مسلم ليگ کي زور وٺائڻ جي ڪوشش ٿي. ان لاءِ جناح صاحب ولايت مان تازو پڙهي آيل قاضي محمد عيسيٰ کي بلوچستان صوبہ مسلم ليگ جو صدر ۽ آل انڊيا مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر مقرر ڪيو.

جڏهن ان جي افاديت گهٽ ٿي تہ نواب جوگيزئي ۽ نواب رئيساڻي جي همت افزائي ڪئي ويئي. مسلمانن جي پراڻي گهر تہ بلوچستان کي سڌارا ڏنا وڃن جن جي مسلم ليگ حمايت ڪئي هئي. گول ميز ڪانفرنس وقت جناح صاحب جي چوڏهن نقاطي مسلم ڊيمانڊ ۾، بلوچستان کي ٻين صون جهڙا حق ڏيڻ جي گهر ڪيل هئي.

انگريزن انهن ٺهراون جي پرواه نہ ڪئي ۽ سڌارا نہ ڏنا. پر قوي اميد هئي تہ پاڪستان بنجڻ کان پوءِ اها پراڻي شڪايت دور ڪئي ويندي. پر مسلم ليگي حڪمران جڏهن طاقت ۾ آيا تہ پنهنجي انگريز آقائن جي نقش قدم تي هلندي، هتي بلوچستان جي رهاڪن کي جمهوري سڌارا تہ نہ ڏنا بلڪ عام قانون بہ لاڳو نہ ڪيا. اتي حڪومت سول سروس جي مقرر ڪيل جرگن جي معرفت هلندي رهي.

سول سروس قبائلي سردارن جي وچ ۾ اختلافن کي زور وٺائي، اختلاف وڌائي، پنهنجي ماتحت رکڻ جي پاليسي هلائي. جناح صاحب ١٣ مهينا زنده هو. لياقت علي خان ۴ سال جيئرو هو، ليڪن بلوچن لاءِ ڪجهه نه ڪيائون. بلڪ اتي جي قوم پرست ۽ ترقي پسند بلوچ خواه پٺاڻ ڪارڪنن تي سختيون ڪري، هنن کي جيلن ۾ موڪلي ڪمزور ڪرڻ جي پاليسي هلائيندا آيا.

شهزاده عبدالڪريم، غوث بخش بزنجو، سردار خير بخش خان مري، نواب اڪبر خان بگٽي، سردار عطاءُ الله خان مُينگل، عبدالصمد خان اڇڪزئي، سڀ انهي دشمنيءَ جا شڪار ٿي جيلن ۾ ويا. ڪن کي ڦاسيون ڏنيون ويئون. ڪن جي ڳوٺن تي بمباري ڪئي ويئي آهي. آئنده انهن سان ڪهڙو سلوڪ اختيار ڪيو ويندو. ان جو پتو ان ڳالهه مان پوي ٿو ته صوبي ۾ هر مکيه عهدي تي مذڪوره بالا جنتا پنهنجا عملدار مقرر ڪيا آهن. جن صوبي کي پنجابين سان ڪالونائيز ڪرڻ شروع ڪيو آهي. اها ابتدا آهي، ان جي انتها ڪٿي بيهندي؟ اها ڳالهه مستقبل جي پردي ۾ لڪل آهي.

## ۴. پختون ايراضيءَ ۾ انهي گروه جا ڪارناما :

اهي پٺاڻ ئي هئا جن گذريل صديءَ جي آخر کان وٺي انگريزن خلاف جنگيون ڪيون هيون. انهيءَ دشمنيءَ ڪري ۽ ڪجهه انتظامي سهوليتن خاطر پختونن کي انگريزن هيٺين پنجن حصن ۾ وراهي ڇڏيو هو ۽ سندن ملڪ جو نالو پختونستان جي عيوض صوبه سرحد رکي، اتي پشتو جي عيوض اردو زبان کي دفتري زبان بنايو هو.

(١) هڪ حصو بلوچستان ۾ رکيائون.

(٢) ٻيو حصو ترائيبل ايريا جي نالي سان ظاهر ڪيائون.

(٣) ٽيو حصو سيٽلڊ ايريا سڏي صوبه سرحد بنايائون.

(۴) چوٿون حصو رياستن ۾ داخل ڪيو ويو.

(۵) پنجون حصو پنجاب ۾ شامل ڪيو ويو.

قانون به هر هڪ ايراضي ۾ مختلف هئا. ڪيترا حصا جمهوري حقن کان محروم هئا. سياسي طرح، آئيني طور، جنهن گروه ملڪ جي آزاديءَ واري تحريڪ ۾ حصو ورتو، اهو خدائي خدمتگار خان عبدالغفار خان جي رهنمائي وارو هو.

هن جي پارٽيءَ تي جڏهن انگريزن سختي ڪئي ته هنن آل انڊيا

مسلم ليگ جماعت جي مدد گهري، ليڪن جيئن تہ اها جماعت انگريزن جي حامين سان ڀري پيئي هئي، ان ڪري اتان مدد نہ ملڻ ڪري، هن وڃي ڪانگريس جو سهارو ورتو.

سر عبدالقيوم خان سرحد ۾ نهايت ڪارآمد سياستدان هو. ان ڪان پوءِ ان جو پوئلڳ، سردار اورنگزيب مسلم ليگ ۾ داخل ٿي ان جي ذريعي سياست ۾ حصو وٺڻ لڳو. اڳتي هلي هو صوبہ سرحد جو مسلم ليگي وزيراعليٰ ٿيو. ڪجهہ وقت ڪان پوءِ هن جا سڪندر ميرزا، پشاور جي ڊپٽي ڪمشنر سان اختلاف پيدا ٿي پيا. جنهن سندس دوست نوابزاده لياقت علي خان جي معرفت جناح صاحب وٽ سندس شڪايت ڪرائي اڳوٽي ڪانگريسي ميمبر سردار عبدالرب نشتر کي آڏو ڪيو ۽ جنهن ماٺهوءَ مسلم ليگ کي سرحد ۾ زور وٺايو هو ان کي پوئتي اڇلي ڇڏيو.

ان ڪان پوءِ ٻي ڪانگريسي ڪارڪن خان عبدالقيوم کي نوازيو. خان عبدالغفار خان جو ڀاءُ ڊاڪٽر خان صاحب پاڪستان قائم ٿيڻ وقت سرحد جو وزيراعليٰ هو. ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ٻنهي جي رضامندي سان ملڪ جو ورهاڱو ٿيو هو ۽ ٻنهي پارٽين جي ليڊرن اهڙو اعلان ڪيو هو تہ آئنده پنهنجي اڳوٽن سياسي مخالفن ڪان انتقام نہ وٺندا ۽ سياست ملڪ کي قومي سطح تي قائم ڪندا. پاڪستان جي قيام بعد، خان عبدالغفار خان انهيءَ نقطہ نگاه ڪان جناح صاحب کي ملي يقين ڏياريو تہ باوجود ان جي جو هو اڳي پاڪستان جي مخالف هو پر ٻنهي جماعتن جي سمجهوتي سان ورهاڱي ٿيڻ جي حالت ۾ هو ڪيس يقين ڏيارڻ آيو هو تہ پاڪستان جي تعمير ۽ ترقيءَ جي لاءِ هو هر طرح جي مدد ڪرڻ واسطي تيار هو. هن سندس انهيءَ مخلصانہ پيشڪش کي هيٺين سببن ڪري ٺڪرائي ڇڏيو.

(۱) گورنر ۽ سول سروس وارا انهيءَ جي فائدي ۾ نہ هئا تہ سرڪار جو خان بادشاه سان سمجهوتو ٿئي.

(۲) جناح صاحب ڪنهن سان بہ ٺاهہ ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو، جيستائين ڪو ماڻهو اصول ڇڏي مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿئي.

(۳) جناح صاحب منتقم مزاج ۽ آمرانہ ذهنيت جو ماڻهو هو. جڏهن هو نئين حڪومت جو گورنر جنرل ٿيو تہ ويتر غرور سان ڀرجي ويو. هن جي طبيعت اها ڳالهہ گوارا نہ ڪئي تہ ڪالهہ جي مخالف ۽ آزاد خيال ماڻهوءَ کي جدا جماعت رکڻ جي اجازت ڏئي.

خان بادشاهه جهڙي خوددار ۽ بااصول قوم پرست ماڻهوءَ کان، ٻين وانگر ابن الوقت ٿيڻ جو آسرو نه هو. تنهن ڪري سندس پاءُ کي ڏسمس ڪري، خدائي خدمتگارن کي جيلن ۾ موڪلي سختيون ڏنيون ويون.

خان عبدالقيوم ذريعي خدائي خدمتگارن تي بندوقون هلارائي سون جي تعداد ۾ انهن کي قتل ڪرايو ويو. ان کان پوءِ سرحد ۾ هڪڙن پٺاڻن کي طاقت ۾ آڻي وري انهن کي ڪڍي ٻين کي آندو ٿي ويو. اهي سڀ ڳالهيون انگريزن جي نقش قدم تي هلندي، پٺاڻن جي شيرازي کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڪيون ٿي ويون.

مغربي پاڪستان صوبي ٺاهڻ بعد پهرين ڊاڪٽر خان صاحب کي وزيراعليٰ ڪري رکيائون. جڏهن ان جي افاديت گهٽ ٿي ته سردار عبدالرشيد کي وزيراعليٰ ڪيائون. نيٺ ان کي ڪڍي وري پنجابي قزلباش کي طاقت ۾ آندائون.

ان کان پوءِ ملڪ سان مارشل لا لڳائي جنرل محمد ايوب خان کي اڳيان ڪري حڪومت هلايائون. جڏهن انهيءَ جي افاديت گهٽ ٿي ته يحيٰ خان کي آڏو ڪيو اٿن. ڪڏهن ٿا ان کي ڪڍن اهو مستقبل ۾ پتو پوندو.

خان عبدالغفار خان انهن جي ظلم کان تنگ ٿي وڃي، افغانستان ۾ سڪونت اختيار ڪئي آهي. حال هن سامراجي ٽولي جي ڪاوڙ جو نشانو بينگالي بنيا آهن. ان کان پوءِ شايد پختون، سنڌين ۽ بلوچستان کي نشانو بنائين. خدا پناهه ۾ رکندو. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هي مهاجر، پنجابي سامراجي گروه فيصلو ڪري چڪو آهي ته ساري پاڪستان کي سندن چراگاهه ۽ ڪالوني ڪري ڪتب آڻي. تنهن ڪري باقي چئن صوبن جي رهاڪن سان هو ڪوبه سمجهوتو ڪرڻ لاءِ تيار نه آهن.

هن جو رخ اهڙو ٿو ڏسجي ته پاڪستان ختم ٿئي ته ٿيڻ ڏجيس پر سندن استحصال ۽ اقتدار کي لوڏو نه اچي. هو جڏهن بينگال جي ساڍا ست ڪروڙ ماڻهن جي نمائندن کي غدار ملڪ سڏي سندن قتل عام ڪرڻ کان نٿا هٻڪن ته سنڌ، بلوچستان ۽ پختون اراضيءَ سان ڇا نٿا ڪري سگهن. بينگال کان هن صوبن ۾ ڏوهه دفعا وڏيڪ خود مطلب بزدل ۽ وطن دشمن عناصر هٿ ڪري، انهن جي ذريعي هن صوبن جي عوام کي سندن تسلط هيٺ رکي سگهن ٿا.

بدقسمتي اها آهي ته هن صوبن جي رهاڪن ۾ قومي شعور پوريءَ

طرح پيدا نہ ٿي سگهيو آهي. اسلام. مسلم قوم ۽ پاڪستان جا نالا وٺن اجان ڪجهہ جاذبيت رکن ٿا.

جيستائين انهي ٽنهي دلين جو اثر ماڻهن تان نہ لٿو آهي. ان وقت تائين سندن مستقبل تاريڪ پيو نظر اچي. سياسي سجاڳي تڏهن شمار ڪبي جڏهن ننڍن صوبن جا عوام پاڪستان کي، پنجابستان يا مهاجر پنجابي سامراج جو اڏو ڪري سمجهڻ لڳندا.

## پاڪستان ۾ مهاجر مستقل مفاد جي ڪار منصبي :

آئون اڳي ٻڌائي آيو آهيان تہ مهاجرن جي مستقل مفاد سوچي سمجهي اسڪيم جي ماتحت پاڪستان تحريڪ ۾ حصو ورتو هو ۽ پاڪستان کي مسلمانن جو هوم لئنڊ (جاءِ پناهہ) سڏيو. هنن اهو ڪم اسلام جي بچاءُ، مسلمانن جي حفاظت خاطر نہ ڪيو آهي، بلڪ پنهنجي لاءِ نئون چراگاهہ حاصل ڪري ان ۾ وڏيڪ ڪامورن، زميندارن، ڪارخانيدارن ۽ واپارين جي استحصال لاءِ ڪيو هو.

سندن اهڙي قسم جي نيتن جو پاڪستان جو اصل رهاڪن مان صرف ٿورن کي پتو هو. هتي لڏي آيل مهاجرن جي اڪثريت سندن مستقل مفاد (Intereset Vested) سبب اصلوڪي باشندن سان هڪ ٿيڻ لاءِ تيار نہ آهي.

هو سنڌين، پختونن، بلوچن سان ملي، انهن جي قومن ۾ سمائجڻ لاءِ هيٺين سببن ڪري تيار نہ آهن:

(١) مسلمانن جي جدا گانہ قوم جي نظريي جو تخيل.

(٢) اردو زبان کي مسلط ڪرڻ جو خبط.

(٣) احساس برتريءَ جو تصور.

(۴) فرقيوارانہ نفرت جي ذهنيت.

مٿي ذڪر ڪيل اسباب جي تشريح مسئلي کي سمجهائڻ لاءِ هيٺ بيان ڪريان ٿو:

### ا. مسلمانن جي جدا گانہ قوم جو تخيل :

اهو خيال ٻاهران لڏي آيلن کي جن صوبن ۾ هو رهاڪو ٿيا آهن تن سان هڪ ٿيڻ کان مانع آهي. مهاجرن ۾ ٽن راين جا ماڻهو موجود آهن:

(١) هڪڙا اهي آهن جو جتي لڏي اچي ويٺا آهن، اتي جي باشندن

سان ملي هڪ ٿي وڃڻ جي فائدي ۾ آهن.

(٢) پيا پنهنجي جداگانہ حيثيت قائم رکي ان مان فائدو وٺڻ گهرن ٿا.

(٣) ٽيا وري اهي آهن جي سامراجين وانگر پاڻ ۾ مڪاني ماڻهو سمائڻ گهرن ٿا.

پهرين خيال جا ماڻهو تمام ٿورا آهن، ليڪن اهو غلط ٿيندو جيڪڏهن سمجهجي تہ اهڙا ماڻهو موجود هوندا ئي ڪونہ.

ٻي خيال جي ماڻهن جي تمام گهڻي ڪثرت آهي، هنن جي ليڊرن ان پاليسيءَ مان ڪائي فائدو حاصل ڪيو آهي. هندستان ۾ جيستائين ٽي سگهين جدا چونڊون، جدا رعايتن، جدا حقن جي نالي ۾ فائدو حاصل ڪندا آيا.

جڏهن ڏٺائون تہ هاڻ گهڻو وقت انهيءَ پاليسيءَ ڪري فائدو حاصل ڪري نہ سگهندا تہ جدا قوم جي نظريي تي ملڪ ورهائي پاڪستان قائم ڪرايائون. هن ملڪ ۾ لڏي اچڻ بعد اميد هئي تہ جن صوبن ۾ رهندا انهن جي ماڻهن سان ملي هڪ ٿي ويندا. چاڪاڻ تہ اهي بہ مسلمان هئا ۽ هنن پاڻ کي مسلم قوم جو فرد سمجهيو ٿي. ليڪن جڏهن نوڪرين، واپار، زمين، ڪارخانن جي ورهاست جو سوال پيش آيو تہ پاڻ کي مهاجر سڏڻ لڳا ۽ ظاهر ڪيائون تہ سختيون سهي آيل هئا ان ڪري ساڻن خاص رعايت ڪئي وڃي. هندستان ۾ مسلمان ٿي رعايت گهريائون. هتي مسلمانن مان بدلجي مهاجر ٿي پيا. جڏهن سنڌ ۾ سهوليتون گهرن تہ مهاجر ٿين، جڏهن ساري پاڪستان ۾ سهوليت گهرن تہ مسلمان ٿي پون. چاڪاڻ تہ هو سمجهن ٿا تہ ملڪ جي اصل رهاڪن جي مقابلي ۾ هو پيسي، تعليم، واپار، هنر ۾ وڌيڪ اهليت رکن ٿا. هي سندن چال شتر مرغ جهڙي آهي. اهو بار ڪڻ مهل پکي ٿيندو آهي ۽ اڏامڻ مهل اٺ ٿيندو آهي.

هي هندن جي ڇڏيل ورثي مهل مهاجر ٿي فائدو حاصل ڪن ٿا ۽ عام طرح ڪليل مقابلي مان بہ فائدو وٺڻ گهرن ٿا. جيڪڏهن سندن انهي ڊبل روش تي ڪير اعتراض ڪري تہ پوءِ اهو ماڻهو اسلام - پاڪستان ۽ مسلم قوم جو دشمن ٿيو پوي.

هندن جي ان گروهہ وانگر هلت ڪن ٿا جي پاڻ کي جدا طور منظم ڪري سنڌي سياستدانن جي اختلاف جو فائدو وٺندا هئا. هي بہ ائين ڪن ٿا. هي نہ رڳو صوبن جي رهاڪو ماڻهن کي ويڙهائي، ان مان فائدا وٺن ٿا پر

پاڪستان جي جدا قومن کي به ويڙهائي فائدو وٺن ٿا.

جنهن صورت ۾ اهل پنجاب کي به مسلمانن جي جدا گانه قوم جي نظريي مان سنڌ جي جملي وسائل جي استحصال ڪرڻ جو موقعي ملي ٿو ته ان ۾ هي انهن سان شريڪ ٿي ان نظريي جو پرچار ڪن ٿا.

اردوءَ لاءِ به پنجابي ۽ مهاجرن جا رايا هڪجهڙا آهن. تنهن ڪري انهن سان گڏجي سنڌين، بينگالين، پختونن ۽ بلوچن تي تسلط حاصل ڪرڻ لاءِ گڏيل محاذ ناهيو اٿن، جنهن سامراجي صورت اختيار ڪئي آهي. انهيءَ نقطه نگاه کان مون اڪثر مهاجر پنجابي سامراج جي تسلط ۽ ظلم جي هن ڪتاب ۾ شڪايت پي ڪئي آهي.

ٽيو گروه سندن جدا حيثيت لياقت علي خان جي وفاتيءَ کان پوءِ وڃائي ويٺو آهي. تنهن ڪري پنجابين سان ملي ڪم ڪري ٿو. جنهن ڪري سندن زبان، ڪلچر، سياسي نظريا ساڳيا رهن ٿا پر جدا تفوق ختم ٿي ويو اٿن.

هاڻ سوال اٿندو ته مڪاني قومن جو ڪهڙي خيال واري مهاجر ڌر سان سمجهوتو ٿي سگهي ٿو؟ ۽ ڪهڙن سان ٿي نه ٿو سگهي؟

پهرين خيال جا ماڻهو اسان جي اکين تي آهن. انهن جو وجود ملڪ لاءِ قيمتي ذخيرو شمار ڪري سگهجي ٿو. انهن ۾ ڪي اهڙا به ماڻهو آهن جن جو هتي اچڻ باعث سعادت ٿي سگهي ٿو. جهڙوڪ راجا صاحب محمود آباد، صوفي حضرات ۽ فراخ دل قوم پرست خيالن جا ماڻهو.

باقي ٻي گروهه وارن جو اڄ يا سڀان مڪاني ماڻهن سان تصادم ٿيڻ وارو آهي. پوءِ بينگالي مهاجرن وانگر انهن کي لڏي پيو ملڪ وسائڻو پوندو. پر جي مڪاني قومون ڪمزور ۽ ناصالح آهن ته پوءِ انهن کي ريڊ انڊين وانگر ڪمزور بنائي يا ختم ڪري حڪمراني ڪندا ايندا.

اهو گروه هيٺئر مستقل مفاد بنجي چڪو آهي. هندن، سکن جي ڇڏيل ملڪيت، گهر، دڪان، واپار، ڪارخانا سندن قبضي ۾ آيل آهن. هاڻ ان تان دست بردار ٿيڻ يا پاڳي پائيوار ٿيڻ يا ناجائز استحصال کان باز اچڻ لاءِ هو تيار نه آهن. ان ڪري ٻي سامراجي ۽ فسطائي قوم سان شامل ٿي هو تسلط قائم رکڻ لاءِ هر طرح جا ناجائز طريقا استعمال ڪرڻ کان نه گسندو.

هو سامراجين وانگر اسان مان خود مطلبين کي پنهنجو پڻو بنائي،

قوم پرستن خلاف محاذ بنائيندا وڃن. اسان منڍ کان ان راءِ جا هئاسون تہ جنهن صورت ۾ پاڪستان جي ٺهراءَ ۾ اقليتن جي حفاظت جو فقرو پيل هو ان ڪري ڪين هتي لڏي اچڻ نہ ڏنو وڃي. پر جي لاچار ڪان لڏي آيا آهن تہ بين الاقوامي تسليم ٿيل اصول مطابق ڪين موٽائي سندن وطن موڪليو وڃي. پر اسان جي ڳالهہ نہ ڪنهن ان وقت ٻڌي نہ ڪو اجان تائين ٻڌڻ لاءِ تيار آهي.

هي اسلام خاطر هتي لڏي ڪونہ آيا آهن پر هن ملڪ کي نئون چراگاه سمجهي ان کي چرڻ ۽ پيلڻ لاءِ آيا آهن. انهن مان ڪي اهي آهن جن هتي اچڻ بعد هندن خلاف نفرت ڦهلائي هندو مسلم فساد ڪرايا. هاڻ، سنڌين، مهاجرن ۽ پنجابين ۾ فساد ڪرائڻ لاءِ سازشون سٽي رهيا آهن. تازو هتن بينگال ۾ جا روش اختيار ڪئي آهي، ان جي هر ڪنهن کي خبر آهي.

هتن جو وجود سنڌ جي قومي جسم تي سرطان (ٻلاري) جي مثل آهي.

اهي مستقل مفاد جي ٽئي گروهہ وارا مهاجر هينين ڳالهين ڪري سنڌين جا دشمن آهن ۽ ڪڏهن بہ سندن درست ٿيڻ جو امڪان ڪونہ آهي.

(١) سنڌي قوميت جا منڪر آهن ۽ ان ۾ سمائجڻ جي خلاف آهن.
(٢) سنڌي زبان کي ختم ڪري اردو جي رائج ڪرڻ جا حامي آهن.
(٣) اسلام جي غلط تعبير پيش ڪري سنڌين کي گمراه ڪن ٿا.
(۴) سنڌ جي زمين، نوڪرين، ڪارخانن، واپار، بئنڪن ۽ درسگاهن تي قابض ٿي اصل رهاڪن کي جائز حقوق کان محروم ڪرڻ گهرن ٿا.

### (۴) اردو زبان کي مسلط ڪرڻ جو خبط :

مهاجرن مان گهڻن کي اهو وهم ويٺل آهي تہ اردو زبان بهترين، ترقي يافتہ ۽ اسلامي زبان آهي. پاڪستان جي ٻين صوبن جون زبانون غير ترقي يافتہ، ٻنتي پيل ۽ غير اسلامي هيون، تنهن ڪري ساري پاڪستان تي اردوءَ کي مسلط ڪرڻ ضروري هو.

پاڪستان پنجن جدا قومن تي مشتمل يونين آهي. اتي قديم قومن کي هزارها ورهين جون جهونيون زبانون ورثي ۾ مليل آهن. جن کي پنهنجا روايات، ادب، لوڪ ڪهاڻيون آهن. اهي ڪنهن بہ طرح اردوءَ جو تسلط

قائم ٿيڻ قبول نہ ڪنديون.

مونکي خبر نہ آهي تہ اهل پنجاب ان سلسلي ۾ ڪهڙي روش اختيارڪندا. چاڪاڻ تہ گهڻي وقت کان هو احساس ڪمتريءَ جا شڪار ٿي رهيا آهن. منجهانئن بهترين مدبر ۽ سياستدان سر فضل حسين ۽ سڪندر حيات جهڙا گذر ڪري ويا. هاڻ وچي ٿرڊ گريڊ رهيا آهن. تن ۾ پنهنجي اهليت ڪانہ رهي آهي. سو ڪڏهن لياقت علي خان کي، ڪڏهن ڊاڪٽر خان صاحب کي ڪڏهن ايوب خان کي، ڪڏهن يحيٰ خان کي، ڪڏهن قيوم خان کي، ڪڏهن ڀٽي کي اڳيان ڪري هلن ٿا. سي انهيءَ روايات موجب جيڪڏهن پنجابي زبان کي ڇڏي اردوءَ کي سندن زبان بنائين تہ انهن جي مرضي، باقي ٻيا صوبا ان زبان کي ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪندا.

مهاجرن جو سنڌين جي بزدلي ۽ بي غيرتيءَ ڪري اهڙو دماغ خراب ٿي ويو آهي جو ڪراچي ۽ حيدرآباد شهرن جا مهاجر گونڊا رستو جهليو بيٺا آهن، جنهن بہ موٽر تي اردوءَ ۾ لکيل پليٽون نٿا ڏسن تہ موٽر جهلي زوريءَ لاهرائين ٿا يا ان کي نقصان پهچائين ٿا.

اهڙي روش ڪري سنڌين کي فيصلو ڪرڻو پوندو تہ سنڌ ۾ رهڻ - بعد مهاجر گهرن ۾ اردو ڳالهائي سگهن ٿا، ابتدائي تعليم اردوءَ ۾ وٺي سگهن ٿا. ليڪن ملڪ جي قومي زبان ۽ سرڪاري ٻولي سنڌي رهڻي آهي. ٻي صورت ۾ ڪين شهري حقوق کان محروم ڪرڻ جائز ٿيندو.

### (۳) احساس برتريءَ جو تصور :

يو پي ۽ سي پي وغيره طرفن کان لڏي آيل مهاجرن کي پنهنجي ڪلچر تي فخر آهي. ڀلي هجين، ان ۾ اسان ارها نہ آهيون. پر سنڌ يا ٻين صوبن جي رهاڪن کي حقارت ۽ نفرت جي نگاهہ سان ڏسڻ نهايت اعتراض جوڳي ڳالهہ آهي.

اهو احساس سندن ليڊرن جي رهڻي ۽ قول فعل مان ٿئي ٿو. سندن مدار المهام لياقت علي خان سان هڪ سنڌي وفد جڏهن ڪيس ملڻ ويو ۽ ان سنڌين جي ڪلچر ۽ زبان جي تحفظ لاءِ گهر ڪئي تہ انهن کي چيائين تہ "سنڌين جي تهذيب گڏهن هڪلڻ ۽ اٺن ڪاهڻ جي آهي."

اهڙا الفاظ هڪ پرستازاده جي زبان مان سنڌين لاءِ نڪرن تہ اها ڪيڏي نہ افسوسناڪ ڳالهہ آهي. ڪراچيءَ مان سنڌيءَ کي ختم ڪرائڻ، اسٽيشنن، رستن، دفترن وغيره ۾ زوريءَ اردو نالا لڪائڻ، قديم رستن جا نالا

متائي پنهنجا نالا لکائڻ. جتي ڪو سنڌي زبان ۾ گفتگو يا تقرير ڪري ته ان کي اردوءَ ۾ ڳالهائڻ لاءِ مجبور ڪن نه ته شور ڪري وهاري ڇڏين، اهي سنڌن احـ ـس برتري ۽ ملڪي ماڻهن خلاف حقارت ۽ نفرت جا چند مثال آهن. هنن بينگال ۾ اها روش اختيار ڪئي، جنهن تي هنن ۾ سندن خلاف نفرت ڦهلجي ويئي آهي. هاڻ بينگال جي آزاد ٿيڻ بعد دنيا جي ڪابه طاقت هنن کي اهل بينگال جي قهر ۽ غضب کان بچائي نٿي سگهي.

سنڌ ۾ سدائين ابن الوقت سياستدان، بي غيرت ۽ بزدل، مڊل ڪلاس طاقت ۾ نه رهندو. ڪڏهن نه ڪڏهن ڪو اچي شير به سجاڳ ٿيندو، ان ڏينهن جي انتقام کان خبردار رهڻ گهرجين.

## (۴) فرقيوارانه نفرت جي ذهنيت :

مهاجرن جو سامراجي ٽولو برهمڻ جي زمين ۾ پرورش پائڻ ۽ انگريزن جي تربيت پرائڻ بعد مجسم نفرت ٿي پيو آهي. هندن سان نفرت ڪرڻ سبب پنهنجي وطن کي خيرباد ڪرڻو پين. هاڻ سنڌين، بينگالين، پختونن، بلوچن ۽ پنجابين سان نفرت ڪري ڪين هتان به نڪرڻو پوندو. ڀارت ۾ شايد جاءِ ڪانه ملين، سمنڊ ۽ آفريقا ڪليل اٿن. اسان صوفيائي ڪرام کان پڌو آهي ته جنهن ماڻهوءَ جي دل ۾ نفرت آهي ان ۾ نورالاهي جلوه نما ٿي نٿو سگهي. نفرت ڪندڙ صحيح مسلمان ٿي نه آهي. نفرت اها باهه آهي جا سندن پيدا ڪندڙن کي ساڙي ڇڏي ٿي.

## پاڪستان ۾ پنجابي مستقل مفاد جو رول :

اهل پنجاب جا سنڌين سان قديم نسلي، ڪلچرل ۽ روحاني تعلقات آهن. ڪيترا قبيلا جهڙوڪ نظاماڻي، لغاري، برهماڻي، جويا، آرائين، پٺا، لاهوري وغيره ان طرف کان آيل آهن ۽ دائود پوٽا، قريشي، ماڇي، سولنگي هن طرف کان لڏي اوڏانهين ويل آهن.

سرائيڪي زبان، ان جو شعر، هير رانجهو، سهڻي ميهار ۽ سيف الملوڪ جون ڪهاڻيون اسان کي انهن جي ڪلچر جون امداد آهن. سسئي پنهون جو قصو هتان اوڏانهين ويل آهي. پنجاب جي شاه باهو، بلا شاه، خواجه فريد، سيد جلال جهانيان، غوث بهاوالحق، سخي دين پناه، گرونانڪ جهڙن بزرگن جو سنڌ تي ڪافي اثر پيو آهي.

هتان جي بزرگن ميان مير، شاهه لطيف (ڪڳ پير ملتان وارن تي) جو اثر پنجاب تي پيو آهي. اهڙي طرح تاريخ شاهد آهي ته سنڌ ۽ پنجاب جي

ماڻهن جي وچ ۾ گهڻو لاڳاپو رهيو آهي. اهڙو ڪوبه مثال ڪونه ٿو ملي ته سنڌين پنجابين تي ڪاهه ڪئي هجي يا پنجابين سنڌ تي حملو ڪيو هجي. هن جو لاڳاپو فطري قانون موجب هو. جڏهن پنجاب جي ماڻهن کي گهڻي ٿيڻ، گذر معاش جي تنگي يا ٻين سببن ڪري لڏي سنڌ ۾ اچڻ جي ضرورت ٿي ته ان تي ڪنهن به اعتراض نه ڪيو. اهي ماڻهو سنڌين سان ملي جلي هڪ ٿي ويا آهن.

اڳئين وقت کي ڇڏي نزديڪ زماني تي نظر ڪبي ته ڪيئي آفيسر يا ٻيا ماڻهو جهڙوڪ مولوي ضياءُ الدين، سيد محمود شاهه، ڊاڪٽر اي سعيد، بابو فضل الاهي وغيره هتي سنڌ ۾ آيا، جن جي ذريعي ڪيترائي پنجابي لڏي، سنڌ ۾ رهاڪو ٿي سنڌين ۾ سمائجي هڪ ٿي ويا آهن.

سياسي طور به سر فضل حسين جڏهن پنجاب ۾ يونينسٽ پارٽي ٺاهي ته سر شاهنواز خان ڀٽو، حاجي عبدالله هارون ۽ اسان گڏجي انهيءَ تتبع تي هتي اتحاد پارٽي برپا ڪئي. سنڌين ۽ پنجابين جي وچ ۾ اختلاف جو بنياد تڏهن کان شروع ٿيو جڏهن اهل پنجاب شاه باهو ۽ گرونانڪ وغيره حضرات جي پيغام محبت کي ترڪ ڪري، علامه اقبال جي فسطائي تعليم جي پوئلڳي ڪرڻ شروع ڪئي.

سر فضل حسين ۽ سڪندر حيات خان جي پنجاب ديس جي ڀلي واري سياسي پاليسيءَ کي ترڪ ڪري، مسلمانن جي جداگانه قوم جي بنياد تي نفرت ۽ برتري جي روش اختيار ڪئي. ان جو نتيجو اهڙو نڪتو ته پنجابين شاهه باهو، وارث شاهه، بلا شاهه جي مٺڙي زبان کي ڇڏي، يوپيءَ جي زبان اردوءَ کي اختيار ڪيو.

پنهنجي ليڊرن کي ڇڏي ٻاهرين جي پوئلڳي قبول ڪئي. ڪڏهن جناح صاحب، ڪڏهن لياقت علي خان، ڪڏهن ڊاڪٽر خان صاحب، ڪڏهن نشتر، ڪڏهن خان قيوم خان، ڪڏهن ايوب خان، ڪڏهن ڀٽي جي پويان هلڻ کي ترجيح ڏني. پنجاب جو نالو مٽائي مغربي پاڪستان ڪرڻ لاءِ رضامندو ڏيکاريو. پنجاب جي ورهاست ڪرائي لکها ماڻهن کي دربدر ڪرايو.

اهو سڀ اقبالي فلسفي ۽ سياست جي پوئلڳيءَ ڪري وجود ۾ آيو. ڪيڏي قيمت تي پاڪستان جو قيام ٿيو. انهيءَ غلط ۽ نقصانڪار فلسفي ۽ سياست ڪري بينگال کي جدا ٿيڻ لاءِ مجبور ڪيائون ۽ جي ساڳي پاليسي

رکيائون ته اهو ڏينهن پري نه آهي جو سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان به جدا ٿي وڃن.

## سنڌ خلاف نفرت وڌندي وڃي ٿي:

ڪڏهن ڪنهن ويهي ٿڌي سيني سان ان ساري مسئلي تي نظرثاني ڪئي آهي ته ان سمورين خرابين جو ڪارڻ ڪهڙيون ڳالهيون آهن؟

حالتن کي ڪهڙي طرح سازگار بنائي سگهجي ٿو؟ اچو ته پهرين اقبالي فلسفي، شاهه باهو ۽ گرو نانڪ جي تعليم جي وچ ۾ ڀيٽ ڪريون:

علامه اقبال : هندن مسلمانن کي جدا ڪرڻ جي تعليم ڏني.

شاهه باهو ۽ گرونانڪ : هندو مسلم اتحاد ۽ محبت جو پرچار ڪيو. پوين جي تعليم سکن توڙي انگريزن جي دور حڪومت ۾ پنجابين کي متحد رکيو ۽ هنن "ديسان وچ ديس پنجاب دا" جي ڪلام کي فخر سان ڳايو ۽ پهرين جي تعليم، ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري روز بروز پاڻ ۾ هڪ ٻين جو خون هارڻ لاءِ آماده ڪيو.

سر فضل حسين جي دور رس نظر ڏسي ورتو هو ته سک، هندو ۽ مسلمان پنجابي متحد هوندا ته ساري هندوستان تي حاوي ٿي سگهندا. انهيءَ پاليسي ڪري هندستان جي جملي لشڪر ۾ هي ۵۴ سيڪڙو هئا. سول سروس ۾ ڪافي تعداد ۾ هئا.

سر سڪندر حيات ايمانداريءَ سان اها پاليسي هلائي. پر اهو ڏينهن پنجاب لاءِ نحس ثابت ٿيو جڏهن جناح صاحب ۽ اقبال جي گڏيل سياست ۽ فلسفه ان تي اثر انداز ٿيڻ لڳا. مرحوم مولانا غلام رسول مهر جو چوڻ هو ته "جناح صاحب جي سياست ۽ اقبال جي تعليم، مسلمانن کي ايڏو نقصان پهچايو آهي جو چنگيز خان ۽ هلاڪو به نه پهچايو هو."

ملڪ جي ورهاست مان سڀ کان گهڻو نقصان ڪن کي رسيو آهي؟ اهل پنجاب کي. ملڪ ورهائجي ويو، هڪ ٻين جا قتل ڪيائون، ٽن جنگين ۾ پنجابين جو گهڻو رت هاريو آهي، پر اجان به ڪا سمجهه اچين ان جو پتو نه آهي!

هن وقت جنرل يحيٰ خان چوي ٿو ته "گرونانڪ جي تعليم ملڪ ۽ ماڻهن لاءِ مفيد آهي" خبر نه آهي ته ان ڳالهه ۾ ڪيتري صداقت اٿس؟ خبر اٿس ته گرونانڪ جي تعليم جي معنيٰ ڪهڙي آهي؟

## نظريه پاڪستان ۽ گرونانڪ جي تعليم متضاد

**آهن:**

سکن جي راضي ڪرڻ جو خيال هن وقت پيدا ٿيو اٿن. جڏهن اقبال جي پوئلڳيءَ ۾ کين ملڪ مان تڙي ڪيڻ لاءِ فضا پيدا ڪيائون، ان وقت اهو خيال ڪونه آيو هون؟

سک هن وقت ساري هندستان ۾ پکڙجي ويا آهن. وسيع ايراضيءَ جو فائدو وٺي رهيا آهن. سي سواءِ چند بي عقل ناراض ٿيل افراد جي من حيث القوم ڪٿي ٿا پارت کان جدا ٿين؟

حقيقت هي آهي تہ بينگالي مسلمانن مذهب جي نالي ۾ گمراه ٿي ورهاڱو ڪيو، هن وقت پڇتائي رهيا آهن. سندن بغاوت وري بينگالين سان ميلاپ جو جذبو آهي؟

سکن جي ساراه ۾ اهل پنجاب جو وري گڏيل پنجاب قائم ڪرڻ جو راز مضمر آهي. ان کان سواءِ ٻئي اڌورا رهندا. پر اهو ميلاپ تڏهن حاصل ٿيندو جڏهين ورهاڱي جو ڪارڻ نظريي پاڪستان ختم ڪري قوم پرستي طرف راغب ٿيندا. مون کي معلوم آهي تہ جڏهن مسلمانن جي جدا گانہ قوم جي نظريہ جي کن پنجابين حمايت ڪئي هئي تہ ان مان سندن مقصد ڪهڙو هو؟

(١) هندن ۽ سکن جي سامهون احساس ڪمتري.

(٢) اقتصادي رقابتون.

(٣) نئين مملڪت ۾ استحصال جي خواهش.

تنهن ڪري هنن تنگ نظري ڪري قديم روايات، درويشن جي تعليم ۽ سر فضل حسين جهڙي مدبر جي سياسي پاليسيءَ خلاف قدم کڻي، پاڪستان قائم ڪرايو. پاڪستان قائم ٿيڻ بعد هنن ڇا ڏٺو؟

(١) اقتدار – سول سروس ۽ نظريي جي اڳواڻي مهاجرن جي هٿ ۾ هئي.

(٢) جمهوري طرز حڪومت موجب اڪثريت بينگالين جي هئي.

(٣) مغربي پاڪستان جون قوميتون هنن جي اقتصادي ۽ سياسي استحصال جي راهہ ۾ رڪاوٽون هيون.

جنهن صورت ۾ هنن وٽان مدبر وفات ڪري ويا هئا، ان ڪري هنن انهن مشڪلاتن کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ هينيان حربا استعمال ڪيا :

(١) مهاجرن کان اقتدار ڇڏائڻ لاءِ لياقت عليءَ کي قتل ڪرائي.

مارائي ميدان صاف ڪرايائون.

(٢) مهاجر سول سروس وارن کي پنهنجو زيردست ڪري رکيو.

ليڪن جنهن صورت ۾ مهاجرن جا ايجاد ڪيل نظريا ظاهري طور سندن استحصال لاءِ ڪارآمد ٿيا ٿي ان ڪري انهن کي قبول ڪيائون.

اهي نظريا هيٺيان هئا:

١. پاڪستان جا مسلمان هڪ قوم هئا.

٢. اسلامي نظام حڪومت.

٣. ڀارت جي دشمنيءَ کي برقرار رکي عوام جو توجهه حقيقي مسئلن کان هٽائڻ.

پهرين نظريي ڪري هنن کي هيٺيان فائدا نظر ٿي آيا. پاڪستان جي جدا قوميتن جي سياسي ۽ اقتصادي رقابتن کان آزادي ٿي ملين. جنهن صورت ۾ ان نظريي ڪري مورڳو قومن جي وجود کان انڪار هو ته پوءِ ڪليل مقابليٰ ۾ هنن پاڻ کي استحصال لاءِ وڌيڪ اهل ٿي سمجهيو.

ٻئي نظريي ڪري عوام جو توجهه حقيقي مسئلن کان هٽائي، عقل جي عيوض جذبات تي رکيائون ٿي. ان ڪري جا به ڳالهه سندن اقتصادي ۽ سياسي مفاد جي خلاف هئي، ان کي مذهب جي نالي ۾ رد ٿي ڪرايائون. ڀارت جي دشمنيءَ کي عوام جو توجهه، حقيقي مسئلن کان هٽائڻ، هنگامي حالتون قائم رکڻ، جمهوريت کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪتب آندائون ٿي.

بينگال جي اڪثريت کي بيڪار بنائي، اقتدار پنهنجي هٿ ۾ رکڻ لاءِ هنن جمهوريت کي ختم ڪري پنهنجي ڊڪٽيٽرشپ قائم ڪئي. ملٽريءَ تي اڳي سندن اثر هو باقي سول سروس ۾ مهاجرن کي شامل ڪري ان لاءِ رضامند ڪرائي، ننڍين قوميتن کي سندن حقن جي گهر کان روڪڻ لاءِ پهرين ون يونٽ قائم ڪيائون. هاڻ مضبوط مرڪز جي نالي ۾ انهن تي تسلط قائم رکڻ گهرن ٿا.

چوٿي آهي ته هڪ ڏوهه کي ڇپائڻ لاءِ ٻيا ڪيترا ڏوهه ڪرڻ تي ماڻهو مجبور ٿين ٿا. پهريون ڏوهه اهو هئن ته خود غرضيءَ ڪري، ملڪ جي ورهاست جي نظريي ۾ اعتماد رکيائون. ان جي نتيجي مان پنجاب جي ورهاست ٿي. پوءِ مهاجرن جي اقتدار کي ختم ڪرڻ لاءِ لياقت علي جي قتل جو ڏوهه ڪيائون. بعد ۾ ملڪ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ جمهوريت کي خيرباد ڪيائون. ننڍين مغربي پاڪستان جي قومن مٿان تسلط ۽ انهن جي ملڪن

جي استحصال لاءِ پهرين ون يونٽ قائم ڪيائون. پوءِ مضبوط مرڪز جو راڳ ڳايائون. انهيءَ پاليسيءَ مان ڪين عارضي فائدا رسيا آهن ليڪن ملڪ کي هينيان غير معمولي نقصان پهتا آهن:

(۱) ورهاڱي مهل لکها پنجابين جون جانيون ويون.
(۲) بينگال بغاوت ڪري علحده ٿي ويو.
(۳) هندستان سان ٽن جنگين ۾ لکها پنجابي قتل ٿيا.
(۴) مغربي پاڪستان جا ٽيئي ننڍا ملڪ سندن خلاف ٿي پيا.
(۵) ملڪ جي مالي حالت تباهيءَ کي وڃي پهتي آهي.
(٦) پنهنجي ٻولي ڦٽي ڪري اردوءَ کي اختيار ڪيو اٿن.
(۷) احساس ڪمتري قائم رکيو اچن. هندو ۽ سک جي استحصال کان بچڻ لاءِ، هنن وڃي مهاجرن جي نظرين ۽ ٻاهرين جي ليڊرشپ جو سهارو ورتو.

اهو سڀ ان ڪري ٿيو جو صوفيائي ڪرام ۽ گرو نانڪ جي هندو مسلم اتحاد واري پيغام کي ڇڏي، يوپيءَ جي سر سيد احمد خان جي پوئلڳيءَ ۾ فرقيوارانه سياست جي پاليسي اختيار ڪيائون.

سر فضل حسين جي پنجابي قوميت واري اصول کي ڇڏي، مسلمانن جي جدا قوم واري نظريي ۾ اعتماد رکيائون. تنهن ڪري هڪ ڪانپوءِ ٻين غلطين جا مرتڪب ٿيندا اچن. جيڪڏهن سندن اقتصادي حالتن جي تقاضا موجب توسيع ڪرڻي هين ته سر فضل حسين جي پاليسيءَ موجب متحده پنجاب ذريعي ساري هند ۾ ڪليل مقابلي ذريعي وڏيڪ موثر ٿي سگهن ها.

"خشتاولچونتهدمعمارکج
نابشريلميرودديوارکج"

مهاجرن لاءِ اهو نياڳو ڏينهن هو جڏهن هنن وقتي ۽ عارضي نفعي خاطر سر سيد احمد خان جي پوئلڳي ڪري انگريزي سامراج جي غلاميءَ مان مانوس ٿي، ابن الوقت پاليسي اختيار ڪئي ۽ شاه ولي الله جي آزادي ۽ انقلابي سياست کي ڇڏي ڏنو.

اهل پنجاب جي بدبختيءَ جي شروعات تڏهن کان ٿي جڏهن هنن گذشته روايات خلاف صوفيائي ڪرام ۽ گرونانڪ جي تعليم وساري علامه اقبال جي نطشه کان مستعار ڪيل فلسفي جي پيروي ڪري، سر فضل حسين جهڙي قوم پرست پنجابي ليڊر جي پوئلڳي ڇڏي يو پيءَ وارن جي فرقيوارانه

سياست تي عمل ڪيو.

هاڻ حالتون ان حد تي پهتيون آهن جو جرمن ۽ جپان وانگر سندن فسطائي نظرين جي بچاءَ خاطر جنگ ڪري ساري پاڪستان جي تباهيءَ جو ڪارڻ بنيا آهن. بينگال جي علحده ٿيڻ بعد هنن لاءِ بهتر ائين ٿيندو ته باقي صوبن کي ڇهن نڪتن جي بنياد تي خود مختياري ڏئي مغربي پاڪستان ۾ ڪانفيڊريسي بنائين.

اهل سنڌ کي مهاجر ۽ پنجابين جي ٻاهران اچي سنڌ ۾ رهائش ۾ اعتراض نه ٿيندو. اهڙيءَ طرح سان اڳي به ڪيئي ماڻهو اچي سنڌ ۾ سڪونت پذير ٿيا آهن. ليڪن سنڌين جي مخالفت دور ڪرڻ لاءِ هيٺين شرطن جي پوئواري ڪرڻي پوندي:

(١) ٻاهران آيل حضرات سنڌ ۾ سڪونت اختيار ڪرڻ بعد پاڻ کي سنڌي سمجهي، مڪاني رهاڪن سان ملي جُلي سنڌي ٿي وڃن.

(٢) سنڌي زبان اختيار ڪن.

(٣) سر زمين سنڌ جا سياسي ۽ اقتصادي مفاد، پنهنجا مفاد ڪري سمجهن.

(۴) سنڌ ۾ رهڻ بعد بيروني وفاداريون ترڪ ڪن.

انهن ڳالهين تي تڏهن عمل ڪري سگهندا جڏهن هو هيٺين ڇهن اصولن تي اعتماد رکندا.

(١) جنهن ملڪ ۾ رهن ٿا (سنڌ ۾) ان جي جداگانه قوميت جي نظريي ۾ ويساه رکن.

(٢) غير فرقيوار سياست يعني سيڪيولر پاليٽڪس تي هلن.

(٣) جمهوريت ۾ اعتماد يعني ڊيموڪريسيءَ تي هلي فسطائي طريقن کي خيرباد ڪن.

(۴) سوشلزم ذريعي ملڪ ۾ ماڻهن جي اقتصادي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ اعتماد رکن.

(۵) نفرت جي عيوض محبت جو رويو اختيار ڪن.

(٦) سامراجي استحصال جي عيوض باهمي سمجهوتي ۽ تعاون ذريعي مسئلا نبيرين.

دنيا جي قومن پنج شيلا جو اصول قبول ڪيو آهي، جنهن مطابق :

(١) هڪ قوم کي ٻي قوم ۽ ملڪ جي اندروني معاملن ۾ دست

اندازي ڪرڻي نہ آهي.

(٢) مخالف راءِ رکندڙن سان بقائي باهميءَ جي بنياد تي رواداري اختيار ڪرڻي آهي.

اڄ ڪلهہ جنهن اصول جي بنياد تي هو هندستان خلاف پرچار ڪري رهيا آهن، اهو پهريون نڪتو هي آهي تہ ”هڪ قوم کي ٻي قوم جي اندروني معاملن ۾ دست اندازي نہ ڪرڻ گهرجي.“ ڇي پارٽي ان اصول جي خلاف ورزي ڪري رهيا آهن.

اچو تہ ان مسئلي جي مختلف پهلن تي نظر ڪريون. ان مان هيٺيان سوال پيدا ٿين ٿا.

(١) پاڪستان پنجن قومن جو ملڪ آهي جن لاهور جي ٺهراءُ جي بنياد تي باهمي شموليت لاءِ عهدنامو ڪيو هو.

(٢) انهيءَ عهدنامي ۾ هر هڪ قومي ملڪ کي آزاد ۽ خود مختيار رياست بنائڻ جو فقرو پيل هو.

(٣) انهيءَ عهدنامي ۾ ٻاهران ماڻهو لڏائي اچڻ جو فقرو ڪونہ هو.

(۴) انهيءَ عهدنامي موجب ملڪ ۾ جمهوري نظام حڪومت قائم ٿيڻو هو.

(۵) انهيءَ عهدنامي ۾ انهي خود مختيار رياستن کي باهمي سمجهوتي ۽ رضامنديءَ سان هڪ يونين ۾ داخل ٿيڻ جو حق هو.

هرهڪ عهدنامي ۾ شريڪ ٿيندڙ پارٽيءَ جو اهو بنيادي حق رهي ٿو تہ جيڪڏهن ڪا ڌر عهدنامي جي ڀڃڪڙي ڪري تہ ان عهدنامي کي ميڃڻ ڪان ڦري سگهجي ٿو. عهدنامو ڪندڙ ان کي ڀڃي بہ سگهن ٿا.

هي مهاجر پنجابي سامراج انهيءَ مذڪور بالا مسئلن بنسبت عجيب راءِ رکن ٿا. سندن راين ۽ ٻين صوبن جي قوم پرستن جي راين ۾ تفاوت آهي.

پهرين فقري بابت سامراجي گروه جو چوڻ آهي تہ اهي پنج قومون نہ آهن پر هڪ مسلم قوم آهي. ان تي قوم پرستن جو چوڻ آهي تہ جي جدا قومون نہ هجن ها تہ ٻئي فقري جي داخل ڪرڻ جي ضرورت ئي نہ پوي ها.

ٻي فقري بابت سامراجي گروه جو چوڻ آهي تہ ان کي هڻ اڳي ئي تبديل ڪري ڇڏيو هو، ان ڪري اهو فقرو هن وقت موجود ئي نہ آهي.

ان تي قوم پرستن جو چوڻ آهي تہ جنهن مجلس ان کي تبديل ڪيو هو ان کي ڪوبہ اختيار انهي تبديليءَ لاءِ ڏنل نہ هو.

. ٽي فقري بابت سامراجي گروه جو چوڻ آهي ته مهاجر خوشيءَ سان
ڪونه آيا آهن انهن کي زوريءَ ڪڍيو ويو آهي.
ان تي قوم پرستن جو چوڻ آهي ته ٽورن کي ڪڍيو ويو آهي، تن
کي موٽائي موڪلڻ گهرجي. باقي ڪثير تعداد استحصال لاءِ آيو آهي، تن کي
مڪاني قومن جي مرضي خلاف رهڻ جو ڪو حق نه آهي.
چوٿين فقري بابت سامراجي گروه جو چوڻ آهي اسان جن ملڪن جا
ماڻهو جمهوري حڪومت جا اهل نه آهن ان ڪري مٿن لائقن جي حڪومت
ضروري آهي.
ان تي قوم پرستن جو چوڻ آهي جمهوري نظام حڪومت، عوامي
حڪومت آهي ۽ لائقن جي حڪومت خاص ماڻهن جي آهي. ان ڪري جا ڳالهه
عوامي مفاد جي خلاف آهي سا ڪين قبول نه آهي.
پنجين فقري بابت سامراجي گروهه جو چوڻ آهي ته جنهن صورت ۾
هو پنجن قومن جي نظريي ۾ اعتماد نه ٿا رکن ان ڪري باهمي سمجهوتي
جي ضرورت نه هئي.
ان تي قوم پرستن جو چوڻ آهي ته اها ڳالهه تواريخي حقيقتن، لاهور
ٺهراءَ ۽ جديد نظريه قوميت جي اصولن جي خلاف هئي، ان ڪري اسان ان
کي نٿا مڃون. اهي نڪتا پاڪستان ۾ هن وقت اختلاف جو باعث بنيو بيٺا
آهن.
اهل بينگال جو چوڻ آهي ته هو جدا قوم آهن. هنن کي عهدنامي
موجب آزاد ۽ خود مختيار رياست ٺيڻ جو حق هو. اهو حق جڏهن هنن کان
کسيو ويو ته پهرين عام راءِ جي آڌار تي هنن اهو حق حاصل ڪرڻ جي
تقاضا ڪئي. ان تي سامراجي گروهه سندن قتل عام ڪري زوريءَ ڪين
محڪوم رکڻ گهريو ٿي. ان تي هنن بغاوت ڪئي آهي، جنهن جو قومن جي
حق خود ارادي موجب ڪين پورو حق آهي. وڏيڪ سندن بچاءُ ۾ هو هيٺيان
دليل ڏين ٿا:
(١) جيڪڏهن ڪنهن ملڪ ۾ چند ماڻهو يا گروه ڪثير تعداد
ماڻهن جي آزادي حق کسڻ جي ڪوشش ڪن ته ان حالت ۾ مظلومن کي
بغاوت ڪرڻ جو حق آهي ۽ پروارن قومن کي انهن جي مدد ڪرڻ جو حق
آهي. جهڙي طرح ڏکڻ آفريڪا، روڊيشا ۽ اسرائيل ۾ اقوام متحده ۽
ٻاهريون قومون دست اندازي ڪن ٿيون.

(۲) جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾ هڪ ڀاتي يا چند افراد ڇريا ٿي يا خود مطلبيءَ ڪري يا ڪن ٻين سببن ڪري گهر جي ٻين ڀاتين کي مارڻ. انهن جا حق غضب ڪرڻ يا تڪليف ڏيڻ جا ڪم ڪن ته ان حالت ۾ پاڙي وارن يا سرڪار تي داد رسيءَ جا فرض عائد ٿين ٿا. اهي اڪثري اهڙي حالت ۾ دست اندازي ڪن ٿا.

(۳) بعضي ڪن ڪوسن سان ڪي رند زيادتي ڪن ٿا ته ان حالت ۾ ٻيا ڪوسا انهن جي مدد ۾ اچن ٿا ۽ ملڪي دستور مطابق ان کي حق بجانب سمجهيو وڃي ٿو. تنهن وانگر جيڪڏهن پاڪستان جي بينگالين تي ڪو ظلم ٿئي ٿو ته ڀارت جي بينگالين کي انهن جي مدد ۾ اچڻ جو پورو حق آهي.

(۴) هي تصادم جمهوريت - سيڪيولرزم ۽ قوم پرستيءَ جي ۽ آمريت - فرقيوارانه ذهنيت ۽ غلط نظريي قوميت جي وچ ۾ هو. اها نظرياتي جنگ هئي، ان ڪري ٻهرين گروه جي حامين جو فرض هو ته بينگالين کي ٻي گروه جي ڏاڍائيءَ کان آزاد ڪرائين.

هتي مهاجر پنجابي سامراجي گروهه بينگال، سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان جي قومن خلاف زور زبردستيءَ سان پنهنجو تسلط قائم رکڻ گهرن ٿا. ان حالت ۾ دنيا جي جمهوريت پسند، سيڪيولر خيال ۽ قوم پرست قومن ۽ ملڪن جو فرض ٿيو پوي ته پنهنجي هم خيال ماڻهن جي مدد ڪن. ڇا پاڪستان مذڪور بالا سامراجي گروه جي جاگير آهي جا اسلام ۽ خدا طرفان انهن کي ورثي مليل آهي، جو اسان سان جيڪي وڻين سو ڪن ۽ ٻاهرين کي اسان جي مدد ڪرڻ ڏين نه ڏين.

پاڪستان تازو حاصل ڪيل نوزائيده حڪومت آهي. برترڪ، هئبسبرگ، رشيا ۽ انگلينڊ جون سون ورهين جون شهنشاهيون ختم ٿي ويون، هن جو ختم ڪرڻ ڇو نه جائز ٿيندو.

ڪاش ان سامراجي گروهه کي سمجهه اچي ۽ تاريخ مان سبق پرائين. اسلام دين فطرت آهي، ان کان انڪار ڪرڻ اسلام جي توهين ۽ ناسمجهي جي ڳالهه ٿيندي.

ان نقطه نگاهه مطابق سنڌ، بينگال، بلوچستان، پختونستان ۽ هزار ورهين جي تاريخي ارتقا مطابق فطري پيداوار جا ملڪ هئڻ ڪري، دين فطرت موجب صحيح ملڪ ۽ قومون آهن. انهن کي چند خام خيال ماڻهن جي

اسلامي تشريح مطابق غير فطري نمونيءَ سان ورهائڻ اسلامي تعليم جي خلاف هو.

مذهبي اجاريدارن کي تاريخ مان سبق وٺڻ گهرجي. هندن، عيسائين، يهودين ۽ مسلمانن جي ان ڏس ۾ اختيار ڪيل طريقن جي ڪاميابي سندن اکين اڳيان آهي.

پر ڏسڻ ۾ ائين اچي ٿو ته جهڙي طرح نشي جي گهڻي استعمال ڪري دماغي توازن هيٺ مٿي ٿيو وڃي، اهڙيءَ طرح هتي به مذهب جي گهڻي استعمال، ماڻهن جا حواس باختہ ڪري ڇڏيا آهن.

هن وقت حڪمران طبقي لاءِ ٻه رستا کليل آهن. هڪ ته سندن سامراج قائم رکڻ لاءِ تشدد جو استعمال جاري رکي پاڪستان جي عوام ۽ جدا جدا قومن کي پنهنجو غلام رکيو اچن. ٻيو ته پاڪستان جي سڀني قومن جي وجود کي تسليم ڪري، جمهوريت قائم ڪري ڪانفيڊريسيءَ ۾ صوبن کي شامل ٿيڻ لاءِ رضامند ڪن.

پهريون رستو ديرپا رهڻ وارو نه آهي عارضي وقت لاءِ ڪين ڪم ايندو. ليڪن آخر ۾ ان جو ختم ٿيڻ لازمي آهي ۽ پاڪستان کي ڪابہ طاقت بچائي نہ سگهندي. منهنجي نظر ۾ هيٺيون ڳالهيون پاڪستان کي برقرار رکي سگهن ٿيون.

(۱) پاڪستان کي جدا پنجن قومن جو وطن تسليم ڪري، انهن جي وچ ۾ باهمي سمجهوتي سان سريا، مصر ۽ لبيا جي موجوده الحاق جي بنياد تي ڪانفيڊريسي قائم ڪئي وڃي.

(۲) جمهوري سرشتو قائم ڪري عوامي نمائندن کان آئين ٺهرائي ان موجب حڪومت هلائجي.

(۳) حڪومت جو طريقو سيڪيولرزم جي اصول تي رکيو وڃي.

(۴) ملڪي تعمير لاءِ سوشلزم جي بنياد تي ڪم ڪيو وڃي.

(۵) هندستان، افغانستان ۽ ايران سان دفاعي معاهدا ڪري برصغير جي امن کي بحال ڪيو وڃي.

پر جيڪڏهن انهيءَ جي برعڪس هينين ڳالهين کي قائم رکيو ويو ته پاڪستان جو خاتمو اڻ ٽر ٿيندو.

(۱) پاڪستان کي واحد ملڪ ۽ واحد مسلم قوم جو وطن شمار ڪرڻ.

(٢) آمرانہ نظام حڪومت مختلف صورت ۾ بحال رکڻ.
(٣) پاڪستان ۾ مذهبي نظام حڪومت جي قائم ڪرڻ جو راڳ ڳائڻ.
(۴) موجوده سرمائيداري ۽ سامراجي استحصال کي جاري رکڻ.
(۵) پروارن ملڪن جهڙوڪ هند ۽ افغانستان سان مخاصمت ۽ تنازعو جاري رکڻ جي پاليسي قائم رکڻ. رستا صاف پيا آهن جيڪو اختيار ڪن.

قرآن جي آيت آهي تہ:

"بيشڪ حق جو رستو پڌرو آهي، ناحق جي راهہ کان. پوءِ جيڪو ناحق کي ڇڏي حق جي راهہ تي هلندو، ان اهڙي ڏوريءَ کي جهليو آهي جيڪا ڪڏهن بہ نہ ٽٽندي."

ظاهري طرح ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ هي سامراجي طبقو قرآن جي آيت موجب تہ:

"اهي ٻوڙا، گونگا، انڌا آهن. ڪڏهن بہ راهہ حق تي نہ ورندا" جي درجي تي پهچي چڪو آهي. هي ملڪ سندن ڪارنامن ڪري خدائي غضب جو مستحق بنجي چڪو آهي. منجهائن غور فڪر ڪري نئين پاليسي اختيار ڪرڻ جي اميد گهٽ آهي. نتيجي ۾ پاڻ تہ ٻوڙيندا پر هن نئين مملڪت کي بہ پاڻ سان گڏ غرق ڪندا. اهو ديوار تي لکيو پيو آهي تہ:

"مذهبي قوميت، مذهبي نظام حڪومت، فسطايت، سرمائيداريءَ جو دور، ختم ٿيڻ کي اچي ويجهو ٿيو آهي."

**" آنچہ کند دانا کند نادان**
**ليک بعد از خواريءِ بسيار "**

فصل پنجون

# سنڌ ۽ پاڪستان

”جهنگ سڄو جهيڙي تہ بہ
رانجهن منهن جي روح ۾“

سنڌ فطرت جي پيداوار، قديم ۽ مدامي ملڪ آهي. ان جي مقابلي ۾ پاڪستان (Freak Nature) اعجوبہ روزگار، نوزائيده ۽ عارضي ملڪ آهي.

پهرين سنڌ جي مذڪور بالا صفات جي تشريح ڪجي ٿي.

## سنڌ جي بناوت فطري آهي:

ڪره ارض تي سرزمين هند ۾ سنڌ هڪ مستقل جاگرافيائي خطہ جي حيثيت رکي ٿي. ان جو وجود قدرت جي پيداوار آهي. ان جون روايتون تواريخي آهن، سنڌودرياه ان جي جسم جي شريان آهي. عربي سمنڊ ان جو پاسبان آهي. ان جا ٻيلا، ڍنڍون، جبل، پٽون، ميدان، طبعي ارتقا ڪري وجود ۾ آيل آهن. سنڌس زمين زرخيز، ماڻهو سڀاجهڙا ۽ محبتي آهن. مخالفن لاءِ ڦهري تلوار ۽ دوستن لاءِ ٿڌو گهڙو آهن.

”اشدا ءعلي الڪفار در حماء بينهم“ جو زنده مثال آهن. هتي جا رهاڪو، هتي جي زبان، هتي جو ڪلچر، قومي ڪردار، زرعي ۽ معدني پيداوار هزارن ورهين جي قدرتي ارتقا جي پيداوار آهن.

هر شيءِ جا فطرت جي پيداوار آهي، سا اسلامي قانون مطابق تهيل سمجهڻ گهرجي. هي زمين ۽ ان جا ماڻهو سندن وجود لاءِ ڪنهن اقبال ۽ جناح جي مرهون منت نہ آهن. هتي جو مذهب ۽ تهذيب ماڻهن جي ضرورتن ۽ حالات زمانہ موجب، قانون ارتقا مطابق، هر وقت نون نياپن ذريعي تازا ۽

نوبنا بنبا آيا آهن.

سنڌين جي ذهني ساخت، جذبہ آزادي، جمهوريت، بي تعصبي، مساوات ۽ سوشلزم جي خمير مان تعمير ٿيل آهي. ان کي ڪي ڪنهن ڌاريئي، رهبري يا هدايت جي ضرورت نہ آهي. هو ڪنهن جا غلام رهڻ لاءِ تيار نہ آهن. پوءِ اها غلامي مٿن مذهب جي نالي ۾ ڇو نہ مڙهي وڃي يا پاڪستان ۽ مسلم قوم جي ڍَلبي ۾ مسلط ڪئي وڃي.

**"اي! نہ مارن ريت جو سيڻ مٿائين سون تي"**

ڪيترن ئي حملہ آورن تلوار جي زور، تي مٿن تسلط قائم ڪري اچي راڄ ڪيو آهي. ايراني، يوناني، عرب، پٺاڻ، مغل، انگريز فاتح ٿي آيا، ليڪن اهي سڀ هليا ويا. سنڌ سنڌس زبان ۽ ڪلچر سميت اجان تائين موجود آهي.

هيءُ سچ جي ٻيڙي آهي. جنهن حوادث زماني جا گهڻا لوڏا ڪاڏا آهن پر ٻُڏي نہ آهي. هن وقت سنڌس مٿان بيشڪ نامناسب هوائون ۽ ڪارا ڪڪر ڇانيل آهن. پاڪستان جو وجود ان جي ترقي ۽ آزاديءَ جي راهہ ۾ پهاڙ بنيو بيٺو آهي.

پر سنڌ جو روح ڪيس پڪاري رهيو آهي تہ :

**"آڏو لڪر لڙ متان روهہ رَتيون ٿئين."**

## سنڌ جي قدامت :

سنڌ جي قدامت جو پنجن هزار سالن کان تاريخي ثبوت ملي ٿو. ان کي پهرين دراويدين پوءِ آرين، بعد ۾ سامي ۽ منگول نسلن آباد ڪري تهذيب ۽ تمدن جو مرڪز بنايو. آمري دڙو، موهن جو دڙو، ڪوٽ ڏيجي دڙو، ڪاهو دڙو وغيره ان جي شهادت ڏين ٿا. سنڌو دريا تان ملڪ تي سنڌ نالو پيو. جنهن ڪري ان جو صحيح وارث سنڌ کي سڏي سگهجي ٿو. ان جي زبان سنڌي آهي، جا دراويدي، آريا، سامي ۽ منگول زبانن جي ملاوت سان ٺهيل آهي. هن وقت تائين سنڌي زبان جي قدامت جا ثبوت پڻ هزار سالن کان ملي سگهيا آهن. موهن جي دڙي جي رسم الخط جي تشخيص بعد ممڪن آهي تہ اجا بہ زياده ان جي قدامت جو سراغ ملي وڃي.

هتي دنيا جا مختلف مذهب ۽ فلسفا پاڻ ۾ ملي مفيد مرڪب بنيا

آهن. ”سنڌ دنيا لاءِ محبت ۽ امن جو پيغام بر آهي.“

سنڌ حب الوطني، وفا، قرباني، مهمانوازي، رواداري ۽ غيرت جي صفات جو مخزن رهي آهي. سندس مٽي اسان لاءِ خاڪ شفا آهي. سندس پاڻي آب ڪوثر آهي. ان جي هر شيءِ باعث رحمت آهي. پيغمبر خدا کي سرزمين سنڌ کان ٿڌي هير لڳي هئي. اُن ڪري اُن جون دعائون اُن تي وچن پيئون. سنڌ جا دوست اسان جا دوست آهن، ان جا دشمن اسان جا دشمن آهن. پوءِ ابن قاسم جي صورت ۾ بني اميه سامراج قائم ڪرڻ لاءِ اچي ان تي فتح حاصل ڪن يا مسلم قوم جي دوکي هيٺ، پاڪستان جي نالي ۾ مهاجر پنجابي سامراج قائم ڪرڻ گهرن.

## سنڌ جي دائميت:

انساني ساخت جون شيون عارضي ٿين ٿيون پر قدرت جون پيدا ڪرده چيزون دائمي ۽ پائدار رهن ٿيون. پاڪستان چند مستقل مفاد (Vested Interests) جي سازش جي مصنوعي پيداوار آهي. ان جي مقابلي ۾ سنڌ هزارها سالن جي فطري ارتقا جو ماحمل آهي.

ان جي وجود کي پارسي، يوناني، عرب ۽ انگريز سامراج ختم ڪري نہ سگهيا. تازو قابض ٿيل مهاجر پنجابي سامراج ڪيترو بہ ان جي تباهيءَ لاءِ ڪوشش ڪري، هي سلامت رهڻي آهي.

هاڻ پاڪستان جي تشريح پڙهو:

## پاڪستان اعجوبہ روزگار آهي

سنڌ، بلوچستان، پنجاب، بينگال ۽ پختونستان وانگر پاڪستان فطري پيداوار جو ملڪ نہ آهي. اهو هندستان ۾ سياسي اختلافن ۽ نامساعد حالتن سبب عارضي طرح وجود ۾ آيو آهي. ان جو ماضي ڪو بہ نہ آهي. پيدائش بعد منجهس جي حالتون رونما ٿيون آهن تن ان جو مستقبل تاريڪ ڪري ڇڏيو آهي. اهو قدرت جو قانون آهي تہ عارضي شيون وقتي ڪم سرانجام ڏئي وري پرده غيب ۾ گم ٿي ويندون آهن. پاڪستان، مهاجر پنجابي مستقل مفاد جي سازش جي پيداوار آهي جن ان کي سنڌن سامراجي استحصال لاءِ قائم ڪرايو. ان ۾ ظلم، غضب، بداخلاقي ۽ استحصال جي بازار گرم رهي آهي. مذڪور بالا ٽولي ان کي جاگير طور پي ڪتب آندو آهي.

اهو سندس افاديت وڃائي چڪو آهي. ظلم جو گهڙو اڄ نہ ڀڃي تہ سڀاڻ ڀڃندو. جنهن انساني نظريي جو خدا جي قانون سان ٽڪر ٿيندو آهي اهو گهڻي وقت تائين جٽاءُ ڪري نہ سگهندو.

## پاڪستان نوزائيده آهي :

پاڪستان ڪو جياگرافيائي طبعي نهيل ملڪ نہ آهي. هندستان ۾ اقتصادي ۽ سياسي اختلافن ڪري مسلمانن جي مهاجر ۽ پنجابي مستقل مفاد. پنجن مسلمان ملڪن جي باهمي سمجهوتي سان ان کي وجود ۾ آندو. هن کي وجود ۾ آئي ٢۴ سال ٿيا آهن.

ان جي ٺاهڻ وقت ان جي ترڪيبي اجزا وارن ملڪن سان جي وعدا ڪيا ويا هئا تہ اهي آزاد ۽ خود مختيار رياستن جي صورت اختيار ڪندا. انهن جي پيڪڙي ٿي چڪي آهي. اُن جي عنصر اساسي جي ٽٽڻ ڪري، سندس استواريءَ ۾ رنڊڪ پئجي ويئي آهي.

نتيجو اهو نڪتو آهي تہ ان ساري عرصي ۾ نہ سندس آئين ٺهي سگهيو آهي، نہ جمهوري طرز حڪومت قائم ٿي سگهي آهي نہ ڪا منجهس ديرپا حڪومت رهي سگهي آهي.

مرڪزي حڪومت تي مهاجر پنجابي ملٽري ۽ سول سروس جنتا مسلط آهي. شامل ٿيندڙ رياستون نالان ۽ پريشان آهن. بينگال وڏي "سول وار" بعد مس آزاد ٿيو آهي. بلوچ، پختون ۽ سنڌي تنگ ٿي پيا آهن.

"تنگ آيد بجنگ آيد" مثل مشهور آهي. جو سلو منڊ ڪان ڍلو ٿيندو آهي ان جي بار آور ٿيڻ جا امڪان گهٽ ٿيندا آهن.

## پاڪستان عارضي آهي:

آئون مٿي چئي آيو آهيان تہ پاڪستان هڪ سازش جي نتيجي ۾ عارضي مقاصد جي حصول لاءِ وجود ۾ آيو هو. اهو مذهب جي بنياد تي مسلمانن جي جداگانہ قوميت جي آڌار تي ٺهرايو ويو جو نظريو دنيا ۾ ڪنهن بہ ملڪ ۾، سواءِ اسرائيل جي مروج نہ آهي.

اقوام متحده جون سڀ قومون جديد نظريہ قوميت تي تسليم ٿيل آهن. گذريل ٢۴ سالن جي تاريخ هن ڳالهہ جو ثبوت ٿي ڏئي تہ پاڪستان ۾ استحڪام جي عيوض افراتفري پکڙجي ويئي آهي. سندس يڪجهتيءَ عيوض،

انتشار پيدا ٿيو آهي. ان جا چند مثال هيٺ پيش ڪريان ٿو:

(١) تازو ٿيل اليڪشن هن ڳالهہ جو واضح ثبوت ڏنو تہ اڀرندي بينگال ۾ قريباً ساري ملڪ، قوم پرستيءَ جي حمايت ۾ ووٽ ڏنو. فرقيوار جماعتن جهڙوڪ مسلم ليگ ۽ جماعت اسلامي وغيره کي نالي خاطر ووٽ مليا.

الهندي پاڪستان ۾ ماڻهن جي اڪثريت پيپلز پارٽي ۽ نيشنل عوامي پارٽيءَ جي فائدي ۾ ووٽ ڏنا. مرڪزي اسيمبليءَ ۾ ١٠ سيڪڙو نشستون مس فرقيوار جماعتون حاصل ڪري سگهيون. جنهن مان واضح ٿئي ٿو تہ مسلمانن جي جدا گانہ قوم وارو نظريو رد ٿي چڪو آهي. سامراجي حڪمران طبقي ۽ انهن جي طبلچي جماعتن کان سواءِ عوام ان کي ڏڪاري چڪو آهي.

پاڪستان جي حڪمران طبقي ٻيو دوکو جو ماڻهن کي ٻي ڏنو آهي سو آهي تہ پاڪستان ۾ اسلامي نظام حڪومت قائم ڪيو ويندو. ان دوکي جو پول پڌرو ٿي چڪو آهي. گذريل ٢۴ سالن جي تجربي ثابت ڪيو آهي تہ اهو نعرو سامراجي ٽولي عوام جي حقيقي مسئلن کان توجهہ هٽائڻ لاءِ ٻي هنيو آهي.

اهڙي نظام حڪومت جو وجود دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ نہ آهي ۽ نہ آئنده ڪنهن اهڙي نظام جي ڪٿي بہ قائم ٿيڻ جو امڪان آهي.

(٢) مسلمانن جي قوم جي نظريي خلاف بينگالين بغاوت ڪري آزادي حاصل ڪري ورتي آهي. سنڌ جا قوم پرست افراد مهاجر پنجابي سامراج جي ظلم، استبداد ۽ استحصال کان تنگ اچي "جئي سنڌ" نالي ۾ آزاديءَ جي تحريڪ هلائي رهيا آهن، جا نيٺ ڪامياب ٿيڻي آهي. بلوچستان جا باشندا آزاديءَ لاءِ اڳيئي قربانيون ڏئي چڪا آهن. آئنده لاءِ بہ هو آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد جو فيصلو ڪري چڪا آهن. پختون برادري سندن سرحد پار افغان ڀائرن جي مدد سان گهڻي وقت کان آزاد پختونستان لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي. آخر انهن سڀني تحريڪن کي مذڪور بالا سامراجي ٽولو ڪيترو وقت تلوار جي زور تي غلام رکي سگهندو؟

(۴) هر ملڪ جي استحڪام ۽ بقا لاءِ امن، باهمي اتحاد، اخلاقي معيار، انصاف ۽ عدل ضمانتون ٿين ٿيون. هن ملڪ جو امن، ملٽري ٽولي جي

قتل عام ۽ تشدد ڪري ختم ٿي چڪو آهي.

ملڪ ۾ اندران ئي اندر جوالا مکي دکي رهيو آهي. اڄ نه ڀاڻي سڀان ضرور ڦاٽندو. ڀلا اهو ملڪ ڪهڙي طرح بقا ڪري سگهندو، جنهن کي سامراجي ٽولو استحصال لاءِ ڪتب آڻي رهيو هجي؟

جنهن ۾ اخلاق جو ڏيوالو نڪري چڪو هجي. جتي مذهب جهڙي مقدس ڳالهه کي طبقاتي استحصال لاءِ ڪتب آڻڻ ۾ شرم نٿو ڪيو وڃي. جنهن ۾ جوا، زنا، نشي جو استعمال، بليڪ مارڪيٽي، ذخيره اندوزي، نفع خوري، عام جام مروج هجن. اهو ملڪ گهڻو وقت جٽاءُ ڪري نه سگهندو.

هاڻ اچو ته سنڌي جي ماضي، حال ۽ مستقبل تي نظر ڪريون.

"سنڌي جديد نظريه قوميت" تي تسليم ڪيل هيٺين اصولن مطابق جدا قوم آهن :

١. هنن کي قديم وقت کان جاگرافيائي حدن وارو جدا وطن آهي.

٢. هنن کي ٻه هزار ورهيه جهوني بيش قيمت زبان آهي.

٣. هنن کي چار هزار ورهيه جهونو ڪلچرل ذخيرو آهي.

۴. هنن کي هزارها سالن جون روايتون ۽ قومي ڪردار آهي.

۵. هنن کي جداگانه سياسي ۽ اقتصادي مفاد پي رهيا آهن.

انهن اصولن جي آڌار تي سنڌي جدا قوم شمار ٿي سگهن ٿا. هاڻ اچو ته پاڪستان جي ان سان ڀيٽ ڪريون.

پاڪستان هيٺين دليلن جي آڌار تي نه هڪ جاگرافيائي ملڪ آهي نه اتي جا رهاڪو، جديد تسليم ڪيل اصولن جي آڌار تي هڪ قوم سڏائڻ لاءِ حقدار ٿي سگهن ٿا:

(١) پاڪستان جاگرافيائي طور هڪ ملڪ نه آهي، بلڪ پنجن جدا قومن واري ملڪ جو مجموعو آهي، جنهن کي مذڪور بالا سامراجي ٽولي، سندن استحصال لاءِ وجود ۾ آندو ۽ زوريءَ وجود ۾ رکيو اچي.

(٢) ان جي هڪ زبان نه آهي. ان جي مٿان زوريءَ مڙهيل اردو زبان پاڪستان جي ڪنهن به خطه زمين جي مادري زبان نه آهي بلڪه ٻاهران آندل زبان آهي، جنهن جي عمر اڍائي سو ورهين کان مٿي نه آهي.

(٣) ان کي ڪوبه هڪ ڪلچر نه آهي بلڪ جدا ڪلچرن جو جم غفير آهي.

(۴) ان جون نہ ڪي تواريخي روايتـــون آهن نہ ڪو هڪ قــومي ڪردار آهي.

(۵) اهو متضاد سياسي ۽ اقتصادي مفادن جو مجموعو آهي.

انهيءَ نقطہ نگاهہ ڪان ڏسندا تہ معلوم ٿيندو تہ :

سنڌ حقيقت آهي پاڪستان وهم آهي

سنڌ روشني آهي پاڪستان تاريڪي آهي

هيٺ سنڌ جي پنجني صفات جي تشريح ڏيان ٿو:

## ا. سنڌ جاگرافيائي حدن وارو ملڪ آهي :

قـومي وطن جي شناخت لاءِ ہہ ڪسوٽيون ٿين ٿـيون، جن تي وطن جي تشخيص ڪري سگهجي ٿي.

(الف) انهيءَ خطہ زمين ۾ هڪ زبان مروج هجي.

(ب) اتي جا رهاڪو صدين جي باهمي تعلقات ڪري گڏجي خلط ملط ٿي ويا هجن.

دنيا جي مختلف ملڪن جون قومون، اصل ۾ مختلف نسلن، زبانن، ڪلچر ۽ قومي ڪردار جو مجموعو هيون پر صدين تائين گڏجي رهڻ ڪري آهستي ٿي اهي نسل، زبانون، ڪلچر، قومي ڪردار، ملڪي ماحول ۽ حالات جي ضرورتن پٽاندڙ ملي. هڪ صورت اختيار ڪري ويا. اهڙيءَ طرح گڏيل ذخيري جي حامل ماڻهن کي قـوم ۽ انهن جي جاءِ رهائش کي وطن سـڏيو وڃي ٿو.

مثال لاءِ انگليند کي وٺو تہ معلوم ٿيندو تہ اتي جا رهاڪو ائنگلو سئڪسن نسل جا سڏجن ٿا. هاڻ اتي برٽش ايمپائر جي مختلف ملڪن ۽ قومن جا ماڻهو تعليم، گذر معاش ۽ ٻين وجهن ڪري لڏي اچي سـڪـونت پذير ٿيا آهن. جن سيني کي پنهنجون زبانون، ڪلچر ۽ روايات آهن، ليڪن هو آهستي آهستي ٿي انگريزي سکندا وڃن ٿا. گهر ۾ ڪٿي ڪهڙي بہ زبان ۾ گفتگو ڪندا هجن پر انگليند جي قومي زبان انگريزي سکڻ لازمي اٿن.

جيتوڻيڪ ڪيترن زبانن جا الفاظ انگريزيءَ ۾ داخل ٿي ويا آهن. جهڙوڪ لئٽن، فرينچ، گريڪ، جرمن ۽ ٻين مـشـرقي زبانن جا لفظ پر، انگليند جا رهاڪو، اهڙي ڪابہ ڪوشش ڪامياب ڪرڻ نہ ڏيندا، جنهن مطابق ٻاهرين زبان مٿن مسلط ڪئي وڃي.

انگريزي زبان جي بحالي، ترقي ۽ فروغ کي هو موت ۽ حياتيءَ جو سوال سمجهي، ان جي حفاظت فرض سمجهن ٿا. پر ۾ ڏسو ويلس، اسڪاٽ لينڊ، آئرلينڊ، صدين کان انگريزي سامراج ۾ رهيا آهن، پر اڄ تائين پنهنجن زبانن جي حفاظت ڪريو اچن. سنڌ ملڪ جون زبان جي بنياد تي حدون هيئين طرح وسيع هيون:

(١) اتر طرف بهاولپور رياست جو هڪ حصو.

(٢) ڏکڻ طرف ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جا ڪي حصا.

(٣) اڀرندي طرف راجستان جا ڪي حصا.

(۴) الهندي طرف لس ٻيلي ۽ بلوچستان جا ڪي حصا. انهن سڀني ايراضين جي زبان، ڪلچر ۽ روايتون ملن جُلن ٿيون.

جنهن صورت ۾ سنڌ جي موجوده ايراضي، پوريءَ طرح آزاد نه ٿي آهي اُن ڪري سموري ملڪ جي يڪي ڪرڻ جا خواب لهڻ بي سود آهن.

قيام پاڪستان بعد يوپي، سي پي، گجرات ۽ بمبئي وغيره ملڪن کان لکن جي تعداد ۾ ماڻهو لڏي اچي سنڌ ۾ وينا آهن. رواجي طرح اميد اها هئي ته جيئن اڳي لڏي آيل ماڻهو، سنڌي زبان، لباس، طرز معاشرت، ڪلچر حاصل ڪري ويا. اهڙيءَ طرح هي به ڪندا، پر هن نئين گروه مان اردو دان حضرات جو دماغ سامراجي گهمنڊ سان ڀريل ڏسجي ٿو. اهي پاڻ کي فاتح سمجهي، سندن زبان، ڪلچر زوريءَ سنڌين مٿان مڙهي، سنڌين جي زبان کي ختم ڪرڻ جي درپي آهن.

سنڌ جي تاريخ ۾ گذريل ٻن هزار ورهين ۾ هي نهايت مشڪل دور آيو آهي. انهيءَ ڪان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ٽي رستا آهن:

(١) پنهنجي ٻن هزار سالن جي ورثي سنڌي زبان کي وساري هنن نئين آيل سامراجي ٽولي جي زبان اردو اختيار ڪري، بي غيرت ٿي سگ ڏئي راضي ڪري. سندن لباس پهري، سندن غلام ۽ پوئلڳ ٿي، پيٽ پالڻ لاءِ تيار ٿي وڃون.

(٢) هنن کي ملڪ جو جدا حصو وراهي ڏئي جان آزاد ڪرايون. هندستان کي وراهي هتي آيا، هاڻ اسانکي وراهڻ جي درپي آهن يا هنن جو ارادو اهو ٿو ڏسجي ته ريڊ انڊين وانگر اسان کي ختم ڪري يا پنهنجي مملڪت بنائين.

(٣) قوم پرستيءَ جي بنياد تي سياسي شعور پيدا ڪري عوام ۾

(١) اسان جي وفاداري سنڌ سان آهي يا پاڪستان سان هئڻ گهرجي. خصوصاً ان حالت ۾ جڏهن موجوده پاڪستان جو نظام مهاجر پنجابي سامراج جي تسلط هيٺ اچي، پاڪستان "پنجابستان" بنجي چڪو آهي.

(٢) اسان سنڌي قوم جا فرد آهيون يا مسلم قوم جا جزا آهيون. خصوصاً ان حالت ۾ مسلم قوم جو نعرو خاص ان لاءِ هنيو ويجي ٿو ته مڪاني قوميتن کي ختم ڪري ٻاهريون سامراج برقرار رکيو وڃي.

(٣) اسان سيڪيولرزم جا حامي آهيون يا مذهبي نظام حڪومت جي دوکي هيٺ مهاجر پنجابي سامراج جي فسطائي نظريي هيٺ گمراهه ٿيون ٿا.

(۴) اسان جمهوريت جا قائل آهيون يا مذڪور بالا سامراج جي ڊڪٽيٽرشپ هيٺ رهڻ چاهيون ٿا.

(۵) اسان عوام جي حالت درست ڪرڻ لاءِ سوشلزم کي پسند ٿا ڪريون يا موجوده سرمائيداري ۽ جاگيرداري نظام کي.

(٦) اسان سنڌيءَ کي قومي زبان بنائڻ چاهيون ٿا يا غير ملڪي اردو زبان کي تسليم ڪري، سنڌي زبان جا لاهه پٽائڻ گهرون ٿا.

هاڻ مٿي ذڪر ڪيل مسئلن جي تشريح پڙهو.

## (١) وفاداري سنڌ يا پاڪستان سان رکجي :

پاڪستان جي حڪومت تي جهڙيءَ طرح ابتدا کان وٺي مذڪوره بالا سامراجي ٽولي جو تسلط قائم آهي، جي ان کي سنڌن استحصال لاءِ ڪتب آڻي رهيا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ پاڪستان سان وفاداري جو مطلب اهو نڪرندو ته:

سنڌ مهاجرن جو چراگاهه ٿي ڪم اچي ۽ پنجابين لاءِ بستان ٿي وڃي ۽ سنڌين لاءِ قبرستان بنجي پئي.

هن وقت سنڌ جي آزادي ختم ٿيل آهي، اها سامراجي طاقت جي ڪالوني بنجي ويئي آهي. هتي جي رهاڪن کي غلط مذهبي نشي ذريعي خود فراموشي جي تعليم ڏئي غلاميءَ تي رضامند ڪيو وڃي ٿو. محب وطن سنڌين کي علاقائي تعصب رکندڙ، انتشار پسند، ڌارين جو ايجنٽ، ملڪ جو دشمن سڏي بدنام ڪيو وڃي ٿو. سزائون ڏنيون وڃن ٿيون. سنڌ جي اهميت ۽ محبت گهٽائڻ لاءِ پاڪستان کي پاڪ ۽ پوتر ڪري پيش ڪيو

اسلام کان منحرف ٿي مهاجر پنجابي سامراج جي خود ساخته اسلامي تشريح جي پوئلڳي ڪرڻ آهي.

(ث) مسلم قوم جي معنيٰ بني اميه سامراج لاءِ يزيد جي پوئلڳ ابن قاسم، جي سنڌ جي فتح کي اسلام جي فتح سان تعبير ڪري مهاجر پنجابي سامراجي تسلط لاءِ ميدان هموار ڪرڻ آهي.

(ج) مسلم قوم کي مڃڻ، مهاجر پنجابي تسلط، ملٽري ڊڪٽيٽرشپ، اردو جو رائج ڪرڻ مذهب جي پنجابي تشريح جي مترادف ٿيندو.

هاڻ اچو ته سنڌي قوم جي قدامت جي تشريح ڪريون:

(١) سنڌي قوم ڇئن هزارن سالن جي ارتقائي تاريخ جي پيداوار آهي.

(٢) سنڌين کي سنڌن روايات، ڪلچر ۽ زبان جي قدامت ۽ عظمت تي بجا طور فخر آهي.

**نوٽ :** تعجب هن ڳالهه تي ٿئي ٿو ته جڏهن فردوسي شاعر ايران جي غير مسلم گير بادشاهن جي تاريخ نظم ۾ لکي ٿو ته ايران جي فاتحن (حضرت عمر ايران فتح ڪيو هو) کي "اٺ جو کير پيڻ وارا ۽ ڳوهن کائڻ وارا" سڏي ٿو ته افغانستان ۽ ايران جا مسلمان نه رڳو ان کي قومي شاعر سمجهي ٣٠ هزار سونيون مهرون انعام ڏين ٿا بلڪ سندس ڪتاب "شاهه نامي" کي بي بها ڪتاب شمار ڪن ٿا.

ايران جو موجوده شاهنشاهه جڏهن اڍائي هزار سال اڳ جي گبر بادشاهه جي تربت تي وڃي جشن ملهائي ٿو ۽ پاڪستان جو صدر ان مجلس ۾ شرڪت ڪري ٿو ۽ سارو هفتو پاڪستان جون ريڊيو اسٽيشنون ۽ شهر جشن ملهائين ٿا ته ڪوبه اعتراض نٿو وٺي. ليڪن جڏهن سنڌ جا باشندا، پنهنجي چار هزار سالن جي موهن جي دڙي تي فخر ڪن ٿا ته ان کي ناجائز ٺهرايو وڃي ٿو.

جيڪڏهن سنڌ جا رهاڪو راجا ڏاهر جنهن سنڌ جي آزادي ۽ عظمت لاءِ ڌارين حمله آورن سان وڙهندي شهادت پاتي، جي ساراهه ڪن ٿا ته ان کي گناهه تصور ڪيو وڃي ٿو. باوجود ان جي جو راجا ڏاهر غير متعصب حڪمران هو، جنهن جي دور حڪومت ۾ ٻڌ ڌرم جا مندر هلي رهيا هئا. جنهن هڪ سادات قبيلي، جو يزيدي خاندان جي ظلم کان ڀڄي سنڌ ۾

آيل هو، کي پناهہ ڏني هئي. جنهن محمد بن علافيءَ جو نالو پنهنجي سڪي جي ٻي طرف لکرايو هو.

ٻي طرف ان ماڻهوءَ کي هو بني اميہ سامراج جي واڌاري لاءِ لشڪر وٺي سنڌ کي فتح ڪرڻ آيو هو، ابن قاسم يزيدي گروه جو سپهہ سالار، مشهور سفاڪ ۽ ظالم حجاج بن يوسف جو ناٺي ۽ سوٽ جو پٽ هو. جنهن سنڌ جا ٢٠ هزار مرد ۽ زالون غلام ڪري عرب ۾ وڪرو ڪرايون هيون. جنهن سنڌ جا ڪروڙها رپيہ ڦرلٽ ۾ گڏ ڪري پنهنجي سهري حجاج بن يوسف ڏي موڪليا هئا، جنهن راجا ڏاهر جي زال ۽ ٻن نياڻين سان هم بستري ڪئي هئي، کي اسلام جو علمبردار شمار ڪيو وڃي ٿو.

افغانستان ۽ ايران جا رهاڪو مسلمان آهن. زبان بہ ساڳي اٿن. هڪ ٻي جي ڀر ۾ آهن، تاريخي روايات بہ قريباً ساڳا اٿن پوءِ بہ گڏجي هڪ ملڪ ٿيڻ لاءِ تيار نہ آهن. عراق، شام، لبنان، ملڪ هڪ ٻين جي نزديڪ آهن. زبان، مذهب ۽ قوم هڪڙي هئڻ جي باوجود هڪ ملڪ ٿيڻ لاءِ رضامند نہ آهن.

ڪويت، بحرين ۽ يمن جا بہ ملڪ مسلمان. عرب هئڻ جي باوجود هڪ ٿيڻ لاءِ تيار نہ آهن. تہ سنڌين ڪهڙو گناهہ ڪيو جنهن جي پاداش ۾ هڪ مصنوعي مسلم قوم جي نالي هيٺ انهن کي پاڪستان ۾ مهاجر پنجابي سامراج جي غلاميءَ ۾ رکيو وڃي.

انهيءَ ڪري محب وطن سنڌين کي هي ڳالهہ صاف طور سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ سنڌين لاءِ مسلم قوم جو نظريو خواب آور گورين برابر آهي جنهن جو وڏيڪ ڊوز موت جو باعث بڻجي ٿو. تنهن ڪري ان نظريي جي نہ صرف مخالفت ڪرڻي اٿن پر ان کي حقارت جي نگاهہ سان ڏسڻو اٿن.

## (٣) سيڪيولرزم يا مذهبي نظام حڪومت :

مذهبي نظام حڪومت دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ مروج نہ آهي ۽ نہ اهو موجوده دور ۾ ڪٿي مروج ٿي سگهي ٿو. پاڪستان جا حڪمران، ان جا ايجنٽ ملا، مهاجر ۽ پنجابي سامراجي ٽولو ۽ سندن پنو وقت بہ وقت مذهبي حڪومت جو راڳ ڳائيندا وتن ٿا.

منهنجي نظر ۾ سندن انهيءَ روش لاءِ هيٺيان ڪارڻ جوابدار آهن:

(الف) مذهبي نظام حڪومت جي نالي ۾ عوام جو توجهہ ملڪ جي

مڪيہ سياسي، اقتصادي ۽ سماجي مسئلن کان هٽائي پنهنجو سامراج قائم رکڻ گهرن ٿا.

(ب) مذهب فوق العقل بنياد تي مسئلن جو حل چاهي ٿو. جنهن جي تشريح ملن کي ڪرڻي آهي. جن کي حڪمران طبقو خريد ڪري سندن مرضي مطابق ڪتب آڻي ٿو.

اهڙيءَ طرح سامراجي ٽولو، سندن مستقل مفاد جي حفاظت لاءِ هر اقتصادي ۽ سماجي سڌاري جي راهہ ۾ مذهب جي نالي ۾ رنڊڪ وجهارائي ٿو.

(ت) جديد دنياوي حڪومتن ۾ مذهبي نظام حڪومت ٿيندو ئي ڪونہ آهي. دنيا ۾ هن وقت ڪابہ اسلامي نظام حڪومت واري سلطنت ڪانہ آهي.

اهو نعرو عوامي توجهہ سيڪيولر نظام حڪومت، سوشلزم ۽ جمهوريت کان هٽائڻ لاءِ هنيو وڃي ٿو. تنهن ڪري هر قوم پرست سنڌيءَ کي مذهبي نظام کان بيزاري ڏيکارڻي آهي. جيڪي ماڻهو ساڻن اهڙي گفتگو ڪن، تن کي دوکيباز سمجهڻ گهرجي. مذهب روح جي راحت ۽ آخرت جي سهاري جو ڪم ڏئي سگهي ٿو. ان کي ملڪ جي سياسي گندگيءَ ۾ ملوث ڪرڻ انسان دشمني جي مترادف آهي.

## ۴. جمهوري حڪومت يا آمرانہ حڪومت :

هيءَ ڳالهہ ذهن نشين ڪرڻي آهي تہ جڏهن سامراجي ايجنٽ ملا مذهب ۽ سياست کي گڏ هلائڻ جو ذڪر ڪن ٿا تہ اها اسلامي سياست نہ آهي پر خالص فسطائي سياست آهي. پوءِ ان جو پرچارڪ علامہ اقبال هجي يا ملا مودودي. فسطايت آمرانہ حڪومت جو ٻيو نالو آهي. آمريت مستقل مفاد جي فائدي لاءِ برپا ڪئي وڃي ٿي. پوءِ اها آمريت ملا جي هجي يا ڪن طاقتور شخصن جي يا سول سروس ۽ ملٽري جنتا جي هجي، ان جو نتيجو سنڌ جي آزادي، حقوق ۽ ملڪيت تي غاصبانہ تسلط قائم ڪرڻ ۾ نڪري ٿو.

ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي تہ مذڪور بالا سامراجي ٽولي جو گروهہ سول سروس جنتا ڪڏهن بہ حڪومت جون واڳون عوام جي هٿ ۾ ڏيڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو، جو ان مان سندن مستقل مفاد کي نقصان پهچندو.

هڪ شاعر چيو آهي تہ:

"يہ هر رنگي کہ خواهي جامہ مي پوش
من انداز قدت مي شناسم"

اهي سامراجي ڪهڙا بہ بهانا بنائين. اسلام، پاڪستان، مسلم قوم، مذهبي نظام حڪومت جا. سي سڀ دوڪا آهن عوام کي غلام رکڻ جا. تنهن ڪري سنڌي عوام کي خبردار رهڻ گهرجي تہ ڪهڙي بہ عذر تي هي ماڻهو جمهوريت کي رائج ڪرڻ ۾ رنڊڪ وجهن تہ ان جو مڙس ٿي مقابلو ڪرڻ گهرجين.

سنڌين کي انهيءَ سامراجي ٽولي جي هيٺين دوڪن کان خبردار رهڻ گهرجي :

(١) هو چون ٿا : تہ پاڪستان جي استحڪام ۽ يڪجهتيءَ لاءِ مرڪزي حڪومت جي مضبوطي ضروري آهي، جا صرف مرد آهنيءَ جي معرفت ٿي سگهندي.

(٢) قوم پرستي، سيڪيولرزم ۽ جمهوريت مان اسلام کي خطرو آهي. ان ڪري اسلام جي فائدي خاطر حڪمران طبقي کي زور وٺائڻ گهرجي.

(٣) پاڪستان جا رهاڪو پست پيل ۽ جاهل آهن. منجهن سياسي شعور نہ آهي. سياستدان بي ايمان ۽ نالائق آهن. ان ڪري حڪومت جي واڳ اسلام ۽ پاڪستان جي فائدي خاطر سول سروس ۽ ملٽري جنتا جهڙن لائق ماڻهن جي هٿ ۾ هئڻ گهرجي.

(٤) بينگالين پاڪستان خلاف ڀارت جي هندن جي چرچ تي بغاوت ڪئي آهي، ان ڪري پاڪستان ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃڻ تي اچي بيٺو آهي ان ڪري هن نازڪ وقت ۾ جمهوريت جو نالو وٺڻ پاڪستان دشمنيءَ جي برابر آهي.

تنهن ڪري اکيون ٻوٽي ملٽري ٽولي جي مدد ڪريو، تہ ان سازش کي ختم ڪن. انهيءَ راءِ جا حمايتي مسلم ليگ جا ٽيئي گروهہ، نظام اسلامي جماعت، جماعت اسلامي، مولوي احتشام الحق ۽ پيپلس پارٽيءَ جا ليڊر آهن، جي انهن جي آڌار تي اقتدار حاصل ڪرڻ گهرن ٿا.

## (۵) سرمائيدارانہ نظام يا سوشلزم:

آئون اڳي ٻڌائي آيو آهيان تہ پاڪستان کي هن وقت سامراجي ٽولو، سنڌن مستقل مفاد لاءِ ڪٽب آڻي رهيو آهي. ان ٽولي جا جزا ڪهڙا گروهہ آهن؟

غور ڪري ڏسندا تہ وڏا واپاري، ڪارخانيدار، زميندار، ڪامورو

ڪلاس، ملا. پير سڀ انهي استحصالي جٽي جا جزا آهن.

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي ته "گـدڙ، گـدڙ جي اونائي نه اونائي ته ڪوڙهيو ٿي مري" ان واڱر هي سڀ صاحب هڪ ٻين جا همدرد، هر خيال ۽ مددگار رهن ٿا. انهيءَ سامراجي ٽولي جو مدار المهام مهاجر پنجابي مستقل مفاد گروه آهي. هرهڪ صوبي ۾ ڪيترا انهن جا ايجنٽ آهن، تنهن ڪري سنڌي عوام کي خبردار رهڻ گهرجي ته جو ماڻهو سوشلزم جي مخالفت ڪري ٿو پوءِ اهو ملا هجي، پير هجي يا سياستدان. اهو انهيءَ سامراجي ٽولي جو ايجنٽ آهي. انهن جي مخالفت ڪرڻ سنڌين فرض آهي.

## (٦) سنڌي يا اردو زبان :

ڇهون مسئلو پاڪستان جي قومي زبان جو آهي. مهاجر پنجابي سامراجي گروهه، سنڌي قوم کي ختم ڪرڻ لاءِ اردو زبان کي سنڌين تي مسلط ڪرڻ گهري ٿو.

جي اها پاڪستان جي قومي زبان آهي تنهن ڪري هر صوبي ۾ماڻهن کي زوريءَ پڙهائي وڃي. قومي زبان اها ٿيندي آهي جا انهي ديش جي ڪثير تعداد ماڻهن جي مادري زبان هجي. اردو زبان پاڪستان جي ڪنهن به صوبي جي مادري زبان نه آهي.

انهيءَ ڪري ان کي قومي زبان بنائڻ لاءِ ڪوبه جواز نه آهي. ان کي مهاجر حڪمران طبقي ملڪ مٿان مڙهيو آهي. سنڌين کي نه صرف سنڌ ۾ ان کي دفتري زبان بنائڻ جي مخالفت ڪرڻ گهرجي. پر پاڪستان جي قومي زبان بنائڻ تي به اعتراض وٺڻ گهرجي.

هن ڪان وڌيڪ پنجابي زبان ان منصب لاءِ سنڌيءَ سان گڏ حقدار ٿي سگهي ٿي. اردو ٢٥٠ ورهين جي زبان آهي. سنڌي زبان کي وطن آهي، اردو بي وطني ۽ بي پاڙي زبان آهي.

اردو زبان کي جيڪڏهن اهل پنجاب گهرن ته پلي پنهنجي دفتري زبان بنائين پر سنڌ ۾ سواءِ ابتدائي درجي ڪان وڌيڪ حيثيت ڏيڻ سنڌي زبان لاءِ زهر قاتل ثابت ٿيندو.

تنهن ڪري هرهڪ محب وطن ۽ قوم پرست سنڌيءَ جو فرض آهي ته جو به سنڌي، اردو جي حمايت ۾ ڳالهائي ان کي بليڪ لسٽ تي رکن.

هاڻ اچو ته سنڌ جي مکيه مسئلن تي بحث ڪريون.

آئون مٿي چئي آيو آهيان ته سنڌ جدا ملڪ آهي ۽ اتي جا رهاڪو،

مستقل قوم آهن. پوءِ سوال اٿندو تہ باوجود ان حقيقت جي سنڌي هن وقت چو ڌارين جي غلامي هيٺ اچي ويا آهن. ان جو جواب ڀڏرو پيو آهي تہ:

سنڌي (De jure) از روئي حق برابر قوم آهن پر (De facte) واقعاً جديد قوم جي صفتن سان موصوف نہ ٿي سگهيا آهن.

ان مسئلي تي جيتري قدر مون غور ڪيو آهي ان جا هيٺيان ڪارڻ معلوم ٿيا اٿم:

(۱) سنڌي اڃا پوري طرح "قبائلي زندگيءَ مان نڪري شهري زندگي" اختيار ڪري نہ سگهيا آهن.

(۲) عوام ۾ صحيح قومي شعور پيدا ٿي "قومي عصبيت ۽ هم جنسيت" پيدا نہ ٿي آهي.

(۳) متاهين طبقي جي "خود مطلبي" ان جي ڪمزوريءَ جو باعث بنيو بيٺي آهي.

(۴) سندن "احساس ڪمتري" بزدليءَ جي صورت اختيار ڪئي آهي.

(۵) عوام جي "وهم پرستي" ان کي ملا - پير ۽ زميندار جو محتاج رکيو اچي.

هيٺ مٿي ذڪر ڪيل ڪارڻن جي تشريح ۽ سمجهاڻي ڏيان ٿو.

### ۱. قبائلي زندگيءَ جو پوري طرح نہ ٽٽڻ:

هتي قبائلي زندگيءَ مان منهنجو مقصد صرف قبيلن جو جوڙجڪ نہ آهي پر هيءَ آهي تہ مختلف اسباب ڪري عوام جو ڪثير تعداد چند گروهن يا مکيہ شخصن جي اثر هيٺ رهندو اچي ٿو. ان جو مکيہ ڪارڻ شهري زندگيءَ جي گهٽتائي آهي. ڪثير تعداد ماڻهن جو اڃان ننڍن ڳوٺن يا ڇروڇر گهرن ۾ رهي ٿو. ان ڪري نہ پوري تعليم حاصل ڪري سگهيا آهن نہ منظم طور حڪومت جي حفاظت مان مستفيد ٿي سگهيا آهن.

تنهن ڪري هنن کي پنهنجي زميندار ۽ ڪاموري جي مدد جو محتاج رهڻو پوي ٿو. ان وجهہ ڪري هو آزاديءَ سان سندن وسيع نفعي ۽ نقصان جي سمجهڻ ۽ ان جي حصول لاءِ محروم رهجيو وڃن.

جديد قسم جي ذي حس، ذي شعور ۽ آزاد قوم بنجڻ لاءِ ان جي عوام کي مذڪور بالا چئن گروهن جي محتاجيءَ کان آزادي ضروري آهي.

اها تڏهن حاصل ٿي سگهندي جڏهن :

(۱) وڏيون زميندازيون ختم ڪيون وڃن.

(۲) شهري زندگيءَ کي فروغ ڏنو وڃي.

(۳) صحيح تعليم ذريعي ملا ۽ پير جي چنبي مان عوام کي آزاد ڪيو وڃي.

(۴) جمهوري حڪومت قائم ڪري ڪاموري کي ماڻهن جو خادم بنايو وڃي.

انگريزن سان لاڳاپي ڪري، اسان قوم پرستيءَ ۽ جمهوريت جي اصولن کان مانوس ٿياسون. ليڪن ساڳين انگريزن، سندن سامراجي مصلحتن خاطر عوام کي مذڪور بالا گروهن جي محتاجيءَ کان آزاد نہ ڪرايو. ويتر انهن کي زور وٺائي عوام کي ڪمزور ڪيو.

انگريزن جي وڃڻ بعد ملڪي حڪومت مذڪور بالا گروهن کي ٻن وڏيڪ گروهن (ڪارخانيدار ۽ واپاري) جي اضافي سان سپرد ٿي. جنهن سندن تسلط قائم رکڻ لاءِ عوام کي وڌيڪ محتاج بنائڻ جو رستو اختيار ڪيو آهي.

انگريز مهذب قوم هئا. ڪين کي اخلاقي معيار هئا. ليڪن هي نئون حڪمران طبقو نہ تهذيب جي صفتن سان موصوف آهي نہ ڪين کي اخلاقي قدر آهن. هي سمجهن ٿا تہ هي ملڪ ۽ ماڻهو ڪين مملڪت خداداد ٿي ورثي ۾ ملي آهي، ان کي جيئن وڻين تيئن لٽين، ڦرين ۽ هلائين. تنهن ڪري عوام ۾ سياسي شعور پيدا ڪرڻ، جذبہ آزاديءَ سان سرشار ڪرڻ ۽ منجمند حالتن ۾ انقلاب آڻڻ جو بار وري چند مخلص قومي ۽ سوشل ڪارڪنن تي پوي ٿو تہ هو عوام تائين پهچي ڪين سمجهائين.

ان ڪم لاءِ قومي ڪارڪن، مزدور ڪارڪن، سنڌي شاگرد، ماستر ۽ ٻاهران آيل مهاجر ۽ پنجابي قوم پرست ۽ ترقي پسند ڪارڪن بہ ڪارآمد ٿي سگهن ٿا. بشرطيڪ ٻيون گروهہ سامراجي ٽولي جي ايجاد ڪيل مذڪوره بالا حربن ۽ لاڳاپن کان آزاد رهي ڪم ڪري.

هن وقت سنڌ جو سماجي نظام هيٺ ذڪر ڪيل خامين جو شڪار آهي:

الف – بدامني

ب – باهمي اختلاف ۽ دشمنيون

ت – جهالت

ث – بد رسومات

## (ا) بدامنيءَ جا ڪارڻ ۽ ان جي دور ڪرڻ جا طريقا:

آئون مٿي ٻڌائي آيو آهيان ته سنڌي ماڻهو اڃان گهڻي تعداد ۾ ننڍن ڳوٺن، ڇڙوڇڙ گهرن ۾ خانه بدوشيءَ ۾ رهن ٿا.

جن جو گذر معاش، کيتي يا مال چارڻ تي رهي ٿو. ڪيترا مڇي مارڻ جو ڌنڌو به ڪن ٿا. ڳوٺاڻن جي مکيه ملڪيت زالون ۽ مال آهن، جن جي سلامتيءَ جو کين گهڻو فڪر رهي ٿو.

سنڌ ۾ مختلف وجوهات ڪري سماج مان زالن ۽ مال جي چوري بند نه ٿي سگهي آهي. تنهن ڪري ڳوٺاڻو سدائين خوف ۾ رهي ٿو. انهيءَ تان اڪثر دشمنيون ۽ انتقامي ڪارروايون ٿين ٿيون.

زميندارن، پيرن ۽ ملن جا باهمي اختلاف به بدامني جو ڪارڻ بڻجن ٿا. انهيءَ جي گهٽائڻ لاءِ هيٺيان طريقا موثر ثابت ٿي سگهن ٿا:

(١) خانه بدوش ۽ ڇڙوڇڙ گهرن جي ماڻهن کي لڏائي وڏن ڳوٺن ۾ رهائجي.

(٢) وڏن شهرن ۽ ڳوٺن جي وچ ۾ پڪن رستن ذريعي مواصلات جو سلسلو جاري ڪجي.

(٣) زميندايون ختم ڪري، آبادي سرڪار طرفان ڪرائجي يا ننڍن ڪاتيدارن ۾ زمين ورهائجي.

(۴) جديد تعليم ذريعي پيرن، ملن ۽ زميندارن جو اثر ماڻهن تان لاهجي.

(۵) انتظامي ۽ عدالتي ڪاتن کي جدا ۽ درست ڪيو وڃي.

(٦) ڪجهه نصيحت ۽ ڪجهه سزا ذريعي ڏوهارين جي اخلاق درست ڪرڻ لاءِ انتظام ڪجي.

پر انهن سمورين ڳالهين جي سر انجاميءَ جي راهه ۾ رڪاوٽ پاڪستان جو نظريو، مرڪزي حڪومت جي مضبوطي، آمرانه نظام حڪومت، مذهبي سياست ۽ مهاجر پنجابي سامراج ٽولو آهن. انهن جي خاتمي تي بدامنيءَ جو خاتمو مدار رکي ٿو.

## (ب) باهمي اختلاف ۽ دشمنين جا ڪارڻ :

سنڌ ۾ اختلاف ۽ دشمنين لاءِ مختلف ڪارڻ ٿين ٿا. جهڙوڪ:

چورين ڪري اختلاف .

زالن ڀڄائڻ يا شرم ۾ خيانت ڪري اختلاف.

زمين جي مالڪي، قبضا، مهاڳن ۽ پاڻي جي ورهاست وغيره تان اختلاف.

زميندارن جي مختلف وجوهات ڪري باهمي اختلافن تان انهن جي طرفدارن جا اختلاف.

پيرن جا باهمي تعصب، عقيدن وغيره تان اختلاف.

ملن جا باهمي تعصب، عقيدن وغيره تان اختلاف.

مختلف قبيلن جهڙوڪ ڪوسا، بگٽي، مگسي، چانڊين وغيره جون قبائلي دشمنيون.

اسان جي قومي شيرازي ۾ ڪمزوريءَ جو باعث بنجن ٿيون. انهن جي گهٽائڻ لاءِ هيٺيان طريقا ڪارآمد ٿي سگهن ٿا:

(١) مال جي چوريءَ کي بند ڪرائڻ لاءِ پوليس، ماجسٽريٽ ۽ خانگي ماڻهن تي مشتمل جرڳہ ٺاهي سمري فيصلا ڪرائي ان جو انسداد ڪرايو وڃي.

(٢) زالن جي اغوا ٿيڻ کي روڪڻ لاءِ سماجي دستورن جي درستي ۽ جرڳن ذريعي موٽائڻ جو انتظام.

(٣) زمين جي تڪرارن جي فيصلي لاءِ قانونن جي درستي ۽ عدالتن جي سهولت ڪرڻ گهرجي.

(٤) زميندارن جا اختلاف تيستائين تائين آهن جيستائين ڪين زميندارين آهن. انهن جي خاتمي بعد سندن اختلاف از خود ختم ٿي ويندا. پوءِ جي اختلاف ڪن تہ ١٠٧ قلم جي ضمانت هيٺ رکيو وڃن.

(٥) پيرن جون درگاهون اڳ ۾ وقف هيٺ آنديون ويئون آهن، باقي لاءِ پيرن جي نذراني وٺڻ، ووٽن لاءِ ورڪ ڪرڻ ۽ سياست ۾ حصي وٺڻ تي بندش وڌي وڃي.

(٦) ملن جي فتوائن ڪڍڻ، فرقيوار پرچار ڪرڻ، سياست ۾ حصي وٺڻ تي بندش وڌي وڃي.

(٧) پير، ملا، تاجر ۽ ڪارخانيدار کي سياست ۾ حصي وٺڻ کان خارج ڪيو وڃي.

پر اهي سڀ ڳالهيون پاڪستان جي موجوده نظام حڪومت ۾ سامراجي ٽولو ڪامياب ڪرائڻ نہ ڏيندو. جنهن صورت ۾ پاڪستان جو وجود ۽ سامراجي تسلط لازم ملزوم آهن، ان ڪري پنهي جي پاڙ پٽڻي

پوندي.

**(ت) جهالت :**

جهالت مان منهنجو مقصد صرف لکڻ پڙهڻ جي اڻ ڄاڻائي نہ آهي. اسان جو سماج گهڻن قسمن جي اڻ ڄاڻاين جو شڪار آهي، جن جي ڪيترن ماڻهن کي شايد تميز بہ نہ هجي. مثلاً:

(الف) هندستان جي ورهاڱي ۽ پاڪستان جي قيام لاءِ، مهاجر پنجابي مستقل مفاد جو استحصالي جذبو ڪارڻ هو ۽ انهيءَ جي مفاد لاءِ ان کي مذڪور بالا سامراجي گروهہ جو مدار المهام ملٽري سول سروس جنتا هلائي رهيو آهي.

(ب) پاڪستان جو نظريو يعني مسلمانن جي مذهبي بنياد تي قوم هئڻ جو نظريو قديم قومن جي عوام کي گمراهہ ڪري، انهن جي آزادي سلب ڪرڻ لاءِ حربو آهي.

(ت) مهاجر پنجابي سامراجي ايجنٽ ملن ۽ دانشورن طرفان اسلام جو پيش ڪيل تصور نہ صرف غير اسلامي آهي بلڪ عين ڪفر آهي.

(ث) پاڪستان جي گذريل ۲۴ سالن جي تاريخي تجربي بعد اهو چوڻ بيجا نہ ٿيندو تہ ان جو زياده وقت تائين قيام، قديم قومن جهڙوڪ سنڌي، بينگالي، بلوچي، پختوني ۽ پنجابي قومن لاءِ موت جو پيغام آهي.

(ج) موجوده حڪومت جو بينگالي قوم جي آزادي ڪسڻ وارو قدم جمهوريت ۽ قوم پرستيءَ خلاف جنگ جي مترادف آهي.

(ح) انهيءَ جنگ جي فيصلي تي جمهوريت ۽ قومن جي آزاديءَ جو مدار آهي.

(خ) پاڪستان جي محبت پيدا ڪرائڻ جي معنيٰ سنڌ جي دشمني برابر آهي.

(د) سنڌ ان وقت تائين آزاد ٿي نہ سگهندي ۽ نہ سنڌي ترقي ڪري سگهندا جيسين تائين سنڌي عوام پاڪستاني نظريہ قوميت، سامراجي اسلامي تشريح جي ماهيت معلوم نہ ڪئي آهي.

(ذ) سنڌي عوام ان وقت تائين نہ متحد ٿي سگهندو ۽ نہ امن ۽ سلامتي حاصل ڪندو، نہ آزاد ٿيندو، نہ ترقي ڪري سگهندو، جيسين تائين پير، ملا، زميندار، شاهوڪار ۽ سامراجي ٽولي جي پوئلڳي نہ ڇڏيندو.

(ر) جيسين تائين سنڌي شخصي، طبقاتي ۽ گروهي نفعي تي قومي

نفعي کي ترجيح نہ ڏيندا. ان وقت تائين De facts (واقعتاً) صحيح قوم نہ بنجي سگهندا.

(س) قربانيءَ کانسواءِ ڪوبہ وڏو مقصد حاصل نہ ٿي سگهندو.

اهي ۽ اهڙا ٻيا سوال آهن، جن جي صحيح معلومات بعد جهالت دور ٿي سگهندي.

### (ث) بد رسومات :

سنڌي سماج ۾ ڪيئي بد رسمون مروج ٿي ويل آهن. جهڙوڪ :

(١) شادين غمين تي فضول خرچيون.

(٢) قبيلن کان ٻاهر شادي ويانهہ نہ ڪرڻ.

(٣) هڪ کان وڌيڪ شاديون ڪرڻ.

(۴) مخالفن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ.

(۵) نشي جو واهپو.

(٦) ڪارو ڪاري جو دستور.

(٧) پير ۽ قبر پرستي.

اهي ۽ ٻيون ڪيئي ڳالهيون سماجي جسم ۾ ناسور ٿي ويئون آهن، جن جي ڪڍڻ ۽ سماجي اصلاح آڻڻ کانسواءِ عوام جي حالت درست ٿي نہ سگهندي.

### (٣) عوام ۾ صحيح قومي شعور جو پيدا نہ ٿيڻ:

ڪوبہ فرد يا قوم جيسين تائين پاڻ سڃاڻڻ نہ سکيو آهي، ان وقت تائين اها ستل آهي، هر ستل شيءِ نيم مرده آهي.

سنڌين کي پاڻ سڃاڻڻ لاءِ هيٺ بيان ڪيل معلومات حاصل ڪرڻ ضروري آهي:

(١) سنڌن پنج هزار سالہ شاندار ماضي جو تاريخي علم.

(ب) سنڌ ۾ مختلف مذاهب ۽ فلسفن جي سنگم مان پيدا ٿيل پيغام جو علم، جنهن جو لب لباب اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم جو پيغام آهي.

(ت) سنڌ جو ڪلچر ڪهڙو آهي ان جو بين الاقوامي ڪلچرن ۾ رول (ڪار منصبي) ڪهڙو ٿيندو.

(ث) سنڌين جي ڪردار مثلاً محبت جي جذبي، غير متعصبي، غيرت، لوئي جي لڄ، امانت (سام) جي رکوالي، سور سختيون سهڻ جو

جي پروردن کي ترجيح نہ ڏين ها، پر عشق اندو آهي، منهن جي ساڻن المستي محبت آهي.

**"المست ارواحن کي جڏهن چيائون**
**ميثاقئون ميهار سان لڏيون مون لائون"**

هو جهڙا آهن تهڙا منهنجا آهن. ڪين تا زندگي وساري نہ وهندس ۽ دعا ڪندو رهندس. پلي هنن جو ردعمل ڪهڙو بہ هجي.

**"جيسين هئي جنري وساري نہ وينئي،**
**وجي پون پيني سارين دي ڪي سڄڻين"**

پير علي محمد راشدي هڪ دفعي مونکي چيو تہ توکي ان عورت (قوم) سان محبت آهي جنهن جو سارو بدن باد فرنگ سان پريل آهي.

مون ڪيس ورندي ڏني تہ :

**"ليليٰ را بہ چشم مجنون بايد ديد"** :

شاه لطيف عليہ فرمائي ٿو:

**"اڳڻ متي اوپرا جڏهن ڏٺاءِ توڏا**
**ونگئي نہ وارن سين تن گورن جا گوڏا**
**تہ لکن جا لوڏا هوند نہ سٺئي سسئي"**

لکها ڏاريان ماڻهو طرح طرح جي نعرن ۽ دلبن سان اسان جي ملڪ ۾ گهڙي آيا جن جي هر ادا فريبانہ هئي. جنهن جي روش فرعونانہ هئي، پر اسان خواب غفلت ۾ ستا پيا هئاسون. سڃاڻپ جو ماده مفقود ٿي ويو هوسون. غافل ٿي سنڌ جي غوراب کي نيئي اوڙاهہ ۾ ڦٽو ڪيو اٿئون. هاڻ پربندر تي پهچڻ لاءِ غيبي مدد لاءِ پڪاري رهيا آهيون. شاهہ سائين فرمايو آهي تہ :

**"پاڻهي ايندو هوت آئون پڻ اڳيري تيان"**

اسان کي تيار ٿي موقعي جو فائدو وٺڻو آهي.

هي جي نوان ماڻهو آيا تن جي اسان گهڻي خوشامد ڪئي. پائر ڪري وهاريوسون، پر هنن جي دل ۾ مندي هئي تن اسان جي ڪلي ڪيڪارڻ کي ڪمزوري، نوڙت ۽ نياز کي بزدلي، اسلامي جذبي کي جهالت تصور ڪري پنهنجو سياسي تسلط ۽ اقتصادي استحصال جاري رکيو. هن وقت اسان غلام آهيون هو حاڪم آهن. "آئي تاندي ڪاڻ بورچاڻي ٿي ويٺي" وارو مثال آهي.

"ڌريان ٿي ڌاريان، مٽ مٽيءَ جا نہ ٿيا"

هينئر اسان کي اردو زبان، يوپي تهذيب، پنجابي اسلام جي سکيا ڏني وڃي ٿي. پنهنجي تاريخي روايات، غيرت، حميت کي وسارڻ لاءِ تلقين ڪئي وڃي ٿي.

جي : "سنڌي قوم ٿي نہ آهن" (مولوي مودودي)

- "سنڌين جي تهذيب گڏهہ هڪلڻ ۽ اٺ ڪاهڻ آهي" (لياقت علي خان)
- "سنڌين کي هنن اچي هندن جي غلاميءَ کان آزاد ڪيو" (روزنامہ جنگ)
- "هي اسان کي اسلام سيکارڻ آيا آهن." (روزانہ جنگ)
- "هنن کان خدا بہ، پڇي پوءِ ڪم ڪندو آهي" (علامہ اقبال)

اسان کي چنيسرن جي شناخت ڪرڻ ضروري آهي. موجوده دور اندر سنڌ ۾ ٻہ مکيہ سياستدان شهرت جا مالڪ بنيا.

١. خانبهادر محمد ايوب کهڙو ٢. ذوالفقار علي ڀٽو.

هيءَ ڳالهہ خاص طرح ذهن ۾ وهارڻ جي لائق آهي، مسلمانن ۾ عام طرح ۽ سنڌي مسلمانن ۾ خاص طرح پوئلڳي ۽ شهرت انهن سياستدانن کي نصيب ٿيندي آهي، جن وٽ وڏي ملڪيت يا زميندارِي، بنگلہ، موٽرون ۽ ڪثير پيسو موجود هوندو آهي. عوام اڪثر سنڌن اخلاق، اصول ۽ ڪردار طرف توجهہ گهٽ ڏنو آهي. جيڪڏهن انهيءَ معيار تي شهرت ۽ پوئلڳي ٿئي ها تہ مولانا عبيدالله سنڌي ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي کان وڏيڪ ماڻهو، اڄوڪي دور ۾ انهي جا اهل هئا. پر انهن جي ميٽنگن ۾ سؤ ماڻهو بہ مس هوند پڌڻ لاءِ اچن. مٿي ذڪر ڪيل ماڻهن لاءِ سنڌن ايام شهرت ۾ هزار ماڻهو صرف ديدار ڪرڻ لاءِ منتظر هوندا هئا. هاڻ اچو تہ سنڌن سياسي ڪردار تي نظر ڪريون.

**محمد ايوب خان کهڙو** : لاڙڪاڻي جو وينل، وڏي زميندارِيءَ جو مالڪ آهي. سنڌس والد وڏي ملڪيت ڇڏي ويو، ان جي آڌار تي هن بمبئي ڪائونسل ۾ پاڻ چونڊايو. خانبهادر جو لقب حاصل ڪيائين، اسڪول بورڊ جو چيئرمين ٿيو. ڪامورن سان دوستي رکندو آيو. مڪاني طرح سياست ۾ سر شاهنواز خان ڀٽو ٻيو طاقتور ماڻهو هو. ان سان ڪيس رقابت هئي. هن سندس خلاف شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي سنڌ اسيمبليءَ لاءِ بيهاري

ڪنهن قـومي خدمت ۽ عـوامي چونڊ جي وزير ٿي ويو. اتي وجڻ بعـد هن سندس حاڪم کي رضامند ڪرڻ لاءِ هينيان ڪم ڪيا :

سڪندر ميرزا جي نڪرڻ بعد جنرل ايوب خان جي خوشامد ڪرڻ شروع ڪيائين. ان جون دعوائون ڪيائين ۽ شڪار ڪرايائين.

ايوب خان کي ابراهيم لنڪن، لينن ۽ سلطان صلاح الدين ايوب جو همسر سڏيائين. چيائين تہ شاهہ لطيف حيات هجي ها تہ ايوب خان کي هارائي پارائي ها.

جمـهـوريت جي مخالفت ڪري بيسڪ ڊيموڪريسي (بنيـادي جمهوريت) جي نالي ۾ ايوبي دور جي مدد ڪيائين. جڏهن جمهوريت جي بحال ڪرڻ خاطر مس فاطمہ جناح، جنرل ايوب خلاف صدارت لاءِ اميدوار بيني تہ هر هنڌ وجي ڪڏا ڪم ڪري، ايوب خان جي مدد ڪيائين.

انهيءَ وقت ۾ هن کي معلوم ٿيو تہ حقيقي طاقت جو مالڪ مهاجر پنجابي سامراجي گروه هو. ايوب خان صرف سندن شوباءِ (پتلو) هو. اهي ايوب خان کان ناراض ٿيندا ويا ۽ جڏهن هن وزارت مان ڪڍيس تڏهن ايوب خان جي مخالف ملٽري گروه جي آڏار تي، هن سندس مخالفت ڪئي. سارو پنجاب سندس طرف ٿي بيٺو، اليڪشن ۾ هي انهيءَ آڏار تي ڪامياب ٿي ويو.

انهيءَ تي ملٽري جنتا هن کي بينگالين کي اقتدار سپرد ڪرڻ جي خلاف استعمال ڪري بينگال ۾ قتل عام شروع ڪيو. ان خود مطلبيءَ جي حالت ۾ ان هن ڳالهہ تي نہ سوچيو تہ عوامي ليگ جي ليڊر شيخ مجيب الرحمان جي مخالفت ڇا هئي.

(١) اهل بينگال جي اڪثريت جي مخالفت جمهوري قدرن جي مخالفت هئي.

(٢) اهل بينگال جي مخالفت مهاجر پنجابي سامراج جي آلہ ڪار ٿيڻ جي مترادف هئي.

(٣) اهل بينگال جي مخالفت قوم پرستيءَ جي مخالفت هئي.

(۴) اهل بينگال جي مخالفت سنڌ جي آزادي ۽ ترقيءَ جي مخالفت هئي.

(۵) اهل بينگال جو قتل عام ڪربلا جو منظر هو. جنرل يحيٰ يزيد جو ڪردار ادا ڪري رهيو هو.

ليڪن لالچ کان انڌو ٿي هن اهي سڀ ڪم ڪيا ۽ اجان ڪري رهيو آهي. سنڌي عوام ۾ سجاڳي جون اکيون آهن؟ جن کي جاڻ هجي سي اهڙن چنيسرن جي ڪردار کان عوام کان واقف ڪن.

عوام اجان شخص پرستي ۽ وهم پرستيءَ کان ٻاهر نڪري نہ سگهيو آهي. هنن جون دليون سالم آهن پر ڪين سياسي ليڊر، ملا، پير، قبيلن جا سردار، ڪامورا غلط رستن تي هلائين ٿا. هنن مان گهڻن جي عياشي، شرابخوري، بي اصولي، غير جي دلالي ۽ خود مطلبين مان ماڻهن کي واقفيت آهي پر ماڻهو عادت کان اهڙو مجبور آهن جو مختلف وجوهات ڪري، انهن مان جان آزاد ڪرائي نہ سگهيا آهن.

اڄ ڪلهہ مذهب کي مذهبي ڪتابن پڙهڻ، ڏاڙهي رکڻ، نماز، تسبيح، بهشت دوزخ جي دلاسن ۽ ڪن رسومات ۽ عبادتن تائين محدود ڪيو ويو آهي.

مذهب جا اصلي مقصد اتحاد انساني، امن عالم، ترقي بني آدم فوت ٿي ويل آهن. روحانيت کي دعا، پٽ، پيرن جي درگاهن جي زيارت، پيرن کي نذر نياز ڏيڻ ۽ ورد وظائف ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو.

پير پرستي انهي ڪري رائج آهي جو ماڻهو چون ٿا تہ فلاڻو بادشاه پير جو اولاد آهي، هي قلندر شهباز يا شاهہ ڀِٽائيءَ جو سجاده نشين آهي. هو امام رباني يا پير محمد راشد شاهہ، مخدوم نوح وغيره جي اولاد مان آهن، تنهن ڪري سنڌن وڏن جي محابي عزت ڪن ٿا. پوءِ انهن پيرن جو اخلاق ڪٿي ڪيترو بہ ڪريل هجي. ماڻهو ان ڏي توجهہ نٿا ڏين. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ماڻهن جا وڏا بت پرستيءَ جا هيراڪ هئا، هاڻ جي پٿر جا بت ڇڏائي ويا اٿن تہ پيرن جي پوڄلگي، ملا جي فرمانبرداري، زميندار جي زبردستي، نالائق، خود مطلب، ابن الوقت ۽ وطن دشمن سياستدان جي پوڄلگيءَ مان پاڻ ڇڏائي نٿا سگهن. ان حالت مان عوام کي ڪڍڻ لاءِ سخت پرچار جي ضرورت آهي.

سنڌ آزاد ڪيئن ٿيندي؟ جيستائين سنڌي عوام ٻاهرين سامراجين ۽ مڪاني استحصالين جي دام تزويز ۾ ڦاٿا پيا هوندا.

هندستان ۾ آئيني سڌارن ڏيڻ وقت، مسلمان ڪاموري، زميندار، تاجر جن جا مفاد هندو ڪاموري، سرمائيدار، تاجر ۽ ڪارخانيدار جي خلاف هئا، سندن مفاد جي حفاظت لاءِ مذهب جي نالي ۾ عوام کي گمراه ڪرڻ شروع ڪيو. اهڙي طرح سياسي ۽ اقتصادي اختلافن کي مذهبي رنگ ڏئي

عوام کي برغلايو. عجب هن ڳالهہ تي آهي تہ انهيءَ واسطي اسلام جا علمبردار جناح صاحب، لياقت علي خان ۽ قاضي عيسيٰ جهڙا ماڻهو ٿيا. جن کي اسلامي تعليم ۽ تربيت سان ذري جو بہ واسطو نہ هو، جن جي نہ سيرت اسلامي هئي نہ صورت، پر ماڻهن بنا تميز جي دوکي ۾ اچي ملڪ کي ورهائي پاڪستان قائم ڪرائي هزارها مشڪلاتون پيدا ڪرايون. هو ان دوکي ۾ رهيا تہ پاڪستان ۾ اسلامي حڪومت قائم ٿيندي. غربت، جهالت، ظلم، بداخلاقي ۽ استحصال ختم ڪيو ويندو. سک سلامتي، انصاف ۽ اخلاق جو دور دوره ٿيندو.

ماڻهن ان ڳالهہ ڏي توجهہ نہ ڏنو تہ آيا اهڙن ماڻهن هٿان مذڪوره بالا خرابيون دور ٿي سگهنديون يا نہ؟ اهو سڀ عوام ۾ سچاڻپ جي گهٽتائي جو ڪارڻ آهي.

هاڻ اچو تہ پاڪستان قائم ٿيڻ بعد جي حالات تي نظر ڪريون. ماڻهن جي حالت گذريل ٢۴ سالن ۾ بدلي نہ آهي، ويتر روز بروز خراب ٿي ويئي آهي.

ماڻهن کي اڳين تجربن مان سبق سکڻ گهربو هو، پر نہ سکيا. ڀٽي صاحب نچي ٽپي کين ٻڌايو تہ هو اسلامي سوشلزم ذريعي ملڪ جي حالت بهشت نما بنائي ڇڏيندو. جوندا آهن تہ ماڻهن جي شناخت سندس گذشتہ رڪارڊ ۽ ساٿين مان ڪري سگهجي ٿي. هن کي خيال رکڻ گهربو هو. جنهن ماڻهو ڏهہ سال ايوب خان جي پوئلڳي ڪئي هجي سو مير اعجاز، مخدوم هالا، غلام مصطفيٰ جتوئيءَ وغيره جي معرفت ڪهڙو سوشلسٽ انقلاب آڻي سگهندو. پر عوام صحيح سياسي شعور نہ هئڻ ڪري وري دوکو کائي ويا. پيرزاده عبدالستار ۽ الهہ بخش بروهي جهڙن ماڻهن خلاف منگيءَ کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪرايو. قاضي فضل الله خلاف ممتاز ڀٽي کي چونڊايو. مون تي ملڪ ۽ صالح شاهہ کي ترجيح ڏني.

جنهن جي عمر مان واقف هجي، ان جي ڏندن ڏسڻ جي ضرورت نہ آهي. ايوب خان جي پوئلڳ مان ايڏيون اميدون رکڻ ۽ سندس دلاسن تي ڀروسو ڪرڻ مان اهو نتيجو نڪتو آهي جو بينگال وڃائي ويٺا آهيون ۽ اربها روپين جو ملڪ کي نقصان پهتو آهي ۽ هزارها ماڻهو جنگ ۾ قتل ٿيا ۽ لکها ماڻهن بينگال ۾ جان وڃائي. هي جڏهن عوام جو نالو وٺي ٿو تہ ان جي معنيٰ پنجاب جو مستقل مفاد ٿئي ٿو.

اهي ٻه مثال سنڌي سياستدانن جا ٻڌو، هاڻ ڪي مثال پير صاحبن جا به ٻڌو.

مخدوم صاحب هالا : ڍاڪا ۾ جنرل ايوب خان پنهنجي صلاحڪارن جي ميٽنگ گهرائي جنهن ۾ پير پاڳاري کي گهرايائين، مخدوم صاحب کي نه گهرايائين. ان وقت ون يونٽ خلاف ڪن ميمبرن طرفان تحرڪ هليو. هن سمجهيو ته ان ۾ حصو وٺڻ ڪري، سنڌ ۾ هڪ طرف ناموس ٿينديس ۽ جنرل ايوب خان وٽ ٻي طرف سوديبازيءَ لاءِ جڳهه ٿينديس. جنرل ايوب خان تي خاص اثر نه ٿيو. ان وقت پير صاحب پاڳاري، شيخ مجيب الرحمان جي ساري چڙهندي ڏسي شيخ مجيب الرحمان کي دعوت ڏئي گفتگو ڪري عوامي ليگ ۾ شرڪت جو خيال ڏيکاريو ۽ سنڌ ۾ اچڻ جي دعوت ڏني. اها ڳالهه مخدوم صاحب جي اڳيان هئي.

سنڌ جي وڏيرن جي دستور مطابق هن ڪنهن ٻي سرپرست لاءِ ڪوشش ڪئي. ان لاءِ هن سن ۾ مون وٽ ماڻهو موڪليا ۽ چواريو ته ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ هي هلچل هلائيندو. آئون ان جي سرپرستي ڪريان. مون اُن کي جواب ڏنو ته مخدوم صاحب جي ڪردار کان واقف آهيان، ان مان اهڙي اميد رکڻ اجائي آهي. بهرحال اهڙي سڻي ڳالهه کان انڪار ڪري نٿو سگهجي. بعد ۾ سنڌس بنگلي تي حيدرآباد ۾ گهرايل ڪانفرنس ۹ مارچ ۱۹٦۹ع تي آئون شريڪ ٿيس. اتي هن ظاهر ڪيو ته اڳي سنڌ ون يونٽ ۾ داخل ڪرڻ لاءِ جيڪو مجبورين سبب هن ووٽ ڪيو هو ان جي حاضرين کان معافي وٺي يقين ٿو ڏياري ته آئينده هو سنڌ جي بحاليءَ لاءِ سيني ۾ گوليون جهلڻ واسطي تيار هو، ان وقت ان مقصد واسطي هڪ متحده محاذ ٺاهيو ويو ۽ مون کي ان جو صدر چونڊيو ويو. مون بروقت ظاهر ڪيو ته انَ ڪم واسطي مونکي جملي سنڌي قومي ڪارڪنن ۽ سياستدانن جي مدد جي ضرورت ٿيندي، ڇاڪاڻ ته ان ڪانسواءِ غداري ٿيڻ جا امڪان آهن ۽ اسان ايترو طاقتور نه هئاسون جو سامراجي ٽولي جو مقابلو ڪري سگهون.

ليڪن جيئن توقع هو هن کي جڏهن پتو پيو ته سامراجي گروه منهنجي سرپرستي هيٺ ڪنهن به تحريڪ جي مخالفت ڪندو ۽ ان لاءِ هڪ طرف ساڄي ڌر جي ماڻهن کي خان قيوم خان جي ماتحت گڏ ڪرڻ جو منصوبو آهي ۽ ٻي طرف کاٻي ڌر کي ڀٽي جي هٿ هيٺ منظم ڪرڻ گهري ٿو. انهن ٻنهي ڌرين کي سرڪاري سرپرستي هئي ان تي ڊڄڻ جي پڪين وانگر

محاذ ڪي ڇڏي وڃي ڀٽي جي غلاميءَ جو طوق پاتائين جو اڄ سڌيءَ طرح انهيءَ سامراجي ٽولي جو ڪارڪن هو. جن جي سايہ غفلت ۾ هن سياست جي تربيت ورتي هئي.

## پير صاحب پاڳارو:

هاڻ سنڌ جي ٻي مکيہ پير صاحب پاڳارو جو حال ٻڌايانوَ. هن جي اڳين جو ڪهڙو بہ رڪارڊ هجي پر هي صاحب مصائب سهڻ بعد بزدل ۽ ابن الوقت ٿي پيو آهي. ڍاڪا ۾ جڏهن اسيمبلي هلي رهي هئي تہ هي اتي ويو ۽ شيخ مجيب الرحمان کي دعوت ڏئي عوامي ليگ ۾ شرڪت ڪرڻ جو وعدو ڏنو ۽ سنڌ ۾ گهرائي ١١ آگسٽ ١٩٦٩ع تي پنهنجي طرف جا سڀ ماڻهو پاڻ سميت عوامي ليگ ۾ شامل ڪرايا. هي صاحب عقل ۾ ٿورو، سڌن ۾ سوايو آهي. ڪيس خبر هئڻ گهربي هئي تہ هڪ انقلابي ماڻهوءَ سان شموليت جو سرڪاري حلقن ۾ ڪهڙو ردعمل نڪرندو. جلد ئي ڪن سرڪاري آفيسرن طرفان جڏهن مٿس زور بار پيو تہ شيخ صاحب کي اطلاع ڏيڻ ڪانسواءِ، بنا سبب جي عوامي ليگ کي ڇڏي وڃي خان قيوم خان جهڙي مهاجر پنجابي سامراج جي آلہ ڪار جي بيعت ڪئي. ان سموري قلابازيءَ ۾ ڪيس ذري برابر بہ شرم نہ آيو.

هاڻ ٽئي پير صاحب جو احوال ٻڌو. جيتوڻيڪ مذڪور بالا ٻئي پير وڏين گادين جا مالڪ آهن پر سنوان سڌا سياستدان آهن. شرعي ۽ روحاني ڪاروبار ڪونہ ٿا هلائين.

هي ٽيو صاحب شريعت جو صاحب ۽ ورد وظائف جو ڏنڊو ڪنڌ آهي. اليڪشن جي موقع تي آئون ۽ رئيس پرڳڙي ڪيس سندس ڳوٺ ٽنڊي سائينداد ۾ ملڻ وياسون. پاڻ اڳ ۾ اعلان ڪيو هئائين تہ سوشلزم اسلام جي خلاف هو تنهن ڪري پيٽي پارٽيءَ کي هو مدد نہ ڏيندو. پير صاحب جي خاندان سان اسان جا تعلقات هئا. مون سمجهو تہ انهيءَ ڪري ممڪن هو پير صاحبن جو نظر تلطف شايد اسان جي طرف ٿئي. پر "الڪفر ملت واحدت"

هي ڪلاس پنهنجي راه تان نہ ٽڙندو ان ڪري اسان سندس معيار تي ٺهڪي نہ آياسون. سندن نظر ۾ بهترين علمبردار سائين صالح شاهہ نينگ وارو هو جنهن کي مدد ڏنائون، جو سامراجي گروه جي ساڃي ڏر جو اميدوارهو. علي محمد شاهہ راشدي اڳي ٢٧ سيپٽمبر ١٩٣٧ع تي مونکي

هڪ خط ۾ انهيءَ خاندان جي تضع ۽ فريب ڪاري بابت سندس شايع ٿيل خطن جي ڪتاب، خط نمبر ۹ ۾ جيڪي لکيو هو سو صحيح ثابت ٿيو.

ان کان وڌيڪ تعجب هن ڳالهه تي آهي ته جڏهين ملٽري جنتا جي تسلط کان سنڌ جي آزاديءَ جو سوال درپيش هو ته ڏسٽا وائسٽا ماڻهو شخصي غرضن ۽ دشمنين، پسندين ۽ ناپسندين کي ترجيح ڏئي، اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ لڳا جو هوند رواجي سمجهه وارو ماڻهو به نه ڪري. مثلاً:

عبدالستار پيرزادو ۽ ڪي نوجوان کهڙي ۽ راشديءَ جي محاذ ۾ شرڪت جي خلاف هئا، ته پير صاحب پاڳاري کي مخدوم جي شرڪت تي اعتراض هو. مخدوم صاحب ان گروه ۾ رهڻ پسند نه ٿي ڪيو، جنهن سان پير صاحب پاڳاري جو تعلق هو. کهڙي پٽي سان گڏجي ڪم ڪرڻ نٿي گهريو. تنهن ڪري ان موقعي تي جواري اٿي وانگر سنڌي گڏجي نه سگهيا.

جڏهن سنڌين کي سامراجي تسلط کان آزاديءَ جي ضرورت هئي تڏهن هي صاحب جان طلبي، ذاتي اختلافن ۽ خود غرضين ۾ گتا پيا آهن.

**” يه نادان گر گئي مسجدون ۾ جب وقت قيام آيا “**

اهڙي حالت ۾ جي پٽو صاحب وجي يحيٰ صاحب جي پوئلڳي اختيار ڪري. پير صاحب پاڳاره نواب قزلباش جي ڇاڙتي قيوم جي پوئلڳي ڪري ۽ کهڙو ۽ سندس ساٿي وجي دولتانه جي معرفت انهي گروه ۾ شموليت اختيار ڪن ته اها ڳالهه سندن قديم روايات مطابق هئي.

اهو سڀ ان ڪري ٿي رهيو آهي جو سنڌي عام ۾ صحيح سياسي شعور پيدا ٿي نه سگهيو آهي. اڄا ڪيترا سياستدان ۽ نوجوان ڪارڪن انهي خامين جي ماهيت کان به واقف نه ٿي سگهيا آهن.

جيڪڏهن سنڌين ۾ صحيح بنيادن تي سياسي ۽ قومي شعور پيدا ڪري قومي يڪ جهتي ۽ هم جنسيت جو احساس پيدا ڪرڻو آهي ته هيٺين پنجن اصولن جي بنياد تي پرچار ڪري مقصد حاصل ڪري سگهجي ٿو.

١. قوم پرستي يعني سنڌين جي جداگانه قوم جو تخيل.

٢. جمهوريت يعني پاڪستان جي سامراجي حڪومت کان پاڻ کي آزاد ڪري ان کي عوام جي حقيقي نمائندن جي سپرد ڪرايو وڃي.

٣. سيڪيولرزم يعني سياست کي مذهب کان علحده رکي سامراجي ايجنٽ ملن جي گمراه ڪرده پروپئگنڊا کان عوام کي آگاهه ڪيو وڃي.

۴. مرڪز جي مضبوطي يعني جنهن صورت ۾ پاڪستاني حڪومت

سندس موجوده حالت ۾ مهاجرُ پنجابي سامراج جي تسلط هيٺ هئي، ان ڪري پاڪستان جي استحڪام ۽ يڪ جهتيءَ جي نالي ۾ مضبوط مرڪز جو نعرو سراسر دوکو هو. ان ڪري سنڌين کي بحيثيت هڪ جداگانہ قوم جي خود ارادي لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

۵. سوشلزم يعني منظم منصوبہ بندي ڪري عوام جو معيار زندگي بلند ڪرڻ.

## (۳) متاهين طبقي جي خود مطلبي :

آئون مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ سنڌ مان اڃان پوري طرح قبائلي زندگي نہ ٽٽي آهي. بافعال قوم بنجڻ لاءِ قومي عصبيت ۽ هم جنسيت پيدا ڪرڻ ضروري هو.

متاهون طبقو باهمي اختلافن جو شڪار هو ۽ عوام منتشر هئو. آئون مٿي بہ ٻڌائي آيو آهيان تہ جنهن صورت ۾ عوام ۾ صحيح قومي سياسي شعور پيدا نہ ٿي سگهيو آهي. ان ڪري متاهين طبقي جا ماڻهو رنگ رليون ڪندا وتن ۽ عوامي زندگي روز بروز رد بتنزل آهي.

اول ڪان وٺي تاريخ تي نظر ڪري ڏسندا تہ مهاجر ۽ پنجابي مستقل مفاد ڪهڙي طرح سان سنڌن سامراج جي قيام لاءِ پاڪستان کي وجود ۾ آندو. ان جي قيام بعد ڪهڙي طرح سان سنڌس تسلط قائم رکڻ لاءِ فسطائي نظرين جهڙوڪ : "مسلمانن جي جداگانہ قومي تصور"، "پاڪستان جي يڪجهتي ۽ استحڪام"، "اسلامي نظام حڪومت" جي نالي ۾ جمهوريت جي عيوض آمريت قائم ڪري عوام کي محڪوم رکيو آهي. ان سموري سازش ۾ صرف مهاجر پنجابي سامراجي ٽولي جو هٿ نہ آهي پر انهن جي ماتحت هر صوبي ۾ متاهين طبقي جي خود مطلب ماڻهن بہ پي ڪم ڪيو آهي. هي متاهون طبقو ملڪ جي ساري پيداوار، ورهاست ۽ اقتدار تي قابض هو تہ مڪاني طرح، ان جي سنڌي ايجنٽن، ملا، پير، زميندار شاهوڪار ۽ ڪارخانيدار بہ گهٽايو نہ آهي.

جڏهن شينهن شڪار ڪندا آهن تہ لومڙيون ان جي آس پاس شڪار جي آنڊن اوجهريءَ لاءِ پيئون چڪر ڏينديون آهن. ان ڪري هي سنڌي وڏيرا بہ اڪثر انهيءَ انتظار ۾ رهندا آهن تہ عنقريب طاقت ۾ ڪير اچڻ وارو آهي تہ اڳئي وڃي ان جو پاسو وٺن تہ من ان ذريعي ڪا پرمٽ ملي وڃي. حسب الخواه ڪامورا پاڻ وٽ رکائي سگهن، جنهن ڪري ڪين مالي ۽

سياسي نفعو حاصل ٿئي. آئون اهو به ظاهر ڪري آيو آهيان ته ان مهاجر پنجابي سامراج جي گروهه جا ايجنٽ سنڌ ۾ هيٺيان گروه آهن :

(۱) زميندار (۲) پير (۳) ملا (۴) ڪامورو (۵) سرمائيدار

هر هڪ گروه کي پنهنجي نقطه نگاهه کان حڪمران طبقه جي حمايت حاصل ڪرڻ جي ضرورت پوي ٿي.

## ۱. زميندار :

ان کي هارين تي قبضو رکڻ، مخالفن کي دٻائڻ، چورن کان حفاظت، زراعت لاءِ پاڻيءَ جي حصول، ملڪيت وڌائڻ، عوام کي هيسائي زير اثر رکڻ واسطي ڪامورن کان بنا ڪنهن خرچ جي مدد حاصل ڪرڻ لاءِ ضرورت ٿئي ٿي. هو سدائين ان تاڙ ۾ رهي ٿو ته ڪير ٿو اقتدار ۾ اچي ته وڃي سندس سلام ڪري پنهنجا مطلب پورا ڪري.

## ۲. پير:

پيرن وٽ نه روحاني تعليم آهي نه فيض رهيو آهي. اڳين جي نالي پيا ماڻهن جي وهم پرستيءَ جو فائدو وٺن. هاڻ پير سياست ۾ دخل ڏئي يا ڪامورن ۽ زميندارن سان لاڳاپو وڌائي، مريدن جي ڪمن ڪارن ۾ مدد ڪن ٿا. انهن جي عيوض هنن کان نذرانو ۽ ووٽن ذريعي بدلو وٺن ٿا. احتياج آهي جو انهن کي حاڪمن جي درن تي ڏڪا کارائي ٿو.

**آنچ شيران را ڪند روبهه مزاج**
**احتياج است و احتياج ست و احتياج**

سندن وڏن وٽ حاڪم هلي ويندا هئا. هنن ۾ اها وٽ نه آهي، تنهن ڪري حاڪمن جي اڳيان سوالي ٿي پنهنجا ۽ مريدن جا ڪم ڪڍن ٿا.

## ۳. ملا:

اصل کان وٺي ملن جي اڪثريت حڪمران طبقي جي نمڪ خوار رهي آهي. انهن جي سهوليت خاطر شريعت کي مروڙي ڪتب آندو اٿن.

هن وقت جي مهاجر پنجابي سامراج جو اسلامي جماعت ايجنٽ طور ڪم ڪري ٿي. تنهن ڪري هر ان ڳالهه لاءِ جيڪا سندن آقائن جي فائده وارن آهي، شرعي جواز پيدا ڪري هنن جو تسلط عوام مٿان مضبوط ڪرڻ گهري ٿي. ليڪن دانسته يا نادانسته پيا ملا به ساڳيو راڳ ڳائيندا اچن ٿا.

انهيءَ ڪري انهن کي ڪيئي فائدا رسن ٿا يا فائدن جون اميدون رهن ٿيون. ڪامورا، زميندار، سامراجي حڪمران، ڪارخانيدار ۽ تاجر سڀ

انهن جا سرپرست آهن. هنن جاهل ملن کي اهو پتو نڻو پوي تہ دنياوي نفعي لاءِ هو مذهب اسلام کي ڪيڏو نقصان پهچائي رهيا آهن. انهن لاءِ قرآن شريف فرمائي ٿو تہ :

”هي اهي آهن جي هدايت جي عيوض گمراهي خريدين ٿا. انهيءَ سودي مان ڪين نفعو نہ تيڻ وارو آهي. اهي حق کان محروم آهن.“

”منهنجي حڪمن جي بدلي ۾ قيمت نہ وٺو ۽ مون کان ڊڄو.“

شاهہ سائين انهن لاءِ فرمايو آهي:

**”دنيا خاطر دين وڃائي ولها ٿيا“**

## ۴. ڪامورا :

انهن مان منهنجي مراد سنڌي ڪامورو آهي. غير سنڌي ڪامورا تہ سامراجي حڪمران طبقو آهي. هي اسان وارا ڪامورا صرف سندن ايجنٽ تي ڪم ڪن ٿا. جن کي صرف اضافا، رشوت ڪمائڻ، سهوليت واري جاءِ ملڻ جا فائدا ملن ٿا. ڪين اهو پتو نہ آهي تہ پنهنجي گهر جو آزاديءَ ۾ پٽيوالو ٿي رهڻ بہ بهتر آهي بنسبت غير جي غلامي هيٺ وڏي عهدي ۽ پگهار جي. پر هنن مان غيرت چڏائي وئي آهي. ڏاڍين جي غلامي ڪرڻ تي انگريزن جي ڏينهن کان هري ويا آهن. پنجري ۾ بند پکيءَ وانگر آزاديءَ جي هوا کان محروم رهڻ ڪري، ان جي فائدن کان غير واقف آهن.

نہ تہ هوند چون تہ : ”عمر جي محل ماڙين، زري، ريشم، ست رڃي طعامن کان لنب لاٽا، جهوپڙيون پڪا، ليڙن واريون لويون هزار دفعا بهتر آهن.“

پر غلاميءَ تي هريلن کي آزاديءَ جي هوا ڪارائڻ لاءِ وڏي پرچار ۽ محنت جي ضرورت آهي.

هن وقت هنن جي قلب تي ڪٽ چڙهيل آهي.

## ۵. شاهوڪار :

شاهوڪارن ۾ بہ گروهہ آهن. هڪڙا ڪارخانيدار، بئنڪر، وڏا واپاري ۽ تاجر هئا. جي مٿي ذڪر ڪيل سامراجي طبقي جا فرد هئا. جن لاءِ پاڪستان قائم ڪرايو ويو هو ۽ جن جي فائدي لاءِ هلايو وڃي ٿو. اهي اڪثر ٻاهريان آهن جي هر وقت ملٽري ۽ سول سروس جنتا جي مدد لاءِ تيار رهن ٿا. جنهن جي عيوض ۾ ڪين ڪارخانن جا ليسن، پرمٽون، فارين ايڪسچينج وغيره ذريعي نوازيو وڃي ٿو.

ٻيو گروه مڪاني نندن سنڌي واپارين ۽ دڪاندارن جو آهي جي هنن جي ايجنٽن طور ڪم اچن ٿا. هنن مان اڪثر سنڌن مکيہ ماڻهن جي اثر رسوخ ۽ پاليسيءَ ۾ رهن ٿا. ان ساري ڳالهہ مان نقصان غريب عوام کي پهچي ٿو. مٿي ذڪر ڪيل سڀ گروه عوام جي استحصال تي گذر ڪن ٿا. تنهن ڪري انهن مان خير جي اميد رکڻ اهڙي آهي، جهڙي ٻڪري ٻگهڙ مان رکي سگهي ٿي.

پاڪستان ۽ اسلام جي نالي ۾ واقعي عوام سان دوکو ڪيو ويو. پر عوام يا خواص اهو ڪونہ سمجهيو تہ جناح صاحب ۽ لياقت علي خان ڪهڙي طرح اسلام جي علمبرداري ڪري ٿي سگهيا.

ساڳي حالت هن وقت عوام جي ڀٽي جي اسلامي سوشلزم وقت ٿي. هنن کي سوچڻ گهربو هو تہ ڪيڏانهن ڀٽو ۽ سندس ساٿي ڪيڏانهن سوشلزم؟ هنن جو ماضي ۽ حال ان جي متضاد هئا. پر چوٽي آهي تہ هر نئين راڳيندڙ جا ماڻهو مشتاق ٿيندا آهن. هن ڀيريون ڪم اهو ڪيو جو ملٽري جنتا جي اشاري تي جمهوريت قائم ڪرڻ کان روڪائي ڇڏيائين. بينگال جي قتل عام ۽ ڪروڙ ماڻهن جي هجرت جو ڪارڻ بڻيو. آخر ۾ بينگال کي جدا ٿيڻ تي مجبور ڪرايائين. اڳتي هلي هي مير اعجاز، مخدوم هالا، جتوئي، منگي وغيرہ جي معرفت سوشلزم قائم ڪري پاڪستان کي جيڪو نفعو پهچائيندو، ان جو پتو ماڻهن کي جلد يا بدير پئجي ويندو.

## ۴. سنڌين جو احساس ڪمتري :

سنڌي گهڻي وقت کان ١. ساده مزاج ٢. بي ضرر يا ڪم آزار ٣. حياءُ ۽ ادب جا حامل ۴. مهمان نواز ٿي رهيا آهن. اهي خاصيتون هڪ حد تائين مفيد آهن پر انهن جو غلط استعمال نقصان جو باعث بڻجي ٿو.

بهتر آهي تہ انهن خاصيتن جي مختلف پهلن تي روشني وجهان.

### ا . ساده مزاجي :

رواجي طرح ساده مزاجي جي معنيٰ آهي تہ انهن جي رهڻي ڪهڻي ڪفايت شعاري واري هجي ۽ انهن ۾ نمائشي پهلو کي اهميت نہ ڏني وڃي.

سنڌين جو کاڌو، لباس، جاءِ رهائش سادگيءَ ڏي مائل ٿي رهيا آهن. سنڌ ۾ مثل مشهور آهي تہ ”سياري ۾ سوهڻ (رضائي) آهر پير ڊگهيرجن.“

يعني: پيدائش آهر خرچ ڪجي ۽ پڄندي ساري هام هڻجي، فضول

خرچي ۽ اجائي ٺاٺ ڪان منهن موڙجي.

انهي سادگيءَ مان هينيان ردعمل نڪرن ٿا.

(الف) سارو وقت ڪفايت ۽ سادگي اختيار ڪرڻ ڪري ماڻهو جا رڪاوٽ پنهنجي جبلي خواهشن تي وجهن ٿا ان جي ردعمل ۾ فضول خرچي ۽ نمائش جا جذبا عبور ڪيو نڪرن ٿا.

جنهن ڪري شادي غمي وغيره موقعن تي انهن جو اظهار ڪن ٿا ۽ نتيجي طور قرضن ۾ ڪارا ٿيو وڃن. اهڙي طرح سادگيءَ مان همت ۽ جان بازيءَ جو جذبو بدلجي غربت سان گذارڻ، مونن ۾ منهن پائڻ، واتون نه ورائڻ جي عادت پوي ٿي.

انهن سببن ڪري ظاهري نمائش، جهڙوڪ : سٺي ڪپڙي، بنگلي، سٺي ڪاڏي، ظاهري ٺٽ ٺانگر ڪرڻ وارن جو مٿن رعب ويهي ٿو.

سندن انهيءَ خاميءَ مان واقف ٿيڻ بعد اڳ مکيه زميندار ۽ پير گهٽو ڪري ائن ۽ گهوڙن تي سفر ڪري ماڻهن تي رعب وهاريندا هئا. هاڻ ان جي عيوض موٽرن ڪي ڪتب آندو وڃي ٿو.

پير صاحب پاڳارو، مخدوم صاحب هالا، پٽي صاحب جي گشتن وقت جنهن قسم جي نمائش ڪئي وڃي ٿي سا رعب وهارڻ جي خواهش جي تقاضا مطابق آهي.

تازو اليڪشن وقت ٢٠ کان ٦٠ تائين موٽرن ۽ جيپن سان ورڪ تي چڙهڻ جو مطلب به اهو ئي هو. هتي سنڌ ۾ پير جي بزرگي سندس اخلاق، علم، روحانيت ۽ خدمت خلق تي مدار نٿي رکي پر هن جي ساز، سامان، ڪامورن ۾ پچندي ۽ ظاهري رعب تي ياڙيندڙ آهي.

اهڙيءَ طرح سان زميندارن جو ميلن ۽ ملاکڙن ۾ خرچ ڪرڻ، ڪامورن کي دعوتون ڏيڻ ۽ شڪار ڪرائڻ، راڳ ۽ ساز جون محفلون ڪرڻ، عرس ۽ يارهين وغيره موقعن تي وڏا جڄ ڪرڻ، سڀ پنهنجي وڏ ماڻهپي ۽ رعب جو اظهار آهي.

آئون اڳي ٻڌائي آيو آهيان ته سنڌ ۾ ڪامياب سياستدان ٿيڻ لاءِ وڏي زمينداري، پيسي جي گهڻائي، بنگلو، موٽر وغيره هئڻ ضروري ڄاتو وڃي ٿو. اهو به ساڳي جذبي جو نتيجو آهي.

ازانسواءِ سنڌيءَ جي غربت سان گذارڻ ۽ واتون نه ورائڻ جي خواهش ڪري منجهس بي همتي ۽ بزدلي پيدا ٿئي ٿي. ان جي سبب هر

جارحاڻي ذهنيت ۽ لڙاڪو طبيعت جو ماڻهو مٿس تسلط ڄمائي ويجي ٿو.

پنجاب جو پير - يوپي جي نواب، انگريز ڪاموري ۽ هاڻ ان جي جاءِ نشين سامراجي عملدار جو هنن تي رعب پئجي ويو آهي. اسان جي صوفين خبر نہ آهي ڪهڙي مقصد سان ڪين واتون نہ ورائڻ، منهن مونن ۾ پائڻ ۽ غربت سان گذارڻ جي تلقين ڪئي هئي. پر ان جو هنن تي الٽو اثر پيو. سندن مدافعاڻو ۽ حفاظتي جذبو ڪمزور پئجي ويو آهي.

سنڌين جي ذهن تي غير ملڪي نظريا غالب ٿيندا وڃن ٿا، سندن جسمن تي ٻاهران آيل مضبوط ماڻهو تسلط ڄمائيندا وڃن ۽ سندن زمين، ملڪيت، نوڪرين تي ٻاهريان قابض ٿي ويا آهن، هي بيحس ٿيو اهي ٿيندڙ هاڃا، تماشائي طور ڏسي رهيا آهن.

(ب) هي خامي جا سادگيءَ جي غلط استعمال مان پيدا ٿئي ٿي سا سستي ۽ ڪاهلي آهي. سادگي ماڻهن کي حال تي رضامند ڪري ٿي، جنهن ڪري هو جفاڪشي، محنت، پيشي جي تبديلي، مسعدي، وڏي ڪم کان ڪترائڻ، سفر ۽ جاکوڙ کان نٽائين ٿا.

**"ويٺي ور نہ پون ۽ ستي ملن تہ سپرين**
**سلطاتي سهاڳ لنءُ ن ڪندي نہ ملي"**

اڳي حالتون مختلف هيون، ماڻهن جون گهرجون ٿوريون هيون. ملڪ وسيع هو، زمين ۽ مال گهڻو هو. تنهن ڪري آسودگيءَ سان ٻي وقت گذرين. هاڻ حالتن ڦيرو کاڌو آهي. لکها ماڻهن ٻاهران اچي، سنڌ ۾ رهائش اختيار ڪئي آهي. جن ۾ ڀارت کان آيل مهاجر، پنجاب ۽ سرحد کان آيل پنجابي ۽ پٺاڻ ڪثير تعداد ۾ آهن.

اها ماڻهن جي آمد هڪ حد تائين فطري آهي ۽ ان کان وڌيڪ منصوبي مطابق آهي. اهل سنڌ ۾ نہ همت آهي نہ غيرت. جو انهن کي ٻاهر ڪڍي سگهن. ان ڪري ڪين سانڻن خوشي يا رنج سان گڏجي گذارڻو آهي. انهن جي آمد هڪ ڪري سنڌين لاءِ نقصانڪار آهي، هي ڪري فائدي جو پيش خيمو ٿي سگهي ٿي.

انهن سنڌ جي اصلوڪن رهاڪن ۽ ٻاهراين آيل ماڻهن جي وچ ۾ گذر معاش، سياسي تسلط، اقتصادي مفاد ۽ ذهني تفوق لاءِ مقابلو پيدا ڪري ڇڏيو آهي، جو هنن کي سستيءَ ۽ ڪاهلي کي ڦٽو ڪرڻ لاءِ تازياڻو جو ڪم ڏئي سگهي ٿو.

**"ڪنهن جي هارائين، هنڌ تنهنجو هيءُ"**

هاڻ بقائي اصلح (Survival of Fittest) موجب جي لائق هوندا سي بقا ڪندا. اڻ لائق ۽ ڪمزور آهستي آهستي ختم ٿي ويندا. "زمانو ڪنهن جو طرفدار نہ آهي." "قدرت جو قانون پرندو پر ترندو نہ."

هن وقت سنڌين کي واپار، کيتي، نوڪرين، ڪارخانن، مزدوري ۽ هنر جي چپي چپي تي مقابلي ڪرڻا پوندا.

چندي شاگردن جون جوشدار تقريرون، سياستدانن جا ٺلها دلاسا، خوامخواه جو حسد ۽ نفرت انهي مقابلي ۾ ڪامياب ڪرائي نہ سگهندا.

اسان ٻاهرين سامراجي دست اندازي ۽ منظم استحصال جي خلاف آهيون پر عوام مان پست حالي، سستي، بي همتي ۽ بزدلي ڪيڻ سنڌن ئي هٿ ۾ آهي. قرآن ۾ آهي تہ :

"خدا ڪنهن بہ قوم جي حالت تيستائين درست نٿو ڪري، جيسين تائين انهن کي پنهنجي حالت سڌارڻ جو اونو ۽ جذبو نہ آهي."

سنڌي ۾ مثل مشهور آهي "همت بنده مدد خدا."

نہ ڪو پير، نہ سياسي ليڊر، نہ ورد، نہ وظيفو سنڌن مدد ڪري سگهي ٿو. سواءِ سنڌن بيداري، محنت ۽ همت جي.

ممڪن آهي هي لطيفو سنڌن ان ڳالهہ ۾ وڌيڪ رهنمائي ڪري.

تازو هڪ شهر ۾ ٻہ دوست پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا هئا تہ هڪ ديهاتڻ پوڙهي مائي ڪانيون وڪڻڻ آئي. هنن مان گهرواري ڪانيون خريد ڪيون. ڪانيون لاهڻ وقت مائيءَ دانهن ڪري چيو تہ، "ابا اسان تہ روزگار لاءِ دربدر ٿي پيا آهيون. اميد هئي سون تہ پٽي صاحب جي ماڻهن کي ووٽ ڏئي چاڙهينداسون تہ وعدي موجب ١٦ ايڪڙ زمين، رهڻ لاءِ گهر ملندو ۽ هنن دڪن ڪان ڇٽي پونداسون. ٻارهن مهينا گذري ويا آهن پر اڃان وعدو ڪونہ پريو آهي. ادا ٻڌاءِ تہ وعدو پوندو يا نہ؟"

انهن مان هڪ ماڻهو پٽي جي پارٽيءَ جو هو ان مائيءَ کي چيو تہ، "مائي دعا ڪر پٽو صاحب اقتدار ۾ اچي تہ سڀ واعدا پورا ٿيندا ۽ اوهان کي انهن تڪليفن کان ڪڏي ٻاهر ڪندو."

ٻيو ماڻهو پٽي جي مخالفت ڪندڙ هو، ان ٻهرين کي چيو، "چڏ، ميان هن مسڪين پوڙهي مائيءَ کي ڪوڙا ڏٿا نہ ڏي." ادا سنڌ ۾ جملي لائق آباد زمين ڏيڍ ڪروڙ ايڪڙ آهي. آباديءَ تي گذر ڪندڙ پنجاه لک ماڻهو

آهن، جن جا ڏهه لک ڪٽنب ٿيندا. جي سنڌ جي سموري زمين آبادگارن ۾ وراهبي ته ١٥ ايڪڙ في ڪٽنب ورهاست ۾ ايندي. پوءِ ڪرنل ۽ جنرل جن کي ٢٥٠ ايڪڙ في ڪٽنب زمين ملي آهي ۽ هي مخدوم، مير ۽ پِتا، جي هزار ايڪڙن ۽ بنگلن جا مالڪ آهن، سي ١٥ ايڪڙ زمين تي ڪيئن گذارو ڪندا. سندن هي موٽر، بنگلا، نوڪر وغيره تن جو ان مان ڪيئن گذارو ٿيندو؟

ٻيو سوال اٿندو ته زميندارن کان زمين کسبي ته انهن کي معاوضو ملندو يا نه؟ جي نه ته ملن کان جند ڪيئن ڇٽندي. هو اسلام ۽ شريعت کي وچ ۾ آڻي چوندا ته شخصي ملڪيت بنا معاوضي جي کڻڻ اسلامي قانون جي خلاف آهي. پر جي معاوضو ڏبو ته سرڪار وٽ ايترو پئسو ڪٿان ليندو جو معاوضو ڏئي سگهي؟

ازانسواءِ جڏهن زمين سرڪار هٿ ۾ ڪٽنڊي ته هارين ۽ غريبن کي مفت ڏيندي يا پيسن تي ڏيندي؟ جي پيسن تي ڏيندي ته نيلام ذريعي ڏيڻ ۾ ايندي يا مهاڳن، حقن ۽ سفارش تي؟

پيسا ڪيئن ونبا؟ اهي سڀ سوال فيصل ڪرڻا پوندا. پٽو صاحب وڏيڪ چوي ٿو ته ١٦ ايڪڙن کان گهٽ زمين تي ڍل نه ونندو. پوءِ ان حالت ۾ ڍل جو وصول ٿيڻ ته بند ٿي ويندي ۽ سرڪار ڪيئن هلي سگهندي؟

ان کانسواءِ هيءَ ڳالهه به ذهن ۾ وهارڻي آهي ته ”تون جو چوين ٿو ته پٽو صاحب اقتدار ۾ اچي“ اڳي دفعي هو جنرل ايوب جي خدمت ڪرڻ جي صلي ۾ طاقت ۾ آيو. هاڻ يحيٰ خان جي پوئلڳي ڪري طاقت ۾ اچڻ گهري ٿو. جو مهاجر پنجابي ملٽري ۽ سول سروس جنتا جو شوواءِ آهي. اها جنتا هن کي ڪيئن اجازت ڏيندي ته سندن زمينون به کسي ۽ سنڌ جي سموري زمين صرف سنڌي هارين کي ورهائي ڏئي. ٻين صوبن جي ماڻهن کي ڪجهه به نه ڏي. پٽي صاحب جو طرفدار جذباتي ماڻهو هو انگن اکرن کان غير واقف هو. ان جان ڇڏائڻ لاءِ سندن دوست کي چيو ته ميان رک خدا تي، هيڪر اقتدار ۾ اچڻ ڏي پوءِ مڙيئي سهنج ٿيندا.“ اهو غور جو امڪان آهي ته پٽي صاحب جا دلاسا ڪهڙي طرح سنڌين کي هن غلاميءَ يا غربت مان ٻاهر ڪڍي سگهندا؟

ڪهڙي طرح جي.ايم.سيد جون فغان سحر گاهي ڪين ڪم اچي سگهنديون؟ ڪين وري به پنهنجي قيمت ۽ بيداري ڪم اچي سگهنديون.

## سنڌين جي ڪم آزار خاصيت :

هي خاصيت اهنسا ۽ عدم تشدد جي بنياد تي قائم ٿيل آهي. انهيءَ

جا بنيادي ڪارڻ مٿن، جين ڌرم، ٻڌ ڌرم ۽ صوفيانه تعليم جا اثر آهن. جن هڪ حد تائين منجهن بزدلي پيدا ڪئي آهي.

سنڌ جون موجوده حالتون تبديل ٿيل آهن. جتي بقائي اصلح (Survival of Fittest) جو قانون پنهنجو عمل شروع ڪري چڪو آهي، اتي نه نوجوانن جون زوردار تقريرون، نه ملن جا واعظ ۽ نه صوفين جا راڳ ڪين فائدو پهچائي سگهن ٿا.

جڏهن ون يونٽ ٽوڙڻ لاءِ متحد محاذ قائم ٿيو هو ته آئون ان نتيجي تي پهتو هوس ته سنڌ جي آزاديءَ جي حصول لاءِ ان جي جملي سياسي گروهن ۽ طبقن جو اتحاد ضروري هو. آزادي صرف قوم پرستيءَ جو جذبو پيدا ڪرڻ بعد حاصل ڪري سگهبي. ملڪ جي آزاديءَ بعد، ملڪ ۾ جمهوري حڪومت جي قيام ڪان پوءِ ئي اقتصادي ۽ سماجي سڌاري جا ڪم سرانجام ٿي سگهندا. پر نه اسان جي سياستدانن، نه نوجوانن ۽ نه قومي ڪارڪنن، تدبر ۽ هوش ڪان ڪم ورتو. سيني سندن قوت جو غلط اندازو لڳايو. جنهن ڪري خالص سنڌ جي جماعتن تي آل پاڪستان جماعتن سبقت حاصل ڪري ورتي.

سياستدانن اقتدار جي حوص ۾ اهي طريقا اختيار ڪيا جي قوم پرستيءَ جي خلاف هئا. جن جو بنياد خود مطلبي، ناعاقبت انديشي ۽ غلط اندازن تي هو.

جيڪي صاحب نظريي پاڪستان جي نالي ۾ فرقيوارانه سياست جا پوئلڳ ٿيا. تن جو اصل مقصد مهاجر پنجابي فرقيوار ذهنيت وارن ووٽن جو حصول هو. جيڪي ماٺهو اسلامي سوشلزم جي نالي ۾ پيپلس پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيا تن مان سواءِ چند ماٺهن جي گهڻن کي پتو نه هو ته اهل پنجاب جو سندن ليڊر جي حمايت ڪري رهيو هو ان مان سندن هيٺيون مرادون هيون.

(١) وڏنڊڙ علائقائي قوم پرستيءَ کي هڪ طرف فرقيوارانه پرچار جي معرفت ۽ ٻي طرف عوام جي گذر معاش سڌارڻ جي نالي ۾ مخالفت ڪري شڪست ڏياري وڃي.

(٢) سنڌ جي زمين، ڪارخانن، واپار، نوڪرين جي جڏهن ورهاست ڪئي وڃي ته ان مان لکها پنجابين کي حصو ڏياريو وڃي.

(٣) ملٽري ۽ سول سروس جنتا کي پٺتي جي روايات ۽ سياسي اخلاق

جو پتو هو. ان ڪري هنن کي يقين هو تہ چونڊن بعد هو طاقت (اقتدار) جي حصول لاءِ سنڌين هر ڳالهہ مڃڻ لاءِ تيار ٿي ويندو. جيئن هيٺئر واقعات ثابت ڪيو آهي. نوجوان شاگرد ناتجربيڪاري، ناپختہ خياليءَ ڪري نظرياتي موشگافين، شخصي پسندين ۽ ناپسندين، گروهي اختلافن ۽ غلط اندازن سبب ورهائجي ويا ۽ هو سنڌين پيدا ڪيل طاقت جي بي وقتي ۽ غير ضروري استعمال ڪري افاديت وڃائي ويٺا.

قومي ڪارڪن بہ اهڙي طرح وراهجي ويا. محاذ مان آهستي ٿي جڏهن سڀ نڪرندا ويا ۽ آئون چند دوستن سان اڪيلو رهجي ويس. ان وقت مون لاءِ بہ رستا ڪليل هئا.

هڪ تہ سياست کان علحده ٿي وڃي پنهنجي تصنيف ۽ تاليف ۾ مشغول ٿيان يا اڪيلو قوم پرستيءَ جو جهنڊو جهولائيندو ميدان ڪارزار ۾ شڪست کائي وڃان. مون پويون رستو اختيار ڪيو. ملڪ سڪندر ۽ پير صالح شاهہ مون کان گهڻا ووٽ کنيا. اها ڳالهہ غير متوقع نہ هئي.

مهاجر ۽ پنجابي سامراج پنهنجي سموري طاقت منهنجي خلاف استعمال ڪئي. آئون قوم پرستيءَ جو مدار المهام هوس، ان کي ناڪامياب بنائڻ سندن پروگرام جو مکيہ نقطو هو.

اليڪشن دوران معلوم ٿيو تہ سنڌين ۾ قومي شعور اڃان پيدا ڪونہ ٿيو هو. نوجوان شاگردن جو ووٽرن تي اثر ڪونہ هو. زميندار، پير، ملا، ڪامورو ۽ پيسا اڃان اليڪشن جي معاملي ۾ حاوي هئا. اهي گروهہ مذڪوره بالا مهاجر پنجابي سامراجي جنتا جا ايجنٽ هوا.

جڏهن اليڪشن ۾ منهنجي شڪست جي خبر ظاهر ٿي تہ ڪن شاگردن کي روئندي ڏٺم، سبب پڇيومان، چيائون تہ:

"جنهن ماڻهوءَ سنڌ لاءِ سالن جا سال جيل ڪاٽيا، جنهن خون جگر صرف ڪري انهن ۾ بيداري پيدا ڪرڻ لاءِ ڪتاب لکيا، جنهن جي ساري زندگي بنا لالچ جي قومي خدمت ۾ گذري، جنهن پڙهيل طبقي ۾ قومي شعور جي جوت جلائي، ان کي سنڌس ماڻهن سامراجي طاقت جي اشاري تي شڪست ڏني."

مون کين چيو تہ: "دل نہ لاهيو، تاريخ اهڙن مثالن سان ڀري پيئي آهي. اڪثر عام ماڻهن گمراهہ ٿي سندن محسنن جي مخالفت ڪري کين سختيون ڏنيون آهن."

حضرت رسول مقبول عرب جي بدوين کي گمراهي ۽ ذلت مان ڪڍي نور اسلام سان مشرف ڪري دنيا جي حڪومت جو وارث بڻايو. انهن ساڳين عربن سندس ڏهٽي امام حسين عليہ السلام کي چاليهن سالن بعد شهيد ڪري سر نيزي تي گهمائي، بدن تي گهوڙا ڊوڙائي، سندس حرمن کي پنڌ دمشق ۾ نيئي نظربند ڪيو پر ان ڪري سندس اولاد يا سندس پوئلڳن مسلمانن جي خدمت ۽ محبت کي ترڪ ڪري ڇڏيو هو ڇا؟

اسان کي سنڌ ۽ سنڌين جي بنا لالچ خدمت ڪرڻي آهي، جي هتي ۾ سچاڻ جون اکيون پيدا نہ ٿيون آهن تہ پرواهہ نہ آهي.

**" پنهنجي توڙ نباهہ هن جي هو ڇاڻ "**

جناح خلاف بغاوت جي شڪست بعد حيدر بخش جتوئي ۽ شيخ اياز پيدا ٿيا، جن سنڌ لاءِ آواز ڪڍڻ جي اڳواڻي ڪئي.

انشاءَ الله هي شڪست خود پاڪستان جون پاڙون پٽي سنڌ جي آزاديءَ لاءِ راهہ هموار ڪندي.

**" اسلام زنده هوتا هئي هر ڪربلا ڪي بعد "**

اسان سنڌين کي جدا قوم سمجهون ٿا، پر انهن ۾ قومي شعور، هم جنسيت، قومي يڪ جهتي، غيرت، جذبہ آزادي پيدا ڪرڻ لاءِ اسان کي مسلسل محنت ڪري قربانيون ڏيڻيون آهن. هر شڪست کان پوءِ تازه دم ٿي نئين سر مقابلو ڪرڻو پوندو.

**مٿي اتي منهنجي جي هجن سرن سو هزار**
**تہ تنهنجي سان تنوار هر هر وڍيان هيڪڙو**

اسان کي ان لاءِ چند اصول مقرر ڪري مسلسل ڪم ڪرڻو پوندو. اشتعال کان پاسي رهي ستياگرهي طور ڪم ڪرڻو آهي.

" سنڌي قوم، سنڌي زبان، سنڌي ڪلچر، سنڌ جي سياسي آزادي ۽ اقتصادي خوشحالي "

اسان جا مشعل راهہ هجڻ گهرجن. هر اهنسائي ۽ ستياگرهيءَ جو مکيہ اصول اهو هئڻ گهرجي تہ محبت ۽ سهڻي نصيحت ذريعي مخالف کي هم خيال بڻائي، هي ڳالهہ ذهن ۾ وهارڻي آهي تہ مهاجر پنجابي سامراجي ٽولو ۽ ان جا سنڌي ايجنٽ ڪڏهن بہ راهہ راست تي نہ ايندا.

" اي پيغمبر، يهودي ۽ نصاريٰ تومان ان وقت تائين راضي نہ ٿيندا جيسين تائين تون انهن جو تابع نہ ٿيو آهين. "

عوام جون دليون سالم آهن تہ پوءِ اهي عام ماڻهو مهاجر هجن، پنجابي هجن يا سنڌي هجن.

انهن ۾ صحيح ۽ غلط جي سڃاڻپ جي تميز پيدا نہ ٿي آهي جا پيدا ڪرڻي آهي. اسان ڪي نفرت ڪان پري رهڻو آهي. پنجابي عوام بلا شاهہ، شاهہ باهو، داتا گنج بخش، خواجہ فريد ۽ گرو نانڪ جهڙا بزرگ پيدا ڪيا. اڄان تائين ان جي پيروي ڪن ٿا.

اسان جي بزرگن شاهہ عنايت، شاهہ لطيف، سچل سرمست وغيره جي تعليم بہ ساڳي آهي. سڀئي محبت جا پيغام هئا، تنهن ڪري پنجابي عوام سان نفرت نہ ڪرڻي آهي.

اهڙي طرح سان مهاجر عوام بہ خواجہ معين الدين اجميري، سلطان بختار ڪاڪي، خواجہ نظام الدينؒ بو علي قلندر، سرمد شهيد، ڪرشن مهراج، ڪبير ڀڳت جي زمين ڪان آيل آهن.

اسان جي مخالفت مهاجر پنجابي مستقل مفاد ۽ ان جي مدار المهام ملٽري ۽ سول سروس سان آهي. اسان جي سامهون سنڌيءَ جو معيار هيٺين اصولن تي هئڻ گهرجي.

(١) جو ماڻهو سنڌ کي وطن سمجهي ان جي مفاد کي پنهنجو فائدو ڪري سمجهي ۽ ان جي سياسي آزادي ۽ اقتصادي خوشحالي لاءِ ڪوشش ڪري.

(٢) سنڌي زبان سکي، ڪلچر اختيار ڪري، اسان سان هم جنس ۽ هم زبان ٿيڻ لاءِ تيار هجي.

(٣) احساس برتري ڇڏي اسان سان ڀائرن جهڙو ڀائر ٿي رهي.

(۴) مسلمانن جي جدا قومي نظريہ کي ترڪ ڪري سنڌي قوم جو فرد ٿئي.

انهن اصولن ۾ جي مڃين ٿا سي سڀ سنڌي شمار ٿيڻ جا حقدار آهن. پر جيڪي ان اصولن ۾ مڃڻ لاءِ تيار نہ ٿين، تن کي ڀهرين سمجهائڻ گهرجي، پوءِ بہ جي هو نہ سمجهن تہ انهن جي مخالفت ڪرڻ جائز آهي.

اهڙيءَ طرح ڪيترا اصل سنڌي بہ هوندا جي مٿين اصولن کي نہ مڃڻ ڪري، مخالفت ڪرڻ لاءِ شمار ۾ آڻي سگهجن ٿا.

اسان کي ٻاهران آيل مهاجر ۽ پنجابيءَ کي جي سنڌي ٿي رهڻ گهرن ٿا ڪجهہ سکڻ ۽ ڪجهہ سيکارڻو آهي. سنڌي زبان جي وسعت لاءِ ٻاهرين

زبانن جا ڪارآمد لفظ خوشي مان وٺڻ گهرجن. اهڙي طرح سان ٻاهرين ڪلچر جي به هر سٺي ڳالهه قبول ڪرڻي پوندي. ساڳي طرح سان ٻاهرين آيل ماڻهن کي به سنڌي ڪلچر کي قبول ڪرڻ ۾ اعتراض نه هئڻ گهرجي. سنڌ ۾ رهندڙ مهاجر، پنجابي، پٺاڻ جي هميشه لاءِ سنڌ کي پنهنجو وطن سمجهي رهڻ لاءِ تيار آهن، تن کي هن ڳالهه لاءِ تيار ٿيڻو پوندو ته سنڌي مفاد کي پنهنجو مفاد سمجهي، ان لاءِ ڪم ڪرڻو اٿن.

جيڪڏهن سنڌ ۾ رهي سياسي ۽ اقتصادي مسئلن ۾ هو ٻاهرين صوبن جي مفاد کي ترجيح ڏيندا ته اصل سنڌين کي سندن مخالفت لاءِ جواز پيدا ڪري ڏيندا.

سنڌي هندن سان سنڌي مسلمانن جي اختلاف جو هڪ ڪارڻ هي هو ته اهي سنڌ جي مسئلن تي آل انڊيا سوالن کي ترجيح ڏيندا هئا. مسلمان ڪامورن ۽ زميندارن کي ته ڪٽي اقتصادي مسئلن ڪري اختلاف هو، پر پڙهيل طبقي کي ٻيا ڪيترائي سبب هئا، جن ڪري ساڻن اختلاف پيدا ٿين.

هڪڙو اهو هو ته هنن سنڌي زبان ۾ ڪثير تعداد سنسڪرت لفظ داخل ڪرڻ شروع ڪيا ته مسلمانن جي طرفان وري ردعمل ۾ عربي ۽ فارسي لفظن جي داخلا شروع ڪئي ويئي، جنهن ڪري سنڌي پنهنجي اصلوڪي سادگي وڃائي ويٺي.

ٻيو اهو هو ته هندن، مسلمانن کي پنهنجي پاڙي ۾ رهڻ تي بندش وڌي ۽ کين ڇٽ سڏڻ لڳا، جنهن ڪري اختلاف وڌڻ لڳا.

ساڳي حالت اڄ مهاجر ۽ پنجابي ڪاموري جي آهي. واپاري ۽ ڪارخانيدار ته پاڻ کي خاص ڪلاس ٿا سمجهن. سيني کي سنڌين جي زبان ۽ طرز معاشرت کان نفرت آهي. جنهن ڪري اها فطري ڳالهه آهي ته ردعمل ۾ اصلوڪن سنڌين ۾ به مخالفت جي هوا پيدا ٿئي.

سنڌ ۾ اچڻ بعد مهاجرن ڪراچيءَ مان سنڌي زبان کي ختم ڪيو آهي. ڪراچيءَ جي رستن ۽ گهٽين تي يو پي ۽ سي پي جي ماڻهن جا نالا رکي ماحول کي مڪدر ڪيو آهي. سنڌين جي جداگانه قوم کي تسليم ڪرڻ کان انڪار ڪيو اٿن. بلڪ ان جي حامين کي اسلام ۽ پاڪستان جو دشمن، انتشار پسند، هندستان جو ايجنٽ وغيره لقب ڏئي اشتعال ڏيارين ٿا. اهو سڀ ان ڪري آهي جو سنڌين انهن ڳالهين کي هن وقت تائين برداشت پئي ڪيو آهي.

اهو سندن ڪم آزار پاليسيءَ جو ڪارڻ آهي. پر وڏيڪ وقت تائين ماٺ ڪري وهڻ سندن بزدلي ۽ بي همتي سمجهڻ ۾ ايندي.

### (٣) سنڌين جو حياءُ ۽ ادب :

حياء ۽ ادب چڱيون خاصيتون آهن. پر حياءُ شريفن جو ڪرڻ گهرجي ۽ ادب صاحب اخلاق جو ڪبو آهي. اڳيان علماء ڪرام ۽ صوفيائي عظام واقعي عزت ۽ احترام جا لائق هئا. ليڪن هن وقت ڪيترا عالم سامراجين جا دلال ٿي ڪم ڪن ٿا ۽ پير بداخلاق ۽ حڪمران طبقي جا پوئلڳ ٿي پيا آهن سي ادب ۽ احترام جي لائق نه آهن. اهي عوام جي سماجي ۽ اقتصادي جسم تي جورون ٿي رت چوسي رهيا آهن.

تنهن ڪري نوجوان تعليم يافته قوم پرستن جو فرض آهي ته پير پرستي ۽ ملا پوئلڳيءَ کي ختم ڪرائين. ٻي صورت ۾ سنڌي عوام ڪڏهن به آزاد ٿي نه سگهندو.

زميندار ۽ سردار به پنهنجي اڳوٽي افاديت وڃائي چڪا آهن. هي عياشي ۽ بداخلاقي ۾ مشغول آهن. عوام جي پوئلڳي، ادب ۽ احترام سندن دماغ خراب ڪري ڇڏيو آهي ان ڪري هو ظاهر ظهور سامراجين جا ايجنٽ ٿي سنڌي عوام جي آزادي ۽ حقن جو وڪرو ڪري رهيا آهن. انهن خلاف به تحرڪ هلائڻ نهايت ضروري آهي.

آئون هي ڳالهه ڪجهه وقت کان محسوس ڪري رهيو آهيان ته مهاجر پنجابي سامراج سندن تسلط جي قائم رکڻ لاءِ اسلام جي نالي جو ناجائز استعمال ڪري، جنهن مطابق سنڌ کي ختم ڪرڻ، سنڌي قوم جي وجود کان انڪار ڪرڻ، مذهبي نظام حڪومت جي نالي ۾ آمريت کي قائم رکڻ، سوشلزم ۽ جمهوريت جي مخالفت جا نظريا پيش ڪن ٿا. ان جي ردعمل ۾ سنڌي نوجوان موروگو اسلام جهڙي محبت، امن ۽ انساني ترقيءَ جي مذهب خلاف ٿيندو وڃي. اها انتها پسندي آهي. اهو ضروري نه آهي ته اسان علامه اقبال ۽ ملا مودودي جي اسلامي تشريح تي ايمان آڻيون. اسان کي پنهنجي صوفيائي ڪرام وارو همه گير ۽ محبت جو مذهب ڪافي آهي. ان ڪري انتها پسنديءَ کان گوشو ڪرڻ گهرجي.

### (٤) سنڌين جي مهمانوازي :

مهمانوازي نهايت سٺو گڻ آهي پر مهماني ان جي ڪجي جو شريف هجي. جنهن جي صحبت مان ساڃ اچي. جنهن جا اخلاق درست هجن، جو هم

جنس ۽ هم خيال هجي. صرف سندس ظاهري صورت تي پنهنجي ڪيس گهر ڪان واقف ڪرڻ وڏي غلطي آهي.

عام ماڻهو انهي جذبي هيٺ پيرن ۽ مُلن کي گهرن ۾ وٺي وڃن ٿا. ان مان جي نتيجا نڪتا آهن تن کان هرڪو واقف آهي.

سنڌين هميشہ ڌارين کي گهر کان واقف ڪري پنهنجي لاءِ آزار پيدا ڪيو آهي. سچي تاريخ جا مثال ڏيڻ جي عيوض هتي چند مثال تي اڪتفا ڪريان ٿو:

چنيسر سومري سندس ڀاءُ دودي ۽ راڄ کان ڪاوڙجي دهليءَ جي حاڪمن کي سنڌ تي چاڙهي آيو. جن سڄي لاڙ کي عام طرح ۽ سومري قبيلي کي خاص طرح تباهہ ڪري ڇڏيو. اڄا تائين سندن تباهہ ڪيل شهرن جا کنڊرات اهو ثبوت ڏئي رهيا آهن.

ڄام فيروز غير سنڌي نوڪريءَ ۾ رکيا جن شهبيگ ارغون کي دعوت ڏئي، سنڌ ۾ گهرائي سنڌ تي ارغونن جي حڪومت مسلط ڪرائي.

مير صاحبن غلطي ڪري انگريزن کي سنڌ مان افغانستان وڃڻ جي اجازت ڏني. جنهن تي هڪ پير مرد دانهن ڪري چيو تہ فرنگين کي گهر ڏيکاريو اٿوَ. باقي سنڌ لاءِ خير نہ آهي.

ان کان پوءِ سنڌ جي سياست ۾ مڪاني اختلافن ڪري اسان جناح صاحب ۽ ٻين آل انڊيا مسلم ليگين کي سنڌ ۾ گهرائي ليگ کي زور وٺايو. ان جي نتيجي ۾ سنڌ اڄ ڪلهہ مهاجر پنجابي سامراج جي ماتحت ٿي خميازه ڀوڳي رهي آهي.

آل انڊيا جماعتن مان مس آزاد ٿياسون تہ ان جي جاءِ تي آل پاڪستان جماعتن اچي پڳهہ ٻڌا آهن. جن پاڪستان جي استحڪام ۽ يڪ جهتي، مرڪزي حڪومت جي مضبوطي، اسلام جي حفاظت ۽ مسلم قوم جي نالي ۾ سنڌين جو رت چوسڻ شروع ڪيو آهي. شاهہ سائين جي هدايت تي عمل نہ ڪيو اٿئون تہ پيا لوڙيون. هو چوي ٿو تہ:

**" ديسي سيڻ ڪجن پرديسي ڪهڙا پرين "**

## (۵) عوام جي وهم پرستي جا نتائج :

سنڌين جي وهم پرستي، قديم وقت کان مشهور آهي. ٻاهراڙين ۾ اڃان تائين ڪنڊن ۾ جهنڊيون ٻڌڻ، چيچڪ (ماتا) بيماري وقت سوڻ سات ڪرائڻ، پيرن جي درگاهن تي وڃي سکائون باسڻ ۽ دعائون گهرڻ، نين قبرن

تي ڪرامت جي اظهار جي نالي ۾ ماڻهن جا هجوم گڏ ٿين. درگاهن جي بداخلاق ۽ عياش سجاده نشين جي پوئلڳي ڪرڻ ۽ نذر نياز ڏيڻ ۽ ووٽ سندن چوڻ تي ڏيڻ سنڌين جا مرغوب مشغلا آهن.

ڊاڪٽر هينري ڪزلس سنڌ جي آثار قديمه جي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:

"سنڌ فقيرن ۽ قبرن سان ڀري پئي آهي، ماڻهو مئلن جي قبرن کي خدا جي گهرن کان وڌيڪ عزت ڏين ٿا."

ان جو نتيجو هي نڪتو آهي ته سنڌ ۾ قبر پرستي ۽ پير پرستي عام جام آهي. ٻي طرف مذهب جي نالي ۾ ملا جو اثر هليو اچي. انهيءَ ڪري سامراجي طبقو ڪين خريد ڪري پنهنجي مقصد لاءِ ڪتب آڻي رهيو آهي.

بهتر آهي ته انهن ٽنهي گروهن جو مختصر احوال پيش ڪري، انهن جي چار ڪان آزاد ٿيڻ جا طريقا پيش ڪريان.

**(ا) قبر پرستي :**

ڪزلس جي چوڻ مطابق لک ڪن پيرن جا مقبرا سنڌ ۾ هوندا. هر هڪ جا ڪٿي نه ته ٻه اڍ ڪن جا مجاور يا سجاده نشين آهن. سنڌ ۾ ١٥٠ کان ٻه مٿي انهن تي ميلا لڳن ٿا. جن تي ١٠ کان ١٥ لک ماڻهو گڏ ٿين ٿا. گهڻا ماڻهو شايد تماشو ڏسڻ لاءِ ويندا هجن پر گهڻ ۾ گهٽ ٽيو حصو زيارت لاءِ ڪنا ٿين ٿا.

ميلن تي وڃڻ يا زيارت ڪرڻ تي اعتراض نه آهي. پر پيرن ۽ قبرن کي خرق عادات ۽ڪرامتن سان منسوب ڪري انهن کان پڇڻ، شادين ۽ ٻين حاجتن لاءِ دعائون گهرڻ نهايت قبيح ڪم آهي. انهيءَ ڪري ماڻهن ۾ وهم پرستي، احساس ڪمتري ۽ بزدلي پيدا ٿئي ٿي. ماڻهن جي خودداري ۽ جذبه آزاديءَ تي پاڻي ڦريو وڃي.

هي جو سامراجي حڪومت جي ڪارندن يڪايڪ ميلن کي زور وٺائڻ تي زور ڏنو آهي ان مان سندن سنڌين جي محبت جو اظهار نه آهي پر سنڌيءَ جي چوڻي مطابق "چار پئسا ڏئي ٻه چريءَ جو ٻار ڪارجي" وانگر هو سمجهن ٿا ته سنڌين ۾ قبر پرستي جو وهم وينل آهي جو قومن کي سمهارڻ لاءِ آفيم جو ڪم ڏي ٿو. تنهن ڪري ان کي زور وٺائڻ ڪري پاڻ سنڌي بيڪار ٿيندا.

اسان جڏهن شاهه پٽ تي ثقافتي مرڪز قائم ڪرڻ ۽ ادبي

ڪانفرنس ڪوٺائڻ جو رواج وڌو ته ان مان اسان جو مقصد پير پرستي ڪونه هو پر انهيءَ مرڪز تي ايندڙ زائرين ۾ حب الوطنيءَ جو ماده پيدا ڪرڻ ۽ اسلام جي صحيح تعليم، محبت ۽ امن جو پيغام پهچائڻ مقصود هئا.

جڏهن ١٩٥٨ع ۾ ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪري حڪومت جون واڳون ڪامورن جي هٿن ۾ ڏنيون ويئون ته هي ادارو به ڪامورن جي حوالي ٿيو. جن ان تي حب الوطني، محبت ۽ امن جي پيغام جي عيوض پير پرستيءَ جي جذبي کي زور وٺائڻ شروع ڪيو. اڳي هڪ شاهه ڀٽائي جو مرڪز هو. هاڻ قلندر شهباز ۽ سچل سرمست جي درگاهن کي به ڪتب آندو ويجي ٿو.

جتي مجلسن ۽ فرقي پرستي، پاڪستاني نظريي ۽ پير پرستيءَ جو پرچار ڪيو ويجي ٿو. اڳي اتي حيدر بخش جتوئي، شيخ اياز وغيره قوم پرستن جا حب الوطنيءَ تي ڪلام ڳارايا ويندا هئا. هاڻ هن قسم جا شعر چوايا وڃن ٿا.

**شاهه ڀٽائي - ڀٽ جا ڀٽائي - ڀٽ تي وسئي نور -**

**منهن جون تو ڀچايون.**

**قلندر شهباز - لال ميري پت رکئي بلا جهولي لالڻ**

جنهن مان صاف معلوم ٿئي ٿو ته اهي شعر پير پرستيءَ ڏي ترغيب ڏيارين ٿا. سچل سرمست لاءِ چيو ويجي ٿو ته هن هندن کي مسلمان ٿي ڪيو! جنهن بزرگ اسلام جي سچي تعليم مطابق سمورو زور مذهبي ڪٽرپڻي کي ختم ڪرڻ طرف ڏنو هو. ان لاءِ اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ مان پتو پئجي سگهي ٿو ته هنن جو مقصد ڇا آهي. انهيءَ ڪري اهڙي دستور جي مخالفت ڪرڻ لاءِ اسان جي سمجهدار طبقي کي توجهه ڏيڻ گهرجي نه ته آهستي ٿي ردعمل پيدا ٿيندو ۽ انتها پسند ماڻهن ۾ انهن مرڪزن لاءِ حقارت پيدا ٿيندي. جهڙي طرح مذهب جي ناجائز استعمال ڪري روس ۾ مخالفت پيدا ٿي دهريت زور ورتو ۽ سعودي عرب ۾ وهابي تحريڪ زور وٺي مڪي ۽ مديني جي مقبرن کي ڊهرايو. ائين نه ٿئي جو هتي به اهڙا ماڻهو پيدا ٿي مورڳو اوليائي ڪرام جي مقبرن جي صفائي ڪرائي ڇڏين.

مون ٿوري وقت لاءِ ايوبي دور حڪومت ۾ آزاديءَ وقت "بزم صوفيائي سنڌ" نالي جماعت برپا ڪري درگاهن جي ميلن وقت مجلسون ڪوٺائي. حب الوطني، محبت ۽ امن جو پرچار ڪيو ته حڪمران طبقي ان

کي خطرناڪ سمجهي مون کي وري نظربند ڪيو. ليڪن پاڻ ساڳيو ميلن کي سندن سامراجي پرچار لاءِ ڪتب آڻي رهيا آهن. انهي ڳالهه مان اسان کي واقف ٿي ان جو سدباب ڪرڻ گهرجي.

**(٣) پير پرستي :**

پيو سقم اسان جي معاشري ۾ اهو آهي ته ماڻهو درگاهن جي سجاده نشين ۽ ڪن تضع وارن شريعت جي نالي ۾ واپار جي اڏن تي وڃي انهن جي پيروي ۾ راهه نجات سمجهن ٿا. انهن لاءِ شاهه لطيف اڳي فرمائي ويو آهي ته :

"ويا سي وينجهار　موتي لعل وندين جي
تنين سندا پوئيان　سيئي لهن نه سار
هاڻ ڪنين ڪٽ لهار تنين سندين پيٽئين"

هينئر سنڌ جي اڪثري پيرن ۾ نه فيض آهي ۽ نه روحانيت. هنن مان گهڻا بداخلاق، جان طلب، مريدن تي چورون ۽ رجعت پسنديءَ جا اڏا آهن.

اهي اڪثري حڪمران طبقي جا پوئلڳ طاقت جا بکيا، پيٽ جا پوڄاري رهن ٿا. انهن ۾ نه ضمير آهي نه جذبه آزادي.

انهن جي ڪارنامن جا چند مثال پيش ڪريان ٿو ته ڪيئن هنن پنهنجي ذاتي مقصدن خاطر حڪمران طبقي جي اشاري تي ڀي ڪم ڪيو آهي.

١٩١٤ع ۾ پهرين مهاڀاري لڙائي لڳي، جنهن ۾ ترڪيءَ جو بادشاهه (خليفه) جرمنيءَ جي طرف هو ۽ انگريزي حڪومت ٻي طرف هئي. هندستان جي مسلمانن پنهنجي اسلامزم جي نظريي مطابق هميشه ترڪ خليفي کي ان جو مرڪز سمجهي، ان جي محبت ۾ رکي هئي.

جڏهن جنگ شروع ٿي ته آزاد خيال مسلم قومي ڪارڪن ترڪن جي حمايت ۾ مضمون لکڻ شروع ڪيا. ان تي ڪين نظربند ڪيو ويو. جنهن تي انگريزن ملن ۽ پيرن کي خريد ڪري هندستاني مسلمانن کي ترڪن خلاف لڙڻ لاءِ رضامند ڪيو.

جڏهن ترڪن کي شڪست آئي ته انگريزن مقامات مقدسه کي سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح پنهنجي ماتحت رکڻ گهريو. ان تي هندستان جي آزاد خيال قومي ڪارڪن ۽ عالمن طرفان خلافت جي هلچل شروع ٿي. انگريزن پيسي ۽ عرب قوم پرستيءَ جي بنياد تي شريف حسين مڪيءَ کي

ترڪن خلاف لڙايو هو. خلافت وارن ان جي مخالفت ڪئي هئي. سنڌ ۾ سرڪار چند ڪامورن ذريعي مولوي فيض الڪريم ڪان ترڪن خلاف ۽ شريف مڪي جي فائدي ۾ فتوئي لڪارائي ان تي اڪثري پيرن ڪان صحيحون وٺي ڪتاب ڇپائي ورهايو هو. ان فتوائن پير شاهه مردان شاهه پاڳاري، مخدوم ظهيرالدين هالا ۽ پير صالح شاهه راڻي پور ۽ ٻين ڪيترن مولوين ۽ پيرن جون صحيحون هيون.

ان ڪان پوءِ پيرن جو ڏنڊو اهو رهيو آهي ته جيڪو طاقت ۾ هجي، ان جي سلامي ڪن. ون يونٽ لهڻ لاءِ پير صاحب پاڳاره جي نمائندن، مخدوم هالا ۽ ٻين پيرن ووٽ ڏنا هئا.

پوءِ جڏهن جمهوريت ختم ڪري ملڪ مان مارشل لا لڳائي جنرل ايوب خان حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ رکيون ته مخدوم صاحب سندس شڪار ڪرائڻ ۾ مشغول هو ۽ پير صاحب پاڳاره خوشامد ڪرڻ ۾ اڳرو هو. ٻنهي پرمٽون وٺي پيٽ ڀريا پر ٻنهي ڳالهين ۾ ڪين ضمير ڇهنڊري نه هنئي، نه ڪو شرم محسوس ٿين.

ٻين پير صاحبن جي ته ڳالهه ڇڏيو. اهي ايوب خان جي منزل تي ماناري جي چوڌاري ڦرندڙ مکين وانگر پيا طواف ڪندا هئا.

اهڙي طبقي جي پويان سنڌي عوام جو لڳڻ اهڙو آهي جهڙو ٻڪرين جي سنڀال ٻگهڙن جي حوالي ڪجي. سنڌ جي پڙهيل ذي شعور قوم پرست ۽ آزاديءَ جي پروانن جو فرض آهي ته اهڙين ڳجهن ڪان ماڻهن کي ڇوٽڪارو ڏيارين.

## (۳) ملا جي پوئلڳي :

نه رڳو سنڌ ۾ پر اڪثر مسلمانن ملڪن ۾ ملن جي ڪثير تعداد، وقتي حاڪمن جي چوڻ تي مذهب کي حڪمران طبقي جي مفاد لاءِ مروڙي ڪتب آندو آهي.

سنڌ ۾ ائين ٿيو آهي. ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾ جڏهن ڪٽر مذهبي طريقا اختيار ڪري فرقه پرستيءَ جو جذبو پيدا ڪيو ويو ته ان ۾ به ملن جو هٿ هو. مولوي محمد هاشم ٺٽوي ۽ انهن جون فتوائون ۽ احڪام تاريخ جي ڄاڻن ڪان ڳجها نه آهن. منهنجي ڪتاب پيغام لطيف مان ان جو اختصار معلوم ٿي سگهي ٿو.

ان ڪان پوءِ مير صاحبن جي ڏينهن ۾ هنن جي اهل تشيعت هئڻ

ڪري هي دبيا پيا هئا. ليڪن انگريزن جي پوئين دور ۾ هنن وري پاڻ سنڀاليو. پاڪستان جي تحريڪ ۾ ملن مسلم ليگ جي مدد ڪئي. هن وقت هو مسلمانن جي جدا قوم، اسلامي نظام حڪومت، مضبوط مرڪز جي نالي ۾مهاجر پنجابي سامراج کي زور وٺائي رهيا آهن.

البت ديوبندي عالمن جي پيشاني انهي سموري دور ۾ سامراجي بتن اڳيان ڪڏهن به سجدو نه ڪيو. ليڪن هاڻ هي معلوم ڪري نهايت افسوس ٿيو آهي ته بينگال ۾ حڪمران طبقي طرفان قتل عام ڪرائڻ بعد اتي جا آزاديءَ جي هلچل پيدا ٿي جنهن ۾ جمعيت العلماء هند وارن بينگالين سان همدردي ظاهر ڪئي ته هتي جي ديوبندي ملا سامراجين جي طرفان مسلم ملڪن ۾ وڃي انهيءَ قتل عام جي جواز ۾ پرچار ڪري آيا. ان ڪان پوءِ ان ساري ڪلاس مان منهنجي اميد گهٽ ٿي ويئي آهي. شاهه لطيف جو هي بيت سندن ترجماني ڪري ٿو:

**"سچائي الله لبي ڏنائون ڏوڙ ۾"**

سنڌ جي تاريخ هن وقت اهڙي موڙ تي اچي بيٺي آهي جتي ان جي قومي وجود، قومي آزادي، ڪلچر، زبان، سياسي ۽ اقتصادي مفاد کي ايڏا مشڪل درپيش آهن جو گذريل ٻن هزار سالن ۾ ڪڏهن به پيش نه آيا هئا.

اڳي زماني ۾ ايرانين، يونانين، عربن، پٺاڻن، مغلن، انگريزن سنڌ کي فتح ڪري حڪومتون هلايون هيون. ليڪن لکن جي تعداد ۾ فسطائي ذهنيت رکندڙ ٻاهرين جو لڏي اچي ملڪ تي تسلط قائم ڪرڻ جو مثال پهريون آهي.

ٻاهرين آيل ماڻهن اسلام جو تصور اسان کان جدا رکن ٿا. علم ۽ همت ۾ اسان کان زياده آهن. سموري پيسي تي سندن قبضو آهي. حڪومت جو اقتدار سندن هٿ ۾ آهي، لشڪر تي قبضو هنن جو آهي. اسان خواب غفلت ۾ ستا پيا آهيون. اسان جا اڳواڻ وڪامي چڪا آهن. هاڻ سنڌين اڳيان ٻه رستا کليل آهن.

(١) عوام کي بيدار ڪري، سامراجين کان آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ هرڪا قرباني ڏئي باعزت زندگي گذارين

يا

(٢) ڌارين جا غلام بنجي زبان، ڪلچر، سياسي ۽ اقتصادي مفاد ٻين جي حوالي ڪري ڏوٻيءَ جي ڪتي جي زندگي گذارين

يا

(٣) بيڪار ۽ بي همت بنجي ريڍ اندين وانگر من الحيث القوم ختم تي وڃن.

جيڪي سنڌي پهرين رستي تي هلڻ چاهين ٿا تن کي:

(١) قومي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ پرچار ڪرڻو آهي.

(٢) باهمي اختلاف مٽائي قومي اتحاد لاءِ ڪوشش ڪرڻي آهي.

(٣) آزاديءَ جو جذبو پيدا ڪري قربانين لاءِ تيار ٿيڻو آهي.

"وما علينا الابلاغ"

**غلام مرتضيٰ**

٣١-٣-١٩٧٢ع